88

ABC CERTIFIED

ماہوار

# امرتا

اپریل-2009ء



ايڊيٽر:
فقير محمد ڍول

ايڊيٽوريل بورڊ:
نصير مرزا
آسي زميني
موهن مدهوش
الطاف ملڪاڻي
عامر سيال

پبلشر:
فقير محمد انڙ

ٻانهن ٻيلي:
وفا مولا بخش
هدايت الله ڍول

ٽائيٽل ڊزائين:
فتاح هاليپوٽو

ائڊورٽائزمينٽ مئنيجر:
ثناءُالله سومرو

مُلهه: 50.00
ساليانو: 600.00
(ڪوريئر ٽپال رستي)
پاڪستان کان ٻاهر:
قيمت: US$6
ساليانو: US$60

ABC
CERTIFIED
Registered No.1175


# امرتا


مهينو: اپريل 2009ع شمارو:88



پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

## هن پرچي ۾:


رتيءَ جي رهاڻ

طارق عالم سان ڳالھ ٻولھ

**نصير مرزا**

7

شاھ شناسي

جي سچائين پاڻ تہ سيوئي....

**ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري**

15

خاڪو

جنھن تي مولا سندي مھر

**ماھتاب محبوب**

20

آتم ڪٿا

ڪتابِ زندگيءَ جا ورق

**پروانو ڀٽي**

31

سارو ٽيون

دل جي دفتر مان

**قاضي خادم**

40

ساروڻا

اسين ڏاڍو ڪڏھن ڪلندا ھئاسين

**محمود مغل**

48

تاثر

ايندڙ بھار جي اوسيئڙي ۾

**تاج جويو**

66

ميھڙ جي مٽي: سرير پنھور

**جوھر بروھي**

108

محسن پنھنجي شعر جي آئيني ۾

**مارُو جمالي**

110






شاعري

**امداد حسيني، مرتضيٰ ڏاڏاھي،**
**ادل سومرو، اياز گل، لڪشمڻ ڏُبي،**
**طارق عالم، فوزيہ بانو، زيب سنڌي،**
**گل ڪونڌر، ايوب ڪوسو،**
**بخشل باغي، آصف جمالي،**
**صابر سيدپوري، ماڻڪ ملاح**
**مشتاق بخاري، رضيہ احمداڻي**
**شير محمد ھاليپوٽوءَ پيا**

77

تعارف

خودڪشيءَ جي موسم ۾
**زاهد اِمروز/منور سولنگي**
106

تنقيد

ڪچو رنگ ـ وڏي ڪهاڻي
**تاج بلوچ**
114

پيتا

اعليٰ درجي جو چترڪار:
فتاح هاليپوٽو
**لڪمي ڪلاڻي**
119

رڪيل موراڻي: منهنجو دوست
**سڪندر ڪوراڻي**
122

سفرنامو

ايران جو سفرنامو
**الطاف شيخ**
126

مزاح

چريا ڪريا آهيون پر سمجهون
سڀ ٿا
**بادل**
134

ناوليٽ/ناويلا

ڪماچ
**اڪبر سومرو**
136

جِيما
**رفيق سومرو**
146

ڪهاڻيون

جڏهن بيت تنهنجا رُنا ها پناڻي
**قمر شهباز**
148

موت جو جشن
**نامديو تاراچنداڻي**
153

اڌمغزي
**ڪيمن يُو مولاڻي**
160

ساحر ۽ جادو
**گلزار / آسي زميني**
163

ڏهريو
**سهيل ابڙو**
167

اڀياس/تبصرا

سامِي سِڄ وڙاءُ
**ماهتاب محبوب**
169

سمندر سمايا بُوند ۾
**الطاف ملڪاڻي**
171

سنڌي ادب جي تاريخ انگريزي
زبان ۾
**پيرزاده سلمان / عرفان علي انصاري**
175

# سالگره مبارڪ

10 اپريل 2009ع



امرتا جو هيءُ پرچو

پنهنجي تهيءَ جي منفرد ۽

مقبول ترين ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار

## طارق عالم ابڙي

جي نالي.

ــ امرتا

# جادو لاٿي ويا جيءَ ۾

اسان جا ٻہ حَسِين ۽ ذهين ليکڪَ 'شيام جئسنگهاڻي' ۽ 'لعل پشپ'، جي ها! جديد سنڌي افسانوي ادب جا، ٻہ 'مائل اِسٽون' سرجڻهار، پنهنجو پنهنجو ڀرپور ۽ شاندار ڪردار ادا ڪري، 'ادب اسٽيج' تان هاڻي جڏهن الوپ ٿي چڪا آهن، تڏهن ائين پيا ڀانئيون، ادب جو آڪاس، ڄڻ ٻن جرڪندڙ ستارن کان خالي ٿي ويو آهي. (الاس! ڪيڏا نہ روشن ستارا هئا اسان جا اِهي ٻيئي ناول نگار ۽ ڪهاڻيڪار) ۽ ڪنهن وقت، ڪپل وستوءَ واري شهزادي ٻُڌ صاحب چيو هو: 'اِها ڪيڏي نہ وڏي ٽرئجڊي آهي تہ بلا آخر اسان کي هن دنيا مان وڇڙڻو ئي آهي.' ۽ هيڏانهن اسان جي ڀٽائي صاحب وري، پٽ تان آواز ڏنو هو: 'ڏينهن مِڙوئي ڏُون، اُتي لوچ لطيف چئي.' ۽ وري ايئن بہ فرمايو هو: 'دلبر هِن دنيا ۾، وڃي رهندو واس'، تہ بس ائين 'شيام' ۽ 'لعل' بہ پنهنجي پنهنجي حصي جو واس ۽ ادب ۾ سدائين جيئڻ جو وشواس ڏيئي، اسان کان ڌار ٿي ويا آهن ۽ توڙي جو جسماني طرح تہ هو ٻاهٺ ورهيہ اڳ ئي اسان کان موڪلائي ان وقت هتان هليا ويا هئا، جڏهن هند سنڌ جي سرحدن وچ ۾، ورهاڱي جي لڪير وڇائي ويئي هئي. ان وقت اسان جي شيام جئسنگهاڻيءَ تہ ڪوئٽا بلوچستان مان ۽ لعل پشپ سنڌ مان لڏيو هئو. ۽ ان کان پوءِ بقول نارائڻ شيام جي، هنن ٻنهين کي سنڌ ـ وطن ورڻ تہ ڇا، پر سنڌ ساڻيهہ جي سرحد ئي ڏسڻ نصيب نہ ٿي.

لعل پشپ، جيڪو پنهنجي ذات ۾ ذهين، تکو ۽ تيز ليکڪ هو ۽ هن جي ذات بابت موهن ڪلپنا لکيو آهي، "بجلي ۽ تيزاب جو ڪو سنڌيءَ ۾ نالو رکجي، تہ اهو نالو ٿيندو: 'لعل پشپ' ۽ پشپ جي پيٽ ۾ هيءُ شيام جئسنگهاڻي وري پنهنجي سياوَ ۾ ڄڻ هڪ دُکي روح ۽ پنهنجي نثر ۽ نثري نظمن ۾ هڪ اداس سياح پيو نظر ايندو هو. لعل پشپ، جيڪو ويهارو کن اهم ڪتابن جو مصنف هو. جديد سنڌي افسانوي ادب ۾ پنهنجي 'ٽرائلاجي' سبب هميشہ ياد رکيو ويندو ۽ ان ٽرائلاجي ۾ لکيل سندس ناول، 'هڪ سرد ديوار'، 'اُها ديوار آسمان تائين'، 'تڏهن ۽ هاڻي' هڪ جلد ۾ سنڌ ۾ بہ شايع ٿيا آهن ۽ هي شيام جئسنگهاڻي بہ تہ بي پناهہ تخليقي صلاحيتن جو مالڪ هو جنهن جا لکيل جديد سنڌي ناولَ ڪهاڻين ۽ نثري نظمن جا مجموعا، جديد سنڌي ادب جو املهہ سرمايو آهن. ۽ 22 مارچ 2009 تي شيام جئسنگهاڻي ۽ 29 مارچ تي سرحد پار کان 'لعل پشپ' جي ديهانت جي خبر فضائن مان اڏامندي سنڌ پهتي هئي تہ هِتان جون ادبي هوائون اوچتو ڪيڏيون نہ سوڳوار ٿي ويون هيون، ۽ سچ پڇو تہ سدائين سوڳوار ئي رهنديون، جو دنيا ۾ 'شيام' ۽ 'لعل' نالي وارا ڪي شخص تہ برابر پيا پيدا ٿيندا، پر انهن ۾ شيام جئسنگهاڻيءَ يا لعل پشپ جهڙا ڪي ليکڪ! ... هاڻي ڀانصيب!

**ـ نصير مرزا**
[مهمان ايڊيٽر]

# ’روميو‘ پوڙها، ناهن ٿيندا!

[طارق عالم سان ڳالهه ٻولهه]

## نصير مرزا



ڪوئي نہ جيڪر مون کان پُڇي تہ ’آئوٽ ڊور‘، ’اِن ڊور‘ زندگيءَ ۾ توکي ڪنهن جي ڪمپني وڌ کان وڌ پسند ۽ تنهنجو فيوريٽ ترين دوست پلا ڪير!؟ تہ هوند جهٽ ۾ ورائيانس، طارق عالم جي ها! طارق عالم ابڙو! اڳي ساڪن قمبر، ضلعو لاڙڪاڻو ۽ هاڻي سڪونت پذير @ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني نزد سنڌالاجي ـ بنگلو نمبر C_33، ضلعو ڄامشورو ۾ ڪڏهن ڪڏهن طارق سان پنهنجي هن طويل رفاقت بابت سوچيندو پيو آهيان تہ هن يارَ سان هيءَ منهنجي ياري، گذريل 35 کن ورهين کان، نان اسٽاپ، هلي پيئي تہ اُها الائي ڪيئن؟جو اسان پنهي جو نہ سياءَ هڪ جهڙو آهي ۽ نہ ٽيمپرامينٽ! هيڏانهن جي آءٌ صفا ٽڏو ’فِلڪو جو فرج‘. شرميلو ۽ Submisive. تہ هوڏانهن بقول خود طارق جي ـ ’مان تہ بابا شروع کان ئي آهيان، ’نانگو‘، ’ٽڻنگـا‘ لاپرواهہ ۽ آواره‘ ۽ ياد اٿم، 1973ع ڌاري، سنڌ ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ جي ڊاڪٽر تي پهرين ملاقات وقت طارق مون کي سخت Snob ڪيو هئو ۽ عجب اتفاق، آءٌ پنجٽيهہ ورهيہ گذري وڃڻ کان پوءِ هاڻي دعويٰ سان چوندو آهيان تہ طارق پنهنجي سيني دوستن مان اڄ جيترو منهنجو احترام ڪندو آهي ۽ Honour ڏيندو آهي مون کي، شايد ئي ڪنهن ٻئي دوست کي هُو ايترو ڏيندو هوندو ۽ طارق سان، آءٌ سفر ۾ گڏ هجان يا گهر ۾، دعويٰ سان ٿو چوان، تہ مون جيڪڏهن گهٽي ۾ گهٽو ڪڏهن رُنو يا کِليو هوندو تہ اُهو بہ صرف طارق جي ئي اڳيان، جو ٻئي ڪنهن بني بشر آڏو آءٌ نہ گهٽو کِلندو آهيان ۽ نہ ئي کُلندو. لکڻ کان Life style تائين، اسان مان گهڻن ليکڪ ٽائيپ ماڻهن جو ڪونہ ڪو استاد

ضرور رهيو آهي (جيئن منهنجو سائين نثار حسيني) پر طارق، جيڪو ڪجهہ بہ سِکيو ۽ پرايو آهي، پنهنجي ئي گهر ۽ گهراڻي مان. (جو هن جي 'آئي' ۽ ادين کان وٺي ياڻرن ۽ بابا تائين، هر هڪ ۾ آرٽ، ڪرافٽ، اداڪاري ۽ قلم ذريعي ڪرشما ڏيکارڻ جي ايتري تہ سگهہ پئي موجود رهي آهي، جو طارق کي ٻئي ڪنهن گهر يا گهراڻي وٽان ڪجهہ وٺڻ جي ضرورت، شايد ئي ڪڏهن محسوس ٿي هوندي. باءِ نيچر... طارق خطرناڪ جملي باز ۽ نهايت witty انسان آهي. ڪنهن نوجوان ڇوڪريءَ جي دلفريب آواز ڪڍي ڏيکارڻ تي تہ، هُن کي ڏاڍي قدرت حاصل آهي ۽ فون تي اهڙو آواز ڪڍي، هن وقت تائين، هُو تاجل بيوس کان وٺي ادل سومري، احمد سولنگي ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي سينيئر ۽ جونيئر ليکڪن جي زندگين ۾ ڪيئي ڀيرا لمحاتي دلفريبيون ڀري ڇُڪو آهي. ادبي محفلن ۾ هُن جي زور سان چيل ڪنهن مزاحيہ جملي تي تہ ڪيئي دفعا پوري 'هال' کي مون، کِل ۾ ڪيرو ٿيندي ۽ ٻُٽبو ڏٺو هوندو. ۽ اِجهو تازو.... اهڙين خوبين جي مالڪ طارق عالم کان 'امرتا' لاءِ مون هن انٽرويو وارا هي ڪجهہ سوال بہ، ڪن خوشگوار لمحن ۾، مختلف ادبي گڏجاڻين ۽ حيدرآباد جي رستن تي هلندي گهمندي ۽ کِلندي مِلندي ئي پئي ڪيا آهن، جن جا جواب هن هر دفعي پنهنجي اسٽائيل ۽ انداز سان پئي ڏنا. ظاهر آهي تہ اهڙي غيررسمي انٽرويو دوران منهنجا سوال برابر تہ ڏاڍا هلڪا ڦلڪا ئي هئا، پر انهن جا جواب، طارق جيڪي ڏنا پئي، اُهي هلڪا ڦلڪا ڪونہ هئا، اُهي witty منفرد ۽ اسٽائلش افسانہ نگار طارق عالم ابڙي جا جواب هئا، بيحد دلچسپ ۽ گهڻا آرٽسٽڪ! ۽ اهڙين ملاقاتن دوران، ڪانئس جيڪو پهريون سوال مون ڪيو هو اُهو هُئو:

نصير: ڪو وقت هو اوهان پاڻ کي سنڌي ادب جا روميو سمجهندا ۽ سڏائيندا هئا؟ اهو روميو ڇا اڃان بہ ساڳئي ڪم ۾ مشغول آهي يا پوڙهو ٿي ويو آهي؟

طارق: منهنجو روحاني يار سچل گهڻو اڳ مون لاءِ ئي تہ چئي ويو آهي تہ:

سچو عشق ٻُڍا نہ ٿيوي،
توڙي چنڙي هووس ڏاڙهي.

سو 'روميو' ٻڍو ٿيندو ئي ناهي، پوءِ سنڌي ادب جو هجي، يا انگريزي ادب جو.

نصير: پنهنجو طارق عالم ٿي، سنڌي ادب ۾ ايري اچڻ ۽ شهرت ڪيئن پئي لڳي؟

طارق: طارق عالم نانءُ آهي ادب ۾ انفراديت جو. مان ادب ۾ پنهنجو الڳ رستو ناهيو آهي، منهنجي رستي تي، هلڻ وارا منهنجي ڊڪشن ۽ اسٽائيل کي پنهنجو ڪرڻ وارا ڀلي زبان سان نہ مڃن، پر سندن لکت، منهنجا هٿ چمندي رهندي آهي. ايستائين بہ جو مون کان پوءِ ايندڙ ڪيترا ناول نگار منهنجي اندازِ تحرير جو فوٽو اسٽيٽ آهن مِنا نصير! ۽ مان انهن ليکڪن مان ناهيان جيڪي پنجاهہ سالن جي ڄمار ۾ ريڙهيون سيڙهيون پائي ۽

مختلف طريقا استعمال ڪري پنهنجي سڃاڻپ ڪرائي سگهيا آهن. منهنجي ڀهرين ڪهاڻي 'پائلي' منهنجي سڃاڻپ بڻجي وئي هئي ۽ منهنجي ڀهرئين ناول 'رهجي ويل منظر' سنڌي ادب ۾ ترٿلو مچائي ڇڏيو هو ۽ سائين ظفر حسن چواڻي ته: 'توهان جيڪڏهن هاڻي ڪجهه نه به لکو. تڏهن به سنڌي ادب ۾ اوهان جي حيثيت جيئن پوءِ تيئن مٿانهين ئي رهندي' مان بيشڪ ته ڀهرين شهرت لاءِ لکيو هو پر هاڻي شهرت مون لاءِ ڪا به معنيٰ نٿي رکي، بلڪ بهتر لکڻ ئي منهنجو مقصد رهي ٿو.

نصير: گهڻي تشبيهه ڏيڻ جي ڪري، اصل ڳالهه جو حسن مجروح ٿي ويندو آهي. نثر ۾ توهان جي گهڻي دلچسپي ان فن ڏانهن هوندي آهي. توهان منهنجي ان اعتراض کي ڪيئن ٿا ڏسو؟

طارق: هر وڏي مصور وانگر هر منفرد ليکڪ جي به پنهنجي الڳ سڃاڻپ ٿئي ٿي. جيئن ناميارن مصورن جي اسٽروڪس ۽ رنگن جي آميزش مان خبر پوندي آهي، ته هيءَ پينٽنگ ڪنهن جي آهي، ساڳيءَ طرح هر منفرد ليکڪ جي انفراديت سندس ڊڪشن مان ظاهر ٿيندي آهي. تشبيهه ۽ استعارو منهنجي تحرير جي سڃاڻپ آهي. جيڪا منهنجي شعوري ڪوشش ڪڏهن نه رهي آهي. ڪيهر شوڪت مون تي تقرير ڪندي چيو هو: 'طارق جي تحرير ۾ تشبيهه ۽ استعاري جو استعمال ان دور ۾ ٿئي ٿو جڏهن ادب مان ان لاڙي جو رجحان ختم ٿي چڪو آهي، پر سندس نئين تشبيهه سنڌي ادب کي هڪ مختلف ليکڪ ڏنو آهي.' سو منهنجي قلم کي نصيرَ، خبر آهي ته ڪهڙي تشبيهه / استعارو ڪيڏي مهل ۽ ڪٿي اچڻ گهرجي.

نصير: اياز، امداد، استاد۔ ڪيئن لڳندا آهن اوهان کي؟

طارق: اياز منهنجي سوچڻ جي سگهه آهي. امداد جديد سنڌي شاعريءَ جو آخري سنگ ميل آهي. استاد بخاري سنڌي شاعريءَ جو ابرِ ڪرم آهي.

نصير: امر، آغا سليم، نسيم کرل۔ اوهان جي نظر ۾؟

طارق: سنڌي ڪهاڻيءَ جو تسلسل.

نصير: 'پائلي' کان اڳ به ڪا ڪهاڻي اوهان لکي هئي ڇا، ۽ جي ها ته ڪٿي شايع ٿي هُئي اُها؟

طارق: جي ڪا به نه.

نصير: طارق عالم، ڪجهه وقت لاءِ طارق عالم 'نفيس' به ٿيو هو. خاص ڪري ته ماهي مهراڻ جي صفحن لاءِ، ته اِهو ڇا هو!؟

طارق: طارق عالم کي ’نفيس‘ لقب ڏيڻ وارو، سائين غلام محمد گرامي هو. جنهن منهنجي نظمن کي ’تہ ماهي مهراڻ‘ ۾ انهيءَ تخلص سان شايع ڪيو، پر ان تخلص کي مان اڳتي هلي برقرار رکي نہ سگهيس.
نصير: نثر ۽ شعر ۾ ڇا ڪنهن کان ڪڏهن ڪا درستگي بہ ڪرائي اوهان!؟
طارق: جي ها، امداد حسينيءَ کان! جو امداد ويجهڙ واري عرصي ۾ تماهي مهراڻ سان جڏهن لاڳاپيل هو تہ مان پنهنجي شاعري ڪيس پڙهائيندو هيس ۽ امداد ان کي جتي مناسب سمجهندو هو، درست بہ ڪري ڇڏيندو هو بلڪ مون کي انگريج ڪرڻ ۾ امداد جو وڏو ڪردار آهي، جڏهن تہ غزل کي صحيح معنيٰ ۾ سمجهڻ لاءِ مان اسحاق سميجي جو ٿورائتو آهيان.
نصير: پهريون ٽيلي ناٽڪ اوهان گهٽي ڇمار ۾ لکيوهو ۽ ٿالو ڇا هو ان جو ۽ پروڊيوس ڪنهن ڪيو اُهو؟
طارق: اٺويهن سالن جي ڇمار ۾ پهريون ٽيلي ناٽڪ لکيو هئم. جنهن کي هارون رند ڊائريڪٽ ڪيو هو. جيڪو منهنجي ’ماهوار سهڻيءَ‘ ۾ ڇپيل ڪهاڻي ’چنڊ رهين ٿو دور‘ جي ڊرامائي تشڪيل هئو.
نصير: ٿورو آئي _ امان ڏياڻي ۽ بابا عالم ابڙي جو ذڪر بہ ٿي وڃي طارق!
طارق: منهنجي ماءُ، اها ماءُ هئي، جنهن ڪڏهن بہ منهنجن دوستن جي گهر اچڻ تي ناراضگي نہ ڏيکاري، بلڪ ڪين مون کان وڌيڪ پيار ۽ شفقت ڏني، امان جي ڪري ئي منهنجي گهر جا دروازا منهنجن دوستن لاءِ ڪڏهن بہ بند نہ



ٿيا. منهنجو بابا هڪ زبردست انسان هو جنهن اسان کي لٽ ڪٽي هڪلڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، ڪڏهن ڪنهن گراف ۾ بند ڪرڻ جي ضرورت محسوس نہ ڪئي. هُو اسان تي هڪ دوست جهڙي نگاهہ رکندو هو ۽ اسان جي تخليقي صلاحيتن تي خوش ٿيندو هو. بابا اسان کي ڪڏهن بہ عالمِ دين يا ڪامورو ڏسڻ نہ چاهيو. ڇو تہ هو خود فائن آرٽ جي دنيا جو مسافر هو. تنهن ڪري هن اسان کي بہ انهيءَ منزل جو مسافر ڏسڻ ٿي چاهيو.
نصير: ياڻرن ۽ دوستن مان ڪنهن ڪنهن جي صحبت مان اوهان فيض پرايو؟
طارق: ادا منصور، منهنجو پهريون ادبي استاد رهيو. جنهن ادب، آرٽ سان گڏ ڌرتيءَ سان محبت ڪرڻ سيکاري. نصير مرزا، منهنجو اُهو دوست آهي

جنهن سان گذاريل آوارگيءَ جا ڏينهن منهنجي تخليقي سگهہ جا ڀرپور ڏينهن هئا. مون کي ڪڏهن ڪڏهن محسوس ٿيندو آهي، تہ نصير منهنجو شاهہ لطيف آهي ۽ مان هن جو تمر آهيان.

نصير: سڀ کان پهرين ڪهڙي ليکڪ ۽ ڪهڙي ڪتاب اوهان کي متاثر ڪيو؟

طارق: امر جليل سنڌي ادب ۾ هڪ ڏند ڪٿائي ڪردار آهي. هن کي ڏسو تہ اوهان جي اکين کي آسيس ملندي، هن سان ڳالهايو تہ اوهان کي پنهنجو قد وڏو محسوس ٿيڻ لڳندو، هن کي پڙهو تہ توهان جا چپ ڪِلندا ۽ اوهان جون اکيون روئڻ لڳنديون. جليل سنڌي ادب جي شهر جو دروازو آهي، ۽ مان بہ ان دروازي جي چائنٺ چُمي ادب جي شهر ۾ داخل ٿيو هيس. جليل جي ڪهاڻي ڪتاب 'دِل جي دُنيا' جنهن کي مون اٺين درجي ۾ پڙهيو هو ۽ ڪهاڻيڪار بڻجڻ جو خواب لڌو هئم.

نصير: اڄ تائين ڀلا ڪو خاص پسند جو ليکڪ! ۽ ڪو آهي تہ ان جو سبب؟

طارق: ڪامئو ڪافڪا، گارشيامارڪيز ۽ عبدالقادر جوڻيجي جو ڊڪشن مون کي وڻندو آهي. حليم بروهي سنڌي ادب جو حيرت انگيز ليکڪ آهي. جنهن کي ادب جي سازشي ٽولي نظرانداز پئي ڪيو آهي.

نصير: توهان جي مطالعي مطابق، دنيا ۾ هن وقت وڏي ۾ وڏو ليکڪ ڪير آهي؟

طارق: گارشيا مارڪيز!

نصير: سائنس، ٽيڪنالاجي، ڪمپيوٽر، اليڪٽرانڪ ميڊيا TV چئنلس، بہ زالون، بہ ٻار۔ ڇا انهن مان ڪتابي مطالعي جي لاءِ وقت ڪڍي وٺندا آهيو؟

طارق: ٽي. وي منهنجي تخليقي ڪم ۾ مخل نہ ٿيندي آهي، ٻيو تہ پڙهڻ ۽ لکڻ جا منهنجا پنهنجا ٽائيم آهن ان ڪري مون سان اهڙو ڪو بہ مسئلو ڪونهي.

نصير: توهان اڄ تائين، وڌ ۾ وڌ ڪهڙي شخصيت کان متاثر رهيا آهيو ۽ ڇو؟

طارق: مون کي انقلابي ماڻهو وڻندا آهن. مان جيڪڏهن سخت جان هجان ها، تہ ڀڳت سنگهہ هجان ها، پانا گولس، نگوئين وانا ٽروئي، نذير عباسي، يا ڊاڪٽر قادر مگسي هجان ها. سچ پڇو تہ مون کي ليکڪن کان وڌيڪ انقلابي ماڻهو وڻندا آهن ۽ اهي ئي منهنجا آئيڊيل رهيا آهن.

نصير: عزيز ترين هستي۔ طارق لاءِ ڀلا ڪير؟

طارق: امڙ / آئي / جيجان...

نصير: گهڻو ڪري تہ سڀ، سنڌي اديب اوهان کان ڊڄندا يا لهرائيندا آهن ڇا اوهان بہ ڪنهن کان ڊڄو... يا ڳن هڻو؟

طارق: هر ماڻهو ڪٿي نہ ڪٿي، اڇي ڪنهن نہ ڪنهن کان ڊڄندو ضرور آهي. مان هاڻ پنهنجي جوان پُٽ 'هالار' کان ڊڄندو آهيان، جيڪو هن وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ زيرِ تعليم آهي.

نصير: دنيا ۾ وڌندڙ بنياد پرستيءَ کي ڪيئن ختم ڪجي، ان جو اوهان جي نظر ۾ ڪو علاج، ڪو تدارڪ!

طارق: بنياد پرستيءَ جو خاتمو اسٽيٽ جي هٿ ۾ آهي، جيڪڏهن قبائلي علائقن ۾ تعليم جي رجحان کي هٿي ونرائجي ۽ بيروزگاريءَ جو خاتمو آڻجي ته بنياد پرستي پنهنجي معنيٰ وڃائي ويهندي ڪجهه شيون چاٽي واٽي (پينيٽريٽ) به ڪيون ويندي آهن، اسٽيٽ کي هميشه ڪمزور رکڻ لاءِ اهو به هڪ سبب ٿي سگهي ٿو بنياد پرستيءَ جو.

نصير: توهان کي به زالون آهن، انهن مان وڌيڪ ڪير!؟

طارق: مون کي زالون پلي به هجن، پر مان ذهني طرح ان ڳالهه کي تسليم ئي نه ڪري سگهيو آهيان ته رضيه کان سواءِ به ڪا منهنجي زال آهي. ڇو ته هُوءَ منهنجي لڙڪن جو رومال آهي، منهنجي زخمن جو ڦهو آهي، منهنجي اهڙي محبت آهي جنهن منهنجي لاءِ قرباني ئي قرباني ڏني آهي.

نصير: وڏ ۾ وڏ ڪوڙ ڪنهن سان ڳالهايو اٿوَ؟

طارق: ان سان جنهن سان وڏ ۾ وڏ سچ ڳالهائيندو آهيان (رضيه بيگم سان).

نصير: اڄ تائين توهان جي اندر جي فنڪار، وڏي ۾ وڏو 'ڏک' ڪهڙي وقت محسوس ڪيو آهي؟

طارق: منهنجي پائيٽي 'سوپاري' جي اوچتي وڇوڙي تي. مان روز صبح جو جڏهن ننڊ مان جاڳندو آهيان، منهنجو درد پيٽو هوندو آهي. سوپارو منهنجو ٻچو هو. ڪڏهن ڪڏهن اوهان کي احساس نه هوندو آهي، ته جيڪو وجود اوهان جي پرسان ساهه کڻي رهيو هوندو آهي، ڪلندو ۽ ڳالهائيندو آهي سو ڪيترو اهم آهي! پر جڏهن اهو غائب ٿي ويندو آهي ته عشق بڻجي اوهان جي اندر ۾ واهيرو ناهي ويهي رهندو آهي. سوپارو هر گهڙي مون ۾ ساهه کڻي رهيو آهي. هو مون ۾ آلي ڪاٺيءَ وانگر دُکي رهيو آهي، مان ڇا ڪريان...؟

نصير: ڇا ڪڏهن روئڻ آيو- ها ته ڇاتي ۽ ڪهڙي وقت!؟

طارق: بينظير صاحبه جي شهادت مون کي ڏاڍو روئاريو هو جو شهيد بينظير اسان سنڌين جي گهرياڻ هئي، مسڪين ماڻهن جي اکين ۾ جڳمڳائيندڙ سپنو هئي، جنهن کي هڪ سفاڪ گولي هڻي، پڇي پوري ڇڏيو.

نصير: جنهن وقت بلڪل اڪيلا هوندا آهيو. ٻار اسڪول، ڪاليج! زالون نوڪرين تي! ان وقت ٺپ اڪيلائيءَ ۾ ڇا سوچ هوندي اٿوَ!؟

طارق: اڪيلائيءَ جو تعلق تنهائيءَ سان ناهي رهيو مان اڪثر ماڻهن ۾ اڪيلو هوندو آهيان. سوچ اُها برساتي ندي آهي جيڪا جڏهن وهڻ شروع ڪندي آهي ته مون کي به پاڻ سان لوڙهي ويندي آهي ۽ خبر ناهي لمحن ۾ صدين جو سفر ڪيئن پيو طئه ٿيندو آهي.

نصير: پنهنجي مُنهن ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ تي کِلَ آئي اٿوَ؟
طارق: رات جي ڪنهن پهر ننڊ مان جاڳ تي پوڻ تي اڪثر گذري ويل لمحن ۾ ڪنهن مذاق تي اوچتو ٽهڪ نڪري ويندو اٿم. هڪ ڀيري تہ هڪ کِلَ جهڙي خواب مان جاڳ تي تہ مان جاڳ ۾ بہ کلي رهيو هيس، پر اهڙا خوشگوار خواب زندگيءَ ۾ گهٽ يا ڪڏهن ڪڏهن ئي ايندا آهن.
نصير: سنڌ، يا ساٿيهہ. وطن ۾ ليڊرشپ تي ڪيترو اعتبار اٿوَ!!
طارق: هاڻي قومپرست سياستدانن کي اک پٽڻ گهرجي. وقت اچي ويو آهي، جنهن ۾ اسان جي قومپرست سياستدانن کي پنهنجي ڪردار ۽ عمل سان سنڌي قوم کي اعتماد ۾ وٺڻ گهرجي ۽ عملي سياست ڪري ڏيکارڻ گهرجي. اسان کي فقط جاهلن جي فوج نہ، پڙهيل لکيل سياسي ورڪرز جي بہ ضرورت آهي، جنهن ۾ هڪ ونگ مليٽنٽس جي پلي هئڻ گهرجي. هيءُ دور لٺ ۽ چٺ ڏيکاري پاڻ مڃرائڻ جو دور آهي.



نصير: پاڻ سان ملڻ وارن ۽ روبرو نظر ايندڙ ماڻهن ۾ ڪهڙيون خوبيون اوهان کي وڻنديون آهن؟
طارق: مون کي بدنيت ۽ منافق ماڻهن کان سخت نفرت آهي ۽ نہ ئي ڪڏهن اهڙن ماڻهن سان منهنجي پوندي آهي.
نصير: ڪنهن جي ڪهڙي ڳالهہ- تي تڪليف پهچندي اٿوَ!
طارق: پُٺيءَ ۾ خنجر هڻڻ وارن مهربانن جي نوازشن تي.
نصير: وڏ ۾ وڏ عزت سنڌ ۾ اوهان کي ڪٿي ملي؟
طارق: نوابشاهہ يونيورسٽي، سنڌ يونيورسٽي، لاڙڪاڻو ۽ مِٺي ۾.
نصير: وڏ ۾ وڏ آٽوگراف، سنڌ جي ڪهڙي شهر ۾ اوهان کي ڏيڻا پيا ها.
طارق: مون سان سڄي سنڌ پيار ڪيو آهي. مان پنهنجي ٿيءُ جو اڪيلو ليکڪ آهيان، جيڪو رائلٽي وٺي پبلشر کي ڪتاب ڏيندو آهي، ۽ جنهن کان پبلشر ڪتاب گُهري ڇپرائيندا آهن.
نصير: موهن جي دڙي جي دؤر کان وٺي 2009 تائين سنڌ جي ڪهڙي دؤر کي سونهري دور سمجهو ٿا؟
طارق: موهن جي دڙي وارو دؤر ئي سونهري لڳندو اٿم. ڪاش، مان موهن جي دڙي جي دؤر ۾ جنمر وٺان ها.
نصير: سنڌ ۾ توهان جي پسند جا ماڳ مڪان، شهر، جايون؟

طارق: سکر، روهڙي، قمبر.

نصير: زندگيءَ ۾ ڏڙڪا اوهان کي وڏ ۾ وڏ ڪنهن ڏنا؟

طارق: ڏڙڪا مليا ته گهٽ آهن. پر جيڪي مليا سي وڏي ڀاءُ دارا صاحب کان ئي مليا هوندا. جن ۾ نصيحت جو عنصر گهڻو شامل رهيو.

نصير: زندگيءَ ۾ اوهان کي، وڏ ۾ وڏ ڀانيو ڪنهن؟

طارق: امان. قيس (منهنجي ڀاءُ) ۽ نصير مرزا منهنجي دوستَ.

نصير: سنڌيءَ ۾ ڪهڙي ۽ ڪنهن جي ناول کي اوهان پنهنجو پسنديده ناول سڏيندا؟

طارق: حليم بروهي جو ناول 'اوڙاهه' سنڌي ادب جو پهريون جديد ناول آهي. بيحد حيرت انگيز. جيڪو حليم جي تکي طبيعت جي سبب، بي نانءُ رهجي ويو آهي. مون ان ناول لاءِ هميشه چيو آهي ته 'اوڙاهه' کي پذيرائي ملڻ گهرجي. اهو پهريون تجرباتي ناول آهي.

نصير: اوهان جي پسند جو ڪو ڪهاڻين جو مجموعو؟

طارق: ڪو به نه. يا ڪو به هڪ نه...

نصير: پسنديده شعري مجموعو؟

طارق: 'شاهه جو رسالو' - اياز جا سمورا شعري مجموعا.

نصير: پسنديده ڪائي فلم؟ يا فلمون!

طارق: 'ڊاڪٽر زواگو'

نصير: اوهان جي نظر ۾ ڪو اهڙو سنڌي ٻوليءَ جو ڀڳڙ شاعر يا ڪهاڻيڪار جنهن کي ان جي مانَ مرتبي مطابق، ناهي Treat ڪيو ويو ۽ ان کي نظر انداز ڪيو ويو آهي اڄ تائين!؟

طارق: وفا ناٿن شاهي ۽ خيرالنساءِ جعفري.

نصير: اوهان جي مطالعي جي وڻندڙ جڳهه؟

طارق: منهنجو بيڊروم- يا اڱڻ ۾ چڪُوءَ جي وڻ هيٺان رکيل ڪرسيءَ کي ٽيڪ ڏيئي پڙهڻ جو پنهنجو لطف آهي.

نصير: نهايت نجي ۽ ذاتي سوال- ٻي شادي ڇو ڪيَوَ!؟

طارق: پنهنجي رومانٽڪ طبيعت هٿان مجبور ٿي، ڪري وڌم ٻي شادي. پر ٻي شادي... معنيٰ وڏيڪ ذميداري....

نصير: هاڻي آخر ۾ طارق! ڪو اهڙو سوال، جيڪو اوهان خود ٻڌايو ته آءٌ توهان کان پڇان؟

طارق: نصير، تون مون کان پڇ ته هاڻي آءٌ ڇا ڪري رهيو آهيان.

نصير: طارق ٻڌايو ته اڄڪلهه ڇا پيا ڪريو؟

طارق: پيارا نصير، ڏيان سان ٻڌ. ته اڄڪلهه مان هڪ نئين عشق ڪرڻ ۾ مصروف آهيان.

◈

# جي سُڄاڻين پاڻ تہ سيوئي سبحان ٿين

[سُر پرياتيءَ جو جائزو]

•

ڊاڪٽر سيد مخمور بخاري

شاهہ عبداللطيف ڀٽائي سنڌي شاعريءَ ۽ ٻوليءَ جو هڪ اهم ۽ سگهارو استعارو آهي. هن جو ڪلام فڪر ۽ اسلوب کان سواءِ سنڌي شاعريءَ جي شڪل صورت اها ساڳي نہ رهندي بلڪ منجهس جمالياتي عڪس بنهہ ٻُسا نظر ايندا. شاهہ لطيف بلاشبہ پنهنجي ڪلام، ٻولي، خيال ۽ اظهار جي انداز سبب ڪلاسيڪل شاعريءَ ۾ بنهہ اوچي پد تي جرڪندي نظر اچي ٿو. شاهہ سائين پنهنجي مشاهدي جي سگهہ تي سنڌ جي تاريخي، نيم تاريخي ڪردارن کي پنهنجي شاعريءَ ۾ سموهيو آهي. سندس ڪلام جون ڪيترين ئي خصوصيتون بيان ڪري سگهجن ٿيون.

شاهہ جي رسالي ۾ موجود سُر پرياتي حقيقت ۾ سُر بلاول جيان منگتن ۽ وڄتن بابت چيل هڪ سُر آهي، هِن سُر ۾ خاص طرح لس ٻيلي جي مشهور سخي سردار بابت سپڙ ڄام جي سخا بيان ڪئي وئي آهي. هن سُر کي ڪن رسالن ۾ "سُر پرياتي" تہ ڪن ۾ "سُر ڄاڄڪاڻي" پڻ سڏيو ويو آهي. ان سلسلي ۾ هاڪارو عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ لکي ٿو:

'هن سُر جو نالو ان آڳاٽي رسم جو يادگار آهي، جڏهن پيشہ ور مڱڻهار پريات جو سوير اٿي سمن سردارن جي درن تي بيهي ڪين ساراهيندا هئا. جيڪي منگتا وڏا هنرمند ۽ ڄاڄڪ هئا، سي پنهنجي ڄاڄڪاڻي ڳائڻ ۾ سردارن کي "مُشابتون ۽ سُيون" ڏيندا هئا... ڄاٽو ڄاڄڪن، پاڻن ۽ چارڻ جي ان هنرمنديءَ ۽ ساراهہ واري ڳائڻ کي "ڄاڄڪاڻي" چيو ويو. ٻئي طرف خاص طرح پريات وارين ساراهن ۽ صدائن جي سُر ۽ ڳائڻ کي عام نالي "پرياتي" سان سڏيو ويو.' (شاهہ جو رسالو- شاهہ جو ڪلام، جلد ٽيون، ص: 40)

شاهہ سائينءَ جي چيل سُر پرياتيءَ کان اڳ اسان کي سنڌن وڏي همعصر ۽ سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جي هڪ اهم شاعر ميين شاهہ عنايت جي رسالي ۾ پڻ سُر پرياتي "سرود پريات" جي نالي سان موجود ملي ٿو. شاهہ عنايت جي "سرود

پرياتَ“ ۾ ڪيترين ئي خوبين نظر اچن ٿيون. منجهس اهي ئي مضمون ۽ خيال آيل آهن جيڪي شاهه لطيف بيان ڪيا آهن. ان کان سواءِ شاهه عنايت جي پُٽ شاهه شريف، پوٽي بلال شاهه پڻ سُر پرياتيءَ جا بيت چيا آهن.

پٺاڻي گهوٽ جي سُر پرياتيءَ ۾ ظاهر ۾ سخي سپڙ چام ۽ وڄتن جو ذڪر موجود آهي، پر سُر جي اونهي اڀياس سان لطيف سائينءَ جو انسان شناسي ۽ انسان دوستيءَ وارو بنيادي نڪتو نظر اچي ٿو. جنهن مطابق انسان کي ڀيائيءَ واري واٽ چڏڻي پوندي. هن سُر ۾ سپڙ چام ۽ وڄتا ٻه مکيه علامتون نظر اچن ٿيون. جنهن جي ذريعي بندي ۽ مالڪ جي وچ واري ڪيفيتن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**سُر جو فڪري جائزو:**

ڏڏُ تي ڏانُ تون، ڇڏ وڄا جي وائي

اندر ڪورو ڪر-خالي ڪر- انسان جي اندر ۾ لاتعداد بت ڪڙا آهن- جيستائين انهن کي پڃي پورا پورا نه ڪندين- جيستائين پنهنجي شناخت/ سڃاڻپ نه مٽائيندي- جيستائين پنهنجي نفي پاڻ نه ڪندين- پنهنجي مٽيءَ تي غرور ڪرڻ ڇڏي ڏي- مٽي خود تي ڇا تڪبر ڪندي؟ اها تہ آهي مٽي جيڪا هوا جي زور تي اڏري وڃي ٿي ۽ ذرو ذرو ٿي وکري وڃي ٿي. مٽيءَ جي پتلي تي غور ڪر- اندر ڪورو ڪر- پنهنجي اندر جي اصليت تي سوچ ويچار! - تون ڇا آهين؟ تنهنجي روح ۽ ان جي لباس جسم جي حقيقت ڇا آهي؟ اهميت ڇا آهي؟ ٻنهي جي گڏ هجڻ جو ڪارج ڇا آهي؟ روح کي بقا ڇو آهي؟ جسم کي فنا ڇو آهي؟ بقا ڇا آهي؟ فنا ڇا آهي؟ انهن سوالن جا جواب توکي ڳولڻا پوندا آهن- جواب تنهنجي اندر ۾ موجود آهن! تون ڳولا جو سفر ڪر- سفر در سفر ۽ سفر من اندر- ڏس تہ ڇا ٿو توکي پلئہ پوي. اندر جي کهڙي ڳڙکيءَ مان درشن ٿو نصيب ٿئي!

تون خلقيو ويو آهين پنهنجي سڃاڻپ لاءِ! پوءِ تون پنهنجي سڃاڻپ ڇو نہ ٿو ڳولين! تنهنجي اندر جا بت ايڏا طاقتور ڇو آهن؟ تون انهن جي نفي ڇو نہ ٿو ڪرين؟ توکي اها خبرہ آهي تہ توکي تنهنجي سڃاڻپ لاءِ ڪيترو مختصر وقت ڏنل آهي.

سيرانديءَ ساز ڪيو، سمهين ساري رات،
جاڄڪاڻي ذات، اي هوءِ اگهين؟

۽ ڪٿان تنهنجي ڪنين اها بہ تلقين پوي پئي:

سُتو ڪئن ننڊون ڪرين، رو وهاڻي روءِ،
سُيان ساز سندوءِ، پيو هوندو پٽ ۾.

جي توکي ان ڳالهہ تي فخر آهي تہ تون اعليٰ نسب سان تعلق رکين ٿو ۽ اها ئي تنهنجي سڃاڻپ آهي تہ تون نقصان ۾ آهين! هي نسب/ قبيلا تنهنجي اڻ

جاڻائي ۽ بي سمجهيءَ جي سچاٽپ آهي پر تنهنجي حقيقي سچاٽپ جا مظهر اهي نه آهن جيڪي تون سمجهي ويٺو آهين! توکي چو نه ٿو سمجھ ۾ اچي ته تون انهن مان مرتبن سان پنهنجي مالڪ وٽ سرخرو نه ٿو ٿي سگهين:

ڏات نه آهي ذات تي، جو وَهي سو لَهي،
آريون اڀوجهن جؤن، سپڙ چام سهي،
جو راءِ وٽ رات رهي، تنهنجي جُکي تان نه ٿئي.

ان وٽ رهڻ سان ڏک لهي وڃن ٿا. سُورن جي شدت جو احساس ختم ٿي وڃي ٿو بلڪ سُور ئي موڪلائي وڃن ٿا. پر تو ته اجا اهو سوچيو ئي ناهي! بيشڪ خدا جي فرمان موجب "انسان وڏي نقصان ۾ آهي" تو ڪڏهن ويچاريو آهي تون ڪٿي آهين؟ ۽ جن سپڙ چام سان رهاڻيون ڪيون ۽ راءِ وٽ رات رهي آهي، اُهي ڪٿي آهن؟"

پيو ليٽين لُٽ، سچيون راتيون سمهين،
اٿي آڏي نه ڪريين، سپڙ ساڻُ سَهَٽ،
رونجهي رات اپٽيا، پيتيائين پاٽيٽ،
تٺان ميڙي مٽَ، چوندي پرئا چارٽين.

تو ۾ هنن ۾ آخر ڪهڙو فرق آهي جو تون راتيون سمهين گذارين ٿو ۽ هو رات جي ان ماٺ ۾ ماڻڪ موتي حاصل ڪري پنهنجي گودڙيءَ ۾ لڪائين ٿا. بيشڪ اهي اهڙا ڳجھ جا املھ موتي آهن، جن جي اصليت ۽ اهميت جي جيڪڏهن توکي خبر پئجي وڃي ته هي دنيا وارا سڀ ڏج ڦٽا ڪري ان راھ تي هلڻ شروع ڪري ڏين.

جيڪي ڏڏَن ڏي، ڳُجهيان ئي ڳُجھ ۾،
سي جي سُڻن ڪڏهين، ڪِرِت وارا ڪي،
ته سازمِڙوئي سي، هُوند پٿُونَ ڪن پَلڪَ ۾.

تون اجا فرق کي سمجهي نه سگهيو آهين. تنهنجو اندر تنهجي لاءِ ڪليل ڪتاب جيان ٿي سگهي ٿو جيڪڏهن تون انهيءَ تي غور ويچار ڪرين. توکي سوچ سمجھ ڏني وئي آهي، توکي ان حقيقي واٽ تي هلڻ لاءِ مالڪِ حقيقيءَ طرفان هڪ مڪمل ضابطءِ اخلاق الهاني ڪتاب جي صورت ۾ ڏنو ويو آهي. تون پنهنجي پاڻ ۾ ليئو ته پاءِ ته توکي گهمراھ ڪندڙ "مان" جو بُت نظر ايندو. جيڪو ئي تنهنجي ۽ ان اصل مالڪ جي وچ ۾ موجود آهي. انهيءَ مان ئي ٻيا ڪيترا بت جنم وٺن ٿا. جيڪي توکي ان(خدا) کان گهڻو پري وٺي ويا آهن. ايترو پري جو تون اي مڱڻهار! پنهنجو سُرندو ڳچيءَ ۾ وجهي وڏيءَ صبوح ويل راڳ آلاپڻ ئي وساري ويٺو آهين. پر اي ڳهيلا! تو وٽ اجان وقت موجود آهي هو اهڙو سخي چام آهي

جيڪو باوجود تنهنجي بي سمجهيءَ ۽ بي علميءَ ۾ وڃايل وقت جي، توکي سڏي ٿو ۽ بار بار سڏي ٿو. چاڪاڻ تہ هن جهڙو ٻيو ڪو سخي آهي ئي ڪو نہ. جيڪو توکي پاڻ کان دان گهرڻ جو چئي ٿو. هو ايترو سخي آهي جو تون جيترو وقت هن کان پري رهي ڏک ۽ تڪليف ۾ گذاريو ان لاءِ بہ چئي ٿو تہ منهنجي در کي ڇڏي تون پري آهين تڏهن تہ هيترا ڏينهڙا تنهنجي ۽ منهنجي وچ ۾ پيا آهن:

ڏاتار ڏُک ڪيا، پاڻا متي مڱڻين،
مون در ڇڏيو مڱڻا! مڱين ڪوهُ ٻيا؟
تڏهن تو پيا، وڃان ولهان ڏينهڙا.

هن جي سخا جي ڳالهہ ڪري نہ ٿي سگهجي. هن جي سخا لاحساب آهي. هو ئي مالڪ آهي جيڪو پنهنجي بندي کي پاڻ ڏي سڏي ٿو ان جي سموري اٻوجهائپ جي باوجود هو پنهنجي بندي کي پاڻ کان گهرڻ جي تلقين ڪري ٿو. هو وڏو "رحمن و رحيم" آهي. هن جي رحم و ڪرم جي طفيل ئي هي جهان قائم آهي. هو سڏي ٿو ۽ بار بار سڏي ٿو سو رحم ڪري ٿو ۽ بار بار ڪري ٿو. هن جي انهي ئي وڙ سان صوفي کي هن سان عشق ڪرڻ جا پور پون ٿا.

اٿيو اٻوجهاءَ، سَپڙ جو سڏ ٿيو
جيئن ائين ڪيرت ڪَنُن سکيا، تئن پاڻا ريڌو راءِ
مڱو مؤن مُلاءِ، آءُ اوهان جو آهيان.

جڏهن ڄام ايڏو سخي هجي جو ور ور ڏئي سڏڙا ڪري ۽ پاڻ وٽ گهرائي تہ ان ويل مڱڻي جو وڙ آهي تہ هو پاڻ متائي عاجزي، انڪساري ۽ هيڻاهين وٺي ان ڄام جي درٻار ۾ پير پاءِ ۽ هر هر پنهجي عاجزي ڪري، چاڪاڻ تہ ائين ڪرڻ سان ئي تنهنجي اندر مان بت ڀڃڻ شروع ٿيندا ۽ تنهنجو اندر ڪورو ٿيندو، خالي ٿيندو. اڻ ڄاڻائي ۽ بي سمجهيءَ جي غفا ۾ گهاريندڙ اي انسان! توکي ان سپڙ ڄام جي درٻار ۾ پنهنجي هيڻائي، لاچاري ۽ بيوسي ظاهر ڪرڻي پوندي، توکي پاڻ کي اتي ثابت قدم رهڻو پوندو ۽ تنهنجي اندر مان لحظي لاءِ بہ سخي سردار جي تات طلب گهٽجڻ نہ گهرجي.

سپڙ ساهُ پساهُ، ڄاڄڪ! ڄم وسارئين.

توکي ان مقام تي ايتري تہ انڪساري ڪرڻي پوندي جو سخي ڄام جي درٻار جي چائنٺ کي چمندو رهہ. چاڪاڻ تہ تنهنجي حقيقت بہ اها آهي تہ تون ان ڄام جي سامهون هميشہ جي لاءِ پنهنجو پاڻ متائي ڇڏ! تون پاڻ کي پنهنجي سڃاڻپ جي بجاءِ هن جي سڃاڻپ سان ڳاڍ! چاڪاڻ تہ "تون" اهو ناهين جيڪو پاڻ سمجهين ٿو بلڪ "تون" اهو آهين جيڪو ڪجهہ بہ ناهي. فقط هو ئي پاڻ آهي. تنهنجي انڪساري ۽ هيڻاهين ايتري تہ هجي جو تون ڪجهہ بہ نہ هجين.

[امر تا: 18]

تون سچُ، آءٌ سيڪڙو تون صاحب آءٌ سَڳُه
پڇي تنهنجو پڳ، ڳُلهي پاتم ڪينرو.

تون سچُ، آءٌ سيڪڙو تون ڏاتار، آءٌ ڏوهه،
تون پارس، آءٌ لوهه، جي سچين تہ سونُ ٿيان.

مالڪ عاجزي ۽ انڪساري ڪندڙن کي پسند ڪري ٿو هن جي نظر ۾ اهي ئي ممتاز بڻجن ٿا، اهي ئي ڳُندن بڻجن ٿا، جيڪي پنهنجي هستي ان جي لاءِ مٽائي ڇڏين ٿا. ظاهري وجود جي حيثيت جيڪڏهن تسليم ڪئي وئي تہ پوءِ هن مٽي جي وجود کان ٿيي روح جي حقيقت تائين پهچڻ ڏکيو ٿي پوندو وجود جي هجڻ جي نفي ڪر! اي سالڪ تنهنجي عاجزي ۽ انڪساري جي اها حد هجڻ گهرجي جو تون هن جي راهہ ۾ پاڻ کي مٽائي ڇڏ! فنا ڪري ڇڏ! پوءِ ڏس تہ ڪهڙي ريت هو توکي سرفراز ڪري ڇڏي ٿو توکي رڳو پاڻ مان "مان" يعني پاڻ کي ڪجهہ سمجهڻ، پنهنجي علم، عقل ۽ ظاهري مان مرتبي تي فخر ڪرڻ ڇڏڻو پوندو. پاڻ تي ضبط رک! پنهنجي علم کي پنهنجي عاجزيءَ ۾ بدلائي ۽ پاڻ ۾ نهٺائي، انڪساري، عاجزي، هيٺائي، لاچاري پيدا ڪر ۽ پوءِ ان در تي وڃي سخي سردار کي پڪار! جيڪڏهن تو ائين نہ ڪيو تہ پوءِ ڪجهہ بہ پلئہ نہ پوندئي، ڇاڪاڻ تہ اهو در عاجزي ۽ هيٺاهين ڪرڻ وارن لاءِ آهي، اهو در پاڻ کي ابوجهہ سمجهڻ وارن لاءِ آهي جو تہ راجا ابوجهن تي ريجهي ٿو:

ڄاڻين توءِ مَ ڄاڻ، اي در ابوجهن جو
ان در سي ئي اگهيا، جن نہ ڄاڻيو پاڻ،
رونجهاڻي راڄاڻ، آهي ابوجهن جو.

جڏهن تون اندران ڪورو ٿي ويندين، تنهنجي اندر جا سڀ شڪ لهي ويندا، غرور، تڪبر، وڏائي، لالچ، دوکي دولاب جا سمورا بُت ڀڄي پوندا تہ پوءِ تنهنجا سمورا اهنج بہ لهي پوندا ۽ ان ويل ئي مالڪ نظر عنايت ڪري ٿو تہ پوءِ هر طرف هڪ چمڪ ٿئي ٿي، جڻ سموري ڪائنات روشن ٿي وڃي ٿي ۽ ان ئي لمحي ۾ سالڪ فنا مان بقا حاصل ڪري ٿو "حق" ان ۾ سمائجي وڃي ٿو ۽ سالڪ جو رتبو مٽجي وڃي ٿو. هن جي نيڻ نهار ۾ پوءِ بس هڪ ئي عڪس پسجي ٿو. جنهن ۾ هن تي "راڻوئي راڻو ري راڻي ڀيو ناهہ ڪو" واري ڪيفيت طاري رهي ٿي:

ڪيرت راهہ گم ڪي، ڄاڻ وڃايو ڏاڻ،
جي سڃاڻين پاڻ، تہ سيوئي سبحان ٿين.

◈

نصير مرزا سان اِن مختصر ٽيليفونڪ سڃاڻ کان پوءِ ڪڏهن ڪڏهن ادبي گڏجاڻين ۾ بہ پيو مِلبو هو. هاڻي مان هن جي دلچسپ نثر سان گڏ شاعري بہ ڏيان سان پڙهڻ لڳي هئس. مون ڪٿي اڳي بہ واضح ڪيو آهي تہ شاعري سُر ۽ ساز جي سنگم سان پڌڻ وڻندي اٿم. پڙهندي رڳو اُنهن جي آهيان جن سان منهنجو سڌيءَ يا اَڻ سڌيءَ ريت واسطو هجي ۽ ڪين شاعريءَ معرفت وڏيڪ ڄاڻڻ چاهيندي هجان...... نصير جي شاعري مون کي وڻي ۽ هي ميوزيڪل سٽون تہ ڄڻ دل تي ڇپجي ويون..... 'جيءَ جهرڪا، هاءِ پروڪا مڏ جا ماٺا ڪڏ ڪوليندي شايد شايد تڏ ڪوليندين.... درد نہ هوندو... مان بہ نہ هوندس، پوءِ تون مون کي ڪٿ ڳوليندين..' جو پوءِ مون اڳتي هلي پنهنجي خاڪن جي ڪتاب جو نالو ان ئي شعر مان چونڊ ڪري 'جيءَ جهروڪا' رکيو. ڪتاب جي مُهڙ ۾ ڏيڻ لاءِ وري مرحوم ذوالفقار راشديءَ کي خاص طور هڪ اهڙو شعر لکي ڏيڻ لاءِ عرض ڪيم، جنهن ۾ 'جيءَ جهروڪا!' لفظ شامل هجي، ڇو تہ نصير مرزا واري شعر جو مفهوم ڪتاب سان نہ پئي ٺهڪيو. هوڏانهن هِند سنڌ جي سرموڙ ليکڪ، شهنشاهِ جذبات موهن ڪلپنا کي جڏهن خبر پئي، تہ مان پنهنجي ڪتاب تي 'جيءَ جهروڪا' نالو ٿي رکان تہ هُن وٺي وٺيل ٻاريا! ۽ سڄڻ پائيءَ مان صلاح ڏنائين تہ اهو نالو هرگز نہ رکان، هُن چيو: 'لڇمڻ ڪومل جي شاعريءَ جي مجموعي جو بہ ساڳيو ئي نالو آهي جيڪو ڪيترن ئي مخالفتن کي مُنهن ڏيڻ سبب، جواب طلب الزامن هيٺ آيل آهي ۽ مان نٿو چاهيان تہ تنهنجي ڪتاب جو نالو بہ الزامن جي زِد ۾ آيل، يعني ڪٿهڙي ۾ بيٺل اُن ڪتاب جهڙو ٿئي!"

موهن ڪلپنا، منهنجي ڪتاب لاءِ ٻيا ڪيترائي خوبصورت نالا تجويز ڪيا، ۽ 'جيءَ جهروڪا' نالو رکڻ کان وڏي تاڪيد سان منع ڪئي هئائين، پر تڏهن بہ مان هن جي ڳالهہ سان سهمت نہ ٿي سگهي هئس: ڇاڪاڻ جو نصير مرزا جي شعر مان ڪنيل 'جيءَ جهروڪا' لفظ منهنجي جيءَ سان جَڙجي ويو هو ۽ هونءَ بہ "ڪيڏانهن منهن مريم جو ڪيڏانهن تندوالهيارا!" لڇمڻ ڪومل جي ڪتاب "جيون جهانڪيون" لفظن ۾ مفهوم جي هڪجهڙائيءَ باوجود، تفاوت بہ تہ پڌري پٽ هو منهنجي تہ ملائڪن کي بہ "جِيوَن جهانڪيون" پڌارجڻ جي ڪائي جَنَ ڪَنَ ڪونہ هئي، پوءِ 'چور جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪَک' جيان نالو وري ڇا لاءِ بدلائجي ها! خود لڇمڻ سان بہ اڃا سڌيءَ ريت ڪا ڄاڻ سڃاڻ نہ هئي، اِهي تہ هُن جا قرب هئا، جو پوءِ آل انڊيا ريڊيو تان منهنجي ڪتابن تي شاندار تبصرا نشر ڪيائين، جنهن ڪري هن سان لک پڙهہ لاءِ راهون هموار ٿيون- هاڻ تہ تازو سنڌ ۾ هُن سان بہ پيرا ملاقات ڪري ۽ هن جي مشهورِ زمانا 'آتم ڪٿا' پڙهي، هن کان تهِائين چڱيءَ ريت واقف ٿي وئي آهيان......

نصير مرزا جي زندگيءَ جي سموري دِلڪشي هُن جي جذبات ۽ احساس ۾ پوشيده آهي، هو بي حد گهڻو حساس آهي، جنهن ڪري ئي هن ۾ پنهنجي خيالن ۽ سوچن وسيلي حالتن جو جائزو وٺڻ جي غير معمولي سگهه ۽ صلاحيت آهي. اِن ڪري هن جي هر لکڻيءَ ۾ فطري دانشمندي پٽي ظاهر ٿيندي آهي، پوءِ چاهي اُها شاعري هجي، نثر، سفرناما يا ڪالم..... مِڙئي گَس هن جي ذات جو اظهار آهن. پُراڻين ۽ روايتي صورتن ۾ بہ هن هر تخليق سان نيايو آهي، ان ڏِس ۾ رڳو هُن جا عزاداريءَ وارا مختصر ڪالم ئي ٻَسُ آهن، جن ۾ اِمام سڳورن جي ذڪر سان گڏ ڪيترائي اِهڙا تاريخي، چاهي ماضي قريب جا واقعا بيان ڪندو هلندو جن سان پڙهندڙ کي مختلف دورن جي احوالن بابت وڏي ڄاڻ ملي ٿي ۽ هُو ان محنت ۽ جاکوڙ تي کيس دل سان داد ڏيڻ بنا رهي نٿو سگهي. جيئن تہ نصير روايت پسند ۽ ماضيءَ سان محبت رکندڙ نفيس طبيعت جو مالڪ آهي تنهنڪري هن جي ڳالهائڻ ٻولهائڻ جا طور طريقا بہ پنهنجي اندر هڪ مهذب شخصيت هئڻ وارو معيار رکن ٿا.

هڪ جيڏن سان کِل ڀوڳ فراخدليءَ سان ڪندو تہ وڏن سان حُجت يا مزاح بہ حدن اندر اِهي حدون هُن پاڻ مقرر ناهن ڪيون بلڪ قدرتي طور هن جي نيچر جو حصو آهن...

وڏن جو احترام، خوش اخلاقيءَ، جهڙا گُڻ هن ۾ جامَ آهن. لِيڪا لنگهڻ جهڙي بيباڪي، گستاخي يا بي ادبيءَ جهڙا مثال مون نہ هُن ۾ ڏٺا نہ ٻُڌا...

اهڙين چڱاين جي ڪري ئي هن جو عوامي رابطو سنڌي توڙي اردو ادب ۽ ميڊيا جي ماڻهن سان مضبوط آهي.

آفيس جي ڪرسيءَ تي ويٺي يا گهر ۾ پيل پينگهي ۾ لُڏندي لُڏندي هُو ڪاوڙجي بہ پوندو هوندو، لاشڪ تہ کيس چِڙَ بہ آئي هوندي، پر اهي ڪيفيتون هن جي مزاج جو حصو نٿيون ٿي سگهن، تنهنڪري مان نٿي سمجهان تہ هن ڄاڻي واڻي ڪنهن جي دل آزاري ڪئي هوندي دنيا جي اجوڪين اڻ سَهائيندڙ حالتن ۾ جيڪو ماڻهو ڪاوڙ کي ڪنٽرول ڪري ڄاڻي، حقيقت ۾ ان کي ئي وڏي همت وارو ۽ بهادر شخص مڃڻ مراد آهي.

نصير ڪنهن ڪم کي هٿ ۾ کڻندو تہ ان کي پنهنجي واندڪائي ۽ سهوليت آهر سرانجام ڏيڻ لاءِ دل جان سان محنت ڪندو. مقصد سان سچائي، محنت ۽ جاکوڙ تہ ڄڻ هن جي سُٽيءَ ۾ پيل آهن. ان ڏس ۾ هُن جن نامور شخصيتن جي ڪتابن جا ڪم هٿ ۾ کنيا اُهي سمورا پڙهندڙن جي آڏو آهن ۽ خود نصير جي لکليل ڪتاب 'خيمي ۾ شام' تہ هن کي بهترين نثر نگار ثابت ڪرڻ جي مُهر هڻي ڇڏي، جنهن جو هر ڪنهن کُليءَ دل سان اعتراف ڪيو. ايڏين مصروفيتن هوندي بہ هُو سدائين سُڪون ۽ اطمينان جي زندگي گهارڻ وارو لڳندو آهي، کيس ڏسڻ سان هڪ ٿائينيڪي انداز جو احساس ٿيندو آهي، نہ اجائي ٽڙ پٽڙ نہ ڪائي

افراتفري... نصير نہ رڳو پنهنجي لکيل لفظن ۾ پر ڳالهائڻ ۾ بہ اهڙو اثر رکي ٿو جو هُن جا اُهي مداح جن ڪيس ڪڏهن ڏٺو بہ نہ هوندو سي بہ هُن جي سحر ۾ وٺجي ويندا آهن ۽ ڪيس ريڊيو تي ٻڌي گهوليو اچو لهن. جنهن مان اِها ڳالهہ ثابت ٿئي ٿي تہ هُو علم ۽ عقل جو امتزاج آهي ۽ هُن جي شخصيت، نفاست، سٺي صورت ۽ سهڻي سيرت جو سنگم آهي جيڪا هر ڪنهن کي هن جو گرويده بنايو ڇڏي.

ڪيترن کي ان ڳالهہ جي ڄاڻ هوندي تہ هن جي منفرد اسٽائيل کي نہ رڳو ادب ۾ ڪاپي ڪيو ويو پر اسٽيج، چاهي ريڊيو تي جيڪي بہ ڪمپيئر آيا تن کيس ڪاپي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي.... ۽ اهڙي ڪوشش ۾ ڪي قدر ڪامياب بہ ويا پر.... چوندا آهن تہ:

**سچائی چھپ نہیں سکتی بناوٹ کے اصولوں سے**

**يا اِهو بہ تہ 'کوا چلا ہنس کی چال، اپنی بھی بھول گیا....'**

سليس سنڌيءَ ۾ وري چوَن: 'وَڃي سِڱن ڪاڻ، ڪَن بہ ڪپائي آئي!' ها...، البت زيب سنڌي اهڙو واحد ڪمپيئر آهي جنهن لاءِ ائين نٿو چئي سگهجي... هُن جو نج نِبار اِسٽائيل، سؤ سيڪڙو پنهنجو آهي.... هونءَ ڪي ماڻهو الائي ڇو ريڊيو، ريڊيو يا ٽي. وي. تي. وي پيا لڳندا آهن. ۽ اهڙا وجود جڏهن سامهون ايندا آهن تہ دِل مشڪري ڪندي چوندي آهي تہ يقين ڄاڻو ريڊيو جيڪر ماڻهو هجي ها تہ اهڙو ئي هجي ها! زيب سنڌيءَ کي پنهنجي وجاهت پرئي گجندڙ گونجندڙ منفرد ۽ بارعب آواز ۾ سامهون ڳالهائيندو ڏسي، الائي ڪيئن منهنجي حواسن تي حيرت انگيز طور ريڊيو طاري ٿي ويندو آهي ۽ مان ڪي پَل وائڙپ واري ڪيفيت ۾ اچو وڃان... ائين پيو لڳندو اٿم تہ چڻ ڪٿي ريڊيو کليو پيو آهي، پهرين اُهو بند ڪري پوءِ اچي زيب سنڌيءَ کي ٻڌان!

نصير جي ڳالهائڻ ۾ وري قربن پري ڊيمائپ ۽ دلفريبي ايڏي آهي، جو جنهن سان مخاطب هوندو تنهن کي لڳندو تہ اهو پيار ۽ توجہ سڄي جو سڄو رڳو اُن جي ئي حِصي ۾ آيو هجي. هُن جا اِهي رنگ اِسٽيج تي ڏسڻ وٽان هوندا آهن. مائيڪ آڏو بيٺل نصير جڏهن سامهون ويٺلن سان دل ڇُهندڙ آواز ۾ ڳالهائيندو آهي تہ هُن جي اچي اُجري وجود مان چيده چيده لفظن جا وهڪرا ڦُٽي نڪرندا آهن. جملي جملي سان گڏ آٽوميٽيڪلي طرح هن جا مختلف ائڪشن، ڪُلها، ڪنڌ، اکيون ۽ هٿ ائين حرڪت ۾ هوندا آهن، جو سمورو وقت اِها ڪمپيئرنگ انوکي رقص مثل پئي لڳندي آهي.... مون کي تہ هن جو هر انداز تڏهن ڪان ساريل آهي جڏهن اجا هن جي سِرَ تي ڪارا گهاٽا وار لهرائيندا هئا، جيڪي پوءِ ٽريننگن، ٽرانسفرن يا ٽرانسفرن جي دل هول ڏياريندڙ ڌهڪائن سبب ۽ ڪجهہ وري جينياتي اثرن تحت نوخيزيءَ جي زماني ۾ وقت کان اڳ ئي ڇڏا پاڏا ٿيندا ۽ مينديءَ رتا ٿيا بڻجي

پيا... پر تڏهن بہ هن تي نهي آيا... ائين جيئن سج جا سونهري ڪرڻا يا ڪٽڪ جا سونهري سلا....

نصير جيئن تہ انتهائي جذباتي آهي تنهنڪري پنهنجي ماحول جي تبديلين يا ناسازگار ماحول ۾ رهڻ ڪان شدت سان متاثر ٿئي ٿو ۽ هر اُها جاءِ ڇڏي ڏيندو آهي جتي پاڻ ڪي غير مطمئن محسوس ڪندو هجي. جڏهن بہ هُن جي ٽرانسفر جا آرڊر ايندا آهن تہ نہ رڳو حيدرآباد پر سڄي سنڌ ۾ وسندڙ اديبن ۽ نصير جي دوستن ۾ هُل مچي ويندا، هر سڄڻ اداس ۽ ملول. جڻ سنڌن پنهنجو ٽرانسفر ٿيندو هجي. سڀ جي وات اِهائي وائي تہ نصير ڏاڍو پريشان آهي ۽ نصير پريشان تہ معنيٰ اُهي تهائين حيران پريشان. ان مهل هر ڪنهن کي نصير جي دلي جذبات جو احساس پيو جهوريندو... ان معاملي ۾ هر ڪنهن پاسي ڪان ايڏي تہ وٺ پڪڙ ۽ گهل گهوڙا ٿيندي آهي جو 'ويچارا' ٽرانسفر ڪندڙ آفيسر بہ دل هول ۾ مبتلا ٿي دهلجي ويندا آهن تہ الائجي اُنهن ڪان اِها خطاداري ڪيئن ٿي! جو پوءِ ٽڙ پٽڙ ۾ موٽائي ماڳن ذي آڻيندا آٿس.

نصير مرزا جو نالو ادب ۾ ڏينهون ڏينهن پنهنجي منفرد لڪڻين ۽ نياز پري پُر اعتماد گفتگو ۽ رويي سبب نکرندو رهيو. منهنجي ڪنهن نئين ڪتاب جي ڪمپئرنگ هجي، گهر ۾ ادبي دعوتون هجن، اُنهن ۾ نصير مرزا جي شرڪت لازمي سمجهي ويندي، هُن بنا، ڪا تقريب مڪمل نتي لڳي. هُو اڪثر نثار حسينيءَ سان گڏ لطيف آباد واري 'اِرم نُما' تي ايندو هو. ڪڏهن ڪڏهن طارق عالم بہ ساڻ هوندو هُئن. پوءِ چانهہ جي ڪپ سان ڪجورن، پُوراٽين، ڊراءِ فروٽس يا نلهي دال پٽ تي اسان جون طويل ۽ دلچسپ ڪچهريون ٿينديون هيون. جن ۾ ادب تي سنجيده گفتگوءَ سان گڏ ٻاراڻي قسم جي کِلَ مشڪري جهڙيون ڳالهيون بہ هونديون هيون، انڊيا مان آندل ڪتاب ۽ ادبي موويز بہ ڏسبيون هيون ۽ اُنهن تي تبصرا تنقيدون پڻ ڪبيون هيون.

ڪڏهن ڪڏهن حيدرآباد ۾ ٿيندڙ عام فنڪشنز جون ويڊيو پڻ ڏسڻ لاءِ ملنديون هيون، V.C.R تي اهڙي ئي هڪ ويڊيو هلندي نصير اُمالڪ رمارڪ اُڇليندي چيو: "هِن مائيءَ جو نڪ ڏسو تا، ائين وَريل اٿس جيئن ڪارٽونن ۾ ڏائڻ کي ڏيکاريندا آهن!"

'ها واقعي!' مون کي بي اختيار ڪامڪن ۾ ڏٺل Hazel Witch جي تصوير اکين اڳيان ڦري آئي، جيڪا ڪارو جُبو اوڍي ٻهاريءَ تي چڙهيو پئي اُڏامندي آهي. بظاهر تہ اِها ڪٽي مذاق هئي پر ان مان نصير جو قدرتي طور شين جي گهري آبزرويشن وارو رويو ظاهر پئي ٿيو.

نصير ۾ سنجيدگي يا سوبرنيس واري بُردباري پنهنجي جاءِ تي، پر هُن جي اندر خوش مزاجي ۽ زنده دلي ايڏي تہ گهڻي آهي، جو ننڍي ڪان ننڍي ڳالهہ کي بہ خوب اِنجواءِ ڪندي، کِلِ ۾ صفا ٻُڏيو وڃي. قدرت هن جي مُرڪ ۾ بہ هڪ اهڙي

مُرڪ پوشيده رکي آهي جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ بدران، رڳو محسوس ئي ڪري سگهجي ٿو. اِن ماحول مهڪائيندڙ مُرڪ سان هين کي جيڪا راحت حاصل ٿئي ٿي تنهن مان اُنهن ڪان سمورا ڊپريشنس. پٽا پنڻ وسريو وڃن ۽ هو به ان مِٺڙي مرڪ جو حصو بڻجي ڪا دير جهومي پوندا آهن...

جڏهن مان شروع شروع ۾ انڊيا وئي هئس ته مون وٽ اُتان جا ڪوڙ ادبي ڪتاب ۽ رسالا ايندا هئا. ان حد تائين جو ڊپليڪيشن ٿي ويندي هئي. سينئر ليکڪن مان ته گهٽن ئي کي سوغاتون ڪري ڏنم. سواءِ پير حسام الدين راشديءَ جي... نوجوان اديب پڻ وڏي سڪ ۽ شرڌا مان اِهي حاصل ڪندا هئا. نه ته به پڇائون پيا ڪندا هئا. جن کي اُنهن ڏينهين هندي لفظ، پوري ريت سمجهڻ بنا ئي استعمال ڪرڻ جو وڏو ڪريز هو... مون کي ڪٿي اِهي استعمال ڪرڻ جو ڪريز ڪونه هو پر ڊاڪٽر ارجن 'سڪايل' صاحب جا صحت ۽ زندگيءَ جي باري ۾ دلچسپ ۽ معلوماتي ڪتاب هيڪاندا جو سوکڙي ٿي مليا هئم. تن کي پڙهندي ڪي هندي لفظ بنهه سمجهه ۾ نتي آيا. جنهن سبب پڙهڻ جي رواني‌ءَ ۾ رنڊڪ ٿي پئي. تن ڏينهين هري موٽواڻي سنڌ گهمڻ آيل هو تنهن کان بي اختيار اُن ڪتاب جي هڪ هندي لفظ جو مطلب ڪٿي پڇيم ته ويچارو اَشراف هري ان غير متوقع سوال تي پهريائين ته عجب مان ڏِڪي ويو ۽ ڪُڇو ئي ڪين. بس رڳو کِلي شرمائجي ٻڌايئين: "نه.... نه...." چئي ڳالهه نٽائي ويو ۽ مطلب ڪونه ٻڌايئين. جنهن مان سمجهم ته پڪ ڪا اهڙي معنيٰ هوندي، جيڪا ڪنهن ناريءَ کي پُڇڻ زيب نٿي ڏني...

چوڻ جو مطلب ته اُنهن ڏينهن نوجوان اديبن کي، هندي لفظ بنا سمجهڻ جي استعمال ڪرڻ جو وڏو ڪريز هو.... ٻڌو هئم ته نصير به انهن مان هڪ هو... ۽ هن کان به بنا پوري ريت تصديق جي، ڪي لفظ غلط معنيٰ ۾ استعمال ٿي ويندا هئا. مثال طور "گئو ڏول!" نصير ته آلائي ان جو ڪهڙو مطلب ڪڍيو جو پوءِ آغا سليم کي اچي مشڪري لڳي...

جيڪو اُنهن ڏينهنَ ريڊيو حيدرآباد جو اسٽيشن ڊائريڪٽر هو. نصير جي حوالي سان کيس به 'گئو ڏول' لفظ زبان تي چڙهي ويو ۽ اڪثر 'گئو ڏول' جا مثال ڏيو پيو ڪلندو هو ته. 'نصير اِن لفظ کي، ڳئون جي هلڻ کان پوءِ مِٽي ڌَڙ اُڏامڻ واري معنيٰ ۾، پنهنجي ڪنهن شعر ۾ ڪم آندو آهي، جڏهن ته اُن جي معنيٰ ٻي آهي.' هن يقيناً ٻي معنيٰ ٻڌائي هئي پر مون کي هن وقت ياد نه پئي اچي.

پير حسام الدين راشديءَ کي ته انڊيا جا اُهي سنڌي ڪتاب اصل نه وڻندا هئا جن ۾ هندي لفظن جي ڀرمار هوندي هئي. کيس اُهي ڏيڻ چاهيندي به هئس ته ماڳهين مون کي نصيحت ڪندي چوندو: 'بابا اِهي پڙهڻ سان ٻولي خراب ٿي ويندءِ نه پڙهندي ڪر.' پر ٻئي طرف هِند وارن جي سڪ جا احوال مون کان ٻڌي بي حد خوش به پيو ٿيندو هو. هاڻي ته T.V تي ايڏا هندي چينل کُلي پيا آهن ۽ هِندي

ڪلچر خواهه رِليجن جو ايڏو تہ اثر پئجي ويو آهي، جو ٻار ٻچي، پوڙهي پڪي جي وات ۾ جئہ جئڪار لڳي پئي آهي....

جئي جئي جئي ماں،
جئي ونتي ماں
جئي جئي ماں
جئي ونتي ماں
جئي بواني جئي درگا--- جئي ڪالي!---جئي ماتا!

اِن صورت ۾ چئي سگهجي ٿو تہ هاڻي هندي سمجهڻ ڪا مشڪل ڳالهہ نہ رهي آهي، بلڪ روز مره جي وهنوار ۾ بہ استعمال ٿي رهي آهي، تنهنڪري اسان ڪيِ اِن ڏس ۾ چنتتڪ ٿيڻ بدران نِشچنت ٿي رهڻ گهرجي.

مون انڊيا مان آندل ۽ ايندڙ ڪتاب خوب وراهيا. هوڏانهن هِند جي مشهور ليکڪ، پبلشر ۽ جاکوڙي انسان شِري هولا رام هنس صاحب، ڪتابن لکڻ سان هاچا ڪري ڇڏيا ۽ مون وري اُهي وراهڻ سان وٿيل ڪري ڇڏيا! هولا رام اُهي اُماڻيندو بہ چڙ 'هول سيل' ۾ هو 'هُتان ڪتاب پهچندا ئي مس هئا تہ پويان اندرون سنڌ مان، هولا رام جي حوالي سان اڻ ڇاتل ماڻهن جا هيڪاندا خط اچڻ لڳندا هئا تہ، "هولا رام صاحب توهان ڪي جيڪي ڪتاب موڪليا آهن سي توهان وراهيا؟ اُنهن مان هڪ هڪ ڪاپي 'هن اسان' ڏانهن بہ اماڻڻ جي تاڪيد ڪئي آهي." مطلب تہ هولا رام سندن حواسن تي بُري طرح ڇانيل هو. ڪتاب آخر بہ تہ مون ڪي ئي نڪاڻي لڳائڻا هئا. هر ڪتاب جون ٻارهن ٻارهن ڪاپيون! ان لاءِ مون ڪي دڪان تہ کولي ڪونہ ويٺو هو....

هن جا ڪتاب مختلف موضوعن تي لکيل هوندا هئا جنهن جو سمورو مواد گهڻو ڪري خداوادي لکڻين تي مشتمل هوندو هو. سُهڻا سُخن، نصيحت ڀريا نُقطا، آتم ڪٿائي ۽ ساڌو سنتن جا ايبسٽريڪٽ انداز ۾ لکيل ناول ۽ زندگي گذارڻ جا ٻيا بہ انيڪ سهڻا گس 'ڊيل ڪارنيگي' جي ڪامياب زندگي گذارڻ جي نہ ڪٽندڙ نقطن جيان اُنهن ۾ ڏيڪاريل هوندا هئا. ٻيو ڪو انڊين ڪتاب هجي نہ هجي پر اِهو هڪيو تڪيو موجود هوندو هو. نصير جڏهن بيتابيءَ مان مون کان انڊين ڪتابن جي پڇا ڪندو هو تہ ڪيس هولا رام جو ڪتاب تہ ضرور ڏيندي هئس ۽ هُو بہ اِن لاءِ ذهني طور اڳ ئي تيار هوندو هو تہ، 'اِجهو ٿي ادي ماهتاب هولا رام جو ڪتاب مٿي ۾ هڻي'.... ائين نہ هو تہ هولا رام جا ڪتاب ڪيس وڻندا نہ هئا، بلڪ سنڌ جو ليکڪ، تہ هِند جي هر ليکڪ کي پڙهڻ چاهيندو هو. ڪڏهن وري ائين بہ ٿيندو هو تہ ٻين ليکڪن جا ڪتاب ڏيندي هئي مانس ۽ هولا رام جو ڪتاب اُنهن ۾ نہ هوندو تہ شوخيءَ مان مُرڪي پڇندو: 'ادي ماهتاب! يلا هولا رام جو ڪتاب ڪونهي ڇا؟'

هاڻ! انهن ڳالهين کي بہ ڏسندي ئي ڏسندي وڏو وقت گذري ويو.... هاڻي تہ مون وٽ انڊيا جا ايترا ڪتاب ئي ڪونہ ايندا آهن. اُهي موڪلڻ وارا ماڻهو ئي جهانَ مان لڏي ويا... آڏي ويا سخن جي عمارت! ”اندر جنين اُڄ“ سفر نامي وارا اهم ڪردار صفحہ هستيءَ تان تقريباً مِٽجي چڪا آهن. باقي جيڪي آهن سي بہ الله جي آسري... خدا هر ڪنهن جو خير ڪري، شال جُڙيا هجن جهان ۾.

ادبي انڊسٽري هند جي هجي چاهي سنڌ جي، منهنجو جن ليکڪن يا ليکڪائن سان سِڪ جو ناتو رهيو آهي، تن کي، ’محبوب‘ ويتر گهڻي سڪ ۽ مانُ ڏيندو رهيو آهي ۽ هو جيترو مون کي گُهرندا آهن، اُن کان بہ وڌيڪ محبوب کي پائيندا آهن. لاشڪ تہ اِهو نہ رڳو هن جي نالي واري محبوبيت جي اثر ڪري، پر هُن جو سياءُ بہ ايڏو ئي سِڪ ۽ نياز منديءَ وارو آهي، جو هر ڪو پيو ڪيس جيءَ ۾ جايون ڏيندو. نصير مرزا بہ اُنهن مان هڪ آهي. جڏهن محبوب سنڌ، بلوچستان N.F.C فرٽيلائيز ڪمپنيءَ جو جنرل مئنيجر هو تڏهن ريڊيو تي پاڻ جا اشتهار ۽ ڪمرشل پروگرام وغيره تيار ڪرائڻ لاءِ، هن جو نصير سان گهڻو وقت گذريو. اِن حوالي هُن سان حُجت بہ وڌيڪ هئس، جڻ پراڻا دوست هجن. اُنهن پروگرامن ۾ ڪريم بلوچ، صالح محمد شاهہ وغيره بہ حِصو وٺندا هئا.

اسان جي لطيف آباد واري ’اِرم نُما‘ ۾ ماسٽر چندر جي ’جنم ڏن ‘پارٽي ياد گار هئي. قمر سومري جڏهن تيز لئہ تي ماسٽر چندر جو گيت، ’ڳايو ڳايو لاڏا ڦنيون مرادون‘ ڳائڻ شروع ڪيو تہ ادبي وُوڊ جا سيئي اديب جهومڻ لڳا، حميد سنڌي بي اختيار اُٿي رقص جي هڪ خوبصورت انداز ۾ هٿ مٽي ڪري شاندار نموني جُهمر هنئين، جنهن بعد نصير مرزا پڻ ٺيٺ سنڌي رقص جو نمونو پيش ڪندي، ٽِپيڪل طرز سان پنهنجي ڇاتي لرزائي اهڙو تہ فن جو مظاهرو ڪيو جو چئي ڪٽي بس ڪجي! محفل ۾ ويتر جان پئجي وئي. پيا ليکڪ جهڙوڪ نثار حسيني، ولي رام ولڀ، ظفر حسن، مراد علي مرزا، تاج بلوچ ۽ پيا بہ ڪيترائي جيڪي اڃا صوفا ۽ ڪرسين تي وينل هئا سي بہ محبوب جي اُڪسائڻ تي ان جُهمر ۾ اچي شريڪ ٿيا. ويندي ذوالفقار راشدي بہ ڪيس مايوس نہ ڪيو.

هن جُهمر لاءِ پيير ڪٽي ڪونہ ڪنيا پر گيت جي لئہ تي اُٿي بہ تہ تاڙيون هڻي، اِن رقص ۾ شموليت ڪري، پنهنجو نالو ڳڻايو. اسان جي گهر ۾ اهڙيون دلچسپ ۽ شاندار پارٽيون، محبوب جي جادوئي ارينجمينٽ ۽ انهن ۾ گهرِي دلچسپي وٺڻ بنا ممڪن ئي نہ هيون.

ماسٽر چندر جي جشن سالگره وارو فنڪشن هجي، اياز جي آجيان هجي، چاهي نئين ’اِرم نُما‘ ۾ قدم رکڻ جي هائوس وارمنگ پارٽي هجي، هوٽلن ۾ ڪتابن جا فنڪشن هجن، هند. سنڌ جي اديبن جي مان ۾ ڏنل آجياڻا هجن نصير کان سواءِ اُنهن ۾ ڪو رنگ ئي نہ ڇمندو. اهڙي ئي هڪ گڏجاڻيءَ ۾ طبيعت جي اوچتي ناسازيءَ سبب هُو اچا شريڪ نہ ٿي سگهيو تہ پارٽيءَ جي خوشي ئي جڻ ختم ٿي

وئي. دل چيو تہ پروگرام ڪينسل ڪري ڇڏجي پر ماڻهو اچي چُڪا هئا ۽ اهو ممڪن ئي نہ هو...

منهنجي پنجين ڪتاب جي بڌرائيءَ تي ياد اٿم تہ آچي يا ڇيڪ شرٽ ۽ ڪاري پينٽ پاتل نصير اسان جي گهر کي 'فِڪشن هائوس' ڪوٺيندي خوبصورت ڪلمات ادا ڪندي چئي رهيو هو: 'گهر ۾ پنج ياتي ۽ پنجون ڪتاب...' ائين تہ هن جا ڪيئي خوبصورت گفتا اسان جي فيملي ويڊيوز ۾ محفوظ آهن.

نصير پنهنجا ادبي، ميڊيائي ۽ عوامي رابطن وارا ڪم ڪاريون پوريءَ طرح نڀائيندو اچي پر ڪڏهن ڪڏهن هن جي ذهن تي ڪمن جو ايڏو تہ بار هوندو آهي جو ڪافي شيون هن جي ذهن ۾ گڏمڏ تي ويندڀون آهن ۽ صحيح صورتحال ڄاڻڻ يا ڄاڻائڻ بدران ڪٿي ڪا ڀُل چُڪ تي ويندي آتس. جا هرون ڀرون اهڙي پريشان ڪندڙ نہ ڪٺي هوندي تہ بہ ڏيان طلب ضرور ڇئبي.... نصير جو ان طرف ڏيان ڇڪائبو تہ هُو حيرانيءَ مُان ڪجهہ شِشدر تي ذهن تي زور ڏيندي سهمت تي، بيوسيءَ مان مُرڪي پوندو آهي:

'ادي اِها چُڪ سڌاري ڇڏبي.'

هڪ پيري سٽيزن ڪالونيءَ ۾ نئين گهر جوڙائڻ جي خوشيءَ ۾ 'هائوس وارمنگ' پارٽي رکي سين. جنهن کي نصير اخبار ۾ 'اياز جي مانَ ۾ ڏنل آجياڻو' لِکرائي ويهي رهيو. اسين پريشان تي وياسين پر اياز خوش هجي. صبح سان فون ڪري مون کي اِها خبر مُرڪي مُرڪي بڌايائين بہ پاڻ: 'ڏس ماهتاب، اخبار ۾ ڇا لکيو اٿن، تنهنجي هائوس وارمنگ پارٽيءَ کي منهنجو آجياڻو لکيو اٿن! اِهي نصير جا ڪم هوندا.'

اهو بڌي حال تہ مان اندر ۾ صفا ٻُڏي ويس، پر بظاهر چيم: 'ڪائي ڳالهہ ناهي... مڙئي خير آ...'

پر هُن پڙ وڪيل ۽ مهان شاعر، منهنجي اندر جي ڪيفيت ڄاڻندي بہ مُرڪي چيو هو: 'ماهتاب جي توکي اعتراض آهي تہ اخبار ۾ ترديد ڪرائي ڇڏ.'

'نہ نہ اياز صاحب، اهڙي ڪائي ڳالهہ ناهي. جن ماڻهن کي دعوت موڪلي اٿم اُنهن کي نئين گهر جي خوشيءَ ۾ دعوت ڪرڻ جي خبر آهي.'

هيڏانهن نصير سان غلط بيانيءَ واري ڳالهہ ڪيم تہ پريشان تي ويو پر مون حالتن سان ٺاهہ ڪندي چيو: 'ادا مڙئي خير آهي، نئين گهر جي اِها آجيان توهان سيني سان تہ آهي، توهان جي لاءِ ئي تہ آهي. مان رڳو ان ڪري پريشان ٿيس تہ هر پيري رڳو اياز جي مانُ ۾ ئي آجياڻا ڇو هجن....'

تڏهن وچي ڪا نصير کي دلجاءِ تي. نصير جا اِهي پيار تہ اصل وسرڻ جا ناهن. جنهن ۾ ڪيترن سالن کان ريڊيو جي مقبول پروگرام 'صبح مهراڻ' ۾ منهنجي جنم ڏينهن جي حوالي سان پروگرام نشر ڪندو رهيو آهي. گهڻئي دفعا کيس اِن تڪلفات ۾ پوڻ کان روڪيو هوندم پر هو چوندو: 'مان جيسين ريڊيو ۾ آهيان، اِهو پيش ٿيندو رهندو.'

اسٽيشن ڊائريڪٽر ٽيڻ ڪان پوءِ به جڏهن صبح جو فون تي هن مون کي 14 جولاءِ 2008ع تي جنم ڏينهن جون مبارڪون ڏنيون ته پڇيومانس: 'توهان کي خبر آهي ته منهنجي ڪائين سالگرهه آهي؟'

'اِهو ڄاڻڻ به نٿو چاهيان، توهان اسان لاءِ جيئڻ هٺا تيئن ئي آهيو ۽ رهندا...'

'واهه! يعني مان age less آهيان' چيم ۽ جڏهن نصير مرزا ٻڌايم ته هن اڄ پڻ ريڊيو تي ساڳي ريت جنم ڏينهن جو پروگرام ڏنو آهي ته چيو مانس: نصير! هاڻي اِهو پروگرام ڏيڻ بند ڪريو ايڏي وقت کان پيا ڏيو ماڻهو چوندا اڃا جيئري آهي! ماڳهين نظرَ نه پورو ڪن.'

اهو ٻڌي نصير خوب کليو، چيائين: 'پوءِ توهان ننڍي عمر ۾ ڇو لکڻ شروع ڪيو؟ نه لکو ها؟'

۽ مون دل ۾ سوچيو وڏي تي لکان ها ته به ڇا اڄ اوترو ئي هجان ها ڇا؟

ان ئي شام نصير، پنهنجي عزيز رضوان علي انصاريءَ سان گڏ مون کي جنم ڏينهن جون واڌايون ڏيڻ لاءِ محبتن ۽ پيار جون روشنيون کڻي اسان جي غريب خاني تي آيو. مان ۽ محبوب، اِن سرپرائيز تي پنهنجي ٻارن سميت وڏي سِڪ مان اُٿي هُنن سان ملياسين. جنهن کان پوءِ محبوب جون خوش مزاجيون ۽ حُجتون شروع ٿي ويون.... رضوان انصاري به ڪيس نصير جيان ئي پنهنجو ۽ پيارو لڳو ڏسندي ئي چيائين: 'عرفان، تون ته ڏاڍو جوان پيو لڳين، نوان وار ڪرايا اٿئي ڇا؟' محبوب، نوجوان جا گهاٽا ڪارا وار ڏسندي چيو.

'"مان عرفان جو ننڍو ڀاءُ آهيان....رضوان' هُن پُرحجاب لهجي ۾ مُرڪندي ورائيو.

'چَڏ ڇڏ! مون سان مذاق ٿو ڪرين تون عرفان ئي ته آهين، وار ڪارا ڪرائي صفا نوخيز نوجوان بڻجي پيو آهين...'

اهو ٻڌي مان پاڻ ٿوري ڪنفيوز ٿي وئي هئس ته ڪٿي واقعي اهو عرفان ته نه هو توڙي جو ڪافي سال اڳ نصير معرفت، هُن سان پڻ منهنجي ملاقات ٿي هئي، پر ممڪن آهي محبوب هُن سان ويجهڙائيءَ ۾ مليو هجي، جنهن ڪري ئي هُن ۾ 'وارن' واري تبديلي هڪدم محسوس ڪري سگهيو آهي. پر نصير جي شرير مُرڪ مون کي سمجهائي ڇڏيو ته محبوب هُن سباجهي نوجوان سان صرف حُجت پري مذاق پئي ڪئي. تڏهن مون محبوب کي چيو: 'ڇو اڇي ويچاري کي پريشان ڪيو اٿو هو ته آهي ئي نوخيز نوجوان، وار ڇو ڪارا ڪرائيندو....اِهي ته هن جا پنهنجا آهن...

'يارَ مائينڊ نه ڪجانءِ مون ته بس ائين ئي توکي ٿورو ڀِٽايو ٿي...'

'ڪائي ڳالهه ناهي سَر!' هُن سُندر مُرڪ مُرڪندي چيو.

اِن پُرلطف گڏجاڻيءَ ۾ منهنجي ادبي ڪمن ڪارين ۽ ڪتاب ترتيب ڏيڻ جي حوالي سان پڻ ڪافي ڳالهيون ٿيون. مان جنهن بعد ٻاهران ڪجهه کڻي اچڻ

لاءِ اُٿي وئي هئس. تڏهن هڪ وار وري محبوب ۽ نصير جي ڪِل مشڪري وارين ڳالهين جو سلسلو هلي نڪتو. جڏهن موٽي آيس ته مون کي ڏسي زبردستي پنهنجي بي قابو ٿيندڙ کل روڪيندي شرارت مان مُرڪڻ لڳا... ائين ئي ڪٽي پڇيم: 'مون کي به ته ٻڌايو ڇو پيا ايڏو کِلو؟' جواب بدران وري ساڳي کِلَ...

ڪوڪر محلي ۾ مينهُن جي واڙي جي پرسان هڪ ڪيفي جي چانهه ڏاڍي لاجواب آهي اُن جي باري ۾ پئي ڳالهه ڪئيسين.... محبوب مشڪندي وراڻيو پر نصير هوريان کِلندي کلندي ٻِلش ٿي ويو...

نيٺ محبوب بي ڏڙڪ ڇئي ڏنو: 'اها چانهه اتان جي ماحولياتي خوشبوئن جي زهر سبب مشهور به پنهنجي ان منفرد نالي ڪيفي ڊِي.... جي ڪري ئي ٿي آهي.... پري پري کان ماڻهو اِها پيئڻ لاءِ ايندا آهن...'

'اون هون!' غير متوقع جواب ٻڌي مان حيرانيءَ مان ڇرڪجي ويس ۽ منهنجو ته روح ئي ڦري ويو اِها ڳالهه ٻڌي... الائي سچ يا ڪوڙ اِها خبر ته نصير يا محبوب کي هوندي. مون ته ڳالهه پُڇي پڇتايو ته اجايو اِها ٻڌڻ لاءِ اتاولي پئي ٿيس.

مون نصير کي ٻڌايو ته هن جي اسٽيشن ڊائريڪٽر ٿيڻ جي خوشيءَ ۾ اعزازي طور ادبي دعوت ڪرڻ وارا هئاسين جيڪا ڪِن سببن ڪري ڪو وقت ملتوي ڪرڻي پئي، پر انشاءَالله وري جلد ڪبي. دعوتن جا جادوئي انتظام ته محبوب ئي ڪري سگهندو آهي، مون کي ته ڪا 'چِنتا' ڪرڻ جي ضرورت ئي نه هوندي آهي.

'نصير! جيسين وڏي پيماني تي اِهي انتظام ٿين تيسين توهان اج رات ئي اسان سان گڏجي ماني کائو.'

'ادا محبوب، اج ته دير ٿي وئي آهي، ٻارن جي فرمائش تي سينڊوچ ورتا اٿم، اُهي انتظار ڪندا هوندا.... سياڻي فون ڪري ايندا سين ۽ ٻارڻ سان گڏ به تي دوست به وٺيو ايندس' هُن دوستن جا نالا ڳڻندي چيو.

'سدا وٺي اچينُ. پنهنجو گهر اٿئي، جنهن مهل دل چوَئي هليو اچ. پر کائڻ ۾ پنهنجي پسند ته ٻڌاءِ؟'

'اُهائي..... گوار ۽ شاشلڪ.....' نصير شوخيءَ مان مُرڪيو.

'بس ته پوءِ سياڻي گڏ آهيون...' موڪلاڻيءَ مهل محبوب ڪيس سِڪ ڀريو ڀاڪر پائيندي وراڻيو... ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي اُها گهَڙِي ٿيندڙ شام، رات جي ڪارِي چادر اوڍي، ٿِن ڪپڙن ۾ فرار ٿيندڙ حسينا جيان، اکين ۾ سُرمو وجهي غائب ٿي وئي!

[02.08.2008]

◈

# ڪتابِ زندگيءَ جا ورقَ

•

## پروانو ڀٽي


پروانو ڀٽي يادگيرين لاءِ سوچيندي

ياد ٿو اچيم تہ استادن، بزرگن ۽ وڏين شخصيتن جي آتم ڪهاڻين وارا ڪتاب پڙهندي ڪلي ڏيندو هوس تہ انهي لکڻ ۾ آهي ڇا؟ بس واقعا ياد ڪرڻا آهن ۽ انهن کي لکڻو آهي پر جڏهن پنهنجي زندگيءَ جي واقعن کي اٿلائڻو پئجي ويو تہ ڇنيءَ جو ڪير ياد اچي ويو. هڪڙي ڳالهہ لکي ختم ڪجي ٿي تہ ٻي ڳالهہ ياد اچيو وڃي.
الائجي ڪهڙي وقت ۾ شايد ڪنهن نهايت پياري ۽ دلبر دوست جي دل رنجائي هئم جو هن پاراتو ڏنو ۽ مون کان سچ تہ مُرڪون موڪلائي ويون ۽ مون 50 سال اڳ انهيءَ ڪيفيت کي طبعيت تي هڪ بيت ۾ بيان ڪيو هو

نيسارا تي تمندا تنهنجا اهي نيڻ
سجڻ جي ان وَيڻ ساري رات رئاريو

زندگي جي ڏاڪڻ جي 76هين ڏاڪي تي پير آهي. منزل اجان بہ پري پئي ڏسڻ ۾ اچي. ڪوشش ڪريان پيو تہ اجان بہ ڪجهہ همت ڪري متي چڙهان ۽ منزل تي رسڻ لاءِ باقي جيڪي ڏاڪا چڙهڻ قسمت ۾ لکيل آهن تن تي حوصلي، همت ۽ قوت اراديءَ سان پهچي سگهان. اڳئين پيري عرض ڪيو هئم تہ سنڌ جي نامور انسانن ۽ بزرگن جي مزارن تي ٿيندڙ ادبي ڪانفرنسن جي سلسلي ۾ ٿيل ڪوششن جو ذڪر ڪندس. ان ڪري انهيءَ واعدي کي نڀائيندي يادگيرين جي مست گهوڙي کي ڪاغذ جي ميدان تي ڊوڙائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

پليٽ تہ ڪٽي ويا دانشور اسڪالر ۽ شاهہ جي ڪلام تي ريسرچ ڪندڙ ۽ رُڪي مانيءِ ملي اُنهن کي جن رنڍا روڙي پئي خدمت ڪئي آهي. اڄ جي حالتن ۾ اها ڳالهہ ڪا ايتري غلط بہ نہ آهي.

مون ڳالهہ اها پئي ڪئي تہ انهيءَ پهرين ادبي ڪانفرنس ۾ سائين ميران محمد شاهہ، سائين آغا تاج محمد، عبدالله چنا، مولانا گرامي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محبوب علي چنا اهڙا مقرر هئا جن جي مقالن ۽ تقريرن جي گونج اڄا تائين ڪنن ۾ موجود آهي. هيءَ ڪانفرنس هندو اديبن جي هلئي وڃڻ کان پوءِ پهريون پيرو ٿي هئي.

آغا تاج محمد جي تقرير جو موضوع هو: 'اقبال ۽ شاهہ لطيف' تقرير ڪندي چيائين تہ اقبال جي بي صبري تہ ڏسو چوي ٿو:

تيري شيشي مين مئہ باقي نهين هي
بتا تو ڪيا ميرا ساقي نهين هي
سمندر سي ملي پياسي ڪو شبنم
تخيل هي يہ رزاقي نهين هي

پر مرشد لطيف سرڪار الله تعاليٰ جي رزاقي، مهرباني احسانن جو ذڪر هن ريت ڪري ٿو:

ڏمرجي تہ بہ ڏئي پرچي تہ پٽ پري


غلام رباني آگرو حميد سنڌي، پروانو ڀٽي ۽ ٻيا بارگاهِ لطيف ۾ دعا گهرندي

سنڌس اهي جملا چوڻ تي پنڊال ۾ تاڙيون وڄي ويون. سيني داد ڏنو سواءِ هڪ شخص جي جيڪو ڪراچيءَ مان مهمان ٿي آيو هو. ٻُت ۾ ٿلهو وات ۾ پان، اکين تي ڪارو چشمو اهو هو 'مجيد لاهوري' جيڪو 'جنگ' اخبار ۾ ڪالم لکندو هو. ڪجهہ بہ ڪُڇي نہ سگهيو پر اسان ڏنو پئي تہ ڪرسيءَ تي اڳيان ويٺي پاسا پئي ورايائين ۽ ذري گهٽ ڪرسي ٽي ڀڳائين. ان موقعي تي هڪ مقرر ٻيو بہ آيو جنهن آغا تاج محمد جي مقالي تي ڏاڍي تنقيد ڪندي، ان کي 'جذباتي' جملا سڏيا ۽ اهو بہ چيو تہ شاهہ ڀٽائيءَ جي




امسا پاران شاهِ لطيف جي تقريب ۾ پروانو پيٽي، علي نواز نظاماڻي، تاج جويو ۽ ٻيا

ڪلام تي تحقيق ڪرڻ ڪان اڳ گفتگو ڪرڻ مناسب نه آهي. خبر ناهي ته اهو بيت به شاهه صاحب جو آهي يا نه؟ اهو مقرر اسان جي درميان موجود نه آهي الله ڪي پيارو ٿي ويو پر سندس ٻاريل ڇڻنگ اڄ به پنيت باهه جيان ٻري رهي آهي ۽ حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي هزارين بيتن ۾ واين جو جيڪو آپريشن ڪيو ويو آهي ان مان اندازو اهو ٿي ٿئي ٿو ته شايد ايندڙ صديءَ ۾ شاهه جي رسالي جي ضخامت ايتري وڃي بيهندي، جيتري هڪ سو يا ٻن سو بيتن جي ڪتابن جي ٿيندي آهي. ننڍڙا نوجوان هئاسين ان ڪري انهيءَ وقت اسان جو ڪم رڳو تاڙيون وڄائڻ هو جيڪو اڄ تائين اسان ڪان ورتو پيو وڃي ۽ اسان ڪي تاڙيون وڄائڻ، جُهمريون پائڻ، گلن جا هار پهچائڻ جي ڪم تي مامور ڪيو ويو ٿو. اُٺ تڏهن ٿي رڙيا جڏهن ٻورا ٿي سبيا. سو مرشد لطيف سرڪار جي ڪلام سان محبت جو اظهار مجيد لاهوريءَ جي انهن ڪالمن مان ٿيو وڃي، جيڪي هن ميلي جي ڪاروائي ۽ ادبي ڪانفرنس جو احوال ڏيندي لکيا هئا جن ۾ آغا تاج محمد جي تقرير تي تنقيد ڪندڙ ڪي سنڌ جو نامور اسڪالر قرار ڏنو هو. مقصد انهيءَ اديب سان محبت نه پر لطيف سرڪار جي ڪلام جي عظمت ڪي بيان ڪندڙ اديب جي حيثيت نه مڃڻ هو. مون 2009ع ڪان سواءِ هر سال ادبي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي آهي. هن سال ثقافت کاتي جي مهربانن مون مان جان ڇڏائڻ لاءِ سولو طريقو اهو اختيار ڪيو ته دعوت نامو ئي نه موڪليائون 'نه رهندو بانس نه بانسري ٽُرڻات ڪندي'

1950ع کان ادبي ڪانفرنس جي اهتمام لاءِ شاهه عبداللطيف ڀٽائي يادگار ڪائونسل قائم ڪئي وئي، جيڪا پوءِ اڳتي هلي جڏهن سرڪاري قبضي هيٺ اچي وئي ته نالو تبديل ٿي ويو: 'شاهه عبداللطيف ڀٽائي ڪلچر سينٽر'. انهيءَ ثقافتي مرڪز جي اهتمام هيٺ جيڪي ڪانفرنسون ٿيون تن ۾ نگران به وقت سان گڏوگڏ تبديل ٿيندا رهيا. مرحوم رئيس الله بخش نظاماڻي، محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه غلام مصطفيٰ قاسمي، محترم حميد سنڌي، محترم

ڊاڪٽر غلام علي الانا، محترم محمد قاسم ٻگهيو ۽ ٻيا اديب نگران ٿي رهيا. انهن ۾ بہ محترم ڊاڪٽر بلوچ ۽ محترم حميد سنڌي جي ميزبانيءَ وارو عرصو وڏو آهي.
ادبي ڪانفرنسن ۾ جيڪي مقالا ۽ شاعري پڙهبي هئي اهي ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيندا هئا، انهن ڪتابن جا ڍير اڄ بہ ثقافت کاتي جي گدامن ۾ موجود آهن، پڙهڻ واسطي وڪرو يا ٻاهر نہ ڪڍبا پر گدامَ ۾ پيا ڇڏبا تہ جيئن ايندڙ نسل جي هٿن تائين پهچڻ کان اڳ ئي ڪُوئن ۽ اڏوهيءَ جو کاڄ بڻجي وڃن.

ادبي ڪانفرنس سا بہ انهيءَ وڏي سطح جي منهنجي لاءِ هڪ نئين ڳالهہ هئي. ڪيڻ جهڙي ڳوٺ ۾ زندگي گذارڻ ۽ حيدرآباد ۾ سنڌي فائنل امتحان ڏيڻ وقت انهيءَ شهر کي ڏسندڙ نوجوان لاءِ، نہ رڳو اهو تہ سنڌ جي سداحيات شاعر ۽ مرشد لطيف سرڪار جي چائنٺ چمڻ جو موقعو مليو پر اهڙين ناميارين هستين سان بہ ملڻ جي سعادت نصيب ٿي جن جي منزلت جي انهيءَ وقت خبر نہ هئي. سندن وڇڻ پڇاڻان اهو احساس ٿيو تہ انهن بزرگن کان ڪو بہ فيض حاصل نہ ڪري سگهيس. مون کي قبلہ سائين شاهہ ڏني شاهہ جي زيارت نصيب ٿي جيڪو درگاهہ عاليہ جو سجاده نشين هو. سائين جي شفقت ۽ ننڍڙن جي مٿي تي هٿ رکڻ ۽ سندن همت افزائي ڪرڻ سبب ئي مون مرشد لطيف سرڪار جي درگاهہ تي حاضري ڀرڻ هڪ معمول بنائي ڇڏيو ۽ سالن جا سال جمعي جي رات درگاهہ تي حاضري ڀرڻ اُصول بڻجي ويو. ان دوران ڪيترائي اهڙا واقعا ٿيا جن کي جيڪڏهن معجزا چوان تہ وڌاءُ نہ ٿيندو اها ٻي ڳالهہ آهي تہ اندر جا ڪارا ڪانگ جيڪي انهن حقيقتن طرف توجهہ نہ ڏيندا آهن، سي ضرور اعتراض ڪندا ۽ سندن پيٽ ۾ ٻڙڏڪ مچي ويندو. پر مون نہ اڳ اهڙن ڪم ظرف انسانن جي پرواهہ ڪئي آهي ۽ نہ هاڻي ڪندس. اهو تذڪرو اڳتي هلي ڪندس. هينئر احوال ادبي ڪانفرنس جو آهي مون کي سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي نگرانيءَ ۾ ٿيندڙ ادبي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ سان گڏ مختلف نالي وارن اديبن ۽ پيارن انسانن سان ملڻ جو موقعو بہ مليو. سائين منظور نقوي، سائين شيخ اسماعيل، تمام گهڻو عرصو پوءِ ممتاز مرزا، انهن ادبي ڪانفرنسن ۾ نمايان خدمتون انجام ڏيندڙ جاکوڙي اديب هئا. محترم حميد سنڌي واري دور ۾ مون حقير فقير کي اها سعادت نصيب ٿي تہ اٽڪل ڏهاڪو سال اديبن، شاعرن جي هٿن ڏوٺارڻ ۽ سندن خدمت ڪرڻ جو موقعو مليو. ان بعد محترم تاج جويو ۽ ٻيا دوست ميدان ۾ آيا.


حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ادبي ڪانفرنس ۾ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو پروانو ڀٽي ۽ نوازعلي شوق

1953ع يا 1954ع ڌاري سائين پيرزاده عبدالستار جيڪو سنڌ جو وڏو وزير هو انهيءَ بہ مرشد جي درگاهہ ۾ حاضري ڀري ۽ محفل ۾ هڪ ڪافي بہ ڳائي ٻڌايائين. سن جي سائين جي. ايم. سيد، قبلہ مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ جهڙين سنڌ جي نامور هستين بہ ادبي ڪانفرنس جي رونق وڌائڻ لاءِ ڪوششون بہ ڪيون ۽ ڪيترا ڀيرا حاضري بہ ڀري. پهرين ادبي ڪانفرنس انهيءَ هنڌ ٿي هئي جتي هن وقت شاندار آڊيٽوريم موجود آهي. اديبن جي رهڻ واسطي جنهن هنڌ تنبو لڳندا هئا، اتي فنڪارن جي لاءِ هاسٽل ٺهيل آهي. فنڪارن جي هاسٽل ۾ اچبو هو تہ سنڌ جا نالي وارا فنڪار موجود هوندا هئا انهيءَ وقت يعني 1950ع کان 1960ع واري ڏهاڪي ۾ استاد منظور علي خان، استاد امير علي خان، ڊول فقير، فقير امير بخش، نارو ڀڳت، ٽينئون مل، نوجوان محمد يوسف، استاد محمد جمن، استاد محمد ابراهيم، سُشيلا مهتاڻي، روبينہ قريشي ۽ ٻيا بہ ڪيترائي نوجوان توڙي نالي وارا فنڪار ايندا هئا. جيڪي لطيف سائينءَ جي اڱڻ تي آڊيٽوريم ۾ ٿيل محفل ۾ صرف لطيف سائينءَ جو ئي ڪلام ڳائيندا هئا. هاڻي تہ 'ڳاڙهو چولو۔ ڪارو چولو' ۽ 'تنهنجي نڪ ۾ پيل قلي تان صدقي' جهڙا بازاري نغما بہ فنڪارن کان فرمائش ڪري ڳارائي ڪين انعام بہ ڏنا وڃن ٿا. ڪهڙي اوچائيءَ واري منزل تان راڳ کي ڪيرايو ويو آهي. اهو تماشو اهڙن موقعن تي ڏسڻ ۾ اچي ٿو. هاڻي تہ درگاهن تي ٿيندڙ صوفياڻي راڳ جون محفلون 'شوبز' ۾ شمار ٿيڻ لڳيون آهن. جنهن جاءِ تي نارو ڀڳت جهڙا فقير ۽ صوفي صاف دل رڪندڙ 'الله غني' جو نعرو هڻي مرشد لطيف سرڪار جي وائي سُر ڪاپائتيءَ مان 'ڪاتُ قريبن جي اڳيان ڪيم ڪتيم ڪي چا ٻڌايان' ڳائيندو هو تہ وارُ وارُ ڪانڊارجي ويندو هو. وجد جي عالم ۾ جڏهن متي تان پٽڪو لاهي گوڏن جي هيٺان ڏئي زور سان 'هون هون۔ الله غني' جا لفظ چوندو هو تہ ٻڌندڙن تي اهڙي ڪيفيت طاري ٿي ويندي هئي، جنهن کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ مون جهڙي جي وس ۾ نہ آهي. پر هاڻي انهيءَ پيٽين ڪتين ڪُٽ لوهار" وارو حال آهي.

ملڪ جي سربراهن کي جڏهن کان درگاهہ تي آٽڻ جي رسم شروع ڪئي وئي. انهيءَ وقت کان ميلي مان اها روحاني ۽ ايمان کي جلا بخشيندڙ رونق ختم ٿي وئي. پاڪستان جا صدر اچن يا گورنر جنرل، وزيراعظم اچن يا وڏا وزير يا گورنر، وزير اچن يا ايڊوائيزر درگاهن کي تالا ضرور لڳندا. درگاهہ تي آيل زائرين جيڪي سوين ميل پنڌ ڪري ۽ مفاصلو طئي ڪري زيارت لاءِ ايندا آهن، انهن کي موچڙا هڻي، لٺيون وسائي زوري ڌڪي ٻاهر ڪيو ويندو آهي. جيڪا پريڪٽس اڄا تائين نہ رڳو جاري آهي پر انهيءَ تشدد ۾ ايترو اضافو ٿيو آهي جو ميلن جا ميل ٽريفڪ بند ڪئي وڃي ٿي؛ جيئن عوام جو چونڊيل نمائندو عوام کي موچڙا هڻائي، بڇڙو ڪرائي، سندن روزگار بند ڪرائي پوءِ درگاهہ تي هڪ ڪلاڪ لاءِ

وجي فوٽو ڪيرائي رسمي طرح راڳ ٻڌي ۽ آفيسرن سان هٿ ملائي هليو ويو. انهيءَ وقت جو نظارو ڏسڻ وٽان هو جڏهن غلام محمد گورنر جنرل کي زوري ويل چيئر تي ڪٽائي اسان جا ڪامورا پهتا هئا تہ جيئن اهو گورنر جنرل سنڌ جهڙي شاندار ڪارڪردگيءَ سبب کين ڪجھ گريڊ وڌائي ڏئي. پوءِ غلام محمد گورنر جنرل کيئن بوٽ لاٿا، ڪنهن لاٿا، سا بہ ڪا لڪل ڳالھ ناهي. چاڪاڻ تہ هن جي تہ 'ڳڳ' ٻيئي ڪانہ تي سنڌس ڳچيءَ ۾ هڪ ڪپڙو ٻڌو ويو هو ۽ سنڌس زبان مان جيڪي گلاب جا گل ڇٽي نڪتا، اُهي بہ انهيءَ وقت جي آفيسرن کي ياد هوندا جيڪڏهن اڃا زنده آهن تہ. بهرحال اهو تماشو بہ ڏسڻ جهڙو هو جيڪو سيني ڏٺو. هڪڙي 'لنگڙي' کي خوش ڪرڻ خاطر درگاھ تي زائرين کي ڏنڊا هڻي ٻاهر ڪڍيو ويو ۽ ميدان کي ڪليئر ڪيو ويو. سيڪيورٽي جي مصيبت انهيءَ ڏينهن کان جيئن شروع ٿي آهي تيئن ان ۾ گهٽتائي نہ آئي آهي بلڪ اضافو ٿيندو رهيو آهي پر اهڙا بہ سنڌ جا سرويچ نوجوان هئا جن انهيءَ سخت سيڪيورٽي هئڻ جي باوجود اولھ پاڪستان جي گورنر ملڪ امير محمد خان کي يادداشت نامو وڃي هٿن ۾ ڏنو. ٽرٽلو مچي ويو ۽ ائين سمجهو تہ زلزلو اچي ويو. ننڍڙو ڇوڪرو آخر هيتري سخت سيڪيورٽيءَ جو ڪارو مُنهن ڪري گورنر تائين ڪيئن پهتو. بس ڏسڻ جهڙو نظارو هو.

دلبر يار آفتاب چنا جيڪو اِدي مهتاب اڪبر راشديءَ جو ڀاءُ آهي، اهو سنڌ جي ٻارڙن جا مسئلا پيش ڪرڻ لاءِ گورنر تائين پهچي ويو. گورنر جون مُڇون پيون ڦڙڪن 'لا ائنڊ آرڊر' وارا شهپر هيٺ مٿي پيا ٿين. جنهن 'لا ائنڊ آرڊر' کي هڪ ننڍڙي ٻار ڏُوڙ ڪري ڇڏيو هو. هن ٻار کي ايڏي همت ان ڪري پيدا ٿي جو هو 'ٻارڙن جي ٻاري' جهڙي سنڌ اندر وڏي تنظيم جو ميمبر هو جنهن جو انچارج ان وقت نوجوان پير مظهر الحق هو. پير مظهر جهڙي سنڌ جي سپوت ۽ مهتاب اڪبر راشديءَ جهڙي باهمت ڀيڻ جي پنيرائيءَ سبب پيارو ۽ ڏاڍو قربدار انسان آفتاب چنا جيڪو ان وقت 12 سالن جو ٻار هو ايڏو شاندار ڪارنامو سرانجام ڏئي سگهيو. هي ڳالهيون وسارڻ جهڙيون ناهن.

پاڪستان جي گاديءَ تي ويهندڙ صدر توڙي گورنر چادرون بہ پئي چاڙهيون آهن ۽ راڳ ڪانفرنس بہ پئي ٻڌي آهي پر رُڳو اعلان ڪرڻ کان پوءِ ان جي ڪابہ پوئواري نہ ڪندا آهن. سچ تہ موجوده آڊيٽوريم جي رٿا سائين جي. ايم. سيد ۽ پيرزاده عبدالستار جي ڪوشش جو ثبوت آهي ۽ ان کي پايہءِ تڪميل تائين پهچائڻ ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ سنڌ نياڻي شهيدِ جمهوريت محترمہ بي نظير ڀٽو جون وڏيون خدمتون ۽ ڪوششون آهن. جو اڄ مرشد لطيف سرڪار جي درگاھ جي اڱڻ تي هزارين زائرين آرام سان ويهي سگهن ٿا ۽ زيارت ڪرڻ بعد آرام سان راتيون گذاري سگهن ٿا. اها سعادت بہ محترمہ شهيد راڻي بينظير ڀٽو کي نصيب ٿي جنهن جي دور ۾ 'گنج شريف' شايع ٿيو ۽ محترمہ پاڻ ڀٽ شاھ اچي

درگاهہ جي سجاده نشين قبلہ سائين غلام شبير شاهہ محترمہ سان گڏ گنج شريف جي پڙهائيءَ واري تقريب ۾ حصو ورتو. هر سال ٿيندڙ عرس جي تقريبن جون تمام گهڻيون يادگيريون آهن. جيڪي هن وقت بہ فلم جي رِيل جيان اکين اڳيان پيون هلن پر 'ماٺ ڪريان تہ مشرڪ ٿيان ڪڇان تہ ڪافر' وانگر ڇا ڪريان؟ جي لڪان ٿو تہ ڪيترائي پوڙها دانشور چڙي پوندا تہ سندن شان ۾ گستاخي ڪئي وئي آهي، نہ تہ حقيقت اها آهي تہ اگر اهي دانشور مرشد لطيف سرڪار جي ڪلام ۽ پيغام جو سهارو نہ وٺن ها تہ اڄ سندن نالو وٺي تي بہ نہ هجي ها.

ڪجهہ سال تہ ائين بہ ٿيو تہ اها ادبي ڪانفرنس حيدرآباد شهر جي ايئرڪنڊيشنڊ هال ۾ منعقد ڪئي وئي. سبب اهو هو تہ اسان جا ڪيترائي نرم ۽ نازڪ مزاج اديب آفيسر جن کي سسئيءَ جا سُور بيان ڪندي ۽ جبل جهاڳڻ وارن بيتن جي تشريح ڪندي وات مان گِف پئي وهندي آهي. انهن طوطي جهڙي مزاج رکندڙ آفيسر اديبن کي گرميءَ ۾ شديد تڪليف ٿي پهتي. ان ڪري پٽ شاهہ بدران حيدرآباد ۾ ڪانفرنس منعقد ڪئي وئي. مون کي ياد آهي تہ محترم حميد سنڌي، محترم نازڻ سائين ۽ مون گڏجي ڪيترين ئي تارون ڪيون. اخبارن ۾ مراسلا شايع ڪرايا پر وريو سريو ڪجهہ بہ نہ! پوءِ جڏهن پٽ شاهہ ۾ ايئر ڪنڊيشنڊ هال تيار ٿي ويو تہ ڪانفرنسون بہ اتي ٿيڻ لڳيون. اها مهرباني ايئرڪنڊيشنڊ هٽائيندڙ ڪامورن جي آهي، جن سنڌ جي اديبن کي هڪ ڀيرو وري پٽ شاهہ جهڙي مرڪز تي اچڻ جو موقعو ڏنو. نہ تہ سٺ سال اڳ انهن واريءَ جي دڙن تي لڳل پنڊال ۾ اديبن کي اچڻ جي جيڪا سِڪ هوندي هئي اها ڏسڻ جهڙي هوندي هئي. ڇا جا ياڙا ڪهڙيون مراعات ۽ سهولتون. هاڻي تہ هزارين روپين جو ٽي اي ڊي اي جيسين نٿو ملي، تيسين اسان جو اديب ٿيلهو ڪڻي هلڻ جهڙو نٿو ٿئي.

درگاهہ تي ٿيندڙ راڳ لاءِ اهو مشهور هو تہ صرف جمعي جي رات راڳ ٿئي ٿو جيڪو صحيح نہ هو. برابر شروعاتي دور ۾ ائين ٿيندو هوندو پر هاڻي تہ ڏينهن جو بہ درگاهہ جي دروازي جي بلڪل سامهون لطيفي تند وڄندي آهي. لطيف جي تند ۽ دروازو بند نہ ٿيندو آهي. اهڙو اظهار مون ڪيترين ئي تقريرن ۾ ڪيو آهي ۽ اڄ بہ اها لطيفي لات جاري آهي. جن بہ لطيف جي دروازي کي بند ڪيو تن جا پنهنجا دروازا بند ٿيندي ڏٺاسين.

لطيفي لات جي ڳالهہ نڪتي آهي تہ هڪ واقعو ياد اچي ويو. اڄ کان ڏهاڪو سال اڳ محرم الحرام جي ڏينهن ۾ آءٌ ۽ سائين شفيق حيدر موسوي درگاهہ تي حاضري ڀرڻ، ڪيڏارو پڌڻ ۽ مجلسِ عزا ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وياسين. جتي اهو وچن ڪيوسين تہ حيدرآباد ۾ هاڻي 'امسا طرفان شامِ لطيف' جو سلسلو شروع ڪيو ويندو. الحمدالله ـ اهو واعدو پورو ڪيوسين اڄ تائين اهو لطيفي لات وارو سلسلو جاري آهي. پهرين نشست سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ ٿي. جنهن جو خاص مهمان سيد علي مير شاهہ هو ۽ ان کان پوءِ شامِ لطيف يا يومِ لطيف جو پروگرام باقائدگيءَ

سان ٿيندو رهي ٿو. سنڌ جي قابلِ احترام اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر غلام علي الانا پنهنجي هڪ "ڪِي نوٽ" ۾ جيڪو هن ادبي ڪانفرنس جي موقعي تي پڙهيو هو ان ۾ "امسا" جي اهڙين سرگرمين کي ساراهيندي ڪنهن ايوارڊ ڏيڻ يا ڪا تعريفي سند ڏيڻ جي سفارش ڪئي هئي پر ان ڳالهه کي به ڪنهن نه ٻڌو. چاڪاڻ ته انهيءَ پروگرام جي پويان هڪ فقير ۽ بنا گريڊ واري مرشد لطيف سرڪار جي درگاهه جي پانڌيئڙي جون ڪوششون هيون ان ڪري ان کي اهڙي انداز سان نوازڻ ۾ گهٽتائي محسوس ڪئي وئي. هيءَ ڳالهه ته 'برسبيل تذڪره' ٿي وئي نه ته هرويرو يارن کي ميار ڏيڻ مراد نه هئي.

ڪوشش ڪندس ۽ حياتيءَ ساٿ ڏنو ته ايندڙ پرچن ۾ مرشد قلندر شهباز ۽ سچل سائينءَ جي ميلن تي ٿيل ادبي ڪانفرنسن ۽ ان ۾ پڙهيل علمي مقالن ۽ هاڻي ٿيندڙ ڏاڍاين جو ذڪر ڪندس. يادگيرين جي وهندڙ درياءَ ۾ آئ پاڻ هن وقت لُڙهندو پيو وڃان.

پٽ شاهه ۾ مرشد جي ميلي جي وچين ڏمال جي موقعي تي سڄي سنڌ جا شرناءِ نواز فقير اچي حاضري ڏيندا هئا. ڏاڍو وڻندڙ نظارو ٿيندو هو. سائين عارف المولي مرحوم جهڙي محبوب شخصيت نمايان هوندي هئي، جيڪا فنڪارن جي همت افزائي پئي ڪندي هئي يا سيئي راڳي فقير گڏجي "سنگ" جي صورت ۾ ڳائيندا اچي مرشد جي مزار تي چادر چاڙهيندا هئا. اهي روايتون، اهي ريتون، اهي رسمون، اهي يادگار گهڙيون وقت جي تيز وهندڙ وهڪري ۾ گم ٿي ويون آهن. شايد ايندڙ ڪجهه سالن کان پوءِ اهي ڪنهن کي ياد به رهنديون يا نه؟؟ ان ڪري ٿورو ئي سهي پر ڪجهه نشانديهي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. منهنجي زندگي سڄي سُورن سان پريل آهي، پر مرشد لطيف سرڪار جي بارگاهه ۾ پهچڻ ۽ عقيدت سان گوڏا کوڙي پٽ تي ويهي دعا گهرڻ سان الله رب الڪريم، اهي سڀ تڪليفون دُور ڪري ڇڏي ٿو. جن جي عذاب کي پوڳڻ جي مون مسڪين ۾ طاقت ئي ناهي.

تون حبيب تون طبيب تون دردن جي دوا
جانب! منهنجي جيءَ ۾ آزار جا انواع
صاحب! ڏي شفا، ميان مريضن کي.

حياتي آهي ۽ صحت سلامت آهي ته ذهن ۾ موجود يادگيرين کي پنهنجي سوانح حيات لکندي ضرور بيان ڪندس. پوءِ پل ڪير ڪاوڙجي يا ڦوڪجي، سچ چوندي يار رُسي ٿو ته رُسڻ ڏينس.

(هلندڙ)

◈

# دل جي دفتر مان

•

## قاضي خادم



عيد جي موقعي تي هالا پراڻا جا قاضي - قاضي عبدالواحد، قاضي هدايت الله، قاضي محمد لائق، قاضي مشتاق، قاضي محمد تقي، قاضي مريد علي، قاضي اميد علي، قاضي غلام قادر، قاضي غلام محمد، قاضي فتح الله، قاضي محمد شريف ۽ ٻيا

اسان جي ننڍپڻ ۾ باٽا جا بوٽ، سينڊل ۽ چمپلون (جنهن کي "سپاٽا" چيو ويندو جيڪي ٻن قسمن جا هوندا هئا. هڪڙا ڳاڙهي چمڙي جا ۽ ٻيا ڪاري رٻڙ جا جنهن کي ٻه اکيون هونديون هيون)

مونکي باٽا جا بوٽ ۽ سپاٽا اصل ڪونه وڻندا هئا. مونکي ڪريپ سول جو بُوٽ وٺندو هو ليڪن بابا جيڪي وٺي ايندو هو اهو ئي پائڻو پوندو هئو. بابا سيني ٻارن جا پير پني تي رکي چوڌاري ليڪا پائي، ماپ ناهي، پاڻ وڃي بوٽ وٺي ايندو هو. حيدرآباد جي شاهي بازار ۾ فردوس ۽ پلازا بوٽ هائوس هوندا هئا، جن جا مالڪ شيخ به بابا جا دوست بڻجي ويا هئا. ان ڪانسواءِ سياري ۾ هڪ ٽوپ به ملندو هو جيڪو گرم اُن جو ٺهيل هوندو هو ۽ جيڪبو هو ته ڪُلي وڃو ٿي، سڄي منهن کي ڍڪي ڇڏيندو هو رڳو اکيون ۽ نڪ ظاهر ٿيندو هو. ان کي "هول" چوندا هئاسين. ڪپڙا به بابا پنهنجي پسند جا آڻيندو هو جنهن ۾ رنگين ليڪن واريون قميصون ۽ اڇي هرڪ (پٽئي) جون سلوارون هونديون هيون. سلوارون ته گهر ۾ ئي سبجنديون هيون. باقي قميصون مرزا عنايت علي يا مرزا نذر کان سبائيندا هئاسين. اهي ان وقت حيدرآباد جا

مشهور درزي هئا. هڪ شيخ صاحب بہ درزي هو جيڪو ويهارو سال اڳ تہ مون ڏٺو هو. هير آباد ڏانهن ويندڙ رستي وٽ دڪان هوندو هوس. سلوار قميص جو ماهر ڪاريگر هو. پوءِ تہ جيئن درزي وڌندا ويا، اگهہ بہ وڌندا ويا. اسان ڪمپليٽ سوٽ ٻن سون ۾ بہ سبرايا ۽ هاڻ ٽن هزارن کي اچي ڏڪ هنيو اٿن. مون 1961ع ۾ گيبرڊين جو سوٽ سبرايو هو، جيڪو شايد ٻن سون ۾ پيو هو.

★★★

ڪراچيءَ ۾ هڪ نهايت پراڻو سنڌي درزي عنايت الله مغل هوندو هو جنهن کان گهڻو ڪري ڳوٺن مان پڙهائيءَ لاءِ ڪراچي ويندڙ ۽ سنڌي آفيسر طبقو ڪپڙا سبرائيندو هو. "مغل عنايت الله اينڊ ڪو"، ان وقت ۾ هڪ مشهور نالو هو. هن ڪپڙو بہ رکڻ شروع ڪيو هو تنهنڪري صرف دڪان تي وڃي ڪپڙو پسند ڪري اچڻو پوندو هو. بابا جڏهن نئين ۾ R.M هو تہ ڪراچيءَ وڃي هن وٽان ووسٽيڊ ڪلاٿ جي سرمائي سوٽ جو آرڊر ڏئي آيو هو. هُن وري ڇا ڪيو جو بہ سوٽ ساڳئي ڪپڙي جا سڀ موڪلي ڏنائين. بابا کي پهرين تہ خبر ڪانہ پئي پر جڏهن هڪ سوٽ پائڻ کان پوءِ ٻئي جو وارو آيو تہ ڏسي اهو بہ ساڳيو. پوءِ ڪاوڙ تہ ڏاڍي آيس پر تعلقات جي ڪري ڪجهہ چئي نہ سگهيو البتہ هن کان سوٽ سبرائڻ بند ڪري ڇڏيائين.



هالا پراڻا جي قاضين جي عيدگاهہ ۾ وڙتل هڪ يادگار تصوير

★★★

1960_70 واري وقت شهرن ۾ هڪ رنگ جو وڳو پائڻ جو رواج ڪونہ هو. هميشہ سلوار پٽڻي جي جنهن کي هرڪ چئبو هو ۽ قميص بوسڪيءَ جي يا وري پاپلين جي نهرائبي هئي. ليڪن ريشمي قميص جو رواج بہ عام هئو. آءٌ جڏهن ڇاڇري ۾ هئس تہ اتي وري هڪ ئي رنگ جي سلوار قميص جو رواج ڏٺم ۽ مون بہ هڪ رنگا ڪپڙا پائڻ شروع ڪيا. هڪ دفعي بليو رنگ جي سلوار قميص پائي حيدرآباد آيو هئس تہ سڀ مون تي کلڻ لڳا. ڪن تہ مونکي جٽ بہ چوڻ شروع ڪيو. ليڪن وقت بدليو تہ فيشن بہ بدليا ۽ هاڻ هڪ رنگ جا سلوار قميصون پائڻ عام رواج آهي، ورلي ڪو ماڻهو سفيد سلوار ۽ رنگين قميص ۾ نظر ايندو بلڪ اڳ ريشم کي ڪاٽن تي فوقيت هوندي هئي ليڪن هاڻ ڪاٽن جو ڪپڙو بہ وڏ ماڻهپي

جي نشاني بنجي ويو آهي. اهوئي بافتو جنهن مان سوڙن جو ڇهون سبجنديون هيون يا غريب غربو پائيندو هو اڄ ڏوٺاريءِ ڪلف لڳائي ڪاٽن جو نالو ڏئي پائڻ ۾ اسين فخر ٿا ڪريون. البت مليشا نالي ڪپڙو هاڻ ڪونه ٿو نظر اچي جيڪو ڪنهن زماني ۾ گورنمينٽ جي اسڪولن ۾ ٻارن جو عام يونيفارم هوندو هو.

★★★



مادري زبان جي ڏهاڙي تي مهراڻ ٽي.ويءَ طرفان
ڪوئايل مذاڪري ۾ ڊاڪٽر قاضي خادم،
ڊاڪٽر فهميده حسين، انعام شيخ ۽ ٻيا

ڪو وقت هو جڏهن بوٽ به پير جي ماپ تي ٺاهيا ويندا هئا. سوچي اهو ڪم ڪندا هئا ۽ موچي مرمت جو ڪم ڪندا هئا. مون پاڻ اسٽيشن روڊ تي پڪا پير چاڙهيءَ جي سامهون هڪ اهڙي ڪاريگر کان بف جو بوٽ ٺهرايو هو جنهن جو دڪان اڄا تائين اتي موجود آهي ۽ سندس ۽ همشڪل پٽ ڪم ٿو ڪري هن ڪاريگر جو چوڻ هو ته انسان جا ٻئي برابر ڪونه ٿين تنهنڪريءَ ماپ به جدا جدا وٺندو هو پر هن جو ٺاهيل بوٽ پير ۾ وجهبو هو ته لڳندو هو ته پير محبوب جي هٿن ۾ اچي ويا هجن. ساڳي طرح استاد نذر به ڪوٽ ٺاهڻ مهل سڌو بيهاري چوندو هو "ليفٽ شولڊر ڊائون!" يعني پاڻ کي ڍرو ڇڏي ڏيو ته ڪابو ڪلهو خودبخود هيٺ ٿي ويندو ۽ پوءِ ماپ وٺندو هو ۽ هن جو ٺاهيل ڪوٽ پائبو هو ته به ائين لڳندو هو ڄڻ محبوب ڀاڪر ۾ جهلي وڏو هجي.

★★★

ريڊي ميڊ جو رواج دير سان پيو. ريڊي ميڊ پائڻ ڪا عزت جي نشاني ڪونه هوندي هئي. آرڊر تي ٺهرايل وڳي ۽ بازاري وڳي ۾ اهڙو فرق هوندو هو جهڙو بازاري نانَ ۾ ۽ ماءُ جي هٿان ٺهيل ڦلڪي ۾ هوندو آهي. ليڪن جيئن جيئن درزين اگهه وڌايا تيئن ماڻهن ريڊي ميڊ تي زور رکيو جيڪو وڌيڪ سستو هوندو هو. منهنجو قد اهڙو آهي جو ريڊي ميڊ ڪپڙو ڪڏهن به پورو ڪونه آيم. هميشه ان کي وري درزيءَ جي حوالي ڪري آلٽريشن ڪرائڻي پوندي هئي. تنهنڪري مون اڄا تائين ڪپڙا درزيءَ کان سبرائي پائڻ کي وڌيڪ پسند ڪيو آهي.

★★★

لنڊا بازار جا به ڪي اوج هئا. ان جو نالو سڀ کان پهرين لاهور ۾ مشهور ٿيو. جتي هڪ مڪمل بازار ان نالي سان هوندي هئي جنهن ۾ ٻاهرين ملڪن ۾

انٽري ذريعي مرڪزي حڪومت ۾ ڊپٽي سيڪريٽري کان جوائنٽ سيڪريٽري تي رهيو. اوورسيز ايمپلائمنٽ ڪارپوريشن جو ڊائريڪٽر، ڪيو اي ايس سي جو ميمبر فنانس، نشنل سيونگس سينٽر جو چيف ڊائريڪٽر، سول ايوي ايشن اٿارٽي جو ڊائريڪٽر فنانس، ريهبليٽيشن آف بهاريز جو ڊائريڪٽر جنرل تي رهيو. ليڪن هو جهڙو ان وقت هو جڏهن مخدوم غلام حيدر هاءِ اسڪول هالا نوان ۾ غلام حسين خاصخيلي، عبدالقدوس علوي، منور ارباب، علي محمد ميمڻ، سليم ميمڻ، مخدوم امين فهيم جو ڪلاس فيلو هو ۽ هالا پراڻا جي قديم خاندان، قاضين جي روايتن جو مثال هو. وڏي کان وڏو عهدو حاصل ڪرڻ تائين ساڳيو رهيو بلڪ سچي عمر منور ارباب، علي محمد ميمڻ، ڏني بخش سومرو ۽ مشتاق منگي کانسواءِ صرف هڪ ڪراچي واسي مسعود دوست رهيس.


قاضي خادم جا پائر: منظور قريشي، الطاف قريشي (ڪڇ ۾ قاضي خادم جو پوٽو ۽ الطاف جو ڏوهٽو معظم) ۽ چاچو قاضي مريد علي

جڏهن هو هالن ۾ رهندو هو ته وڏي صفحي جي ديوار تي رنگين ڪاغذن جي ڪاتر سان تاج محل ٺاهيائين، اُتر ۾ گلن جون ٻاريون لڳايائين. پنهنجي سائيڪل کي نهايت سينگاري سنواري رکندو هو. پني ۽ پينسل سان گراف ٺاهي. دليپ، راجڪپور ۽ ٻين جون تصويرون ٺاهيندو هو ۽ سريلو هئڻ سبب فلمي گانا به ڳائيندو هو. هن اسان جي عزيزن امير اختر ۽ عزيز اختر جي شاديءَ ۾ خوب گانا ڳايا. انهن مان هڪ مونکي ڏاڍو وڻندو هو. اهو دل نادان جو گانو هو جيڪو طلعت محمود تي ئي فلمايو ويو هو.

*زندگی دینے والے سُن، تیری دنیا سے دل بھر گیا۔*
*میں یہاں جیتے جی مر گیا۔*

خود بابا به هن کي ويهاري گانا ٻڌندو هو. مونکي چٽي طرح ياد آهي ته 1955ع ۾ جڏهن بابا سيوهڻ جو مختيارڪار هو ۽ دادا موڪلن ۾ اسان وٽ رهيل هو بابا روز رات جو هن کي پاڻ سان ويهاري هن کان گانا ٻڌندو هو.

فرمائشي پروگرام جو به شوقين هوندو هو. خود به آل انڊيا ۽ ڪراچي ريڊيو تي گانن جي فرمائش موڪليندو هو ۽ پوءِ پنهنجو نالو ٻڌڻ لاءِ ريڊيئي کي ڪن ڏيو ويٺو هوندو هو. ان وقت اسان وٽ فلپس جو بجليءَ تي هلندڙ ريڊيو هو جنهن کي هو چڙيندو ئي ڪونه هو ۽ نيٺ پاڻ ڪٽي ويو.

هن وٽ رڪارڊن جو وڏو تعداد هو جيڪو آخر تائين سانڍيندو آيو. آخر ۾ ته ڪمپيوٽر تي، سوين پراڻا ۽ نوان گانا ڊائون لوڊ ڪري ڇڏيائين. هميشه چوندو هو ته منهنجي دلي خواهش اها رهي آهي ته ڪٽ اچي اجري هنڌ واري هجي، سيرانديءَ ريڊيو رکيل هجي ۽ چانهه جو ڪوپ هجي. بس وڌيڪ ڪجهه نه گهرجي. ليڪن سير سفر جو به شوقين هو. پاڻ منور ارباب ۽ مشتاق منگيءَ سان ٽرين ذريعي ڪوئيٽا، ايران، ترڪي ۽ لنڊن جو چڪر هڻي آيو. پوءِ ته هر سال ڪنهن نه ڪنهن ملڪ ضرور ويندو هو. به دفعا مونکي به وٺي ويو. هڪ دفعو لنڊن ۽ ٻيو دفعو بينڪاڪ سينگاپور. هر شهر ايئن ڏٺل وائٺل هئس جيئن هالا پراڻا. آءٌ به اهي ملڪ هن جي ڪري ئي گهمي سگهيس ڇو جو هو گهٽ ۾ گهٽ خرچ سان سفر ڪرڻ جا طريقا ڄاڻندو هو. انهن سفرن جو ذڪر ته پيو ڪبو. ڪيترائي مزيدار واقعا ۽ دلچسپ حادثا آهن جيڪي هڪ ئي وقت بيان نه ٿا ٿي سگهن. جيئن جيئن يادن جي تهه خانن مان جهاتيون پائيندا تيئن لکبا ويندا.

سندس آخري پوسٽنگ به سال ڊائريڪٽر جنرل بهاريز طور رهي، جتي سندس مطابق ٻن سالن ۾ هن کي نه ڪو سرڪاري خط مليو ۽ نه ئي ڪم ڪار جو ڪو پتو هو. سو جڏهن هو رٽائر ٿيو ته مون پڇيومانس ته، "دادا، رٽائرمينٽ ڪانپوءِ ڇا ٿا سمجهو؟" ته چيائين، "آءٌ ته ٻن سالن کان رٽائر ئي هوس، ڇو جو نه هو ڪم نه ڪار. بس آفيس ۾ پگهار."

هو جڏهن ڪي. اي. ايس. سي ۾ هئو تڏهن ڪراچي ۾ هڪ نئين ڪالوني "دادا پائي ڪالوني" ۾ پلاٽ وٺي جڳهه ٺهرايائين. ڪي. اي. ايس. سي ۾ بجلي، گئس، مفت هوندا هئا ۽ گهر جو فرنيچر به ڪارپوريشن ڏنو هو. پاپي چوندي هئي ته "ادا باقي گوشت، گيهه، ڪنڊ ۽ چانور وٺي ڏين." وري جو گهر ٺهرايائين ته ريتي ۽ بجري به مفت. ڏيڊ سؤ فٽ ڪاٺ مفت. هو چوندو هو "هن ڪارپوريشن ۾ هوندا اڪارڊ ڪار، پيٽرول، ٽيليفون مطلب ته هر سهوليت مفت آهي، باقي ڇا گهرجي." ليڪن هر هنڌ هن مان صرف هيٺيون اسٽاف خوش رهندو هو. وڏا آفيسر ناراض رهندا هئا ڇو جو هو نه سفارش ڪندو هو نه ٻڌندو هو قانون تي هلندو هو. وقت جو پابند هوندو هو تنهنڪري وقت تي آفيس ويندو هو ۽ وقت تي واپس ورندو هو. ماني گهران ٻڌي کڻي ويندو هو ۽ جي ڪو دوست يا مهمان آيو ته اسٽوڊنٽ برياني کارائيندو هوس يا وري گاڏيءَ ۾ چڙهي صدر ۾ ڪمشنر آفيس جي ٻاهران پُوريون ۽ دال وٺي کارائيندو هوس. جڏهن ته سندس اسسٽنٽ به فائيو اسٽار هوٽل کان گهٽ جي ڳالهه ڪونه ڪندا هئا.

هڪ دفعي سول ايوي ايشين واري آفيس ۾ ويومانس ته منجهند مهل لنچ باڪس کولي تريل پينديون ۽ ماني ڪديائين. سندس هڪ اسسٽنٽ، جيڪو فري به هوس، تنهن چيو ته "سر آج تو آپ ڪي پائي آئي هين، يه جو ايئرپورٽ

ڪي طرف سي فائيو اسٽار هوٽل ڪي ڪوپن ملتي هين ڪس دن ڪام آئين گي“ تہ هن کي چيائين ”منهنجو پاڻ بہ پينبيون پسند ڪندو آهي.“ جڏهن تہ مونکي اسسٽنٽ جي ڳالهہ ڏاڍي وڻي هئي.

هن فردوس، فلمي دنيا ۽ ٻين رسالن ۾ قاضي مشتاق ۽ پوءِ بابا جي خوف کان مشتاق شميم جي نالي سان افسانا بہ لکيا. جيڪي ان وقت ماڻهن پسند ڪيا. هن مونکي سندس ترڪيءَ ۾ هڪ افيئر بابت افسانو ”آئشي“ ۽ ٽائٽينڪ تي هڪ مضمون بہ لکي ڏنو هو جيڪو آءٌ وقت سر ڇپائي نہ سگهيس ۽ پنائي غائب ٿي ويا. شمشيرالحيدري، آغا سليم، قبول ابڙي، پرواني ڀٽي ۽ ٻين اديبن سان بہ دوستي هئس. آغا ۽ شمشير سان تہ تمام ويجهو هو. چنا شبير بہ هن سان ڪافي ويجهو هو. آغا، چنا شبير ۽ حسن ڀٽي سان هن جي ملاقات جا واقعا تمام مزيدار آهن. هو سيني سان نيائيندو آيو. ظهور انصاري ۽ نياز همايونيءَ سان بہ منهنجي خادم وطن واري دور ۾ گهڻيون ڪچهريون ڪيائين. ليڪن ملاقات ۾ دير ۽ دوريءَ پنهنجو اثر ڏيکاريو هو. حيدرآباد ايندو هو تہ الانا صاحب سان بہ ملاقات ضرور ڪندو هو. ڇو جو هن جو شاگرد بہ رهيو هو. مظهرالحق صديقي جي بہ تمام گهڻي عزت ڪندو هو. جنهن ڪنهن وقت سندس تمام گهڻي مدد ڪئي هئي.

دادا مشتاق کي، بابا وانگر ڪو ماڻهو وڻيو تہ واهہ واهہ ۽ ڪو نہ وڻيو تہ ان جي ڪا بہ ڳالهہ ڪانہ وڻنديس. پر جيڪڏهن ڪيس لاجڪ سان ٻڌائيو هو تہ مڃي وٺندو هو. هڪ دفعي جڏهن هو KESC ۾ هو تہ هڪ دوست پنهنجي انجنيئر پاڻ لاءِ سفارش ڪئي تہ هن کي فلاڻي جڳهہ تان هٽائي فلاڻي جڳهہ تي رکو. دادا چئي، ”اهو مونکان نہ ٿيندو. هُو سٺي جڳهہ ڏسي اُتي وڃڻ ٿو چاهي.“ مون چيومانس، ”ڀلا جي هو ڪنهن چڱي جڳهہ تي وڃڻ چاهي ٿو تہ اهو چاهڻ هن جو حق آهي. ڪير آهي جو الهداد چنڊ جي ڳوٺ ۾ دڪان کوليندو. هرڪو تلڪ چاڙهيءَ تي ڪارو بار ڪرڻ چاهيندو.“ اهو ٻڌي چيائين، ”اها تہ ڳالهہ آهي“ پوءِ مون چيومانس ”هاڻ جڏهن خدا ان قابل ڪيو آهي تہ ڪنهن دوست کي Oblidge ڪري سگهجي تہ پوءِ ڇو نہ ڪجي.“ پاڻ ضد تان لهي ويو ۽ هن جي مدد ڪيائين.

هو سٺن ڪپڙن، سٺن پرفيومس ۽ سٺن گانن جو شوقين بہ هو تہ سٺن ڇهرن جو بہ شائق هو. اهو ئي سبب هو جو پهرين شادي پنهنجي پسند سان ڪيائين ليڪن ان جو انجام سٺو نہ ٿيو. تنهن جو هن کي اندر ئي اندر ۾ صدمو هو. مونکي هميشہ اهو خيال هوندو هو تہ اهو صدمو ڪڏهن ڪو رنگ نہ ڏيکاري. ليڪن هن ڪڏهن شڪست جو اظهار نہ ڪيو.

هن جي بهادريءَ جو اندازو تڏهن ٿيو جڏهن هن کي خبر پئي تہ کيس ڪينسر آهي. ليڪن ان بيماري جو ڊپ هن کي پنهنجي معمولات کان پري نہ رکي سگهيو. آءٌ جڏهن سائٽس او. آءِ. بي اسپتال ۾ ملڻ ويو هوس تہ اهو سندس تقريباً آخري وقت هو جو چند ڏينهن کان پوءِ هو هن دنيا مان هليو ويو. ليڪن اتي،

مونکي چيائين ”ابو مونکي هلڻ جهڙو ٿيڻ ڏي، پاڻ هڪ چڪر بينڪاڪ جو ضرور هڻنداسين. پر هن دفعي جي مساج هائوس ۾ نہ هلين تہ بہ ڪنهن حجامڻ کان وار ضرور ڪٽائيندين“. مون چاهيو تہ آءٌ مرڪي ڪجھ چوانس پر مُرڪ منهنجي منهن تي نہ آئي ۽ آءٌ ڪيس پاڪر پاڪر پائي لڙڪ لڪائيندو اسپتال مان هليو آيس. دادا ۽ منهنجو ساٿ هميشہ رهيو. آءٌ ڪٿي بہ هوندو هوس، هو مون وٽ ايندو هو. هو ڪراچيءَ مان حيدرآباد ايندو هو تہ آءٌ بہ هر وقت هن وٽ وڃڻ لاءِ بي قرار هوندو هوس. وري جو اسلام آباد ويو تہ آءٌ اوڏانهن بہ وڃي نڪرندو هوس ۽ هو بہ ڪو نہ ڪو چڪر ڪڍي حيدرآباد ايندو هو. پوءِ تہ قدرت اهڙا رستا کولي ڇڏيا جو ڪانفرنس ۾ گڏجاڻين ۾ سال ۾ بہ ٽي دفعا اسلام آباد وڃبو هو ۽ پوءِ آءٌ ۽ دادا ڪار ۾ چڪر پيا هڻندا هئاسين، روز اينڊ جيسمين گارڊن، مرگلہ، شڪر پيڙيان، آب پاره، مري ۽ نٿيا گلي بہ. گاڏي ۾ پراڻا گانا پيا وڄندا هئا ۽ اسين پنهنجي زندگيءَ جي هر پهلوءَ تي گفتگو ڪندا، چرچا ڪندا، کلندا ٽهڪ ڏيندا هئاسين. وري جڏهن ڪراچيءَ آيو تہ بہ گڏجي سمنڊ جي ڪناري تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ وڃي ويهندا هئاسين ۽ مستقبل جا پروگرام ٺاهيندا هئاسين. مستقبل جنهن جي ڪا ڄاڻ نہ هوندي بہ مٺو اُميد جي سهاري ان جي اوسيئڙي ۾ رهندو آهي. ڪراچي وڃان ۽ اسين سمنڊ تي نہ وڃون، اها اڻ ٿيڻي هئي، پاپي ۽ منهنجي زال چونديون هيون تہ ڪٿي سمنڊ جي ڀاڃي ڪنهن ٻئي هنڌ تہ ڪون ٿا وڃو. آءٌ چوندو هوس، ”سمنڊ جي ڀاڃي سمنڊ تي ئي ٿا وڃون“. اسان جي ڳالهين جو راز سمنڊ جي سينيءَ ۾ ئي سمائجي ٿي سگهيو.

دادا مشتاق نهايت خوبصورت هو. سندس اٺي ويهڻي ۽ رک رکاءُ بہ دلپذير هو. بابا کان پري رهڻ ۽ ڪنهن بزرگ جو هٿ نہ هئڻ ڪري عاشق مزاج بہ بڻجي ويو. وري جو ڪراچيءَ جهڙي شهر ۾ بندر روڊ تي آفندي منزل ۾ نويڪلي جڳھ هئس تہ مزاج ۾ عاشقاڻو اثر وڌي ويس. ليڪن روزگار سان لڳڻ ڪري اهي ڳالهيون ڪجھ جهڪيون ٿي ويس ۽ نيٺ شادي ڪري گھر ٺاهيائين. پوءِ هن ناظم آباد ۾ پاپوش نگر ۾ وڃي گھر ورتو جيڪو پهرين نظر ۾ مونکي هڪ پيار پريل گھر لڳو. پاپي بہ اسان کي تمام گهڻو مان ڏيندي هئي. بابا ۽ امان سان بہ دل هئس. حيدرآباد بہ ايندي هئي ليڪن اندر ئي اندر ڇا پيو ٿئي، تنهن جي ڪڙڪ مونکي دادا جي چرپر جي انداز مان ٿي. هو مون وٽ خادم وطن ۾ اچي ڪاغذ پٽ ٽائيپ ڪندو هو تانجو خبر پئي تہ معاملو طلاق تائين وڃي پهتو. ان جو مونکي واقعي ڏاڍو صدمو ٿيو جو پاپي ٽوٽي سندس پٽ اشفاق مونکي ڏاڍا وڻندا هئا هن جي ڌيءَ فرزانہ اڃا تمام ننڍي هئي، هاڻ تہ وڏو وقت گذري ويو آهي. هو لنڊن ۾ آهن، خوش آهن پر مون وري نہ ڏٺا.

(هلندڙ)

◈

# اسين ڏاڍو ڪڏهن ڪِلندا هئاسين

[باب پنجون]

•

محمود مغل

**يڪ جان تين قالب۔ 1:**

منهنجي ڪڏهن وهم گمان ۾ بہ ڪونہ هئو تہ مان ڪو ائين اڪيلو ٿي ويندس.

منڍي رب جل شانہ جا پنهنجا "مامرا" آهن. لطيف سائينءَ جي سِٽَ ڪيڏي نہ حسين آهي تہ "پن ہوڙين پاتال ۾ پهڻ تارين تون." سندس مرضي آهي ۽ حڪم بہ اهو آهي تہ سندس مرضيءَ کان سواءِ تہ پَن بہ نٿو ڇُري..مون جهڙو آواراگرد مسافر ماڻهو ڪيئن مان ڪيئن ٿي ويندو اها ڄاڻ ڪٿان ملي سگهي پئي؟؟ ماڻهوءَ کي جي غيب جو علم هُجي، تہ ائين ويڙهَن جي ويراني ڏسڻ جي همت ساري سگهي؟... ائين وڇوڙن جي هجوم ۾ پاڻ ڳوليندو رهي ۽ هزارن جي وچ ۾ اڪيلائپ وار ڇوڙي، ميڪ اَپ ڪري، درد جي لپ اسٽڪ ۽ نيرن جي لالي لائي، ڪيس ياڪر ۾ پريندي رهي...ماڻهو تہ پاڻ ئي ڊرامو آهي ۽ پاڻ ئي ڪهاڻي. پاڻ ئي انٽرو آهي تہ پاڻ ئي ڪلائمڪس..اها ٻي ڳالهہ آهي تہ حياتيءَ ۾ ڊرامن جهڙيون حقيقتون ڇرڪ ڪيدائينديون رهن ٿيون.

مان نٿو ڄاڻان تہ هي سڀ پڙهي اوهان ڇا محسوس ڪندؤ..؟ ..هن سَچَ ۾ ڪيترو سيڪڙو ڪُوڙ جي ملاوٽ، اوهان جي ڇپن کي مرڪ جي ردا اوڙهائيندي رهنديا ڪيترو شڪ ۽ ڪيترو گمان اوهان کي منهنجي حياتيءَ جي ڳَتا ۾ لڳندو پر سچ تہ بهرحال سچ آهي..دل جي حضور جي گوشن مان نڪري ٿو سَچُ، دل مان نڪري دل کي ئي ڌڪَ هڻي ٿو...ڪُوڙُ نڪرندو بہ واتان آهي ۽ ڪنن تائين ختم ٿي ويندو آهي.

اسين ڪل پنج ڀائر هئاسين. عبدالرحمان، حنيف محمد، خليل الرحمان، گل محمد ۽ محمود الحسن...

ادا عبدالرحمان جن جو نمبر پهريون هُيو. جن جي ولادت مارچ 1942ع بمطابق 9 ربيع الاول 1361هجريءَ تي جمعي جي ڏينهن سيوهڻ شريف ۾ ٿي هئي.

ٻيو نمبر ادا حنيف محمد، 4 جولاءِ 1944ع بمطابق 13 رجب المرجب 1364هہ اربع جي رات سيوهڻ شريف ۾ پيدا ٿيو هيو ۽ حُڪمِ ربيءَ مطابق، هڪ

مهينو ۽ چوويهن ڏينهن جي حياتي ماڻي، بروز سومر، 28 آگسٽ 1944ع بمطابق 10 رمضان المبارڪ 1364هه تي، هن جهان مان رخصت ٿيو هو.

ٽيون نمبر ادا خليل الرحمان 30 ڊسمبر 1945ع بمطابق 24 محرم الحرام 1365هجريءَ تي سيوهڻ شريف ۾ ڄائو هيو ۽ چوٿون نمبر، گل محمد، 12 جولاءِ 1948ع سومر جي رات، بمطابق 4 رمضان المبارڪ 1367هجريءَ تي ٽلٽيءَ ۾ پيدا ٿيو هو. پنجون نمبر منهنجو هيو ۽ منهنجو جَمر 26 نومبر 1961ع بروز آچر صبح جو سادي اٺين وڳي بمطابق 17 جمادي الثاني 1381هجريءَ تي، سيوهڻ شريف ۾ ٿيو.

هاڻي تاريخن جي ان حساب کي ڏسجي تہ پهريون ڀاءُ 1942ع ۾، ٻيون 1944ع، ٽيون 1945ع ۽ چوٿون 1948ع ۾ پيدا ٿيا هئا. پنجون مان، 1961ع ۾ ڄائو هئس يعني باالترتيب سيني ڀائرن کان، 19 سال، 17سال، 16سال ۽ 13 سال تفاوت سان هن جهان ۾ آيو هئس. ادا گل محمد کان پوءِ بہ اديون هن جهان ۾ آيون..۽ پوءِ منهنجو وارو آيو. ٻيون نمبر ادا حنيف محمد تہ ڪا بهار خزان ۽ سيارو نہ ڏسي سگهيو جيڪي باقي بچيا، انهن کي انهن سيني موسمن جي تفاوت جي ڀرپور ڄاڻ هئي.

اهو زمانو بہ ڪمال هُيو. حياءُ، ادب، تميز شناس، پنهنجي عروج تي هوندي هئي. جيڪي ماڻهو ڪسب جي حوالي سان بہ جي گهٽ هوندا هئا تہ بہ اخلاقي قدرن جي وٽن ڪا بہ کوٽ نہ هوندي هئي...وڏو وڏو هوندو هيو ۽ ننڍو ننڍو. نہ وڏا پنهنجي سطح کان هيٺ لهندا هئا ۽ نہ ئي وري، ننڍن کي انهن سان ڪلهي ملائڻ جو ڪو زعم هوندو هو.

سماعتون جيڪو احوال جهڻي سگهيون آهن، تنهن مطابق، قبلہ والد صاحب جن مزاجاً بيحد سخت وجود هئا. ۽ هنن پنهنجي اولاد جي تربيت ۾ ڪا ڪَسر ڪو نہ ڇڏي هئي. حال مسڪيني هُئو پر ڄاڪاڻ تہ بابو ۽ امڙ ٻئي پڙهيل لکيل هئا، تنهن ڪري هنن سڄو زور اولاد جي تعليم تي رکيو هيو... علم پرائڻ لاءِ ادا عبدالرحمان مرحوم سيوهڻ مان نڪتو ۽ اسڪالرشپس تي دادوءَ ۾ تعليم حاصل ڪيائين ۽ اتان پوءِ حيدرآباد پهتو. ادا خليل بہ هن جيان ئي، سڀ مرحلا طئي ڪيا ۽ سندس پوءِ ورتي ۽ اهو بہ حيدرآباد اچي نڪتو. پويان ادا گل محمد، اديون ۽ مان رهياسين ۽ خيرن سان، اهو سڄو خاندان 1966ع ۾ وري ڄامشوري ۾ اچي گڏيو.

..تنهن وقت عمر عزيز پنجن سالن جي ٿي هئي ۽ هڪ دفعو وري اهو عرض ڪرڻ ٿو گهران تہ پهريون ڀاءُ چوويهن سالن جو ٻيون ايڪيهن ۽ ٽيون ارڙهن سالن جا ٿي چڪا هئا.. عُمرن جي اُن تفاوت جي ڪري، مان هميشہ هنن کان ڊڄندو رهيس، ۽ پري پري رهيس. مٿان وري 1968ع ۾ قبلہ والد صاحب جي اوچتي وفات، ڪين هڪدم منهنجو والد بڻائي ڇڏيو.. هنن تنهي مون کي پنهنجي پُٽَ جيان هنج ۾ کڻي ورتو ۽ دنيا جي سردي گرميءَ کان لڪائڻ لڳا. ٻاجهہ جي ان هُنر ۾، مان، اولاد تہ رهيس، شايد ڀاءُ ٿي نہ سگهيس.

ادب آداب جي جهان ۾ هڪڙي ڳالهه جيڪا سڀ کان اهم آهي ته هُو سڀ مون تي ساهُه ڇڏيندا هئا. دوست صرف هُو هڪبئي جا هئا. منهنجي لاءِ صرف ڀيءُ يا وڏي ڀاءَ جيان هئا ۽ جيئن عرض ڪيم نه ته ادب آداب وارو جهان هُئو. تنهن ڪري حَدِ ادب هميشه ملحوظ رهي.. ۽ اسين چارئي ڄڻا، هڪ ئي وقت ڪڏهن به فِري ڪونه ٿي سگهياسين.

هنن ٽنهين ڄڻن جو جهان بيحد حَسِين هُئو. ڪوارٽر نمبر آءِ سورنهن کان، بنگلي نمبر ڊِي-پنج تائين ۽ اتان وري سنڌ يونيورسٽي ايمپلائيز سوسائٽيءَ جي آءِ 74/73 تائين.. جتي سندن ساٿ صرف ٽي سال هليو هُو سدائين هڪجهڙي محبت سان سرشار رهيا ۽ هڪجهڙي روٽين هنن جي اندران ٻاهران پاڻ پَسائيندي رهي.. فجر جي نماز کان پوءِ آفيس جي تياري، وري آفيس، پوءِ گهر ۽ مسجد.... اهو سندن "وطيرو" هوندو هئو.. ادا عبدالرحمان کي 1965ع ۾ اولڊ ڪئمپس حيدرآباد ۾ ليڪچرر شپ ملي هئي، پر ان کان پهرين خليل، ڊائريڪٽر ڪاليجز حيدرآباد ۾ ڪلارڪي شروع ڪئي هئي ۽ پوءِ ڊائريڪٽر اسڪولز جي دفتر ۾ وري گل محمد کي ڪلارڪي نصيب ٿي هئي... قسمت جي چرخي ڪجهه اهڙو سُٺُ ڪتيو جو ٽئي ڄڻا، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت جي خوشبختي حاصل ڪري ويا.. ادا خليل پلاننگ آفيسر مقرر ٿيو ادا گل محمد لائبررين ۽ سو به انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجيءَ ۾. حياتيءَ جا ڏينهن ڦرڻ لڳا، پر مون ڪڏهن به سندن مٿان سندن حيثيت جي ڇاپ نه ڏٺي.



ٽي ڀائر-ٽي دوست:
گل محمد، خليل الرحمان ۽ عبدالرحمان (1957)

سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ جي "مسجدِ بلال" جي 1973ع ۾ رکيل پهرين سِرَ کان وٺي 1990ع تائين خدمت جو شرف ڪين مليو ۽ واهه جو مليو. هُو ٽئي ڄڻا، گڏ نڪرندا هئا، هر نماز تي موجود هوندا هئا ۽ انتظام سنڀالڻ ۾ اڳ اڳرا هوندا هئا... منهنجي مالڪ جل شانهٔ هُنن تي اهو وڏو ڪرم ڪيو هيو جو هڪ عام ڪوارٽر مان، هڪ خوبصُورت مسجد شريف تائين جي سَفر لاءِ هُنن جي چونڊ ڪئي هئائين... ۽ سندن حياتيون ۽ سندن رخصتيون ياد ڪيان ٿو ته احساس ٿئي ٿو ته واقعي پروردگار مٿن ڏاڍو مهربان هيو.

هُو تئي ڇڻا ڏاڍا سادا هئا. منجهند جو آفيس کان اچي، نماز پڙهي، ماني کائي آرام ڪندا هئا ۽ وچينءَ کان وٺي عشاءَ تائين مسجد شريف جي حاضري ڀريندا هئا. ان وچ ۾ جي گهر اچڻ ٿيندو هُيو تہ وري سندن پاڻ ۾ ۽ امان سان ڪچهريون ڪونہ کٽنديون هيون. سومهڻيءَ جي نماز کان پوءِ ادا گل محمد الاءِ ڪيترو عرصو گهر اچي "سورة الملڪ" باآواز بلند تلاوت ڪندو هو ۽ سڀ ٻڌندا هئا. امان سامهون مُصلي تي هوندي هئي ۽ ٻيا سڀ منجين تي.. ۽ ڪليل اڱڻ جو اهو معمول جاري هوندو هُيو.. عجب جهڙي ڳالهہ اها هوندي هئي جو هُو ڪيڏانهن ايندا ويندا ئي ڪو نہ هئا. گهر جي هڪ ڪنڊ کان ٻيءَ ڪنڊ تائين سندن سفر جاري هوندو هو ۽ بس... سندن سنگت بہ لوڪل هوندي هئي.. هِتان هُتان جا يار گهرَ تي ئي گڏني ٿي ويندا هئا. ادا عبدالرحمان جي ڄاڻ سڃاڻ ۽ دوستي يونيورسٽيءَ وارن سان گهڻي هوندي هئي، تنهنڪري وٽس، هتان جا ماڻهو گهڻا ايندا هئا. ادا خليل جو هڪ مڪمل سرڪل هيو، جيڪو سندس ڪلاس فيلوز جو هيو، ادا عبدالستار شيخ گمبٽ وارو، ادا سخاوت شيخ شڪارپور جو ادا عبدالفتاح چنا صاحب، جيڪو پڻ شڪارپورجو هو ۽ سندس ننڍو ڀاءُ ادا رحيم بخش چنا صاحب، سائين صاحب خان پهوڙ جيڪو بہ شڪارپورجو ئي هو.. موري وارو ادا الياس مغل صاحب، ادا الياس سولنگي صاحب، لاڙڪاڻي جو ادا فيض محمد چنا صاحب، حيدرآباد جي ٽنڊي ولي محمد جا ادا عبدالستار سومرو صاحب ۽ سندن ننڍو برادر ادا محمد عمر سومرو صاحب، حيدرآباد جو ئي سائين شير علي شاهہ صاحب، ڪراچيءَ جو ادا عبدالقيوم، حيدرآباد جو ادا علي بخش قاضي صاحب ۽ ادا ستار شيخ جو وڏو ڀاءُ ادا عبدالرحيم شيخ صاحب، حيدرآباد جو سرجن مختيار وقاصي... انهن سڀني جو پاڻ ۾ اٿمت پيار هيو ۽ اهي سڀ هر حال ۾، هر مهيني هڪ ڀيرو ضرور گڏ ٿيندا هئا، پوءِ دعوت ڪنهن جي بہ ذمي هجي، گڏ ٿيڻ سو لازم هوندو هيو.. الاءِ ڇو دل چوي ٿي تہ لکجي تہ سلسلو ڪهڙو بہ هُجي، اسان وٽ بهرحال، مهيني اڌَ ۾، هڪڙو ڀيرو ضرور ڪچهري ٿيندي هئي.. پوءِ صورتحال اها هوندي هئي جو خدمتن جو مڪمل سلسلو مون لاءِ منتظر هوندو هئو. چانهيون، شربت، مانيون، هڪ مڪمل نظام سان، ترتيب وار پيش ٿينديون هيون. ان ڳالهہ تي مون کي "جَڪَ" بہ ڏاڍا ايندا هئا پر بهرحال "سروس" منهنجي ذمي هوندي هئي. هڪ ڳالهہ جيڪا بنهہ اهم آهي تہ دوستن جو اهو سرڪل، ادا عبدالرحمان کان لهرائيندو هيو ۽ ڪيس جيءَ جان سان وڏو ڀاءُ سمجهندو هُيو.. ادا وڏو پنهنجي پوري رعب تاب سان هلندو هُيو ۽ غلطيءَ جي صورت ۾، ڪنهنجي بہ پتڪي لاهڻ ۾ دير نہ ڪندو هو ۽ مزي جي ڳالهہ اها بہ هوندي هئي تہ انهن مان ڪو بہ ان ڳالهہ کي مائينڊ نہ ڪندو هو. جتي هُو سڀ ادا وڏي کي "ادا وڏو" سمجهندا هئا، اتي مان بہ

هنن سيني لاءِ سدائين نندڙو ياءُ ئي رهيس ۽ هنن مون سان بہ محبت ۾ ڪا ڪمي ڪو نہ ڇڏي..

محبتن جي ان نسبت ۾ ادا گلڻ جا دوست بہ گهٽ ڪو نہ هئا. منهنجي سيوهڻ واري دؤر ۾ ادا خادم ڏاهري، ادا لُنڊ، ادا اياز ۽ ادا خليل بروهي ۽ سڀ کان وڌيڪ تہ ادا قاسم انصاريءَ جيڪي محبتون آڇيون انهن جا پاڙا تہ ڪين رب ڪريم جل شانہ ئي ڏئي سگهي ٿو.

ادا عبدالرحمان مرحوم جا دوسبت بہ اڪثر ايندا ئي رهندا هئا، جن ۾ ڊاڪٽر غلام رسول قريشي، سائين ايس. ايم. قريشي ۽ سائين غلام حسن خاصخيلي صاحب قابلِ ذڪر آهن... انهن مان هر هڪ ادا جهڙو ئي معتبر هُيو ان ڪري انهن سان ڪڏهن بہ ادا خليل يا ادا گلڻ جي دوستن جهڙي ويجهڙائپ نہ ٿي سگهي.

انهن دوستن ۽ ساٿين کان سواءِ، ڪين جي ڪجهہ ويجهو هيو تہ اُهو مذهب هُيو عرض ڪيم نہ تہ ڪين سدائين مسجد شريف سان محبت ڪندي ۽ انهيءَ جو ذڪر ڪندي ٻُڌم. پر اُتي اهو بہ هڪڙو عجيب نُڪتو آهي جو اسان وٽ 1958ع کان ئي ريڊيو گهر ۾ موجود رهيو آهي ۽ هي ٿئي پيائر، سُرن ۽ راڳن جي باري ۾ "نيڪ ٺاڪ" چاڻ رکندا هئا. گهر جو ماحول مذهبي تہ هُيو پر اُتي آزاد خيالي بہ جام هئي. اخبارون، رسالا، ٽي. وي، ريڊيو اسان وٽ ڪڏهن بہ ڪنهن بہ سلسلي ۾ ڪا بہ پابندي ناهي رهي.

هاڻي وري جي "ريسلنگ" ڏسندا هئا تہ بہ گڏ ۽ جي ميوزيڪل ڪنسرٽ ٿي ويندا هئا تہ بہ "ساٿ ساٿ".. هاڻي ٻاهر نڪرڻ جي معاملي ۾ "عابد خليل" گڏ هوندا هئا ۽ ان رنگ ۾ وري گل محمد "ڪچو" هئو. گهمي ڦري وري بہ جي گهر اچن تہ ساٿ جو اهو راڳ وري آلاپجڻ لڳندو هو.

مزي جي ڳالهہ اها هوندي هئي جو جيڪو بہ، ڪنهن سفر تان موٽندو هُيو تہ سڄي سربستي ڳالهہ ٻڌائيندو هو ۽ ٻيا وري "وَرَ وَرَ" ڏئي پيا پڇندا هئا. گهران نڪرڻ کان وٺي گهر ۾ واپس پير رکڻ تائين، ۽ ڪٿ ٿي ويهي احوال ٻڌائڻ تائين، "تفصيل اُن اجمال جو" هر "شَد مدَ" سان بيان ڪيو ويندو هو ۽ ٻڌو ويندو هو. مان ۽ اديون مُشڪڻ ۾ پورا هوندا هئاسين، ۽ اُهو سلسلو ائين جاري هوندو هو.. مزو تڏهن ٿيندو هو جڏهن هر رات جو ڪليل اڱڻ ۾ وڇايل کٽن تي ليٽي، هُو سڄي ڏينهن جو ڪاروهنوار هڪبئي سان ڊسڪس ڪندا هئا. يونيورسٽيءَ جا الاءِ ڪيترا معاملا هنن جي سوچ جي سادگيءَ تي مرڪندا رهندا هئا.. مان نٿو سمجهان تہ هنن ڪڏهن ڪنهن شئي کي "لائيٽ" ورتو هُجي.. ايڏا سادا ماڻهو جن ڪڏهن زندگيءَ ۾ ڪار تہ ڇا، اسڪوٽر بہ ڪو نہ هلايو ادا خليل کي تہ ٽيپ رڪارڊر بہ هلائڻ ڪو نہ ايندو هو. تن جي ستارن جي روشنيءَ هيٺ ٿيندڙ ڪچهري، "دَم بخود" ڪندي هئي.

زندگي رڳو ڪچهريون به ڪونه هوندي هُئي. حياتيءَ جا ڏُڪ سُڪ به ملندا رهيا. پر اهو ذڪر ڪندي عجيب لڳي ٿو ته ڄامشوري اچڻ کان پوءِ، هڪدم 1968ع ۾ بابا سائينءَ جو وصال ٿيو پر ان کان پوءِ، حياتيءَ ۾ رڳو "ميلاپ" جا موقعا ايندا رهيا. 6 آڪٽوبر 1968ع بمطابق 12 رجب المرجب 1388هه بروز آچر تي ادا گل محمد جي شادي ٿي. 1971ع ۾ ادا عبدالرحمان جي شادي ٿي ۽ 1981ع ۾ ادا خليل الرحمان جي. ان سڄي عرصي ۾، گهر ۾ رڳو آمدِ بهار جا رنگ رهيا... ادا عبدالرحمان کي الله پاڪ فرزند جو اولاد عنايت ڪيو. ادا گل محمد کي ٽي پُٽ ۽ چار نياڻيون، ۽ ادا خليل کي، پنج پُٽ ۽ هڪ نياڻي اولاد جي صورت ۾ عنايت ٿيا. هاڻي انهن سيني مرحلن ۾ هنن جو ساٿ ڏيڻ جي ٻاجهه سان سلامت رهيو.

1986ع ۾ ادا عبدالرحمان کي دل جو پهريون دؤرو پيو جنهن سڄي خاندان کي لوڏي وڌو پر پوءِ ڪجهه عرصي کان پوءِ، سنڌس صحت بهتر ٿيڻ کان پوءِ، حالتون وري خوشگوار ڏگ تي موٽي آيون هيون.

اُن سڄي عرصي ۾ ڪين مستقل ترقيون ملنديون رهيون. ادا عبدالرحمان ايڊيوڪيشن جي فئڪلٽيءَ جو ڊين مقرر ٿيو ۽ تنهن کان سواءِ سڄي ايشيا ۾ پهريون نمبر اچي اپسيٽ (Institute for promotion of Science Education and Training, Government of Pakistan) جو ڊائريڪٽر جنرل مقرر ٿي ويو ۽ اسلام آباد ۾ پوسٽيڊ ٿيو. ادا خليل ڊائريڪٽر پلاننگ سيل ٿي ويو ۽ ادا گل محمد به اوڻهين گريڊ ۾ اچي ويو. هاڻي اهو سڄو عرصو جنهن ۾ ادا عبدالرحمان اسلام آباد رهيو ۽ هر مهيني چڪر تي ايندو هيو. ادا خليل ۽ ادا گل محمد گهر کي بهترين نموني سنڀاليو. اهو سڀ تڏهن به ائين ئي ٿيو هيو.



ٻه ڀائر: خليل الرحمان ۽ گل محمد (1954)

جڏهن 1976ع ۾ ادا عبدالرحمان فزڪس ۾ پي. ايڇ. ڊي ڪرڻ لاءِ لنڊن ويو هيو يا ادا خليل آمريڪا ۾ وزٽس ڪرڻ ۽ ٽريننگ ڪرڻ ويو هو يا وري ادا گل محمد جهڙو ماڻهو جنهن پوري ڪراچي به ڪونه ڏٺي هئي، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان ڇهن مهينن جي تربيت وٺي آيو هو.

هنن جا سلسلا سدائين ساڳيا رهيا. 1990ع ۾ هنن جڏهن سوسائٽيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي ته وري "جامع مسجد قُبه" جو نظام سنڌن ئي حوالي ٿيو وري

ساڳيا ڏينهن راتيون موٽي آيا، وري صبح جو نوڪري، آرام، نماز، مسجد ۽ ستارن جي اڳڻ هيٺان ڪچهريءَ جي موسم موٽي آئي.



ادا گل محمد، ماسات محمد عيسيٰ ۽ ادا خليل الرحمان جنهن جي هنج ۾ محمود مغل ـ 1970ع (ساڄي کان کاٻي)

ادا عبدالرحمان ۽ ادا خليل ڇاڪاڻ تہ گھڻو گڏ رهيا هئا، تنهن ڪري هڪٻئي کي ”عابد خليل“ سڏيندا هئا. ان جوڙيءَ مان عابد جو پيار وري گل محمد سان سرس هيو. جنهن کي سڀ گهرَ ۾ ”گُلا“ سڏيندا هئا. ادا خليل جو چاهہ وري مون سان گھڻو هيو. 1986ع ۾ ادا عبدالرحمان کي پيل دل جي دوري کان پوءِ، گل محمد ڪيس وڌيڪ ويجهو ٿي ويو هو. هُو چرين وانگر پاءُ جو خيال رکندو هيو. ادا عبدالرحمان پوري مهيني جي دوائن جا وزن ٺاهي رکندو هيو تہ ”گُلو“ وري ايڪسٽرا وزنن جون پڙيون ٺاهي ويٺو هوندو هيو تہ متان ڪنهن بہ وقت ضرورت پئجي وڃي.

مون سان ٽنهين ڀائرن جي نسبت عجيب هئي. ادا عبدالرحمان مڪمل پيءُ هُيو تہ ادا خليل مڪمل دوست.. اتي گل محمد صرف ڀاءُ... يعني دوستن وانگر فري نہ هوندو هيو. خيال ٽئي ڏاڍو رکندا هئا پر الاءِ ڇو مان ادا خليل جي ويجهو وڌيڪ ٿيندو ويس ۽ هُن بہ منهنجي تربيت ۾، ۽ منهنجي وجود ۾ اعتماد جي پيراءَ ۾ ڪا بہ ڪسَرَ نہ ڇڏي.

ٽئي ڀائر مِزاجاً مختلف هوندا هئا. ادا عبدالرحمان بيحد ذهين ۽ بي انتها قابل ماڻهو هيو. جنهن فزڪس جهڙي مضمون ۾ اڍائي سالن ۾ گلاسگو مان پي. ايچ. ڊي ڪئي هئي، راڳداريءَ جو بيحد چاهو ۽ سُرن جو شوقين.. الاءِ ڪيترا وٽس سائونڊ سسٽم هوندا هئا. کيس فوٽوگرافيءَ جو بہ ڏاڍو شوق هيو ۽ سندس رزلٽس بہ ڪمال هونديون هيون، جيڪي وقتاً فوقتاً هُو دوستن احبابن کي تحفتاً پيش ڪندو هو. ماڊل اسڪول ۾ سائين صادق علي صاحب ۽ جيجي زرينہ بلوچ سان سندس خاص ڀائپيءَ وارو تعلق هيو ۽ تنهن کان سواءِ خانصاحب منظور علي خان، سندس خاص دوستن مان هُيو. ادا خليل وري ڪي. ايل سهگل ۽ سي. ايچ آتما کان گهٽ ڪجهہ پسند ڪونہ ڪندو هو. کيس زهره ٻائي امبالا، ڪرن ديوان، دراني، ڀهرئين ڏؤر

وارو مڪيش، طلعت محمود ۽ رفيع بيحد پسند هوندا هئا. بيگم اختر، ملڪ پکراج، ۽ فريده خانم ڪان وٺي، امانت علي خان، فتح علي خان، سلامت علي ۽ نزاڪت علي خان ڪيس جند جان سان پسند هئا. ڪيس ڪڏهن ٻه ٽيپ رڪارڊر هلائڻ نه ايندو هو. روائنڊ کي فارورڊ ۽ فارورڊ کي روائنڊ ڪندي مُنجهي پوندو هو. ان ڪري اهو سڀ مون کي ڪرڻو پوندو هو يا ته سادي سودي حساب وانگر، بس ڪيسٽ لڳائي چڙهي هئي ۽ سائيڊ پوري ٿيڻ تي پاسو مٽائبو هو.

ادا گل محمد کي وري حياتيءَ ۾ محمد رفيع ڏاڍو وڻيو پر ڪيس سڀ کان وڌيڪ ٻه ٽي گانا ساهه ۾ سانڍڻ جهڙا لڳندا هئا. فلم "سَچا جهوٽا" جو لتا رفيع ڊوئٽ "يونهين تم مجهه سي بات ڪرتي هو يا ڪوئي پيار ڪا ارادا هي، ادائين دل ڪي جانتا ڀي نهين، ميرا همدم ڀي ڪتنا سادا هي." ۽ "پاڪيزه" جو لتا جو ڳايل "موسم هي عاشقانه اي دل ڪهين سي ان ڪو ايسي مين ڍونڊ لانا.." ۽ خانصاحب مهدي حسن جو ڳايل فلمي گيت "مجهي ڪردين نا ديوانا، تيرَي انداز مستانا"... حياتيءَ ۾ الاءِ ڪيترا موقعا ائين آيا جو مون ادا گل محمد کي انهن ٻنهي گانن تي، ڳوڙهن سان "تَر بہ تَر" ڏٺو هوندو.. ۽ ها هڪڙو گانو جنهن تي سندس ڳوڙها ڪڏهن ٻه نه ٻيٺا اهو لتا جو ڳايل "پتيتا" فلم جو گيت هيو "رنگ دل ڪي ڌڙڪن ڀي لاتي تو هوگي، ياد ميري ان ڪو ڀي آتي تو هوگي.." سُر لڳڻ جو اهو سلسلو ادا خليل سان ڪو نه هُيو. ادا خليل، راڳ کي هڪدم سڃاڻي وٺندو هيو پر راڳ مٿس "طاري" ڪونه ٿيندو هو. ان معاملي ۾ ادا عبدالرحمان هڪدم ڇُلڪي پوندو هو ۽ روئي ويهندو هو.

اڇا... هي ٻئي ڀائر، ڳوڙهن کي لڪائڻ جي ڪابه ڪوشش ڪونه ڪندا هُئا.. ماحول هڪدم سوڳوار ٿي ويندو هو.. پر سچي ڳالهه ته اها آهي ته هُو ڏاڍا سادا هئا.. ڪين پنهنجي درد کي لڪائڻ جو ڏانءُ نه ايندو هو. هنن ٽنهين جي "قدرِ مشترڪ" ۾ هڪ اهم دولت، امڙ سان محبت جي ٻه هئي، ۽ اُن ۾ ٽئي ڀائر ڪمال هئا.. ها ائين ضرور هو ته ادا خليل امان جي وڌيڪ ويجهو هيو. پري ته هُو ٻئي ٻه ڪونه هئا، پر ادا خليل جو ته انداز ئي پنهنجو هو.. هو امان لاءِ مستقل سامان آڻيندو رهندو هو. ڪاڏي جي لاءِ مختلف شيون.. اوڙهڻ جي لاءِ لباس.. هاڻي ان ۾ وري ڪيس هڪ ٻيو ڪمال حاصل هوندو هو. هو جڏهن ٻه ڪنهن طويل سفر تان موٽي ايندو هُيو ته گهر جي هر ڀاتيءَ جي لاءِ سندس "پسند" مطابق ڪجهه نه ڪجهه ضرور وٺي ايندو هو ۽ قدرت ڇا ته ڪيس ڪمال خوبيءَ سان نوازيو هُيو جو هُو هر ڪنهن کي ٻهرين چونڊَ ڪرڻ ڏيندو هو ۽ پوءِ آخر ۾ پاڻ کڻندو هو خاص طور تي جڏهن ڪو ڪپڙو آڻيندو هو ته ان جا آندل "سڀ رَنگ" ڪٽ تي وڇائي ڇڏيندو هو ۽ اسان ڀائرن کي پنهنجيءَ پنهنجيءَ مرضيءَ تي کڻڻ لاءِ چوندو هيو ۽

آخر ۾ جيڪو ڪجهه بچندو هيو سو پنهنجي لاءِ رکندو هو هڪ عام شئي کان وٺي هڪ خاص اسم تائين، ادا خليل، پنهنجي اها پرئڪٽس نہ ڇڏي

سندس ٻي خاص عادت قرآن شريف جي تلاوت هوندي هئي، سوره ياسين، سوره ملڪ، سوره رحمن، سوره مزمل ۽ آخري پارو پورو.. سندس عادتن ۾ ڇڻ شامل هوندا هئا ۽ اها عادت سفر ۾ سامهون اچي ويندي هئي. بس، ڪيڏانهن بہ ڪٽي نڪرجي، سندس تلاوت شروع ٿي ويندي هئي ۽ هُو مستقل "الحان" سان پڙهندو رهندو هُيو. اهي ساعتون بہ عجيب هونديون هُيون. اسين گانا ٻڌڻ گهرندا هئاسين، هن جي "مسلسل قراءت" ڪُٽندي ڪونہ هئي.. تان جو سفر يا تہ پورو اچي ٿيندو هو يا ڳچ ڪنجي ڇڪو هوندو هو.

ٽئي پائر، ٻي انتها عبادتي هئا، پر ادا خليل نفلن ۾ ٻيهندو هو تہ سندس پير سُڄي پوندا هئا، مسجد بلال ۾، هر هفتي جمعي جي نماز کان پوءِ سندس، قرآن خواني ڪرائڻ ڪنهن کان وسري سگهي ٿو. ان لاءِ پاڻ ئي تبرڪ وٺي ايندو هو ۽ تقسيم ڪندو هو.

سندس هڪ خاص عادت، مريضن جو خيال رکڻ جي هوندي هئي. مان جڏهن ايل ايم سيءَ ۾ پڙهندو هئس تہ، هُن جو خاص تاڪيد هوندو هئو تہ ڪير بہ وارڊ ۾ وفات ڪري تہ مان کيس هڪدم اطلاع ڏيان. تنهن زماني ۾ مون وٽ ايم. بي. هنڊريڊ موٽر سائيڪل هوندي هئي. فون جو نظام ناقص هوندو هو پر بهرحال جي فون تي رابطو ٿيو تہ ٺيڪ. نہ تہ مان کيس بائيڪ تي کڻي ايندو هئس. هُو ڊيڪل ميت جي پاسي ۾ ٻيهي قرآن شريف پڙهندو هو. رسمي ڪارروايون پوريون ٿيڻ کان پوءِ، ميت جي اسٽريچر کي ڏِڪرائيندو هو. لاش ايمبولينس ۾ رکرائيندو هو ۽ سندس روانگيءَ جي رُخ ۾ ايستائين پڙهندو رهندو هُيو جو اها موڙ مُڙي غائب نہ ٿي وڃي. تنهن کان پوءِ يا تہ مان کيس واپس ڇڏي ايندو هئس، يا هُو پاڻ پنڌ هليو ويندو هو.

ادا خليل جي قُربت مون سان وڌندي وئي. ويجها تہ ٻيا پائر بہ هئا، پر سندس سان عجيب هوُ پئسي ڏوڪڙ کان وٺي، ميل ملاقات جي آدابن تائين، زندگيءَ جون مڙئي رسمون هن مون کي سيکاريون هُيون ۽ بلڪل پُٽن وانگر پاليو هئائين.

هاڻي، رڳو ائين بہ ڪو نہ هئو تہ ڪو ٽئي پائر رڳو کير جون نديون پيا وهائيندا هئا.. ڪڏهن ڪڏهن سندن رُسامون بہ ٿيندو هو ڪنهن ڳالهہ تي ناراض بہ ٿيندا هئا، گهر ۾ جهيڙو بہ ٿيندو هو پر وڏ ۾ وڏ هڪ يا ٻن ڏينهن ۾ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو هو. ناراضگيءَ جي ان موسم ۾ مون تلخ ڪلامي تہ محسوس ڪئي هوندي، بدڪلامي اسان جي گهر ۾ ڪڏهن بہ ڪانہ ٿي.

مزاجاً هُو ايترا سادا هوندا هئا جو جڏهن سنڌ يونيورسٽي سوسائٽيءَ جي پلاٽن جا ڪُٽا نڪتا تہ ٽنهين کي هڪ هڪ پلاٽ مليو. آي ٽائيپ ۾. ڇهہ ڇهہ سئو

والن جي ٽن پلاٽن جو هڪڙو يونٽ هنن کي بہ مليو. ادا عابد ﭘنهين کي ويهاري چيو تہ ”ادا، اسان آهيون چار ڀائر. ٽن پلاٽن کي ڇا ڪنداسين، بہ ونئون ٽا ۽ هيٺ مٿي گهرڻا هرائي رهنداسين.“ ﭘنهين ننڍين ڀائرن بہ هاڪار ڪئي ۽ سندس فيصلو مڃيو ۽ هڪڙو پلاٽ وٺڻ کان انڪار ڪيو ويو. هاڻي ان مان ٿي سندن زمانہ شناسيءَ جي خبر پئجي سگهي ٿي.

عمر جي تفاوت جي ڪري ۽ ڪجهہ طبيعت جي سختيءَ جي ڪري ادا عبدالرحمان سان منهنجي گهٽي ويجهڙائپ ٿي ڪونہ سگهي. مٿان وري منهنجا ”شوق“ ڪيس ناپسند هئا. منهنجو گٽار وڄائڻ، نمازن تان گُسائڻ، سنگت ساٿ سان طويل ڪچهريون، جديد لباس ۽ تراش خراش ڪيس قطعي پسند نہ هيو. سچ تہ اهو آهي تہ مون بہ ڪو خاص لحاظ ڪونہ رکيو. نتيجي طور اسان ۾ فاصلا وڌندا رهيا. ائين ڪڏهن بہ ڪونہ ٿيو تہ مون ڪيس ڪو جواب ڏنو هُجي، پر ڪڏهن بہ اسين گڏ ويهي نہ سگهياسين. سندس رعب جي حالت اها هوندي هئي، جو جي هو ڪنهن ڪمري جي هڪ در کان گهڙندو هيو تہ مان ٻئي مان کسڪي ويندو هئس. پروردگار جو ڪرم ٿيو تہ حياتيءَ ۾ ڪابہ بي ادبي ڪانہ ٿي، پر بهرحال شديد ويجهڙائپ بہ ٿي نہ سگهي. تربيت ۾ سدائين اهو سمجهيل رهيو تہ ٻيءُ، ٻيءُ هوندو آهي. دوست نہ.. پوءِ شايد ائين دوستي ٿي نہ سگهي. ڪڏهن ڪڏهن جڏهن نمازن لاءِ گڏ نڪرندا هئاسين تہ عجيب لڳندو هو. ماڻهن کي سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ مغلن جو ساٿ ۽ اثر رسوخ گهٽ پسند ايندو هو.. ۽ اهو ئي سبب هو جو رات جي پيٽ ۾ بنگلي نمبر ڊي-5 جي ٻاهرين پِلَرن تي ڪير ”مُغل برادران“ جي حَسِين چٽسالي ڪري ويو هيو.

قبلہ والد صاحب جي 1968ع ۾ وفات کان پوءِ 1993ع جي ڊسمبر تائين، اسان جي گهرن جا اڱڻ پربا رهيا.. اسين ڪرڪيٽ راند جا جنوني، چاچو ڀائيٽيا، مان ۽ ادا جو اولاد، صبح ساڻ پيا سڪندا هئاسين تہ ڪڏهن ٿيون ڪٿون ڪڇن ۽ اڱڻ خالي ٿئي تہ اسين مئچ شروع ڪيون. اهو ڪٿراڳ، هر جمعي يا آچر تي ٿيندڙ موڪل تي هوندو ئي هوندو هو. تنهن زماني ۾ ڏاڏا جَڪَ ايندا هئا، سڄو گهر پريو پيو هوندو هو جاءِ ئي ڪانہ ملندي هئي. لڏي آياسين سوسائٽيءَ ۾ تہ اُتي بہ اِها ئي ڪار هوندي هئي. رات جو سڀ اڱڻ ۾ سمهندا هئا، ڪٿون شام سان ئي لڳي ويندڙيون هيون، پر اسين بہ نَڪَ جي پڪائي ڪري، ڪچڙي شام ۾ راند شروع ڪري ڇڏيندا هئاسين ۽ دير سان پلنگ ٻاهر نڪرندا هئا.. يا وري موڪل وارو ڏينهن، سڄو انهن مئچن جي ٻِلي هوندو هُيو.

ان سڄي عرصي ۾ يعني 68ع کان 93ع تائين جي پنجويهن سالن ۾ مون زندگيءَ جي ڪمال سونهن ڏٺي. هي ٿئي وجود گڏ گڏ. ان ساڳي روٽين تي هلندا رهيا ۽ عجب جهڙي ڳالهہ اها هئي تہ ڪوبہ اُن تان ڪونہ هٽيو. گهر جو نظام گڏ

هلڻو هو گڏ هليو... شادي مرادي، غمي، ڇٽي ڇماهي هر هنڌ هو گڏ هوندا هئا، ۽ هڪجهڙي روٽين سان هوندا هئا، جو ڊسمبر 1993ع جي ٻين ۽ ٽين تاريخ جي رات اچي وئي.
نومبر جي ستاويهينءَ تي ادا خليل اسلام آباد ميٽنگ اٽينڊ ڪرڻ ويو هُيو. اتان ٻي ڊسمبر تي سنڌس موٽ هئي. فلائيٽ ۾ ڪو پرابلم ٿيو تہ هن ريل ۾ سيٽ بڪ ڪرائي هئي ۽ راولپنڊيءَ مان روانو ٿيو هو. ان ڏينهن اليڪشنون هيون... خميس ۽ جمعي جي رات جو وقت هُيو. مون کي جمعي جي صبح جو "صبح مهراڻ" ڪرڻو هيو... رات جو ٻارنهن لڳي ويهن منٽن تائين مون ويهي اسڪرپٽ لکيو. هاڻي سياري جي طويل رات ۽ بارش جي موسمَ. مٿان وري اليڪشن جي نشريات.. الاءِ ڇو دل بار بار اهو چئي پئي تہ "اجايو پيو ٿو لکان، صبح جو ويندس اونهئين بہ ڪونہ.." پر بهرحال، مون ٻارنهن لڳي ويهن منٽن تي ڪم پورو ڪيو ۽ ليٽي پَيُس.. ٻارنهن چاليهن ڌاري زور سان در کڙڪيو. ننڊ اجان ڪچي هئي، هڪدم اُٿي در کوليم تہ ادا عبدالرحمان بيٺل هو.. هڪدم چيائين."خليل وفات ڪري ويو..." سيني ۾ اُن لمحي ئي الائي ڇا شروع ٿيو هو.. حيرانيءَ سان ڏانهنس ڏسندي چيو هئم، " ڪهڙو خليل..!؟" پاڻ سنڀاليندي چيو هئائين، "بابا..گهڻا خليل آهن..! ...اهو ...پنهنجو خليل... پيو ڪير..!؟" هُو هڪدم ڊرائنگ روم ڏانهن موٽي ويو هو... کڙڪي تي فاطمہ بہ جاڳي هئي، اُها بہ ٻاهر نڪري آئي، ٻاهر تہ هوائون پَلَ ۾ ئي مَتجي ويون هُيون..سڄو گهر سُتل هُيو.. ادا جا ٻار پنهنجي پورشن ۾ هئا، امان پنهنجي ڪمري ۾ هئي. اديون جاڳيون پئي ۽ ادا گل محمد، هڪ پٽ کي ٽيڪ ڏيو سُڏڪي رهيو هو. ڊرائنگ روم ۾ اسٽيشن ماسٽر "بابو بصير" ويٺل هو. الله جي قدرت تہ ڏسو-بابو بصير، ادا وارن جو ٽيهن سالن کان دوست هو.. پنهنجي حياتيءَ جو وڏو عرصو هن ڪوٽڙي ۽ سنڌ يونيورسٽي اسٽيشنن تي گذاريو هو. اُن ڏينهن هُو وري ٽرانسفر تي سنڌ يونيورسٽي اسٽيشن تي آيو هو ۽ جوائننگ جي پهرئين ڏينهن ئي، هُن پهرين چاهيو پئي تہ رات جي آخري گُڊس ٽرين ڪراس ڪرايان... ڪيس ڪراچيءَ وارن فون ڪري پار پتا لکايا هئا تہ هن نالي سان هڪ همراهہ خانيوال جي اسٽيشن تي وفات ڪري ويو آهي. سنڌ يونيورسٽيءَ جو وڏو آفيسر آهي، گهر وارن کي ڄاڻ ڪر... هاڻي بابو بصير ڇا ڄاڻ ڪري ها.. هُو تہ خود گهر جو ڀاتي هو. هن بهرحال اچڻ سان ادا عابد کان پڇُ ڪئي تہ خليل ڪٿي آهي؟ ..هُن ٻڌايس تہ ٽرين ۾ اچي پيو ۽ سڀاڻي پهچندو.. اتي بابُوءَ کيس ٻڌايو تہ "هاڻي تہ هُو هيءُ جهان ڇڏي چڪو آهي..انالله وانا اليہ راجعون." اها رات ڏاڍي عجيب هئي.بارش مسلسل جاري هئي. ادا عابد ۽ بابُو بصير، وڏيڪ معاملات طئي ڪرڻ لاءِ نڪري ويا ۽ اسان ڀائرن ڀينرن ۽ ڀاڻين، ماٽ ميٽ ۾ ڊرائنگ روم خالي ڪرڻ شروع ڪيو. سڄو سامان ڪڍي، اتي

ڪارپيٽ رهڻ ڏنوسين. ان وچ ۾ مان بار بار خانيوال جا نمبر ڳوليندو رهيس... پر اسان وٽ هڪڙو عذاب اهو بہ آهي جو اسان جي ٽيليفون ڊائريڪٽري ريجنل هوندي آهي. ٻئي صوبي جي خبر ناهي هوندي.. سو ڪجهہ بہ سمجهہ ۾ نہ پيو اچي. بهرحال، ڪوڙ هٿ ڪري، الاءِ ڪهڙو نمبر ملايم... ڪچڙو صبح هو سرديءَ جو... الاءِ ڪنهن فون کنئين ۽ مون اٽڻ سان ئي سندس پير جَهلي.. عرض ڪيومانس، "مون کي تنهنجي نمبر جي خبر ناهي پر منهنجو نمبر هي آهي... مهرباني ڪري فون نہ ڪٽجانءِ ۽ منهنجي ڳالهہ ڌيان سان ٻڌ... تنهنجي شهر ۾ منهنجو مسافر ڀاءُ، حياتيءَ جي پڪيءَ کي پرواز ڪرائي چڪو آهي، چون ٿا تہ ريلوي اسٽيشن جي ڪنهن سردخاني ۾ رکيو اٿنس..ٿي سگهي تہ منهنجي مدد ڪر.. اهو ڳولي لهہ.. مون کي پڪ ڪرائي تہ ڇا اهو اجنبي تو وٽ، تنهنجي شهر ۾ واقعي بہ ليٽيل آهي..!"

الاءِ ڪير هيو... پروردگار سندس درجات بلند ڪري. هڪدم منهنجو نمبر نوٽ ڪيائين ۽ چيائين تہ، "تون انتظار ڪر.. مان هاڻي ٿو نڪران.." تقريباً ڏني ڪلاڪ کان پوءِ فون ڪري چيائين تہ "هائو واقعي بہ ان نالي سان، هڪ وجود آرامي آهي.. ۽ پوليس نگراني ڪندي وارثن جي منتظر آهي..."

پاڻئيان ٿو تہ فون مون ئي ڪٽي هئي... سچي عمر 2 ڊسمبر 1993ع جي ان تاريخ کان اڄ تائين، نہ ان نمبر تان ڪنهن ڪڏهن ڪال ڪيو ۽ نہ ئي مون کي اهو معلوم ٿيو پر جيڪا چڱائي هن مون سان ڪئي اها الله پاڪ جل شانہ جي ڪتاب ۾ لکيل آهي.

ان رات، محبتن جو هڪ ٻيو اعجاز مون ڏٺو.. تقريباً ڇئين وڳي صبح جو امان تهجد تي اُٿي... مون کي اُن وقت جاڳندو ڏسي حيران ٿي. پڇا ڪيائين تہ ڇيم، "فون آئي هئي. ادا خليل جي طبيعت خراب ٿي پئي آهي.. اسپتال ۾ داخل ڪيو اٿنس... الله ڪندو تہ ٺيڪ ٿي ويندو... سو جاڳان پيو ۽ ٻي فون لاءِ انتظار ڪيان پيو.. دوائون لکائي ڇڏيون اٿمان.." هُن هڪ نگاهہ مون ڏي نهاريو ۽ زور سان "الله" چئي اتي ئي ويهي رهي ۽ بلند آواز سان چيائين، "تو اڄ بہ مون سان سدائين جيان ڪوڙ ڳالهايو محمودَ.. خليل تہ هاڻي آهي ئي ڪونہ.. هُن جي تہ خوشبو ئي موڪلائي وئي آبا..هُو تہ جهان ڇڏي چڪو آهي.." اهڙو اعجاز صرف مائرن کي ئي نصيب ٿي سگهي ٿو.

بارشن جي ڪري سڄو ملڪ ڪٽيل هيو پر بهرحال ايڌيءَ جو جهاز مليو ۽ اسان جا عزيزَ اسد رڪن دائودپوٽو ۽ عبدالمجيد دائودپوٽو ملتان لهي باءِ روڊ ميت خانيوال مان ڪڍائي، وري ملتان آيا.. اتان فلائيٽ لطيف آباد تي آئي ۽ چوٿين ڊسمبر تي ادا خليل جي تدفين ٿي.

حيرت انگيز قصو اهو بہ ٿيو جو جڏهن، تيز تر بارشن ۾ اسد ۽ مجيد خانيوال ريلوي پوليس اسٽيشن تي پهتا هئا تہ اندر کين ميت جي تصديق لاءِ گهرايو ويو اتي چا ڏسن تہ ميت جي پاسي کان هڪ همراهہ جاءِ نماز وڇايو قرآن شريف رحل تي رکيو تلاوت ڪري رهيو آهي... اسد کي ڏسي پڇيائين، "اوهان وارث آهيو؟" اسد، مُنهن ڏسي پڪ ڪري هاڪار ڪئي... همراهہ بس ڪجهہ بہ نہ چيو ۽ وري پڙهڻ ۾ لڳي ويو.. رسمي ڪاروائين دوران اسد پوليس وارن کان پڇيو تہ "هي ڪير آهي؟" هنن ٻڌايو تہ "اسين بہ ڪونہ ٿا سڃاڻون... ميت هتي رکيسين مَس تہ هيءُ آيو ۽ ايس.ايڇ. او. کي چيائين تہ جي اوهان کي اعتراض نہ هجي تہ مان هن وٽ ويهي قرآن شريفُ پڙهان. اسان چيو اسان کي ڪهڙو اعتراض...! ثواب جو ڪم آهي. بس مستقل ٻن ڏينهن کان اتي پڙهي پيو... ماني ٽوري ٿو کائي، نماز پڙهڻ نڪري ٿو ۽ جهٽ ڪن... ان ئي مصلي تي سُمهي بہ وٺي ٿو.."

اسد کي ان اجنبيءَ کان سوال جواب ڪرڻ جي همٿ نہ ٿي. هن ايترو سو ضرور ٻڌايو تہ "محمود... اتان نڪتاسين تہ ايمبولينس ۾... مان پويان ويٺل هئس ۽ مجيد اڳيان... مون دريءَ مان ڏٺو تہ جيستائين نگاهہ ڪم ڪندي رهي ۽ اسين موڙ نہ مُڙياسين، اهو همراهہ مستقل پڙهندو رهيو ۽ سندس هٿ دعا لاءِ بلند هئا.."

مان، پنهنجي محبوب ادي خليل جو "ممُون" ۽ "ميان محمود علي خان" جنهن کي مان حُبَ سان "آغا جِي" سڏيندو هئس. الله پاڪ جل شانہ کي حاضر ناظر ڄاڻي لکان ٿو تہ مون کي پَڪَ هئي تہ اهو سڀ ائين ئي هوندو. ڇاڪاڻ تہ جيڪا رخصتي، خليل ٻين اجنبين لاءِ ڪندو هُيو. اها کيس بہ تہ نصيب ٿيڻي ئي هئي... اسد تہ بس رڳو منهنجي خيال جي تصديق ڪئي هئي.

پنجويهن سالن کان پوءِ، اسان جي گهر مان اسان جو لاڏلو پاءُ رخصت ٿيو هيو. سندس رخصتيءَ لاءِ نسب نامي ۾ فقير ميان گل محمد مغل قلندري سيوهاڻيءَ هي درج ڪيو.

"هُوالباقي... جمعي جي رات، تاريخ 2، ماهہ ڊسمبر 1993ع بمطابق 17 جمادي الثاني 1414هجريءَ، وقت مطابق رات جو 11 لڳي پنجاهہ منٽن تي، حضرت مرحوم خليل الرحمان مغل ولد مرحوم و مغفور، ميان نور محمد مغل سيوهاڻي، پنجاب جي خانيوال ريلوي اسٽيشن تي هن فاني دنيا مان رحلت ڪري ابدي ملڪ ڏي روانو ٿي ويو. انالله و انا اليہ راجعون. مرحوم مغفور خليل سائين گهران سرڪاري ڪم سان 1993.11.27ع يعني ڇنڇر جي ڏينهن ڊاڪٽر غلام علي الانا وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي، سراج الحق کوسي ڊائريڪٽر فنانس ۽ ٻن ڪلارڪن سان گڏ اسڪيمن جي منظور ڪرائڻ لاءِ جهاز رستي اسلام آباد ويو هو. جتان پوءِ ڊاڪٽر الانا ۽ کوسو اربع ڏينهن جهاز رستي واپس آيا ۽ ادا خليل

سائينءَ پنهنجي جهاز جي ٽڪيٽ منسوخ ڪرائي عوامي ايڪسپريس جي لوئر ايئرڪنڊيشن جي ٽڪيٽ بُڪ ڪرائي. عوامي ايڪسپريس راولپنڊيءَ مان منجهند جو 12:30 تي خميس ڏينهن رواني ٿي ۽ ان کي 1993.12.03ع بروز جمعي تي حيدرآباد پهچڻو هو. مرحوم جڏهن خانيوال کان ڪجهه فاصلي تي هو ته ڪيس 11.10 منٽن تي ساهه جي تڪليف ٿي، جنهن جي شڪايت پاڻ گاڏيءَ جي همسفرن سان ڪئي، جن وري بئي گاڏي ۾ وڃي مسافرن کان معلوم ڪيو ته ڪنهن کي فورن طبي امداد ڏيڻ ايندي آهي. جتي سنڌ يونيورسٽيءَ جون ٽي نيپال جون رهندڙ شاگرديائيون موجود هيون. جن مان هڪ ننڍ پيل هئي باقي ٻه سجاڳ هيون. جن چيو ته اسان کي فورن طبي امداد ڏيڻ ايندي آهي. اهي ٻئي ڇوڪريون مرحوم سان مليون. جن کي چيائين ته مان مڪمل ٺيڪ آهيان باقي ساهه کڻڻ ۾ تڪليف اٿم. سو منهنجي سيٽ هيٺان پيل ٿيلهي مان "وڪس بام" ڪڍي ڏيو جنهن تي انهن ڇوڪرين چيو ته اهو اسان وٽ آهي. سو هڪ ڇوڪريءَ جلد وڃي کڻي آئي. وڪس بام جي سيني تي مالش ڪرڻ سان تڪليف ويتر وڌي وئي ۽ ان دوران گاڏي خانيوال ريلوي اسٽيشن تي پهچي وئي ڇوڪرين ۽ ٻين مسافرن گارڊ کي گهرايو. جنهن ادا خليل مرحوم کي چيو ته پاڻ گاڏي مان لهي ويٽنگ روم ۾ هلي ته جيئن سندس علاج ڪرائي سگهجي. مرحوم ادا پنهنجي پيرن تي هلي ويٽنگ روم ۾ آيو ان دوران نيپالي ڇوڪرين ارادو ڏيکاريو ته ساڻس گڏ رهي علاج ڪرائين. جڏهن اهي پنهنجو سامان گاڏيءَ مان لاهي رهيون هيون ته ڪين مسافرن مان ڪنهن هڪ ٻڌايو ته ادا خليل جن خالقِ حقيقيءَ سان وڃي مليا. اسان کي اها دکدائڪ ۽ دردناڪ خبر رات 1.10 منٽن تي محترم عبدالبصير اسٽيشن ماستر ٻڌائي جنهن مطابق ادا خليل جي وفات بابت خانيوال جي پوليس ڪراچي جي ريلوي ڪنٽرولر کي اطلاع ڪيو جنهن ڄام شوري ريلوي تي اطلاع ڪيو. ادا خليل جي جنازي کڻائي اچڻ جي سلسلي ۾ ادا عبدالرحمان ۽ بابو بصير صبح جو 9 بجي جي شاليمار ۾ خانيوال روانا ٿيا. ۽ ڪيس روهڙيءَ جي اسٽيشن تي اسد، نظير شيخ، بابو بدر، عبدالمجيد سومرو ۽ ٻيا مليا. جن ڪين ٻڌايو ته اسان سکر مان ايڌيءَ جو ايمبولينس جهاز بُڪ ڪرايو آهي، جنهن رستي جنازو حيدآباد پهچايو ويندو ادا جن ۽ بابو بصير سکر ۾ ئي لهي پيا ۽ ادا رڪن جي فيملي سان ويگن ۾ شام جو ساڍي ستين بجي واپس پهچي ويا. اسد ۽ عبدالمجيد سومرو جنازو کڻائڻ لاءِ جهاز رستي پهرين ملتان جتان ايڌيءَ جي ايمبولينس جي ذريعي پهرين خانيوال وڃي جنازو ملتان کڻائي آيا. جتان رات جو 2 بجي جهاز لطيف آباد حيدرآباد پهتو. اتي ايڌي جي ايمبولينس ۾ ٻن ڦڪين ٽيڪسين ۾ ادا جن موجود هئا ۽ رات جو ٽن ۾ ڏهن منٽن تي تاريخ 1993.12.04ع تي جنازو گهر پهتو گهر ۾ ڪفن اڳ ئي تيار هو جنهن ڪري 3.30 تي غسل ڏنو ويو غسل امان الله ميمڻ ڏنو.

نصيب وجود. ريل مان لٿو آهي، سامان لاهرايو اٿائين، وضو ڪري اچي ويٽنگ روم ۾ ليٽيو آهي ۽ جهان ڇڏيو اٿائين. مولا...پرديس ۾ اهو موت...جنهن ۾ ٽرين پنهنجي مقرر وقت کان رڳو ويهه منٽ ليٽ رواني ٿي ۽ پنهنجي هڪ مسافر کي اجلَ جي حوالي ڪري، پٽڙيون لتاڙي ڪراچيءَ جو رخ رکيو.

..اهو موت ڪيئن ٿيو هوندو.. ڪجهه احوال ته مون کي نيپالي شاگرديائڻ ڏنو هو.. پر دل جي گمانن کي ڪير سمجهائي سگهي ٿو. اکين مان نڪرندڙ هر لُڙڪ، سوال ته پڇندو ئي هو.. پر جواب ڪٿان ملي سگهيو پئي...! نه ڪو اوهي هو نه واهي.. نه دوست نه دلاور..لاش سپاهين وٽ هيو ڇڏڻ وارن جي ته ڪا ائڊريس به نه ملي سگهي هئي. دل ۾ اهو سوال به اڀرندو هو ته پنهنجي حياتيءَ ۾ هُو سدائين ماڻهن جا آتا پتا معلوم ڪندو هو ۽ ڪين ڏگ تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندو هو سو پاڻ ڪيئن ائين مسافريءَ ۾ مارجي ويو.

سندس وفات کي تقريباً ٽي هفتا ٿيا هُئا جو هڪ ڏينهن اوچتو فاطمه جي وڏي ڀيڻ پروين جي فون ڪراچيءَ مان اچي وئي.. دل جي انهيءَ درد جي ڪيفيت مون هنن سان بيان ڪئي هئي.. ۽ هُو سڀ به مون وانگر منجهيل ئي هئا. فون تي چيائين ته "هڪدم ڪراچيءَ اچو ڪجهه ڏس پتو مليو آهي.."

ٿيو ائين هيو جو پروين جنهن اسڪول ۾ پڙهائي ٿي، اتي جي هڪ ذهين شاگرديائي ڪجهه ڏينهن کان غير حاضر هئي.. ان مسلسل غير حاضريءَ جي ڪري، سندس استاد پريشان هئا. آخر هڪ ڏينهن آئي ۽ ڪانئس غير حاضريءَ جو سبب پڇيو ويو ته هن پروين کي ٻڌايو ته سندس والد جي طبيعت ٺيڪ ناهي. هُو اسلام آباد کان ڪراچيءَ آيو پئي ته رستي ۾، ڪنهن سان دوستي ٿي ويس.. ۽ ڪجهه ڪلاڪن جو اهو دوست، اتي ئي گذاري ويو. ماڻهو زبردست هُيو ۽ ڪلاڪن ۾ ئي سالن جو ساٿي ٿي ويو هو. سندس ائين موتَ هن همراهه کي لوڏي وڌو هو. وڌيڪ تفصيل پڇڻ تي ٻڌايائين ته وفات ڪندڙ پنهنجو وزيٽنگ ڪارڊ منهنجي والد کي ڏنو هو جيڪو اڃا به هٿيڪو آهي، ۽ ان تي سنڌ يونيورسٽي لکيل آهي. پروين کي ته ڄڻ هڪدم گهنڊڻين وڄڻ جو احساس ٿيو هو. هُن ننڍڙيءَ کي گهر موڪليو ۽ ڪانئس فون تي نالو معلوم ڪيو جيڪو خليل الرحمان مغل هو. نالي جي تصديق ڪرڻ تي، پروين، شاگرديائيءَ جي گهر جو نمبر مون کي لکرائي ڇڏيو.

سائينءَ جو نالو غياث الدين هو ۽ هُو اسٽيٽ لائيف ۾ ايريا مئنيجر هيو. ادا مرحوم جي حياتيءَ جي آخري گهڙين جو هر تفصيل هُنَ وٽ هئو. پاڻ ٻڌايائين، "اتفاق سان، اسان ٻئي هڪ ئي وقت ريل جي ڊبي ۾ سوار ٿيا هئاسين، هڪڙي در کان مان ۽ هڪڙي در کان هُو.. اندر ايندي، هڪ جاءِ تي ٻنهين جو رابطو ٿيو ڇاڪاڻ ته اسان جي نشستن جا نمبر هڪبئي پويان هئا. هُن مون تي نگاهه

وجهڻ ساڻ ئي سلام ڪيو هُيو. ۽ پهريون جملو اهو اُچاريو هئائين تہ. "الاءِ هيءَ ٽرين حيدرآباد پهچندي بہ الاءِ نہ...!" مون حيرت سان هن ڏي نهاري چيو هو تہ "محترم... حيدرآباد تہ چا، هيءَ تہ ڪراچيءَ پهچڻي آهي..." اُن تي هڪ عجيب مُرڪ سندس مُکَ تي اچي وئي هئي. سفر شروع ٿيو تہ هن سامان کوليو هو. ٽافيون، ڪتابَ ۽ ٻيا لوازمات.. ۽ سيني ۾ ورهاياين. مٿان وري لنچ بہ گڏ ڪيو هئوسين. شام لڙي ئي پئي جو کيس سيني ۾ سور شروع ٿيو هيو. پهريان تہ اهو هلڪو هُيو پر پوءِ ، لاهور ڪراس ڪرڻ کان پوءِ اهو وڌندو ويو.. ۽ سندس پگهر اچڻ وڏي ويو. اسان وٽ ٽرين ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جون ڪجهہ نيپالي شاگرديائيون بہ هيون، جن فرسٽ ايڊ ۾ مدد ڪئي، مٿان وري پچا ڳاڇا ڪرڻ تي، هڪ ڊٻي مان پيءِ آئي اي جو هڪ ڊاڪٽر بہ ملي ويو جنهن ٻڌايو تہ خليل صاحب کي مستقل دل جو دؤرو پوي پيو ٿو. گاڏي خانيوال تي پهتي تہ سڀ هيٺ لٿاسين. هُن پنهنجو سامان پاڻ لاهرايو ۽ ويٽنگ روم تائين پنڌ هليو. ڊاڪٽر لاءِ پيج ڊُڪ ڪئي وئي ۽ کيس گهرائڻ جا جتن هلندا رهيا. تيستائين خليل صاحب مستقل سوره ياسين پڙهندو رهيو. وضو ڪري آيو ۽ هڪ بينچ تي ليٽي پيو. هن مون کي پنهنجا وزيٽنگ ڪارڊس ڏنا ۽ چيائين، "منهنجو وقت ختم ٿئي پيو... هي منهنجي ائڊريس اٿوَ. عبدالرحمان، گل محمد ۽ محمود منهنجا پائر آهن.. کيسي ۾ ٻہ سئو رپيا اٿمر.. اهي کڻي ڇڏجو ۽ منهنجي ميت ڇام شوري ضرور پهچائجو ۽ جيڪو خرچ مٿان اچي، اهو منهنجي پائرن کان ضرور وٺجو." غياث صاحب وڏيڪ ٻڌايو تہ "مون چيومانس همٿ ڪر..هيڏو ڏانگهو مرد آهين. همٿ چو ٿو هارين...! ..هن چيو "وقت اچي پيو... هڪڙي مهرباني ڪر.. هي ماٺهو جيڪي مون مٿان ڪٺا ٿيا آهن.. انهن کي منهنجي ڪري تڪليف ٿي آهي.. انهن کي چئو تہ مون کي معاف ڪنَ." غياث صاحب باآوازِ بلند، خانيوال جي اسٽيشن تي حيران پريشان مسافرن جي هجوم کي چيو "هي چئي ٿو.. مون اوهان کي تڪليف ڏني.. مون کي معاف ڪجو.." الاءِ ڪيترن چيو تہ تڪليف ڪهڙي...؟ تڪليف ۾ تہ هيءَ آهي...! "ان مهل ئي هن ڪلمو پڙهيو ۽ منهنجي هنج ۾ سندس ڪنڌ ساڪت ٿي ويو..

...انالله وانا اليہ راجعون..."

ٽيليفون تي سُڏڪندڙ غياث الدين صاحب مون کي مبارڪ ڏني، "سائين.. مان ٻاونجاهہ سالن جو ٿيو آهيان.. هيل تائين مون انيڪ موت ڏنا آهن.. پر زندگيءَ ۾ پهريون پيرو ڪو وجود، ڪلمو پڙهي منهنجي هنج ۾ رخصت ٿيو آهي.. اهو مبارڪ موت آهي.. اوهان کي ان انتقال تي خوش ٿيڻ گهرجي.."

مون سندس ٿورا مڃيا جو هُن منهنجي پاءُ جي ايتري پرگهور لڌي. غياث صاحب چيو "سچو ڪمر ڪل ويهن منٽن ۾ ٿي ويو هيو ۽ ٽرين رڳو پنجويهہ منٽ ليٽ ٿي هئي. مون تہ ميت سان گڏ رهڻ پئي گهريو. اجا ڪجهہ ڪلاڪ پهرين

اسان گڏ ماني کاڌي هئي، لطيفا شيئر ڪيا هئا ۽ هاڻي هُو ڪونہ هيو. پر پوليس سندس شناختي ڪارڊ ڏسي ۽ دفتري ڪاغذ ڏسي پريشان ٿي وئي هئي. لاش ڪسٽڊيءَ ۾ وٺي هنن اسان کي روانو ڪري ڇڏيو هو."

هيمنت ڪمار ۽ ڪي ايل سهگل جون ڪمپوزيشنز جهونگاريندڙ منهنجو ادل، "چاه برباد ڪريگي همين معلوم نہ ٿا" ۽ مڪيش جو "آنسو ڀري هين يہ جيون ڪي راهين" دل سان جهونگاريندو هو. زندگيءَ جي هن شام ۾ اهي ئي سٽون منهنجو ذاتي الميو بڻجي ويون آهن.. سچي ڳالهہ تہ اها ئي آهي تہ ڊسمبر 4، 1993ع تي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اسٽيشن ويجهو قبرستان ۾، سندس مرقد تي پهرين نگاهہ سان ئي اهو سمجهہ ۾ اچي ويو تہ چاهہُ ڪيئن برباد ڪندو آهي ۽ جيون جي راهن ۾ ڳوڙها ڇا حيثيت رکندا آهن، ۽ سچي ڳالهہ تہ اها بہ آهي جو اهو پڻ سمجهہ ۾ اچي ويو تہ جيڪو ڀين لاءِ جيترو ڪري ٿو منڙو مالڪ جل شانہ ان کي انهن عملن کان الاءِ ڪيترا ڀيرا وڌيڪ نوازي ٿو.

سندس ڪِلَ، جهونگار، پاڪر جي سختي، قراءت جو الحان، ۽ سادگي ڏاڍا ياد ايندا آهن.. اڄ جڏهن سندس اولاد، خيرن سان جوان آهي ۽ مختلف، اهم مسندن کي والاري پيو ٿو تہ ڏٽيءَ جي بارگاهيءَ جي مَهرَ جوهڪڙو ننڍڙو مثال سمجهہ ۾ اچي ٿو تہ هو پاڻ ڪونهي سورنهن سال کيس رخصت ٿيندي ٿيا، پر پوءِ بہ سندس اولاد کي رستا ائين ئي کُليل مليا، جيئن هو پاڻ کولي سگهي ها.. جنهن ڀين جي اولاد لاءِ سوچيو پروردگار سندس اولاد کي ڪيئن ڇڏي سگهي ٿو.

ڏٽي شل سندس مرقد کي، گلاب جيان مهڪائيندو رهي.. الاءِ ڇو هرهر اهو خيال ايندو آهي تہ سندس اوچتي موت، اسان جي خاندان جي ڇيلهہ ٽوڙي ڇڏي.. دنيا جا سڀ وهنوار سلامت رهيا، بلڪ اڃا بہ اڳ اڳرا ٿيا، پر خوشين جو اهو هجوم نہ موٽيو جيڪو پهرين اسان وٽ تڪيل ئي هوندو هيو.

◈

---




ماهوار 'رُوح رهاڻ'

[1963 کان 1968]

40 ورهين کان پوءِ نئين رنگ ۽ ڍنگ سان
هڪ دفعو ٻيهر
پڙهندڙن جي هٿن ۾

چيف ايڊيٽر:
**حميد سنڌي**

سڄي سنڌ ۾ هر بُڪ اسٽال تي
وڪري لاءِ موجود

# ايندڙ بهار جي اوسيئڙي ۾

[راهي چنا جي ياد ۾]

•

**تاج جويو**

دادُو دل وارن جو شهر آهي. وطن پرستيءَ کان ادب دوستيءَ تائين هن ضلعي جي منفرد تاريخ رهي آهي، هن ئي ضلعي جو هڪ محب وطن عالم ۽ بهادر انسان **مخدوم بلاول**، گهاڻي ۾ پيڙجي ويو پر ٻاهرين حاڪمن جي نہ بيعت ڪيائين، نہ سندن سنڌ تي اقتدار برداشت ڪيائين، ۽ نہ ئي جهڪيو. مخدوم بلاول جي ساٿي ۽ پيروڪارَ **سيد حيدر سنائيءَ**، سَن جي تاريخي شهر آڏو ارغون حاڪمن جي مُرشد ۽ سندن اقتدار کي سنڌ ۾ مذهبي نالي ۾ برقرار رکڻ لاءِ ڪوشش ڪندڙ ميران محمد جونپوريءَ جون پيڙيون هڪ "درياهي جنگ" دوران ٻوڙائي ڇڏيون، ۽ زندگيءَ جا آخري ڏينهن سَن جي حدن کان ٻاهر ڪڇ طرف جلاوطنيءَ ۾ گهاريا ۽ وطن دوستيءَ جو عظيم مثال قائم ڪيو. سائين **جي.ايم.سيد** جو سنڌ جي سياست ۾ مقام پڻ بلاولي روايت جو هوبهو آئينو رهيو آهي. دادو ضلعي (هاڻي ڄامشوري) جي هڪ پهاڙي سلسلي ۽ درياهِي ڪنڌيءَ واري ڳوٺ سَن جي هن جهور پوڙهي، سنڌ سان الستي عشق جي جُرم ۾ الزام ۽ ڪفر جون فتوائون سٺيون ۽ نظربنديون ۽ جيل جون صعوبتون برداشت ڪيون. آخري پساهہ پوليس جي پهري ۾ اسپتال اندر پورا ڪيا، پر سنڌ جي زندگيءَ ۽ آجپي واري سوال تان نہ هٽ ڪنيائين، نہ ڪڏهن وِڪيو ۽ نہ ئي وري ڪڏهن جُهڪيو.

اهڙيءَ طرح سچن سرجڻهارن جي صف تي نظر وجهنداسون تہ هن ضلعي جي زرخيز مٽي، **اُستاد بخاريءَ** جهڙي هن صديءَ جي هڪ وڏي شاعر کي جنم ڏنو جنهن غلام چانڊيي جي ننڍڙي ڳوٺ مان نڪري، پنهنجي شاعريءَ جي شعاعن سان سڄيءَ سنڌ ۾ سَهائي پکيڙي ڇڏي، هُو خود داريءَ ۾ بيمثال ۽ سنڌ دوستيءَ جو اهڃاڻ هو. هن همت جي هماليا، ڪينسرَ جهڙي نُگري بيماريءَ کي "قوت ارادي" (will power) وسيلي وڏي مڙسيءَ سان مُنهن ڏنو ۽ آخر تائين زندگيءَ جا گيت ڳائيندو ۽ لکندو رهيو:

پُرزا پُرزا زندگي ميڙيان پيو
قطرا قطرا هڪ ندي ميڙيان پيو

اِن ئي دادوءَ جي ڌرتيءَ پروفيسر **عبدالله مگسيءَ** کي جنم ڏنو جنهن سنڌ جي تاريخ جو جديد شعور ڏنو ۽ نئين نسل لاءِ سنڌ جي تاريخ جو اهڙو 'چهرو' ڇڏي ويو

جنهن کي پڙهڻ سان فخر ٿئي ٿو. هيءُ بهادر شخص بہ موت جي اکين ۾ اکيون وجهي چوندو هو: 'زندگي، خوبصورتيءَ ۽ تحرڪ جو نانءُ آهي. ماڻهو چاهي ٿو تہ اُن کي آخري لمحن تائين قائم رکي، اُن ڪري اُن لاءِ جدوجهد ڪندو رهي.'

هن يُونءِ اهڙي ئي هڪ بئي تخليقڪارَ ۽ اسان جي بهادر يارَ کي جنم ڏنو جو جوهيءَ جو راهي چنا هو. 06.01.1950 تي جنم ورتائين. اجا ڇهن سالن جو ٻارُ هو تہ پيءُ جي شفقت جو سايو مٿي تان هٽي ويس. هن جي وڏي ڀاءُ ڏهن ورهين جي ڄمار ۾ بوٽ پالشِ جو ڪم شروع ڪيو ۽ هن جي جيجل اَمڙ پاڙي وارن جا مِرچ پيِنهين، ٽانو ۽ ڪپڙا ڌوئي، گهرن جون ٻهاريون ڪڍي، ٻارن کي پاليو ۽ پڙهايو. راهي چنا، خود نئيپڙ ۾ چولا وِڪيا، تغاري کڻي مزدوري ڪئي ۽ جوهيءَ جي چؤنڪ تي بوٽ پالِش ڪئي. هن ڏُکن جي ڏوليءَ ۾ پليل شخص جي زندگيءَ ۾ ڦيرين تبديلي، سندس نئيپڙ جي دوست ۽ ڪلاس ڀائيءَ، ڊاڪٽر عبيدالله عباسيءَ آندي، جيڪو راهيءَ کي بوٽ پالش جي دُڪان تان اُٿاري، ڄامشوري جي هوائن ۾ وٺي آيو ۽ راهيءَ 1971ع کان 1996ع تائين سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف ڪيمسٽريءَ ۾ جيون جا ڀرپور 20 سال ليب اٽينڊنٽ طور ملازمت ڪندي، ڄامشوري جو ٿي ويو. هاڻي راهي ڄامشوري جو ۽ ڄامشورو راهيءَ جي سڃاڻ جو اهڃاڻ بنجي ويو. جوهيءَ سان هن جي جيءَ جون جڙون، 1981ع کان 1984ع تائين ڪٽجي ڇڪيون هيون. 20.10.1981 تي راهيءَ جي جيجل امڙ جنت خاتونءَ وفات ڪئي ۽ 26.02.1984 تي سندس پيءُ برابر وڏو ڀاءُ بہ اڻ ڏٺي ڏيهہ راهي ٿي ويو ۽ ائين جوهي، راهيءَ لاءِ اجنبي شهر بنجي ويو.

راهيءَ، زندگيءَ ۾ خودداري، محنت، همت ۽ حوصلو ماءُ ۽ ڀاءُ کان حاصل ڪيو. پورهيت ماءُ، هن جي سرشت ۾ پورهئي لاءِ پيارُ ۽ حلالَ جي روزيءَ لاءِ اُتساهہ پيدا ڪيو. هو پنهنجي وڏي ڀاءُ مرحوم حاجي محمد هاشم چنا جي شخصيت کان ڏاڍو متاثر هو ۽ سندس اِن عمل کيس بيحد متاثر ڪيو هو تہ مرڻ کان پوءِ جوهي شهر مان هڪ بہ قرضدار وٽس نہ آيو هو. پر ڪيترا ماڻهو مرحوم جا قرضدار هئا. راهيءَ جي وڏي ڀاءُ جي وفات وقت سندس کيسي مان صرف -/100 (هڪ سؤ) رپيا نڪتا هئا، جيڪا ئي زندگيءَ جي آخري مُوڙي هئس.

راهيءَ کي جيجل ماءُ سان اٿاهہ پيار هو. ڊائري، اڪثر ڪري ماءُ سان مخاطب ٿي لکندو هو ۽ کانئس دُعائون طلب ڪندو هو. سندس زندگيءَ جي وڏن حادثن ۾ ماءُ جي جُدائي، ڦيرين گهر واريءَ جي بيوفائي، محبوب زالَ مختيار عرف گلشن چنا جي 25 سالن جي ڀرُوهہ جوانيءَ ۾ اوچتي وفاتِ، ذاتي تعليم حاصل نہ ڪرڻ جو ڏُک ۽ وڏيءَ نياڻيءَ جي دِل وٽان شادي نہ ٿيڻ جا واقعا اچي وڃن ٿا.

گهرواريءَ مختيار عرف گلشن چنا جي وڇوڙي کان پوءِ راهيءَ سڀ شوقَ ڇڏي ڏنا ۽ صرف يتيم اولاد جي مستقبل لاءِ سوچيو. روزانو وِلس ڪنگ سگريٽ جا چار پاڪيٽ پيئندڙ هن شخص، 1987ع کان سگريٽ نوشي ترڪ ڪري ڇڏي

هئي ۽ ڪڏهن بہ عيد تي نوان ڪپڙا نہ پاتا. وڏي پٽ حميد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ سندس زندگيءَ جو وڏي ۾ وڏو خوابُ هو جيڪو پورو نہ ڪري سگهيو. 1995ع ۾ ننڍيءَ عمر ۾ حميد جي شادي ٿيڻ جو بہ ڪيس آخر تائين صدمو رهيو ڇو تہ راهيءَ، پُٽَ جي شاديءَ جا، جنهن قسم جا خواب ڏٺا هئا، سي اڻپورا رهجي ويا.

هن کي وڏيءَ نياڻيءَ فرزانہ کي مختصر ڏاڄ ڏئي پرڻائڻ جو بہ وڏو ڏُک رهيو. زندگيءَ ۾ ٻارن جي اَجهي لاءِ ڄامشوري ۾.قسطن ذريعي خريد ڪيل پلاٽ پڻ پنهنجي پياري زالَ مختيار جي علاج جي خرچ ۾ وڪڻي ڇڏيائين، پر ظالم موتَ اُن جي زندگي بہ کسي ورتي. انتهائي مجبوريءَ جي حالتَ ۾ ٻي نياڻيءَ فوزيا جي شاديءَ لاءِ ورتل ڏاج ۽ ٻارن جي تفريح لاءِ خريد ڪيل رنگين ٽي.وي وڪڻي، پنهنجي بيماريءَ جو علاجُ ڪرايائين. 25 سالن جي ملازمت دوران رٽائرمينٽ بہ اُن ڪري ورتائين تہ جيئن پنهنجي حق حلال جي ڪمائيءَ مان سنگت ساٿ جو قرض ادا ڪري ۽ دِل جي بيماريءَ جو علاج ڪرائي. افسوس جو سندس پينشن ۽ گريجوئٽيءَ جي رقم سندس وفات کان هڪ ڏينهن اڳ منظور ٿي آئي، پر اُن جو چيڪ بہ وٺي نہ سگهيو ۽ موت جو عقابُ هِن يارَ کي چنبن ۾ ڇائي ويو.

**اُستاد بخاري ۽ نجم عباسيءَ** کان پوءِ **راهي چنا**، ٽيون اِهڙو سچو سرجڻهارُ هو جنهن پنهنجي موت کان اڳ پنهنجي قبر جي هنڌَ، ڪتبي ۽ ٻين ڪيترن مسئلن تي لکت ۾ وصيتون ڇڏيون آهن. راهيءَ جي ڊائرين ۾ روز تلاوت ڪندڙ قرآن پاڪ جي ورقنِ مان پينشن ۽ گريجوئيٽيءَ جي رقم جي خرچَ، قرض جي ادائگيءَ، قبر جي هنڌَ، قبر جي ڊِنگ، قرضدارن جي قرض جي تفصيلن وغيرن بابت وصيتون مليون آهن. جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ هن ذاتي زندگيءَ ۾ غريبَ، پر دل جي انتهائي شاهوڪارَ ۽ خوددارَ شخصَ، پنهنجي اولادَ، عزيزن ۽ دوستن لاءِ هر قسم جي هدايت ۽ رهبري ڇڏي آهي. ۽ اُستاد بخاريءَ وانگر **"جو دم غافل، سو دم ڪافر"** جو قائل هو ۽ هن جيون جو لمحو لمحو سجايو ۽ جوابداريءَ سان گذاريو.

هن کي جنم ڀوميءَ جوهيءَ سان ڏاڍو پيارُ هو. اباڻي شهر جي هر رستي ۽ هر گهٽيءَ سان ڪيس اُنس هو. پر ماءُ ۽ پيءُ جي وفات ڪري ويڄڻ ۽ پيڻ جي طرفان اباڻن ڪکن وڪڻي ڇڏڻ کان پوءِ هن جو ڄڻ تہ جوهيءَ سان ناتو ٽُٽي چڪو هو. هڪ هنڌ ڊائريءَ ۾ جيجل امڙِ کي مخاطب ٿي لکي ٿو تہ: "امڙ! اُهو گهر جتي مون ٻانبڙا پاتا، اُهو هاڻي ٻين جو گهر آهي." هو جوهيءَ ويندو هو پر ڪُجهہ ڪلاڪن لاءِ، پَراون وانگر، هڪ تنها ۽ اجنبي مسافر وانگر۔ هُو هر سال نائين محرم جي ڏهاڙي ماءُ، پيءُ ۽ ڀاءُ جي قبرن جي صفائيءَ لاءِ، سندن حاضري ڀرڻ لاءِ، مٿن بہ قل پڙهڻ لاءِ ۽ گلن جون چادرون چاڙهڻ لاءِ ويندو هو. هُو ساڳيءَ طرح پنهنجي محبوب زال مختيارِ جي قبر تي سيتا روڊ بہ گل چاڙهڻ لاءِ هر سال ويندو هو. گُلَ، راهيءَ جي ڪمزوري هئا، خاص ڪري موتئي ۽ گلاب جا گُلَ.

راهي، پنهنجيءَ جنهن اڇيءَ سنگمرمر جي قبر لاءِ وصيت ڪري ويو آهي، اُن لاءِ لکي ٿو تہ: "قبر مٿان گلن رکڻ جي جاءِ پڻ ٺهرائي وڃي. هيءَ قبر علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي پيرانديءَ کان، جامع مسجد واري پاسي کان ٺاهي وڃي. منهنجي قبر جي پرسان موتيو ۽ ڳاڙهو گلاب لڳائي ڇڏجو. جيڪڏهن اِئين نہ ڪري سگهو تہ منهنجي قبر تي گلاب ۽ موتئي جو گل ضرور رکندا ڪجو ڇو جو آءٌ پنهنجي ڪيسي ۾ ۽ سيرانديءَ کان هميشہ موتئي جا گل رکندو هوس. موتئي جو گل منهنجي ڪمزوري آهي." (ڊائريءَ جو ورق: 08.11.1995)

افسوس علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جي پيرانديءَ کان پورجڻ واري راهيءَ جي خواهش پوري نہ ٿي سگهي. جيتوڻيڪ سندس معصوم پُٽ حميد راهيءَ پاران راهيءَ جي دوستن کي عرض ڪرڻ باوجود اِن خواهش جو پورائو نہ ٿي سگهيو. پوءِ بہ معصوم حميد کي لک شاباسون هجن، جنهن عزيزن جي ناراضگيءَ کي سِر تي کڻي بہ پيءُ کي سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري ڪالونيءَ جي قبرستان ۾ رکايو جتي راهيءَ جي دوستن- اياز عالم، طارق عالم ۽ نياز پنهور جا پيئرَ ۽ ٽوڙي سانحي جو شهيد مِٺو بليدي رکيل آهن. مِٺو بليديءَ جي قبر تي 17 آڪٽوبر جي ڏهاڙي سائين ظفر حسن، راهي ڇنا ۽ سنڌي ادبي سنگت ڄامشوري ڪالونيءَ جا دوست هر سال گلن جي چادر چاڙهيندا هئا. اڄ راهي، سندس پر ۾ دفن آهي ۽ هاڻي حميدَ، فوزيا، رابعا، نويدَ، نازيا، مجيدَ ۽ اسان راهيءَ جي دوستن کي، راهيءَ جي قبر تي گل چاڙهڻ جو فرض پورو ڪرڻو آهي. راهيءَ جون نياڻيون، پُٽ، دوستَ، سندس وصيت موجب روزانو سندس قبر تي گلاب ۽ موتئي جا گل رکڻ ايندا هئا ۽ سندس قبر تي هر وقت گلاب يا موتئي جا تازا گل ڏسڻ ۾ ايندا هئا (هاڻي اچن ٿا الائي نہ!)، پر راهي اِهو چئي ويو آهي تہ:

مون توکي گيت ڏئي
جيڪي گل ورتا آهن،
سي تہ مُند/ وقت پُڄاڻان،
ڇڻي پوندا،
ڪومائجي ويندا-
هر مُند ۾ سُرها رهندا،
هر موسم ۾ مهڪندا رهندا،
چئوطرف خوشبوءِ پکيڙي
گهٽيءَ گهٽيءَ کي واسي ڇڏيندا.

راهيءَ جي جمالياتي حِسَ ڏاڍي تيز هئي. هو حُسن بين ۽ حُسن وند نگاهن جو ڏٺي هو. اقبال بانوءَ جي بيوفائيءَ کان پوءِ مختيارِ سندس حُسن بين نگاهہ جو انتخاب هئي، جنهن سان هن جي زندگيءَ جو مختصر ساٿ فقط 13 سالن تائين رهيو ۽ اُن ساٿ کي راهي، زندگيءَ جو خوبصورت ۽ خوشنصيب عرصو تصور

ڪندو هو. مختيار جي وڇوڙي ۽ ٻارڙن جي يتيم ٿيڻ جي احساس، هن جي جيءَ کي جهوري ۽ بدن کي پوري وڌو هو. هن جي ڊائرين جا ڪيترا صفحا ۽ شاعريءَ جا ڪيترا شاهڪار اُن جا شاهد آهن.

زندگيءَ جي وڏن حادثن، جن ڪيس اڪيلو هيٺو ۽ اُٻاٽڪو بڻائي، پُرزا پُرزا ڪري ڇڏيو هو. باوجود اُن جي راهيءَ همٿ نہ هاري، ڪڏهن مايوس نہ ٿيو. همت، حوصلي، محنت ۽ محبت سان زندگيءَ جو گاڏو مختصر پگهار سان گهليندو رهيو. ٻارن جي ڪپڙي لٽي، کاڌي پيتي، تعليم، بيماريءَ، اُٿي ويٺيءَ، ڪتابن ۽ اخبارن جي مطالعي، يارن دوستن/اديبن ۽ شاعرن سان خط وڪتابت، سنڌي ادبي سنگت سان ساٿ ۽ دل جي بيماريءَ کي مُنهن ڏيندو رهيو. قرض کنيائين، وياج ڀَريائين، سڀ ادائگيون ڪيائين. قرض جيڪو ادا نہ ڪري سگهيو اُن لاءِ وصيت ڪري ويو تہ سندس پينشن ۽ گرئجوئٽيءَ جي پئسن مان ادا ڪيو وڃي. هو لکي ٿو: ”منهنجي وفات کان پوءِ منهنجي اولاد، ڌيئرن، پُٽن، عزيزن ۽ دوستن کي هن لکيت وسيلي وصيت ٿو ڪريان تہ منهنجي پينشن جي پئسن مان هنن کي سڀ کان اول منهنجو قرض ڏيڻو آهي. منهنجي قرض ڏيڻ کان اڳ ۾ منهنجي پئسن مان پيو ڪوبہ ڪم ڪرڻ هنن لاءِ حرام ۽ ناجائز آهي. وصيت تي عمل نہ ڪرڻ جي صورت ۾ آءٌ ڏينهن قيامت جي پنهنجي رب العزت کي عرض ڪندس تہ اي منهنجا خالق اڪبر! تنهنجيءَ ذات پاڪ جو قسم، مون مجبوريءَ هيٺ انهن ٻچن جي ضرورت لاءِ قرض کنيو هو ۽ اُنهن ٻچن کي قرض ڏيڻ جي تاڪيد ۽ وصيت ڪئي هئي. مان بي قصور آهيان. هيءُ منهنجو اولاد، تنهنجو ۽ منهنجو جوابدار آهي.“ (ڊائري جو ورق: 14.09.1995)

غريبي حال جي باوجود راهي سڄي ڄمار اَڇو اُجرو رهيو. ڪڏهن بہ گهران ٻاهر وڏيل شيو ۽ ميرن ڪپڙن سان نہ نڪتو اها سندس عادت هئي، اهو سندس دَستور هو ۽ اها سندس ڪمزوري هئي. اڇا، صاف ۽ اِستري ٿيل ڪپڙا، شيو لٿل، خوشبوءِ لڳل ۽ هٿ يا کيسي ۾ موتئي جو گُل. راهيءَ جي ادبي سنگت جو حلقو پڻ وسيع هو. سندس اڇي اُجري رهڻ واري عادت ۽ وسيع ادبي سنگت، ڪڏهن ڪڏهن هن جي ڊپارٽمينٽ جيٰ ڪرتائن ڌرتائن کي پسند نہ پوندي هئي، ڇو تہ هڪ گريڊ جو معمولي ملازم هوندي بہ راهيءَ جي 17 کان 20 گريڊ جي آفيسرن کان وڌيڪ رَهائي، وڌيڪ دوستي، وڌيڪ عزت ۽ وڌيڪ احترام هوندو هو. اُن ڪري ئي ڪيس دوستن سان ملڻ کان منع ڪندا هئا، ان حد تائين جو ڪراچي ٽي.وي جي مشاعري ۾ شرڪت ڪرڻ يا ’مهراڻ مٺگ‘ پروگرام ۾ انٽرويو ڏيڻ لاءِ وڃڻو پوندو هوس، تہ بہ ڪيس ”محڪماتي موڪل“ وٺڻي پوندي هئي. جڏهن تہ ساڳي يونيورسٽيءَ ۾ اعليٰ اديب بہ رهندا هئا، جيڪي ڪِي- پوسٽن (Key_ Posts) تي هوندي بہ اهڙين پابندين کان آجا هوندا هئا. آفيسرن جي اهڙي رويي، رُڪائيءَ ۽ عدم سڃاڻپ، هن جي دل آخري سالن ۾ نوڪريءَ کان ڪٽي ڪري ڇڏي

هئي. هڪ ڀيري جيجل ماءُ کي مخاطب ٿيندي ڊائريءَ ۾ لکيائين: "امڙ! نوڪريءَ کي اڃي 25 سال پورا ٿيا آهن. هاڻي بنهه ٿڪجي پيو آهيان. نوڪريءَ ۾ هاڻي اُها ساڳي عزت ناهي رهي. اڳي ماڻهو مانَ وارا هوندا هئا، ننڍي وڏي کي سُڃاڻندا هئا، انسانَ ۽ حيوان ۾ فرق رکندا هئا. اڄ تہ آفيسر نهايت هلڪڙا، صفا مفاد پرست ۽ پنهنجي مطلب جا پُٽَ آهن. اهڙين حالتن ۾ نوڪري ڪيئن ڪريان؟" (ڊائريءَ جا ورق: 09.08.1995)

راهي، حد درجي جو خوددار شخص هو. هن بيحد خودداريءَ سان زندگي گذاري. بيماريءَ ۾ انتهائي مجبوريءَ وارين حالتن ۾ دوستن جي مدد قبول ڪندو هو يا وري قرض ڪڍندو هو، پر **"گهرڻ کي مرڻ"** جي برابر سمجهندو هو. هڪڙي مانواري همرَقلم دوستَ، راهيءَ کان مختصر قرض جي رقمَ انتهائي اڻنگي نموني گُهري تہ اکين ۾ ڳوڙها اچي ويس، ۽ اُتي ئي هٿ ئي ڪنهن دوست کان قرض وٺي، اُن اديب دوستَ کي اداڻگي ڪيائين ۽ ڏک مان ڊائريءَ ۾ لکيائين: "هُو اديب تہ برابر وڏو آهي، پر ماڻهو اوترو ئي ننڍو آهي."

هڪ ڀيري ڪنهن ٽيليفون واري دوستَ کي ننڍڙي پُٽَ هٿان چٺي موڪليائين تہ جيئن هُو ڪراچي ٽي.وي تان پروڊيوسر بادل جماليءَ کان فون ڪري 'مهراڻ مٽڳ' پروگرام جي ڪنفرميشن ڪرائي ڏئي. جڏهن اُن دوست چٺي پڙهڻ بنا ئي واپس ڪري ڇڏي تہ اُن وقت جيڪو ڪربُ، جيڪا پيڙا، راهيءَ محسوس ڪئي هوندي، اُن جو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي. اُن اعليٰ اديب سمجهيو هو تہ راهيءَ قرض لاءِ چٺي موڪلي آهي، پر راهيءَ سڄي ڄمارَ ڪنهن کان بہ هڪ ٽڪو ويچاروٽي نہ گُهريو هو. سندس لفظ آهن: "امڙ! ويچاروٽي گُهرڻ، مون لاءِ مرڻ آهي... آءٌ ذهن ۽ ضمير گروي رکي نہ ٿو سگهان."

- تہ اهڙن روين، حالتن ۽ عذابن ۾ گُذاريندي بہ راهيءَ جو زندگيءَ مان چاهہُ ۽ ويساهہُ نہ ٽُٽو هو. لک شابسون هجن سائين ظفر حسن، عبدالله خان جيسر، بلبل ڪورواهيءَ، نفيس احمد ناشاد، ڊاڪٽر عبيدالله عباسيءَ، ڊاڪٽر عبدالرحمان سيال، اقبال شيني ۽ ٻين کي، جن هر اوکيءَ ويل، خاص ڪري دل جي عارضي وقت سندس هر ممڪن مالي مدد ڪئي. راهيءَ هنن دوستن لاءِ ڊائرين ۾ جيڪي محبت ۽ احترام جا لفظ لکيا آهن، سي ئي ڪافي آهن. نصير مرزا جي ڪوشش سان 'اڪيڊمي آف ليٽرس' اسلام آباد هن جي ڪافي مالي مدد ڪئي. سنڌي ادبي بورڊ جي اڳوڻي چيئرمئن بہ سندس ڪجهہ مالي مدد (3000/- رپيا) ڪئي، جنهن لاءِ بورڊ جي ڪنهن ملازم ڀل مانسائيءَ طور سندس ڏيان ڇڪايو هو. پر جنهن سنڌ يونيورسٽيءَ کي هن پنهنجي رت- پگهر جي پورهئي جا پورا پنجويهہ سال اَرپيا، اُنَ صرف 3000/- ٽن هزارن رپين، جي مدد ڪيس، رٽائرمينٽ کان پوءِ ڪجهہ مهينا وڌيڪ ڪالونيءَ جو ڪوارٽر ٻارڻ وٽ رکڻ لاءِ، راهيءَ کي رٽائرمينٽ کان پوءِ ملڻ واري رقم مان 15000/- رپيا ائڊوانس طور رکائڻا پيا. ڇو تہ هن کي آخري وقت ۾ يتيم ٻارن جي اڃهي/مٿي ڇانوَ کسجي وڃڻ جو وڏو ڀؤُ هو. راهيءَ جا

پچاڙڪن ڏينهن ۾ پُٽ حميد کي اعليٰ تعليم ڏيارڻ وارا خواب چڪنا چور ٿي چڪا هئا ۽ صرف اِهو اُلڪو هئس تہ حميد کي سندس جاءِ تي لئب اٽينڊنٽ، پٽيوالي، ڪلارڪ يا چوڪيدار طور سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ملازمت ملي پوي تہ جيئن سالن کان ڪيس الاٽ ٿيل اجهو/ڪوارٽر نہ کسجي ۽ ٻار دربدر نہ ٿين. ڇو تہ جوهيءَ کي راهي الوداع چئي چڪو هو ۽ هاڻي سندس ۽ سندس ٻارن جو آجهو آسرو گهرُ ۽ مستقبل ڄامشورو هو. اُن لاءِ هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر وٽ پنڌ بہ ڪيا هئا. هڪ ڀيرو آءٌ، سائين ظفر حسن، اياز عالم، نثار حسيني، طارق عالم مظهر اَمر ۽ حميد راهي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر، محترم نذير مغل صاحب سان پهرين مارچ 1997ع تي مليا هئاسون ۽ هُن وعدو ڪيو هو تہ نوڪرين تان جيئن ئي بندش لهندي، هو راهيءَ جي پُٽ کي ملازمت ڏيندو. يونيورسٽي، جيڪڏهن راهي چئنا جي پُٽ حميد کي نوڪري ڏني تہ اِهو ڪو راهيءَ تي ٿورو ڪونہ ٿيندو پر اِهو سندس حق هو. هن جوهيءَ جنم ڀوميءَ سان ناتو ٽوڙي، يونيورسٽيءَ جي اُن سرزمين سان ياري ڳنڍي هئي، جنهن ۾ علامہ آءِ. آءِ. قاضي دفن ٿيل آهي:

شهر کان ڪجهہ ميل پري،
اُوچي ڳاٽ جبلن جي چوٽَ تي،
سنڌوءَ جي هُن پار،
هُو ڏِس! سر بلند
عظمتن جو مينارُ۔
سنڌ جي عظيم علمي درسگاهہ
هيءَ عظيم سنڌ يونيورسٽي،
علامہ آءِ. آءِ قاضيءَ جو يادگار!

راهيءَ جي سنگت وسيع هئي، محبتن ۽ دوستيءَ جو دائرو ڪشادو هو. هوُ هر عيد ۽ نئين سالَ جي موقعي تي 25-20 ماڻهن کي ڪارڊ موڪليندو هو جن ۾ سياسي شخصيتون، اديب، شاعر ۽ ذاتي دوست شامل هوندا هئا. اُنهن خوشنصيب دوستن مان آءٌ بہ هڪ هوس. ڪجهہ اهڙا دوست بہ هئا، جيڪي عذرخواهيءَ تي نہ آيا، سڏ پنڌ تي رهندي بہ جنازي کي ڪلهو ڏيڻ نہ آيا، ۽ نہ ڪفن دفن جي رسمن ۾ شريڪ ٿيا. لوڪ لڄا کان تڏي تي مرندي جُهرندي بہ آيا تہ ضمير جي چڪَ هنن کي هٿ۔ فاتحہ کان بہ محروم رکيو.

راهي، ياريءَ جو پڪو ۽ احسان شناس هو. هن سان جنهن بہ محبت جون بہ وکون کنيون، هيءُ ان سان قرب جا ڏهہ گام گڏ هليو هوندو. هن جو زنده يارن سان تہ ناتو برقرار رهيو پر جنهن قلم جي ڌڻيءَ، فنڪار ۽ سنڌ دوست شخص وفات ڪئي، تہ اُن کي پنهنجي ڊائرين/لکڻين ۾ ضرور ياد ڪيو اٿس. سنڌ جي قومي رهبر سائين جي.ايم.سيد کان وٺي دار جي تختي تي سورهيائيءَ سان چڙهي ويل شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي تائين، اُستاد بخاريءَ کان نجم عباسيءَ تائين، اسحاق

راهيءَ کان خادم رفيقيءَ تائين، مرتضيٰ ٻُٽي جي شهادت کان راڳي محمد يوسف جي وفات تائين، سيني لاءِ عقيدتن ۽ محبتن جو اظهار ڪيو اٿس. راهيءَ جي آخري لکت، اُستاد محمد يوسف جي وفات تي، سندس پنهنجيءَ وفات کان هڪ ڏينهن اڳ سندس ڊائريءَ ۾ موجود آهي:

"اڄ سنڌ جو هڪ سدا حيات راڳي، اُستاد محمد يوسف، ڪوٽڙي شهر ۾ 56 سالن جي ڄمار ۾ دل جي دوري پوڻ سبب لاڏاڻو ڪري ويو. اُستاد محمد يوسف، سنڌ جي راڳ جي سڄاڻپ ۽ عابده چواڻي: سنڌ جو ڪلچرل ڳاڻٽو هو. استاد محمد يوسف پنهنجي ساري ڄمار فن کي ڏني، مگر سنڌ ثقافت کاتي جي ڪرتائن ڌرتائن اُستاد محمد يوسف لاءِ ڪجهه نه ڪيو. اِئين اسين سنڌي اديب، شاعر، فنڪار بي يارو مددگار مرندا ٿا وڃون."

اسان جي اوڄ وارن ڏينهن ۾ مفاد پرست ٽولا، ڳجهن جيان لامارا ڏيندا، پنهنجي مقصد جا دلالَ، پنهنجا مفاد حاصل ڪن ٿا، ليڪن فنڪارن، اديبن شاعرن جي اوکيءَ ويل مدد نه تي ڪٿي وڃي. اِئين سنڌ جي ماڻهن هزارين هيرا موتي وڃايا آهن، پر اڃا به اک ڪانه ٿي کُلي." (راهي چنا: 15.02.1996)

- ۽ 16 فيبروريءَ 1997ع تي هيرن جهڙي هن لکت جو ليکڪ هيرو راهي چنا، خود به دل جي بيوفائيءَ جو شڪار ٿي، اسان سمورن کي آشڪبار ڪري ويو.

راهي، پنهنجي ننڍپڻ جي دوست، ڳوٺائي ۽ ڪلاس ميٽ، عبيدالله عباسيءَ جو عمر ڀر احسانمند رهيو. هن شخص جو وجود سندس لاءِ هميشه معزز ۽ محترم رهيو. راهي لکي ٿو: "مان اڄ يونيورسٽيءَ ۾ جو ڪجهه آهيان، جيڪو به آهيان، جهڙي به حال ۾ آهيان، پنهنجي ماضيءَ کان لک درجا بهتر آهيان. مون کي يونيورسٽيءَ ۾ آڻڻ جو سَهرو منهنجي ننڍپڻ جي دِلي دوست ۽ ڪلاس ميٽ ڊاڪٽر عبيدالله عباسيءَ جي سِر تي آهي، جنهن مون کي بُوٽ پالِش جي دُڪان تان اُٿاري، يونيورسٽيءَ جو ماحول ڏيکاريو. مون اگهاڙي کي لباس ڍڪايو. مُون کي سيڪجهه ڏنو. مان مرڻ گهڙيءَ تائين سندس احسان لاهي نه ٿو سگهان. مان هر وقت کيس ايڏي ته احترام بلڪ صد احترام سان ملندو آهيان، جنهن کي صرف آءٌ محسوس ڪري سگهان ٿو." (ڊائريءَ جو ورق: 27.12.1996)

راهي، معاشي طرح واقعي غريب هو پر ذهني طرح ڏاڍو شاهوڪار هو. هن ادب جي ميدان ۾ "بزم ادب دادو" جي پليٽفارم تان 1965ع ۾ ٽيل هڪ مشاعري ۾ حصو وٺي، قدم رکيو پر باقاعدي لکڻ جي شروعات 1970ع کان ڪيائين. سنڌي ادبي سنگت جوهي ۽ سنڌ يونيورسٽي ڪالوني ڄامشوري جي باني ميمبرن مان هو. جوهي سنگت جو پهريون سيڪريٽري (1977ع) ۽ ڄامشوري ڪالوني سنگت جو ٽي ڀيرا سيڪريٽري (94-93-1992)، ٻه ڀيرا خزانچي (91-1990)، ڏهه سال ڪاروباري ڪميٽيءَ جو ميمبر ۽ ٻه سال ڪائونسلر (96-1995) رهيو. آخري وقت ۾ سخت بيمار هوندي به سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي چونڊن ۾، 08 نومبر، 1996ع تي مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ اياز گل کي ووٽ ڪرڻ آيو. اديبن يارن ملندڙ عزت

تي ڏاڍو سَرهو ٿيندو هو. مرڪزي چونڊن واري ڏينهن، چونڊ ڪميٽيءَ، راهيءَ جي بيماريءَ ڪي آڏو رکندي، اسٽيج تان مائيڪ تي اعلان ڪري ڪانئس پهرين ووٽ ڏياريو ۽ تنوير عباسي، ڪيس پيارَ مان پاڪُر پائي مليو ته اها ڳالهه به انتهائي سرهائيءَ سان ڊائريءَ ۾ قلمبند ڪئي اٿس.

راهي، شاعريءَ لاءِ چوندو هو ته "شاعري ڪرڻ ايڏو ڏکيو ڪم نه آهي، پر اصل ۾ شاعريءَ کي صحيح ۽ آدرشي دڳ لائڻ ڏاڍو ڏکيو ڪم آهي." شاعريءَ هن وٽ سندس ئي لفظن ۾: "پاڻ مرادو هلي ايندي آهي، ڪنهن آدرشي محبوب جيان ۽ لفظَ مون وٽ ڪوڙڪيءَ ۾ قاسي پوندا آهن. مون شاعريءَ کي ڪڏهن به ذاتي طور استعمال نه ڪيو آهي ۽ نه وري شاعريءَ وسيلي پنهنجا ذاتي مفاد حاصل ڪيا آهن." راهيءَ لاءِ قلم محترم هو ۽ اُن جي حرمت لاءِ وڙهڻ لاءِ به تيار هُوندو هو:

اسين سڀ هن ڌرتيءَ تي،<br>
هن سماج ۾<br>
ڏانوڻيل آهيون،<br>
اسان جا پيرَ پنڌ پهڻ ٿيل آهن،<br>
اسان جي هٿن مان قلم کسيا ويا آهن.<br>
مگر اسان جا قلمَ محترم آهن،<br>
اَسان پنهنجي قلم جي آبروءَ لاءِ،<br>
وڙهنداسين،<br>
ڳالهائينداسين،<br>
لکنداسين!

راهي ڏاڍو حساس هو. غريب هوندي به، احمد خان مدهوش جي لفظن ۾ "ادب، محبت ۽ انسان دوستيءَ سان مالامال رهيو."

هن کي 1984ع ۾ ڊيابيطس (شُگر) جي بيماري ٿي، جنهن کيس جسماني طرح صفا هيڻو ڪري ڇڏيو مٿان وري جنوري 1996ع کان دل جي تڪليف ٿيس، جنهن کيس نهوڙي نيو. راهيءَ جي ماءُ ۽ پيءُ به دل جي بيوفائيءَ (Heart_Attack) جا شڪار ٿيا ۽ هن سان به آخر ۾ دِل ساٿ نه ڏنو. پوين ڏينهن ۾ سندس زبان تي هر وقت اردوءَ جو هيٺيون شعر هوندو هو. جيڪو مون کي به هڪ خط (27.10.1996) ۾ لکيو هئائين:

*يہ دل نا امید نہیں لیکن ناکام تو ہے،*<br>
*لمبی ہے غم کی شام، مگر شام تو ہے۔*

هُو غريب هو ۽ کيس غربت جو شديد احساس به هو. پنهنجي بيحد پياري دوست عابد مظهر کي هڪ ڀيري هڪ ڏورانهين واري خط ۾ لکيو هئائين:

*غریبِ شہر تو فاقوں سے مرگیا عارف!*<br>
*امیرِ شہر نے ہیرے سے خودکشی کرلی۔*

پ.پ حڪومت وڃڻ کان ٿورو اڳ پ.پ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد عبدالله شاهه جو پروٽوڪول آفيسر ۽ اسان جو شاعر دوست احمد سولنگي، نصير مرزا ۽ اسان ڪجهه دوستن جي شرمائڻ تي راهي چنا وٽ آيو هو ۽ وڏي وزير جي نالي ۾ (پنهنجي پاران) ڪيس آڻڻ ۽ دلاسا ڏني، ڪانئس بيماريءَ جي ٽيسٽن ۽ اخباري ڪٽنگن جو فائيل ڪٽي ويو هو. پر اُهو ”سرڪاري وعدو ٿي ڪهڙو جيڪو وفا ٿئي!“ اهڙو هڪ فائيل طارق عالم، محترم حميد آخوند صاحب لاءِ ۽ هڪ فائيل نگران وڏي وزير لاءِ ڊسمبر 1996ع ۾ مون به ورتو هو. پر آءٌ شرمسار آهيان، جو پوئواري نه ڪري سگهيس. پر راهي واقعي وفادار دوست هو. هن گهٽ ۾ گهٽ مون سان پنهنجو وعدو پاڙڻ لاءِ قبر ۾ لهڻ کان اڳ منهنجو انتظار ڪيو. 17.02.1997 تي منجهند جو ڪاليج کان موٽندي ’ڪاوش‘ اخبار ۾ راهيءَ جي وفات جي خبر پڙهيم. زمين پيرن هيٺان نڪري وئي ۽ سڌو راهيءَ جي يونيورسٽيءَ ڪالونيءَ واري ڪوارٽر D_105 تي هٿ فاتحه لاءِ پهتس ته خبر پئي ته راهي اجا ڌرتي ماءُ جي هنج ۾ سُمهڻ لاءِ نه ويو آهي. شايد مون لاءِ ترسيو پيو هو. منهنجي اکين ۾ لڙڪ ڀرجي آيا ۽ چپن تي لفظ تري آيا: ’راهي يارَ! واقعي تون وفادار آهين. آءٌ مياري آهيان، پر تون بي ميار آهين. تون مون لاءِ ترسي پئين، ملاقات کان اڳ ڌرتي ماءُ جي حوالي نه ٿئين.‘ شايد! راهيءَ جي مون جهڙي بدنصيب دوست جي اِها خُوش نصيبي هئي، جو يارَ جو آخري ديدارُ نصيب ٿيو جنازي نماز پڙهڻ، ڪلهي ڪانڌي ٿيڻ ۽ ڪفن دفن جي رسمن ۾ شريڪ ٿيڻ جي سعادت نصيب ٿي. راهي پنهنجو سمورو قرض چُڪائي ويو. مالي قرض ڪنهن جو هئس ته اُن لاءِ وصيت ڇڏي ويو پر اسان سڀنيءَ سنگت کي قرضدار ڪري ويو. راهي يارا اسان سڀ تنهنجا قرضي آهيون، اسان تُنهنجو قرض لاهي نه ٿا سگهون. اسان جي زندگيءَ جي گرئجوئٽي ۽ پينشن به نه بچي آهي، جنهن مان تنهنجي قرض لاهڻ جي ڪنهن کي وصيت ڪري وڃون. اُن ڪري اسان جا پيارا يارَ راهي! اسان کي پنهنجو قرض معاف ڪر. معاف ڪندين نه دوست؟ ڏسِ، معاف ڪندين نه؟

راهي! توکي پنهنجن دوستن لاءِ ڏاڍو پيارُ ڏاڍو احترام هوندو هو. درد جي شدت جي ڪري اُٿي نه سگهندو هئين ته ’دردُ‘ کي مخاطب ٿي چوندو هئين:

اے درد تو اُٹھ کہ وہ آئے ہیں دیکھنے،
تعظیم کی مریض میں طاقت نہیں رہی۔

راهي! تو جيون هميشه ڪنڊن جي سيج ۽ پٿرن جي پٿراٽيءَ تي گذاريو هو. جيڪو به تُنهنجي در تي لنگهي آيو اُن کي تو اکين ۾ جايون ڏنيون. جيڪي نه آيا، اُنهن کي شايد توسان اکين ۾ اکيون ملائڻ جي همت نه هئي. يا وري منجهن تنهنجي جيون جي پيڙائين ڏگ تي هلڻ جي سگهه نه هئي، پر تو ته وڏي آواز پڪاري پئي چيو:

انہی پتھروں پہ چل کر گر آ سکو تو آؤ!
مرے گھر کے راستے میں کوئی کہکشاں نہیں۔

تنهنجو ڄامشوري، پرينءَ جي ديس سان ساٿُ، لازوال، اٽمت ۽ اَڻ ٽُٽ هو. تڏهن ئي تہ تو هيءَ نظم لکيو هو:

مان ڪيترن ورهين کان،
ڄامشوري جي
پيلن پٿرن تي هلندو رهيو آهيان.
پٿرَ گسي لسا/ نوڪدار ٽيندا ٽا وڃن،
وري ڏرتيءَ مان ڦُٽي نڪرن ٿا.
ڄامشوري جون هوائون
گواهہ آهن،
مون پرينءَ جي ڳِهٽيءَ وارن پٿرن کي
جُهڪي ناهي ڪنيو
پر چُمي ڪنيو آهي!

راهي! تون وفادار هئين، توکي گلاب جو ڳاڙهو گُل بہ وڻندو هو. اڄ بہ ٽُنهنجي سيرانديءَ کان ڳاڙهو گُل موجود آهي. موتئي جي گلن جي وچ ۾- ٽُنهنجي وفائن جا رنگ ريتا هئا، پر تنهنجون اُهي الائي ڪهڙيون التجائون هيون، جن جا جنازا ڌرتيءَ ۾ پُورجي ويا:

رنگ ريتا هُيا وفائن جا،
سينا زخمي، سين دُعائن جا،
پورجن ٿا جنازا ڌرتيءَ ۾
مُنهنجي مرحوم التجائن جا!
(راهي)

راهي! تو سچُ لکيو آهي تہ تون ڪيسوڦل جو ديوتا وڻ هئين، ۽ اسان کي پڪ آهي تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهار جي موسم ۾ اسان وٽ موٽي ايندين!

مان ڪيسوڦل جي،
ديوتا وڻ جيان،
پنهنجو آخري پنُ،
خِزان جي اوڙاهہ ۾
اُڇلايان ٿو-
۽ وڏي اطمينان سان،
اڪيون پُوري ڇڏيان ٿو
ايندڙ بهار جي اوسيئڙي ۾!

◈

امداد حسيني

## غزل

هڪڙو سگريٽ تہ پِي سگهجي ٿو.
ايتري دير تہ جِي سگهجي ٿو.

پيو ڪٿي ڪجھہ نہ ڪري ٿو سگهجي
پاڻ تي روئِي کِلِي سگهجي ٿو.

هونءَ تہ هر پهر تي پهرا آهن،
پوءِ بہ چاهين تہ ملِي سگهجي ٿو.

پاڻ کي پاڻ پَسڻ جي چاهين،
هن جي نيڻن ۾ پَسِي سگهجي ٿو.

پيو ڪٿي ڪجھہ نہ لکان ڪاڳر تي،
تنهنجو نالو تہ لکِي سگهجي ٿو.

راھہ ڪيڏي بہ ڏکي ڇو نہ هجي،
تون هلين جي تہ هلِي سگهجي ٿو.

دل بہ شهر آھہ انهيءَ ۾ ’امداد‘،
راھہ بي راھہ رُلِي سگهجي ٿو.

## منظر

ڪاوڙي هوءَ
جُهڙ جُهڙالا ٿيا
گوڙ گجگوڙ ٿي
ڏڙيائين جيئن
پوءِ رُسِي ۽ وري کِلِي پئي ايئن
مينهن ڪان پوءِ جيئن اُس نڪري!

♦

## ڪلھہ - اڄ

ڪلھہ تہ هڪبئي کي سرِعام پُٽيائون بيٺي
ڪلھہ تہ هڪبئي جي ڇڏيئون ماءُ نہ پيڻ
ڳُڻڻ آين بہ نہ ٿي
پوءِ بہ سندن ڇَڳھَہ ڳٽيائون بيٺي

ڪالھہ جا زهر ڀنهي لاءِ هئي، قاتل زهر!
پر اُها ڪالھہ هئي
ڪالھہ وئي جا گذري
ليڪن اڄ، پاڻ ۾ ڪيئن
ڪير ۽ ڪنڌ لڳا پيا آهن
وار ويڇو نہ اٿن
پاڻ ۾ ڀِٽَ لڳيا پيا آهن
هڪڙي —— مان ٿا هنگن
پاڻ ۾ جُٽَ لڳا پيا آهن
پاڪرن ۾ پيري هڪبئي کي چُميائون بيٺي
پيءُ ۽ پُٽ هجن جڻ بيٺي
هِڪ ٻئي ڇَٽ لڪيائون بيٺي
پنهنجي ٿي ٽُڪَ چٽيائون بيٺي!

♦

ادل سومرو

## ٽڙي نظم

### اسان ڏکين رستن تي هلڻ نٿا چاهيون

ماٺهو مٺيون شيون وڌيڪ پسند ڪن ٿا
سچُ ڪڙو هوندو آهي
جنهنڪري ڪُوڙ جي ڪاروبار ۾
سدائين تيزيءَ جو رجحان رهي ٿو
۽ ٻه نمبري مال جي کپت وڌيڪ ٿئي ٿي
سياست کان وٺي ادب تائين
ٻه نمبري ئي اڳتي هوندا آهن.

اسين زبان سان نيڪيءَ جو پرچار ڪندا آهيون
پر ڀروسو بديءَ تي هوندو آهي.
اسين ٻارن کي، ننڍپڻ کان ئي
ڪُوڙ سيکاريندا آهيون.
گهر ۾ موجود هوندي به
ٻارن کي چوندا آهيون ته:
’مهمان کي چئه ته بابو گهر ۾ ڪونهي‘
گهر ۾ ٻارن کي ڪُوڙ جي تربيت ڏيندا آهيون
۽ اسڪول ۾ به هُو
ڪوڙ پڙهندا آهن.
درسي ڪتابن ۾ جلادن کي غازي
۽ مُحبِ وطنن کي غدار لکيو ويو آهي.
اسين حسين عہ لاءِ روئندا آهيون
پر دل ۾ خواهش يزيد ٿيڻ جي هوندي آهي.
جو ته سچائيءَ جو رستو
ڏاڍو ڏکيو آهي
۽ اسين ڪنهن به پريشانيءَ يا مشڪل ۾
پوڻ نٿا چاهيون

♦

## زخمن جا نشان

هُن پڇيو ته:
’تنهنجي ڇهري تي
ايترا زخمن جا نشان ڇو آهن؟‘
مون وراڻيو:
’جن ٻارن جون مائرون
ننڍپڻ ۾ مري وينديون آهن
اُنهن جي ڇهرن تي
اهڙا نشان هوندا آهن‘

♦

## لفظن جي حُرمت

شاعريءَ کي
فقير جو ڪشڪول نہ بڻاءِ-
لفظن جي حُرمت
۽ تخليق جو تقدس ضروري آهي
داد گهرڻ جو هيءُ انداز
خيرات گهُرڻ کان به خراب آهي.
دادَ جي مرض ۾ مبتلا شاعرَ!
شاعريءَ مشڪري ۾
فرق هئڻ کپي.

♦

اياز گل

## غزل

ڪنهن ٻوڙان ٻوڙ وانگي آ.
هي غم گجگوڙ وانگي آ.

اوهان ناهيو حياتي پوءِ،
ڏُڏُر ۾ ٻوڙ وانگي آ.

مُحبتَ، آرسي ۽ شڪَ!
اُنهيءَ ۾ جوڙ وانگي آ.

اسان جي دِل، صفا سوکهي،
پرين پنجوڙ وانگي آ.

پُڇين تو: "موتُ ڇا آهي؟"
وِڇوڙي-موڙ وانگي آ.

هُو ساگر ۽ اسان جي سِڪَ،
سنڌوءَ جي ڇوڙ وانگي آ.

ملڻُ هُن جو کِلڻُ هُن جو
غمن جي ٽوڙ وانگي آ.

## وائي

دِل جوڙ جوڙ رازا!
ڇڏِ خيرپور درازا،
سچلُ تہ ساهہ ۾ آ!
وڃنئي نہ پير نڪري،
ڪمزور تي ڪوازا،
سچلُ تہ ساهہ ۾ آ!
ڏوئي آڇا آندر ۾!!
هي زخمَ اڄُ ٻي تازا،
سچلُ تہ ساهہ ۾ آ!
وَٽُ عشق جي امامتَ،
دِل کي ٿي ڪرِ درازا،
سچلُ تہ ساهہ ۾ آ!

(سچل ادبي ڪانفرنس جي، خيرپور يا درازا ۾ ٿيڻ واري تڪرار جي پسمنظر ۾ لکيل.)

## گيت

هاڻِ حياتي ٻي پنهنجو
ڳري نہ ٿي،
پري نہ ٿي!

ڏينهنُ نَريو آ، راتِ اکين ۾
نَري نہ ٿي،
پري نہ ٿي!

ڪنهن پياري جو خالُ حياتي
ڀَري نہ ٿي،
پري نہ ٿي!

ايئن وئي آ، مُرڪَ اُداسي،
وَري نہ ٿي،
پري نہ ٿي!

آخر ڇاهي سجڻَ بِنا جو
سَري نہ ٿي،
پري نہ ٿي!

هاڻِ حياتي ٻي پنهنجو
ڳري نہ ٿي،
پري نہ ٿي!

♦

لڪشمڻ دُبي

## غزل

ڪيترو آ دُکي آدمي، ڇا ڪجي؟
ايتري غمزده زندگي، ڇا ڪجي؟

سُورداسن جي لاءِ رات ڇا ڏينهن ڇا؟
جي نہ آهي نظر، روشني ڇا ڪجي؟

يار وينو تہ آهي گهٽو ويجهڙو
پر خيالن جي مشڪل وِٿي ڇا ڪجي؟

ٿاهجي پاڻ کي، وقت آهي ڪٿي؟
ٻوڙندڙ شخص لاءِ آرسي، ڇا ڪجي؟

ڪيتري وقت کان هو ڏسي پيو مونکي،
سُڃِ پِيس ڪانہ پهچاڻ جي ڇا ڪجي؟

هي سڄڻ جوان ڏيءَ جو پيءُ آ،
هِن نِڌر جي بيان بيوسِي ڇا ڪجي؟

ٻُک اُجاڙي وئي آ سموري خوشي،
دلڪشِي ڇا ڪجي، عاشقي ڇا ڪجي؟

ڪنهن دُکي شخص جي درد ۾ ٿي دُکي،
روئجي پل مگر شاعرِي ڇا ڪجي؟

هر تمنا اُداسي ڏِني 'لڪشمڻ'
هي جُنون، جوش، ديوانگِي ڇا ڪجي؟

اگر تورڙي دوري هوندي،
محبت يار ضروري هوندي!

وعدو ڪري بہ آيو ڪونهي،
ڪا تہ سندس مجبوري هوندي!

منهنجي لاءِ ضروري ناهي،
هن جي لاءِ ضروري هوندي!

گهڙيءَ-گهڙيءَ هيءَ توسان اڻ-بڻ،
غيرت يار ضروري هوندي!

وري-وري هِت موٽي آيس،
ڪائي آس اڌوري هوندي!

ايڏو ڇو ڇُلڪي آ گهاگهر؟
مون وانگي اٽپوري هوندي!

غزل لکڻ جو ڪارڻ 'لڇمڻ'
مڌر ياد ڪستوري هوندي!

♦

فوزيا بانو

## ٽڙي نظم

ڪنڌا اپري آيا آهن منهنجي نڙيءَ ۾
منهنجي جسم جي هر هڪ نس ۾
زهر ٻوڙي رهيو آهي
جيڪڏهن ڪري سگهين ته:
منهنجي تن بدن مان سمورو زهر چُوسي
مون کي هوائن جيان پاڪ
۽ هلڪو ڪري ڇڏ.

♦

منهنجي منَ جي سنهي،
ريشمي ۽ پشم جهڙي
لباس تائين پهچڻ لاءِ،
منهنجيءَ ننڊَ جو انتظار ڪر
جو مان سدا کان جاڳان پيئي
تڏهن ته تون:
منهنجي منَ جي ريشمي ڏور جي
ڳنڍِ کولي ناهين سگهيو.

♦

حالتن جي درياءَ ۾ جڏهن ٻُڏڻ لڳس
ته هُو ڪناري تي بيهي ڏسندو رهيو
۽ چوندو رهيو:
’وقت جي منصف جي ٻيڙي
اڃا نه پهتي آهي،
ڇا تون ٻڏڻ کان پهرين،
ان جو انتظار نٿي ڪري سگهين....؟‘

♦

ننڊ تون ڪيتري حسين آهين،
يقينن: موت جي گهري ماٺ به
ايتري ئي حَسِين هوندي
هي عبادت جو سلسلو
اتي رُڪجي ويجي ها،
جيڪڏهن پهرئين سجدي ۾
خدا ملي ويجي ها.

♦

ها: توکي هزارين ڀيرا چيو هوم:
’توکان سواءِ هڪ گهڙي ته ڇا،
پل به رهي نه سگهنديس.‘
۽ پوءِ مان:
توکان سواءِ سڄي عمر گذاري ڇڏي!

♦

ٻن گهڙين جي ملاقات ۾
هُو مون کي پنهنجي رنگ ۾ رنگي
ويو آهي.

♦

اي خُدا!
مون کي پٿر جهڙو سخت ڇو بڻايئي؟
جو هاڻي ڪنهن جا لڳاتار ڪرندڙ لُڙڪ
مون ۾ سوراخ ڪري رهيا آهن.

♦

مان توکي دل ڏئي ڇڏي
اهو به نه سوچيم ته:
ته ڪير آهين تون...؟

♦

زيب سنڌي

## غزل

رات جو پوين پل ۾ زيب،
جاڳن تا مقتل ۾ زيب.

ٻئي تُنهنجي ڳولا ۾ هن،
آوارا بادل ۾ زيب.

درد ٻنهي جو ساڳيو هو
هڪڙي هئي ڪويل ۾ زيب.

آڌيءَ تائين جاڳن تا،
هڪڙي ئي هوٽل ۾ زيب.

پايل جو آواز اچي،
چانڊوڪي، جهنگل ۾ زيب.

سالن کان پوءِ ترين اندر،
هوءَ بہ هئي هيڪل ۾ زيب.

♦

گل ڪونڌر

## غزل

ڏُکايل، سَتايلَ، اسان يارَ آهيون،
وَڏيئل ڪي تہ ٻڙَ جا، اسان ڏار آهيون.

جوانيءَ ۾ ورَ جي، تہ لاشي تي ويٺي،
ونيءَ واتَ مان ڳي، ڳڏيئل پارَ آهيون.

بي ڏوهي ناريءَ ـ ڪاريءَ تي سائين،
اَمڙِ جَي اَکيُن مان، وَهيَل نارَ آهيون.

ڳنڍيو نينهَن ناتو اوهان دل جِگرَ سان،
نِگاهُن جا اُتيَلَ، اسان چارَ آهيون.

وٺيو ڪونہ 'گُلُ' چو اوهان ڪي الاءِ!
گهٽن جي اکين جا، اسان نارَ آهيون.

♦

ايوب ڪوسو

## نظم

### رڻ پٽ تي وياسين!

غم نہ ڪيو آزاد تہ رڻ پٽ تي وياسين،
آئي تُنهنجي ياد تہ رڻ پٽ تي وياسين!

وقت ڏِني آ ويراني هِيءَ تحفي ۾،
رَت ٿِمي ٿو اُلڪن جو هر رَستي ۾،
اُڃ رڳو ڪنهن دوزخ جهڙي آ ساڙيو
ڪجھ نہ مليو آ، راتين جي هِن پهري ۾،
هر پل ٿيو برباد تہ رڻ پٽ تي وياسين،
آئي تُنهنجي ياد تہ رڻ پٽ تي وياسين!

ڪيڏي پڪڙي هر ڏِس آ پِيلاڻ وئي،
پاڻ ڇڏائي گُل گُل کان سُرهاڻ وئي،
پُلجي خوابن آرس ناهي ڪِٿ موڙي،
راحت دل کان ايڏو تِي اڻ ڄاڻ وئي،
ماٺ لڳي فرياد تہ رڻ پٽ تي وياسين،
آئي تنهنجي ياد تہ رڻ پٽ تي وياسين!

چنڊ اڃا پِي اوجهل آهي ڇا ڇئجي!
رستو هرڪو مقتل آهي ڇا ڇئجي؟
عشق ٻرڻ جي موسم آهي ڄاڻون ٿا،
تانڊن جهڙو هر پل آهي ڇا ڇئجي؟
روح ٿيو بغداد تہ رڻ پٽ تي وياسين!
آئي تُنهنجي ياد تہ رڻ پٽ تي وياسين!

## غزل

سِڄ آهي پرين ليٽيو ڏس شام لچاريءَ تي،
ويساهہ نہ ڪو رکجان ايندڙ تون انڌاريءَ تي.

آواز صنم تُنهنجو دل ڪونہ ٻُڌو آهي،
جڻ ماڪ ڪِري ناهي احساس جي ٿاريءَ تي!

بي واس رڳو دردن من من کي آهي ڏُوٽيو
تاريخ عجب ۾ آ هِن دؤر مداريءَ تي!

صلمن ۾ ڪريل ڳوڙها روڪي نہ سگهيو آ ڪو
توهر تِي ڦُٽا آهن برسات ۾ واريءَ تي!

تارا بہ لڳا ڏاريا، ڪو رنگ نہ ٿيو پنهنجو
ڏيئن جيئن ٻريا آهن سپ خواب ڏياريءَ تي!

هُوءَ چنڊ ملي ڇئجان، اوکو آ جيئڻ ڏاڍو
مون وقت ڪٽيو آهي ڪنهن آس ڪُنواريءَ تي!

♦

## ماڻڪ ملاح

### دوھا

روھيڙي جي ڏارَ ۾ لوڏون، چوريون جُھوتا کائن،
پيرن جي آگوٺن سان ھُو چيليھين کي چرڪائن.

ڪيڏيون سارون نيڻ نھارون سپنا ٿيون سمجھائن
ڪڙ تي وارَ چنڊيندڙ چوريون، ھٿ مِلايو ڳائن.

ڳُوپ ڳنڍين ۾ آھي ڳنڍيل، چوريءَ جو چوٽو ـ
ھٿ ۾ آئي پئي ڳاراٽي، دير ڪئي ٿُس چوا؟

چڪلي پايون پيرَ گسايون ٻارَ ٽولين ۾ ڳائن،
وسڪاري جونُ منڊون ساريءِ ڳيرا تا ڳُنڪائن.

پڪڙي پڪڙي ٽمڪن ڏيئڙا، جُھومن جڻ جوڳيئڙا،
ڳُونيٺ ساڻ سُمھي پيا آھن، پوپٽ لائي ڳلڙا.

ڏھرنُ جي ڏوليءَ ۾ ڏاڍا، ڏُورُ ٻُجھن ڏوھيڙا،
ڏرَ ڏنارن لاءِ چانئُون، لال رَتا روھيڙا.

صُبح سويرو مور ٽھوڪي پرڙا پنھنجا کوھيو
اُپ جِي ڪڪرين پاڻ پتوڙي پاڻي ٽِنھن لءِ ڍويو.

ڇٺُونرن جون ھي جوڙيون جوڙيون موھر منڙو موھيو
چنچل چوريءَ ڪُرُ موڙيندي، سينو جڻ تہ سِنگويو.

♦

## سليم چنا

### گيت

تون مون ڏي اَچ مون سان نچ،
مان ٿي آھيان تنھنجو سچ،
مان ٿي آھيان تنھنجو سچ.

ھاءِ جدائي جھونو گھاءُ،
آءُ اسان ڏي ھاٽي آءُ،
پريتم پيتم ڳوڙھا ڳچ،
مان ٿي آھيان تنھنجو سچ.

اي وڻجارا ڪر دلجاءِ،
سچا موتي پاند ۾ پاءِ،
ڪيسين رھندو ڪائو ڪچ،
مان ٿي آھيان تنھنجو سچ.

♦

بخشل باغي

## غزل

هاڻ اي دوستو! خداحفظ!
ميل رکجو متو خداحافظ!

ڏَسُ خانہ بدوش جو کھڙو
پنهنجو ناهي پتو خداحافظ!

منهنجي ڌرتيءَ جو خيال رکجو پيا،
سنڌ جا پربتو! خداحافظ!

ٿڪ، کھڙا پچان مان صحرا ۾،
پنڌ پيو آ ٿتو خداحافظ!

منهنجي ڏک ۾ چٽي ويا آهيو،
او بسنت ۾ پتو! خداحافظ!

ڏِسُ! پيڙي شفق جي آئي آ،
سِجُ آهي رتو خداحافظ!

بي گناهي سجائي سين سِر تي،
هاڻ اي تُهمتو! خداحافظ!

—

ڪنهن شِڪاري جهتي آ صحرا ۾،
اُج، منهنجي ڦتي آ صحرا ۾.

ذرو ذرو سُجاڻي واريءَ جو،
عمر ساري گتي آ صحرا ۾.

همسفر، سائبان آ اُس جو
سِجُ، سِرَ تي، چتي آ صحرا ۾.

سمنڊ ۾ اُج بہ سمنڊ کان وَڌُ هُئي،
سا تہ هاٺي گهتي آ صحرا ۾.

ڪنهن جا پيرا هَوا! تون ڳولين پئي؟
راهہ ڪنهن جي لَتي آ صحرا ۾.

♦

آصف جمالي

## گيت

سج لڙي تو
شام ٿئي تي
جهر ڪيون شور مچائن ٿيون

هي گهاٽ گهٽيون
چپ چاپ گهٽيون
واجهہ وجهي، ڪيئن واجهائن ٿيون.

رات لڙيءَ جو
سَٽ ڏيئي ڪو
درد اٿي تو
جڏهن ڪونجون متي ڪُرلائن ٿيون،

نہ اوهي پنهنجو
نہ واهي پنهنجو
ڪاريون راتيون قابض تي
وحشيءَ ڏند ڏيکارين ٿيون.

سج لڙي تو
شام ٿئي تي
جهر ڪيون شور مچائن ٿيون

♦

خالد احمداڻي

## غزل

تون نہ ايندين وري، شام چوندي رهي،
خواب ويندا مري، شام چوندي رهي!

سج لهڻ کان اڳي هل تہ موتي هلون،
ڪونہ ڪُلندي دري شام چوندي رهي!

ڪوڙ ايندا هتي، ڪوڙ ويندا هليا،
ڪير رهندو چري شام چوندي رهي!

ڏور منزل اٿئي، آشيانو نہ ڇڏ،
رات پوندئي ٺري شام چوندي رهي!

غلط رسمن هٿان سنڌ جي هر دفعي،
ٿي قتل دلبري، شام چوندي رهي!

جاهلن جي ذهن ۾ علم جي اجا،
لاٽ ناهي ٻري، شام چوندي رهي!

هاڻ هُن جا قصا ڪير ڇيڙي نہ هت،
پوندو "خالد" پُري، شام چوندي رهي!

اسير ڏاهري

## وائي

ماڻُن خاموشي
اکيون آگميو وِجهي.
ٽُٽَنِ ڪِين خُمار ٿا،
هاءِ مدهوشي.
اکيون آگميو وِجهي.
وارِونگا ٿيا واءُ ۾،
هيرُن سرگوشي.
اکيون آگميو وِجهي.
ڪابہ نہ هلچل آ اسير،
ماٺ جي مٿنوشي.
اکيون آگميو وِجهي.

صابر سيّدپوري

## غزل

تنهنجو ئي موضوع آ، منهنجي شاعري،
ٿو ڇتيان تنهنجي ادا جي مُصوري

پيار نالو ٻيو خدا جو آ، اي شيخ!
جنهن کي هر دم آ بقا ۽ برتري

ٻيا ڏکي رهبر سمورا مون ڇڏيا،
عشقَ! تنهنجي قبوليم رهبري

تون ئي پهريون منهنجي دل جو آن ڏٺي،
تون ڏٺي هن ساهہ جو آن آخري

توکي چاهڻ جي تہ حد ڪائي نہ آ،
پو يي آهي هِيرَ رانجهي جيتري

دل هي صابر رات ڏينهن چاهي پئي،
مون سان ئي هُج، مون سان ئي هُج پوپري

♦

مختيار سهتو

## غزل

ايترو نهي ويو
ساهه ۾ لهي ويو.

تو سوا ڪيئن ته اڄ!
قافلو گهي ويو.

هڪ دفعي وفا عيوض،
سُور سئو سهي ويو.

رات ڪي ڳتيون پيا،
سج هو لهي ويو.

وقت سان وڙهي وڙهي،
وقت سان نهي ويو.

ظهير زرداري

## غزلَ

مون ڪي دلبر ياد ڪجانءِ!
هيڪر ٻيهر ياد ڪجانءِ!

مون ڪي جيڪي پيارڻا تو
اوتي ساغر ياد ڪجانءِ!

مون سان گڏ تون هوندو هئين،
اهي به منظر ياد ڪجانءِ!

ڪهڙا ڪهڙا تو ناهيا،
مون لئه محشر ياد ڪجانءِ!

تنهنجي لاءِ 'ظهير' سندا،
ڪليل ها در ياد ڪجانءِ!

♦

اداسي چڪراڻي

## غزل

ماڪ ۾ گُل پنل تا لڳن،
جڻ اوهان جا ئي ڳل تا لڳن.

نيڻ ڪينجهر جي شامن جيان،
ڏند موتين مِثل تا لڳن.

هن زماني ڪي ڪهڙي خبر!
خواب ڪنهن جا ڪُٺل تا لڳن.

سنڌ! تنهنجي ذڪر کان سواءِ،
سڀ اڌورا غزل تا لڳن.

ڪنهن جي وڇڙڻ تي پوڳيو اٿئي؟
چَپ تنهنجا سُڪل تا لڳن!

نيٺ آلا اميدن ڪيا،
پر ارادا اٽل تا لڳن.

مون جيان چنڊ جاڳي پيو
۽ ستارا سُتل تا لڳن.

غم، وڇوڙا "اداسي" ڪي جڻ،
ياڳ ۾ ئي مليل تا لڳن.

♦

عبدالرحيم عبد ڪنير

## غزل

يا مون سان محبت جي دعوي نہ ڪرين ها،
يا مون کي جفا ڏيئي رُسوا نہ ڪرين ها.

ماڻهن ۾ رهان ٿو پر تنها ٿو لڳان جڻ،
مون کان تون ڇڄي مون کي تنها نہ ڪرين ها.

ڪو پيار ڀري دِل جو احساس ڪرين ها،
هِن پيار ڀري دل کي ٽُڪرا نہ ڪرين ها.

ڀَل ڪن ۾ پرين ناتو ٽوڙي نہ وڃين ها،
ويران سندم دل جي دنيا نہ ڪرين ها.

يا راهِ محبت تي گڏ ئي نہ هلين ها،
يا مون کان جُدا پنهنجا رستا نہ ڪرين ها.

جي تو ۾ نڀائڻ جي طاقت نہ هئي پو،
تون يار نڀائڻ جا وعدا نہ ڪرين ها.

اي "عبد" ڪڏهن تون ڀي منزل تي پهچين ها،
رستي ۾ اگر خود کي پسپا نہ ڪرين ها.

—

اسان سادڙن سان اوهان جون دغائون چڱي ڳالھ ناهي،
وفائن جي عيوض ڪرڻ کي جفائون چڱي ڳالھ ناهي.

اسان شاعري ۾ اوهان جون ثنائون ڪندا ئي رهون ٿا،
اوهان جي چپن تي اسان جون گلائون چڱي ڳالھ ناهي.

رڳو شور پنهنجا نہ لکجن، مگر ڪي پراوا بہ لکجن،
رڳو درد پنهنجي جون لکجن ڪٿائون چڱي ڳالھ ناهي.

اسان پيار جيڪر ڪيو آ تہ ڪوئي ڪيو ڏوھ ناهي
زمانا اسان کي ڏئين ٿو سزائون، چڱي ڳالھ ناهي.

اهي ئي تہ راهون هيون، پاڻ جن تي هلياسين ٿي گڏجي،
پرين هاڻ پنهنجون مٽايو ٿا راهون، چڱي ڳالھ ناهي.

اسان روز و شب ٿا اوهان کي پڪاريون مگر "عبد ڪنير"،
ٻڌو ئي نٿا سي اسان جون صدائون، چڱي ڳالھ ناهي.

♦

الله نواز نوحاڻي

## غزل

سج لهي آ ويو
دگ ڊهي آ ويو!

ياد سان هيڪلو
من ٺهي آ ويو!

ڏور مون کان پرين،
اڄ ڪهي آ ويو!

سال پيي جڻ سڪي،
پل رهي آ ويو!

سُور ۾ سختيون،
سڀ سهي آ ويو!

وقت پاڻيءَ جيان،
اڄ وهي آ ويو!

♦

سارنگ نظاماڻي

## انقلابي سوچ!

رات جو تارا سيئي گڏجي مِڙيا،
چنڊ تي حملو ڪجي، پر ڪيئن ڪجي؟
هڪ وڏو تارو وڏيو اڳتي اچي،
هُن چيو "مان ٿو وڙهان جي ساٿ ڏيو."
هُن جي همت کي ڏسي نعره لڳا!
مرحبا! اي مرحبا! اي مرحبا!
چنڊ چوڏهينءَ جو جڏهن نروار ٿيو
کي پڳا، تارا لِڪا، گم ٿي ويا،
ها مگر تارا وڏا بيٺا رهيا،
چنڊ جي چانڊاڻ سان لڙندا رهيا،
چوڏهين بہ وئي، پندرهين بہ وئي،
سورهين بہ وئي.
چنڊ کي ڪجھ ڏک لڳا زخمي ٿيو.
رات پويان رات وئي پئي گذرندي،
گهاءَ پويان گهاءَ پئي لڳندا رهيا.
چنڊ جي چانڊاڻ مرندي ٿي وئي،
جوت تارن جي بہ وڌندي ٿي وئي،
نيٺ آئي اج اُها ئي رات آ
چؤطرف تارن وڏن جي تات آ
چو تہ يارو! اج اُماوس رات آ.
چو تہ يارو! اج اُماوس رات آ.
دوستو! گڏجو تہ سڀ تارا ٿيون
انقلابي سوچ ڪا پيدا ڪيون
وقت جي هر ڏاڍ کي ڍاهي وجهون
دوستو گڏجو تہ سڀ تارا ٿيون
دوستو گڏجو تہ سڀ تارا ٿيون.

♦

حافظ يونس پير دادوي

## غزل

اچو گڏجي گذاريون ڪي گهڙيون دلبر زماني ۾،
اسان سان هي چڙيو سڀ ڪاوڙون دلبر زماني ۾.

اوهان جون قرب واريون ڪچهريون سي ياد آهن سڀ،
ڪيونسين پيار واريون ڳالهڙيون دلبر زماني ۾.

ڪيان ڪنهن جي اڳيان دل جي حقيقت کي هتي ظاهر،
ٻڌي ڪوئي نٿو دانهون رڙيون دلبر زماني ۾.

چڙي تون نفرتن کي اج هلي آئين سڄڻ مون وٽ،
گهڻيون هونديون دليون هاڻي سڙيون دلبر زماني ۾.

مري جي مان جڏهن وينديس سڄڻ تون مون کي ساريندين،
سوا منهجي ڪندين داهون رڙيون دلبر زماني ۾.

اسان جو پيار پاڪيزه سچو آهي هيءُ يونس،
سدائين ياد رهنديون ڳالهڙيون دلبر زماني ۾.

♦

فياض چند ڪليري

## آزاد نظم

### ڪير آ.....!؟

ڪير جُڳن جو جوڳي آ، جو
هيڪل، وياڪل، راتين جو
خاموشيءَ جي صحرا مان،
واريءَ جو واچوڙو بڻجي،
ڪنهن جي قاتل وارن جو
جادوگر ڪو جُوڙو بڻجي،
دور گگن جي گهَراين مان،
جيون کي وردان ٿو بخشي،
آوازن جو ساڪي بڻجي،
روز پُڪاريندو رهندو آ،
ڪير جُڳن جو جوڳي آ، جو
منهنجي وياڪل سپنن ۾،
پنهنجي سونهَن سراپا . جا،
ست رنگا احساس پري ٿو.
چانڊوڪيءَ جو چولو بڻجي،
پوپٽ جي ڪوملتا بڻجي،
جگنوءَ جي جاڳرتا بڻجي،
گُلڙن جي سُندرتا بڻجي،
سازن جي مڌرتا بڻجي.
منهنجي تنها تنها من ۾،
مڪڙين جو جڻ موهه پري ٿو.
ڪير جُڳن جو جوڳي آ، جو
چانڊوڪين راتين کان ساري،
سونهن، نشو مستي چورائي،
دنيا کي سڀ دڳ ڏيکاريندڙ
ازلي ڪا هستي چورائي،
منهنجي هيٺي هِردي اندر
جنم جنم جي باهه پري ٿو.
۽ مان واءَ جو جُهوتو بڻجي،
جهوني جي چپڙن ۾ ڏُکندڙ
پن پيڙيءَ جو سُوٽو بڻجي،
چئني پاسي وڪري وڃان ٿو
پنهنجو پاڻ سان نڪري وڃان ٿو..!

مختيار جروار

## غزل

چِتا هِن رنگ گربيءَ جا، اچا حُلواڻ آ زنده،
اسان جي سوچ، سپنا ۽ منا مهراڻ آ زنده.

گلن کي ڪوپٽي اُڇلي لتاڙي پل پِڇڻي ليڪن
هتي باذوق ذهنن ۾، سندي سرهاڻ آ زنده.

لڪائين سچ جو چهرو اهو ممڪن نه آ ظلم،
ستارا، چند ۽ سورج، چِٽي چانڊاڻ آ زنده.

اچا سسئي اچا سهڻي سامونڊي ٿهر ڪيڏارو
اسان جي راهه ۽ رهبر، يمن ڪلياڻ آ زنده.

♦

ابراهيم کوسو

## ٽڙي نظم

### ماڻهو پٿر جا ٿئي

شيشي جا،
گهرڙا جوڙي،
محبت مان
پيو تو دعوتون ڏين.
شايد!
توکي پتو ناهي،
هن وستيءَ ۾،
رهندڙ ماڻهو
پٿر جا ٿئي!!

### پٿرن مان

راهه اٽانگي،
پنڌ پراهون
منزل!!
ڏور آ ڏاڍي
شيشي جي
دل ڪٽي تون
اُڪرين پيو تو
پٿرن مان!!

### وقت گذري ويو

چانڊوڪين جي خواهش رکندڙ
اسان اونداهين مان نتا نڪري سگهون.
چاڪاڻ جو
اونداهيون اسان جو مقدر بڻيون،
۽ روشنين کي رَسڻ،
اسان جي وس جي ڳالهه نه رهي،
اڳتي وڌڻ جو سَتُ ئي نه ساري
زندگي چڏيسين گهاري،
ڏک ڏاڍو ٿيو- اسان ڪجهه نه ڪيو
وقت گذري ويو! وقت گذري ويو!

دوست سومرو

## وائي

آيل! چوهرويل-
يادون اچن يار جون.
اڳ ته آيون ڪينڪِي،
جهڙي طرح هيل-
يادون اچن يار جون.
دل جڻ پٽڙي ريل جي،
مٿان وانگي ريل-
يادون اچن يار جون.
پُورن بسندي پوک جي،
پانيان ٿئي پيل-
يادون اچن يار جون.
پؤنرن جيان پيرا ڏين،
منهنجو من رابيل-
يادون اچن يار جون.

♦

نثار علي جروار

## نظم

ڪنهن ڪنهن جي ادائن تي سوچي،
دل چا لئہ جفائن تي سوچي
سوچي پيو اگر جي هي دلڙي
معصوم نگاهن تي سوچي
هر ڪنهن جي صدائن تي سوچي
موئن جي ڪٿائن تي سوچي
ڪينجهر جي اداسي تي سوچي
شامن جي نراسي تي سوچي
نوريءَ جي خوابن تي سوچي
آزاد گلابن تي سوچي
لهرن جي خطائن تي سوچي
سهڻيءَ جي صدائن تي سوچي
ڏرتيءَ جي ڪٿائن تي سوچي
ڪنهن لال لهوءَ جي پرچم جي
ڪر ڳالهہ سُريلي موسم جي
ڪر ڳالهہ ڪا منڙي شاعر جي
ڪر ڳالهہ ايازي نظمن جي
ڪنهن تنهنجي منهنجي زخمن جي
تو ڪهڙا آهن جهول پريا
هر ڪنهن جي شڪايت تو سان آ
هر ڪنهن جي عداوت تو سان آ
ڪنهن جي بہ نہ چاهت تو سان آ
تون چنڊ ستارن تي سوچين
سنڌوءَ جي ڪنارن تي سوچين
هِن هُن جي مزارن تي سوچين
بيچين بهارن تي سوچين
هوشوءَ جي خوابن تي سوچين
ايذاءَ عذابن تي سوچين

معصوم اکين جي خوابن کي
ساپياڻون ٻٽائڻ چاهيون ٿا
ڪي گيت سُريلا ڳايون ٿا
بيچين نماڻن نيڻن ۾
هِن هُن جي خوابن کي پاليان
هر ڪنهن جي عذابن کي پاليان
پر پوءِ بہ سجايان مرڪن کي
هر پهر ڪلايان جذبن کي
معصوم اکين جي خوابن کي
ساپياڻون ڏياري شال سگهان
تقدير سنواري شال سگهان
زنجير پگهاري شال سگهان
آزاد ڏسان هي ديش سدا
هر ڏونگر ڏاري شال سگهان
ڪي ديپ مان ٻاري شال سگهان
ڪي ديپ مان ٻاري شال سگهان.

♦

محمد علي جروار

## غزل

اڪين ئي اڪين ۾ اشارو ڪيو،
اسان کي ٿو تورو سهارو ڪيو.

نهاري نهاري ٿڪي هِن پيون،
نگاهن کي هاڻي نظارو ڪيو.

چري دل چوي ٿي اڏامي اچان،
متي موج کي پيو ڪنارو ڪيو.

بظاهر وفادار ڪردار لئه،
سچائيءَ جو تاڪيل ستارو ڪيو.

سَڪيءَ جي ڳلِيءَ ۾ رهڻ ڏيو رڳي،
چئون ڪون تا شهر سارو ڪيو.

دنيا کي تا جنت بنائڻ گهرون،
تہ ماڻهو بہ احساس وارو ڪيو.

♦

عاشق چانڊيو

## غزل

آءُ تہ پايون پاڪي بوسا دير نہ لايون هاڻِ!
جِيوَن گهڙيون چار پِيارا هوندو ڪيرُ سُياڻِ!

مُشڪل ويلي مُنهنجا سائين تون بہ نہ ڏين جي ساٿُ،
پوءِ مان هِن دُنيا ۾ هيڪل جيئان ڪنهن جي ڪاڻِ!

هڪ اَڌُ ناهي جنهن جو ٿئي من فوراً ڪوئي علاج،
منهنجي دل هي دل ناهي جڻ دردن جي آ کاڻِ!

مون کي تڙپائيندي کهڙي تيندئي بانهَن ٿُلهي،
او زوراور مسڪينن سان ايئَن نہ سينو تاڻِ!

تنهنجون خوشيون توکي بخشي ڏيندو موليٰ ووءِ
آءُ بہ تنهنجو دعاگو منڙا ماڻِ جواني ماڻِ!

باغي ناهيان، بيوس ناهيان، ناهيان آءُ اياز
’عاشق‘ آهيان ڪاٽئون آئيان لڪئين منجھ نواڻِ!

♦

## گل بهار باغائي

### وايون

راتين ننڊ رُني–
نينگر نسري نيڻ کنيا!
توريءَ هٿ ڇُراند تي،
ڇاتين ننڊ رُني–
نينگر نسري نيڻ کنيا!
جهار وڏي جهڙپون ڏئي،
ياتين ننڊ رُني–
نينگر نسري نيڻ کنيا!
ڪيڏيون جهاتيون ڇوهه ۾،
آتين ننڊ رُني–
نينگر نسري نيڻ کنيا!

—

کهڙي موهه مڳي؟!
سرتين جي سُرہات ۾!
چوري جهات پريت جي،
گهنڊڻي ڪوهه وڳي–
سرتين جي سُرہات ۾!
نکري جوت جوان ٿي،
پارس لوهه لڳي–
سرتين جي سُرہات ۾!
جذبي جيءَ مروت جي،
درشن توهه تڳي–
سرتين جي سُرہات ۾!
ميڙي ”گوهر شاهه“ جي،
ٻٽي ڏوهه سڳي–
سرتين جي سُرہات ۾!
ڳنڍ ڳجهارت ڳالهڙي،
پاري پوهه پڳي–
سرتين جي سُرہات ۾!

♦

## ماجد راهي

### غزل

ذلتون تي ڪٽي زندگي،
پوءِ بہ ڪيڏو وٽي زندگي.

درد تي آ اڪيلو ويو
موت جيڪر ڇٽي زندگي.

سهپ جا گل ٽا مرڪي ڏيون
ءِ پٿر تي هٽي زندگي.

سچ لهي عمر جو ساٿ ڏي،
پت جيان تي ڇٽي زندگي.

نظار علي "ذلفي"

## نظم

### باغ ويران آ

چنڊ تارا مٽي، هيٺ ڌرتي روئي،
هڪ ڪليءَ لاءِ پوپٽ پريشان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

آهه ڇا ٿي ويو اوچتو اوچتو!
حال گل جو ڏسي اک ٿي حيران آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

رنگ خوشبو ويو ڪير آخر کسي،
جو هُجي سو وَري، پرا نہ آسان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

منهنجا سپنا جِتي، خاڪ هاڻي اُتي،
دل اداسيءَ ۾ ڪوئي نہ ارمان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

ساوڪون گُل سُڪيون راحتون پڻ مِٽيون
گلهہ چمن هو مگر اڄ بيابان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

ڪِين لاتِيون لَنون ٽا پکي هاڻ هت،
ڪوئِلُن لئہ رهيو ڪونہ سامان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

جي نگاهن ڏٺا سي نظارا ڪٿي،
هاڻ منظر تہ هر ڪوئي بيجان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

مون ٻُڌو هو تہ هر مرض جي آ دوا،
پر نہ "ذلفي" جي دردن جو درمان آ،
باغ ويران آ، باغ ويران آ.

امير ميرواهي

## غزل

پرين هڪ رات ويندا سين،
ڇڏي ڪائنات ويندا سين.

ٻہ ٽي پل ڪنهن پکيءَ وانگي،
لنوِي ڪا لات ويندا سين.

اوهان کي ساهہ جهڙي ڪا،
ڏئي سوغات ويندا سين.

اوهان جي يار سيني ۾،
ڪنيو ڪا تات ويندا سين.

اوهان جي سونهن جا ويري،
ڪري سڀ مات ويندا سين.

♦

عاجز عزيز ڪوسو

## نثري نظم

### محبتن جو عالمي ڏڻ..!

زندگي هڪڙو ڏڻ آهي،
جنهن ۾ انيڪ سچ آهن!
اسان صرف اُن جي محورتي،
گهمندا رهون ٿا!
اڪين جو بہ عالمي ڏينهن،
انساني حقن جو بہ عالمي ڏينهن!
۽ اسان عالمي ڏينهن ملهائيندي
سال جهڙو باب وڃائي ويهون ٿا!
توڙي جو
اسان محبتن جو عالمي ڏينهن بہ ملهائي وٺون ٿا.
اسان گلابن جهڙا تصور،
۽ خوشيون ميڙي!
عشق جو فلسفو جوڙي وٺون ٿا!
اسان ڪنهن بہ وحشت جا حامي ناهيون!
۽ نہ ئي اسان بارود جا پوئلڳ
اسان هڪڙو احتجاج آهيون.
۽ اسان چاهيون ٿا تہ،
سال جا سمورا ڏڻ،
محبتن ۽ گلابن جا ڏڻ هجن،
۽ ڪا بہ خزان نہ هجي،
جيڪا چوڙين سان ٻانهون زخمي ڪري!
ڪو بہ ڪنهن سيراس جي ٻوڙ ۾ نہ هجي!
اسان چاهيون ٿا تہ،
هر ماڻهو امن جو عالمي ڏڻ ملهائي!

♦

حبيب الرحمان لغاري

## غزل

يڪو درد دل ۾ هُو ڏيندو رهيو
ڇڏي ساٿ ساجن بہ ويندو رهيو.

نڪي لڙڪ ان جا اُگهيائون ڪڏهن،
خوشيون جڳ ۾ جيڪو ونڊيندو رهيو.

جڏهن تنهنجي پارئون نہ ورندي ملي،
سوين منُ سنديسا منجيندو رهيو.

اسين جنهن جا ٽيندا رهياسين ’حبيب‘
ٻين جو هميشہ سو ٽيندو رهيو.

♦

میر حاجن میر

## غزل

دل ۾ درد لڪائڻ گهرجي،
ڳوڙهن کي نہ وهائڻ گهرجي.

چپ بہ رهجي، ها، پر ڪڏهين،
محفل ۾ ڳالهائڻ گهرجي.

ننڊپڻ جون ڪجهہ يادون ساري،
جيوَن کي جَرڪائڻ گهرجي.

پوپٽ جهڙو سندر چهرو
نيڻن ۾ ترسائڻ گهرجي.

رُسواين مان ورندو ڪجهہ نہ،
رُٺلن کي پرچائڻ گهرجي.

منڌ پيالو پيئڻ کان پوءِ،
جُهومي جُهومي ڳائڻ گهرجي.

دير ڪري چو ايندو آهي،
”حاجن“ کي سمجهائڻ گهرجي.

ميرزا دبير

## غزل

بيتاب جو سجڻ ڪيئي اچي مون کي خواب ۾
جو بيقرار ٿي آئون ويس تنهنجي باب ۾

جڏهن تون خواب ۾ مون کي آئينءَ رات جو
تڏهن غزل مون هي لکيو تنهنجي جناب ۾

ساگر آءٌ سڪوت وري ٽوريون اچ پرين
جت گذري پنهنجي رات ٿي پئندي شراب ۾

الفت جو جام ڏي پري دلبر اچي وري
جو زندگي سندم نہ رهي آهي تاب ۾

سو ڪپر ڪارونيار پيو پاڻيان آءٌ يار اچ
جت گذري پنهنجي شام ٿي چنگ و رباب ۾

پنهنجي ’دبير‘ کي تو وساري ڇڏيو پرين
پر اچ بہ ان جي تو آهين دل جي ڪتاب ۾

عنايت انڙ

## غزل

مون جڏهن ڪوبہ گيت ڳايو آ،
ياد چهرو اوهان جو آيو آ.

اڄ اچي ويهہ منهنجي اکڙين ۾،
موڳي من جو سڄڻ سو رايو آ.

توکان وڇڙڻ جو خيال ايندي ئي،
جڻ سونامي دل تي آيو آ.

آءٌ ڪيڙن ۾ تڏ نتو ماپان،
پيار سان جڏ بہ تو ڳالهايو آ.

مڏ پياري ڪيئي مدهوش اهڙو
هوش ۾ هاڻ اچڻ اجايو آ.

قاضيا! مان تہ هُن کي پوڄيان ٿو
چئو ڪٽي! مون ڪُفر ڪمايو آ.

جي نہ جنت ۾ گڏ هجين مون سان،
اهڙي جنت کان مُنهن ڦيرايو آ.

موت يا زندگي ”عنايت“ ڪر!
ڪنڌ پنهنجو اسان جُهڪايو آ.

♦

منور هاليپوٽو

## نظم

### هي لفظ ڪير آهن

هي لفظ ڪير آهن ۽
لهجو فقير جهڙو
مفهوم ڪانہ معنيٰ
سُڏڪو ڪنهن ڇيڙ جهڙو
ذهنن جي بسترن تي
ٽا ڪروٽون مٽائن
بيچين ڇوڪريءَ جي
ساهن جيان لڙڪڙائن
سهاڳ راتڙيءَ جون
سرگوشيون لڳن ٿا
هن ڇڻ بدي جا بادل
اوچي روش رمن ٿا
هي هرڻ جيئن هنيلا
هي سانوڻيءَ جو ترنم
هي لفظ ڪير آهن
هي زخم پڻ تہ مرهم!
لاوارثيءَ جي جهنگ ۾
ماڻهن خدا وڃايو
سجدا قضا رهيا سڀ
ڪنهن پڻ نہ چَينُ ماڻيو
مقتول چاهتن جي
آ لحد هر ڏِسا ۾
آغاز ۾ جدائي
الزام انتها ۾
اِبليس جي انا ڇڻ
يارن وري اُپائي
ورهيہ ڪٿيا اڪيلا
ڪنهن ڪي نہ سار آئي
پوءِ بہ دل چريءَ وٽ
ڪيڏي نہ سرڪشي آ
ڪنهن تي اجا مري ٿي
ڪنهن لئہ اجا چري آ!
نظمن جا جهنگ ڳوليون
ڳولا ۾ پيير آهن
پڇجان مگر نہ جانان!
هي لفظ ڪير آهن؟

♦

عبدالرحمان همدرد پلي

## نظم

ماٺ گھري ڏِڪي
رات پاڇا سُتا
چين هاڻي آچو
درد ڇاڻي آچو
ننڊ ڪولي سَڳي
سار اُڏرڻ لڳي
لِير جھڙو هُيو
روشنيءَ جو بدن
هُن تہ پيلي ڏنو
دوستيءَ جو بدن
سوچ پيلو پَتو
چنڊ هيٺا تَتل
سوڳ سارا اکر
نَقش نيلو پَتو
نيڻ جارا اکر،
باک آڇڻ گھرن
چنڊ تارا اکر
پير ماضيءَ پڳا،
حال سرڪش صفا،
وقت جي لام تي
رُوح زخمي پکي.

قادربخش پريم

## غزل

هوءَ جا نيڻ ملائي وئي،
منهنجو چين گنوائي وئي.

سالن ڪان هو ماندو مَنُ،
رات رهي ريجهائي وئي.

هڪڙي جھلڪ پسائڻ سان،
سارو ڏيهہ ڏڪائي وئي.

”پيهر تو وٽ اچبو“ هوءَ:
ڳوڙهن ۾ ڳالهائي وئي.

گھر واري هُن موڙ وٽان،
چرڪي پئي شرمائي وئي.

پيار پريت ۾ ’قادن‘ سان،
ناتو نينهن نڀائي وئي.

♦

عاجز ميرواهي

## چوسٽو

هُن کي ڳاڙها جوڙا ڏي،
مون کي اک ۾ ڳوڙها ڏي!
يار اگھڻ تي سهرا عاجز،
منهنجي گھر ۾ گھوڙا ڏي!!

- پاڻ وٽ صرف مان پاڻ ئي بچيو آهيان
توکي سهارو ڏيڻ لاءِ
مان پاڻ کي ورهائي نہ ٿو سگهان.

- امڙ جون سموريون دعائون
مرجهائجي ويون.
مون کي ڏيڻ لاءِ
هُن وٽ فقط ڳوڙهائي بچيا.

- سمنڊ مسلسل رڙيون ٿو ڪري
ڇا هُن کي بہ قتل ڪيو ٿو وڃي؟

- اسان وٽ ايترو بہ اختيار ناهي جو
پنهنجن زخمن کي لولي ڏئي سگهون.

- اسان شادين ۽ ڇهناين تي نچندا ناهيون پر
ڌپيل لڙڪن جي سلامي ڏيندا آهيون

- تون هڪ ڪردار تہ ٿي سگهين ٿو.
مگر عنوان نہ.

**




### زاهد اِمروز

[جنم 1986, فيصل آباد] بقول مظهرالاسلام جي, اُردو شاعريءَ ۾ اهڙو سگهہ ڀريو آواز ٿي پيو اُڀري, جنهن منجهان پئبلو نرادا جي شاعريءَ جي خوشبوءِ پئي اچي. زاهد, جنهن کي فلسفي, سائنس ۽ جديد تخليقي ادب جو گهرو مطالعو آهي, تنهن جو تازو شعري مجموعو 'آج' پبلشرز پاران شايع ٿي پڌرو ٿيو آهي. اسان سندس هي مٿيان نظم ان ئي ڪتاب مان چونڊيا آهن. [نصير مرزا]

# ميهڙ جي مٽي: صرير پنهور

•

## جوهر بروهي

ميهڙ جي مانائتي مٽيءَ ۾ جنم وٺندڙ صرير پنهور ڪالم نگار، شاعر ۽ مصور جي حيثيت ۾ ڪافي مڃتا ماڻي، ڦوهه جوانيءَ ۾ الوداع قبولي، جيڏن کي هڪ سُور ڏئي هليو ويو. محمد انور صرير ولد غلام محمد پنهور 26 آڪٽوبر 1960ع جي ڏينهن ميهڙ ۾ ڄائو. سندس والد غلام محمد پوسٽ آفيس ميهڙ ۾ پوسٽ مين هيو. پنهنجي شرافت ۽ نماڻائيءَ جي ڪري سموري شهر ۾ مقبول هيو. کيس اولاد فقط هڪ سڪيلڌو پٽ صرير پنهور ٿيو.

صرير پنهنجي ابتدائي تعليم پرائمري اسڪول ميهڙ ۾ شروع ڪئي. سندس تعليمي سلسلو ميهڙ ۾ جاري رهيو. 1977ع ۾ هاءِ اسڪول ميهڙ مان ميٽرڪ پاس ڪيائين. هن جا غريب والدين پنهنجي پيٽ تي پٽڙ ٻڌي صرير کي اعليٰ تعليم ڏيارِي. هن زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام مان "ايم اي سي" ايگريڪلچر اڪنامڪس ۽ ايم اي انٽرنيشنل رليشن مڪمل ڪئي- سفارش جي اڻ هوند ۽ مسڪينيءَ جي ڪري کيس سرڪاري نوڪري نه ملي سگهي.

صرير جو ذهن ننڍپڻ کان صلاحيتن ڀريو هيو. پرائمريءَ جي تعليم دوران هن مصوري ڪرڻ شروع ڪئي. خاص طور لطيف سائينءَ جي بيتن تي مصوري ڪيائين ۽ بيتن جي پسمنظرتي تصويرون جوڙيائين. سندس چترڪاريءَ جي هڪ نمائش 16 جنوري 1987ع ڌاري شيخ سنڌي آرٽ ڪلب ميهڙ طرفان ٿي، عوام سندس فن کي ڪافي داد ڏنو. ان کان پوءِ هن ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيون. سندس لکيل ڪهاڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپيون.

زرعي يونيورسٽي ٽنڊوڄام ۾ پڙهائي دوران، هُن عالمي معلومات بابت ڪتاب ترتيب ڏنو سندس ترتيب ڏنل هيءُ ڪتاب ٻن حصن تي آهي. پهريون حصو عيسوي سن جي آغاز کان 1945ع تائين عالمي معلومات بابت آهي. "جي دور دنيا جا" نالي سان هن ڪتاب جو انتساب صرير هن ريت لکيو:

"بابا سائين جي ايم پنهور، امان بشريٰ پنهور جي نالي ڪريان ٿو. جن مون کي اسڪول موڪليو. جو اڄ لکي پڙهي سگهان ٿو."

"جي دور دنيا جا" جي بئڪ ٽائيٽل تي صرير پنهور لکيو: "مان سنڌ ڌرتيءَ جي ان ٽڪريءَ تي ڄائس، جنهن جي مٽيءَ ۾ شهيد بلاول آ، قلندر آ، سنڌ يونيورسٽي، سن، منڇر، رني ڪوٽ سڀ اتي آهن.

مون لوڙيو گهڻو آ، لکيو ٿورو آ،
مون پڙهيو ٿورو آ، سمجهيو گهڻو آ.

ضمير پريي صرير پنهور، محروم رهي به پنهنجي غريبيءَ کي ڪٿي ذليل نه ڪيو. سندس لکڻين ۾ سماجي ۽ معاشي نابرابري جي ڳٽا بيان ڪيل آهي. هُن طبقاتي فرق جي وڏي مزاحمت به ڪئي.

ميهڙ بدران حيدرآباد ۾ رهي هن باقاعده صحافت ۾ ڪم شروع ڪيو. عبرت ميگزين جي ايڊيٽوريل بورڊ ۾ شامل ٿيو. خاص طور عبرت ميگزين ۾ سندس ڪالم "تنهنجون ڳالهيون سڄڻ" سنڌ ۾ ڪافي شهرت ۽ مقبوليت ماڻي. سندس بيباڪ تحريرن جي ڪري کيس "فري لانسر" صحافيءَ جو اعزاز مليو.

صرير پنهورجي عام ڪچهرين مان معلوم ٿيندو هيو ته سنڌي ادب يا عالمي ادب جو وٽس وڏو مطالعو آهي، هن کي ادبي ۽ علمي تنقيد تي به عبور حاصل هيو افسوس جو سندس زندگيءَ ساٿ نه ڏنو جو 29 سالن جي ننڍڙي ڄمار ۾ 14 اپريل 1990ع جي رات هن حيدرآباد ۾ دم ڌڻيءَ حوالي ڪيو. سندس دوست مڙهه کڻائي ميهڙ پهتا. پيرسن پيءُ ماءُ جي روشن دنيا ٻاٽ اونده ۾ وڪوڙجي وئي. کيس هڪ نياڻي بينظير نالي آهي.

صرير پنهور شاعري به ڪئي، پرسندس گهڻو توجهه پنهنجين نثري تخليقن ڏانهن هيو. ان ڪري هُو پنهنجي شاعريءَ کي سٺاءُ نه ڏئي سگهيو. سندس هڪ غزل ۽ هڪ وائي پيشِ خدمت آهي:

## غزل

هت نظرين جون سَوَ راهون هن،
چوڪ چوڪ تي قتل گاهون هِن.
ڪنهن جو جيون ته جام ۽ جنت،
ڪٿ بکايلن جون دانهون هِن.
هر طرف نفرتن جو واسو آ،
ڪين محبت پريون نگاهون هِن.
راڄ بارود رائيفل جو آ،
هاءِ! ڪمزور ٿيون ٻانهون هن.
نيٺ ٿيڻي آ حق جي جيت "صرير"،
ننڍپڻ کان لَبن تي آهون هِن.

## وائي

جوڀن جاڙ ڪري ويو مون سان،
ساڄن ويٺي توکي ساريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
پل پل تنهنجا پور پون ٿا،
سانول توکي ڪيئن پساريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
ايندي ويندي ساهيڙين سان،
تنهنجا پور پچاريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
تون جو رسي وئين مون کان منڙا،
گوندر منجهه گذاريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
تون جو رسي وئي مون کان منڙا،
گوندر منجهه گذاريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
تون نه سٽين ٿو سڏ به منهنجا،
توکي پل پل پئي تي پڪاريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
پيار جا پانڌي روز پچان ٿي،
رويو راهه نهاريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.
سور "صرير" سوايا آهن،
پاڻ تي ڳارائن ۾ ڳاريان،
هاءِ! حياتي ڪئين گذاريان.

# محسن پنهنجي شعر جي آئيني ۾

•

مارُو جمالي

اورنگزيب عالمگير جي ڪنواري ڌيءَ شاعره زيب النساءِ "مخفي" ڪان ڪنهن ماڻهوءَ جڏهن تعارف پڇيو تہ مخفيءَ ڪيس جواب ڏيندي چيو "جيڪڏهن مون کي سڃاڻڻ چاهيو ٿا تہ منهنجا شعر پڙهو." انهيءَ ساڳئي ڪسوٽيءَ تي جيڪڏهن ڪنهن شاعر، ليکڪ جي ذات ۾ سندس ماحول جو عڪس ان جي شعر ۾ لکڻيءَ ۾ موجود آهي تہ اِها ان جي شخصيت جي ڀرپور انداز سان نمائندگي سمجهي ويندي. سنڌ جي بهترين شاعر ۾ منهنجي استاد محسن ڪڪڙائي صاحب جي شخصيت جو ڇيد سندس شعرن جي پرک سان ڪجي تہ بهتر ٿيندو. جڏهن پاڻ اجا جوانيءَ جي پُرجوش جذبن سان شاعري ڪندا هئا تہ ان وقت جي قومي اسيمبليءَ جي ميمبر ۽ سنڌي شاعريءَ جي سرموڙ شاعر مخدوم طالب المولىٰ جي راءِ سندن هڪ خط ۾ هيئن آهي تہ: "سيد نياز علي شاهہ محسن ڪڪڙائي موجوده دور جي سٺن شاعرن مان هڪ سٺو غزل لکندڙ شاعر آهي، محسن جا غزل ڪنهن حد تائين تغزل جي سهڻي نمائش ڪن ٿا، جنهن مان اندازو ٿئي ٿو تہ اڳتي هلي محسن بهترين غزل گو شاعرن مان هڪ هوندو." هن وقت جڏهن سائين محسن هِن جهانِ فانيءَ منجهان ڪُوچ ڪري چڪا آهن تہ سندن شاعريءَ ۾ ئي هِن خوبصورت شاعر ۽ باجهاري انسان جو اولڙو ڏسڻو پوندو.

ڪو پرين ناهہ تہ بہ سرِي ٿي وڃي
پر حياتي سڄي ڪرِي ٿي وڃي
پوءِ ڪهڙو جيئڻ تڏهن محسن
هر تمنا جڏهن مرِي ٿي وڃي.

هنن شعرن ۾ پرينءَ ڪان سواءِ حياتيءَ جو ڪرِي وڃڻ ۽ تمنائن، اميدن ڪان سواءِ جيئڻ کي ڪنهن ڪم جو نہ سمجهڻ مان محسن صاحب جو اهو فڪر نمايان آهي تہ عشق ۽ اميد زندگيءَ جي علامت آهن. هو سمجهي ٿو تہ پُر اميد جيون ئي بامقصد زندگيءَ جو بنياد آهي. ساڳئي وقت هو عورت کي هن غير مهذب سماج ۾ مان مرتبي ڏيڻ جو آدرش رکندڙ شعر سر جيئندي چوي ٿو:

هُوءَ تہ راڻي تيڻ جي لائق هئي،
هن جي سِرَ تي پري ڪٿان آئي؟
جنڊ تي تي پئي اٽو پينهين،
ڳوئڙن ۾ ڪِري ڪٿان آئي؟

هنن سٽن ۾ هُو پنهنجي اندر جي هُرڪُر سمائي چوڻ ٿو گهري تہ راڻيءَ جهڙي خوبصورت ڇوڪريءَ جي مٽي تي گاهہ جي پري ۾ رڳو جنڊ پيهڻ هِن جي نہ شان وٽان آهي ۽ نہ اهو اخلاقي قدر آهي. ساڳئي وقت سماجي ناانصافين جي چڪيءَ ۾ پيڙجندڙ انهن ڇوڪرين لاءِ بہ دعاگو آهي، جن جي شادي مردن جي هٽ ڌوڪيل رواجن سبب نہ ٿي ٿئي.

وقت تي شل مليس "حق" پنهنجو
نوجواني تہ جهٽ اُڏي ٿي وڃي.

نہ رڳو ايترو پر هُو ڪنهن ڇوڪريءَ جي پڇڻ کان سواءِ شاديءَ جو بہ انڪاري آهي ڇو تہ هُو سمجهي ٿو تہ عورت کي پنهنجو جيون ساٿي چونڊڻ جو حق، مذهب ۾ قانون ۾ فطرت طرفانِ مليل آهي:

اَڻ- پڇيو نينگري ٻڌي اُٺ سان،
هي نسورو ڳلُور سمجهون ٿا.

محسن جي سوچ جو محور رڳو اتي ئي نٿو ڪُٽي پر هو اعليٰ اخلاقي قدرن جو بہ تمنائي آهي:

ماڻهپي لئہ بہ ڪجهہ ڪيو ايجاد،
هُونءَ تہ ڏاڍا ڪمال ٿي ويا هن،
هٺڙو گستاخ دور اڳ تہ نہ هو
بي ادب ٻار زال ٿي ويا هن.

يـا:

هيڏي تعليم، هيڏي چڙواڳي،
هُن جي بيگهي مڇي وئي آهي.

يـا:

جهانگيئڙن جي جهوپن اندر
ڏڪَ تي ڏڪَ سدائين ڇو؟
ڳوناڻي نينگر جي سِر تي،
چادر چڪ سدائين ڇو؟

غزل جي هن خوبصورت شعرن ۾ شاعر جي اِها اميد اهو جذبو ۾ اهو ڪروڌ شامل آهي، جنهن ۾ هو سمجهي ٿو تہ ماڻهپو لڏي ويو آهي. عورت کي پڇڻ کان سواءِ پرڻائڻ نسورو ظلم آهي. ساڳئي ريت پنهنجي گستاخ دور تي درد مان اِهو

چوڻ ته ٻار ۽ زال اڳيئن دور ۾ ته بي ادب نه هئا. تعليم ته سڌاريندي آهي پر اسان وٽ سڌاري بجاءِ ڇڙواڳي پئي ٿيندي وڃي. اهو نه ٿيڻ کپي. سدائين پوتارن جي پوُ ۽ ظلم سبب اڳواڻن جي چادر ۽ چوديواري بي آبرو پئي ٿئي. اهي هڪ شاعر جي شعور ۾ تڙپ جا آئيني دار شعر آهن:

اجا به سندس دل جي آس اڳتي آ.
راحت، سڪون، امن کپي آشتي کپي،
زنده رهڻ لئه ته اِها ئي سُتي کپي.

هر ڪنهن جي منهن تي مرڪ جي مانداڻ ڪي ڏسان گهر گهر ۾ صلح سانتِ جي چانداڻ ٿي کپي. جيڪڏهن محسن جي ڪتاب اُمنگون ۾ سونهن جي ساڃهه تي نظر ڊوڙائبي ته هُو اسان کي سراپا عشق نظر ايندو. سندس عشق رڳو عورت تائين محدود ڪونهي ۽ نه رڳو هو صرف پنهنجي ذات جي خول ۾ قيد آهي، پر هو ڌرتيءَ جي اُون به رکي ٿو. ڪجهه مثال سندس غزليه شعرن مان ڏئي ڏسجن:

سونهن سان ترڪ پنهنجو چاهه ڪيان،
رب نه بخشي جي هي گناهه ڪيان.

ڪجهه به ته ناهي چاهه برابر،
چاهه ته آهي ساهه برابر.

پڪ اسان جي برادريءَ مان آ،
سونهن تي جو به پنهنجو ساهُ ڏئي.

سونهن تي ساهه ڏيڻ ضروري آ،
نه ته سڄي زندگي اڌوري آ.

سنڌ تي شال نه مهل اچي،
نادر شاهه جي ڪاهه برابر.

آدمي، آدميءَ هٿان آخر
ڪيستائين تباهه ٿيندو پيو؟

ڪلين کي مسڪراهٽون گلن کي ٽهڪڙا ڏيون
اچو ته ڪائنات کي ڪا سونهن سوپيا ڏيون

حيات کي خوشين جي ماڳ ڏي وٺي هلون وري
هلو ته زندگيءَ کي روشنيءَ جا ترورا ڏيون

# ڪچو رنگ: وڏي ڪهاڻي

•

## تاج بلوچ

نسيم کرل جي ڪهاڻي، پنهنجي بيان، جزئيات ۽ ڪردار نگاريءَ ۾ ٻاهريان فڪري اثر بہ ورتا آهن. پر تنهن هوندي بہ هن جو افسانو نج پيج پنهنجي ڌرتيءَ جي اٿل پٿل جو شاخسانو آهي. هن جو پنهنجو مشاهدو ۽ ذاتي تجربو آهي، جيڪو هن زنده ڪردارن جي صورت ۾ ڏٺو محسوس ڪيو ۽ پوءِ انهيءَ کي ان ٻوليءَ ۾ لکيو جيڪا ٻولي اهي ڪردار ڳالهائن ٿا. انهن ڪردارن جي رهڻي ڪهڻي، اشارا، رمزون، نفسيات، لڳ لاڳاپا، دوستيون، وفاداريون، منافقتون ۽ سچايون، ادبي حقيقت نگاريءَ سان پيش ڪيون آهن.

هو ڌرتيءَ جو قلمڪار آهي ۽ هن آسماني ڳالهہ ڪرڻ کان پاسو پي ڪيو آهي ۽ فني طور بہ ڪنهن عظيم يا ننڍي سنڌي اندرئين ٻاهرئين ليکڪ جا اثر بہ ورتا آهن. هن جي ڪجهہ ڪهاڻين جو ڪلچر گهڻ رُخو آهي.

سندس ڪهاڻي، ”ڪچو رنگ“ ۾ جڏهن وڏيرو پنهنجي زال کي شهر ۾ رهندڙ پنهنجي پٽ جي شادي ڪرڻ بابت خبر ٻڌائي ٿو: ”خير وري ڪهڙو چوري ڪارو ڪري چڙيو آهي.... ڪراچي ۾ منبم سان نڪاح پڙهيو اٿئين.“ تڏهن وڏيري: ”هئي منيس.“ چئي زور سان گوڏن تي ٻئي هٿ هڻي ٿي. اهڙي منظرنامي ۾ هڪ مڪالمو حمزاتوف رسول جي ڪتاب، ”ماءِ داغستان“ ۾ بہ ملي ٿو. جڏهن پينٽر جي ماءُ، رسول کان پئرس ۾ رهندڙ پنهنجي پٽ بابت پڇي ٿي: ”هن توسان پنهنجي مادري ٻولي، اوار ۾ ڳالهايو؟“ رسول جي انڪاري وراڻيءَ تي پينٽر جي ماءُ، ڪاري پوتيءَ سان پنهنجو منهن ڍڪي ۽ ٻئي پاسي ڪري چوي ٿي: ”رسول، اهو منهنجو پٽ نہ تو ٿي سگهي، جيڪو مادري ٻولي ۾ نہ ڳالهائي.“ داغستان ۾ ڪنهن ويجهي عزيز جي لاڏاڻي تي عورتون ڪاري ڪپڙي سان منهن ڍڪينديون آهن. اسان وٽ بہ مائرون ۽ ٻيون عورتون زوال پذير سماجي نفسيات تحت، ترت ردعمل طور ”اهڙن تڪايف ڏيندڙ مامرن“ تي، منهن، مٿو سينو ۽ سٿرون ڪُٽي ماتم ڪنديون آهن.

جيئن تہ کرل مرندڙ جاگيرداراڻي معاشري جي نفسيات جو ڄاڻو آهي، ان ڪري رئيساڻيءَ جي منووگيانڪ ويچارن کي هن ريت بيان ڪري ٿو: ”... نڪاح واري ڳالهہ تي اعتبار ڪرڻ لاءِ اجا گهٽي ڳالهہ گهربي هئي، سندس خاندان ۾ آخر

ڪير ستو جتو هو مڙسهنس شاهنواز خان، سهرهنس قيصر خان ۽ ان جي پيءُ سنجر خان جون ڳالهيون ڪنهن ڪان ڳُجهيون هيون. ماٽيائون تہ برابر سئوٽيون ۽ ماساتيون، پر شاديءَ کان اڳ ۽ پوءِ چا نہ ڪيو هئائون. ذوالفقار علي بہ سندن ئي اولاد هو. جاءِ هميشہ پيڙهہ تي ويندي آهي. موڪلن ۾ ڳوٺ هوندو هو تہ حويليءَ ۾ ڪم ڪندڙ جواڻ جماڻ ٻانهين سان ڪينچل ڪا ڪائنس ڳُجهي تہ نہ هئي."

اهڙن ويچارن کان پوءِ رئيسياڻي مڙس کي وراڻي ٿي: "نڪاح ڪونہ ڪيو هونڊائين، ائين مڙيئي."

اهڙي تناظر مان مجموعي طور تي عورتازاد جي سستي، خسيس ۽ ويڪائو مال هئڻ جو شديد احساس اُڀري ٿو جڏهن تہ اهو مڪالمو هڪ عورت جو ئي آهي، جيڪا شديد گهٽتائيءَ واري احساس ۾ ورتل آهي: "ماٽيائون تہ پنهنجو سئوٽيون ۽ ماساتيون." يعني شهر يا آکهہ ٻراردريءَ کان ٻاهر جي عورت، فقط عيش ۽ عشرت لاءِ هڪ تفريحي تول آهي. جنهن جو وقار ڪونهي ۽ جيڪا گهر گهرستيءَ جو ڪاروهنوار هلائڻ وارو نہ تہ حق رکي ٿي ۽ نہ ئي ان لائق آهي.

انهيءَ ساڳيءَ لهر ۾ شاهنواز خان جي بہ ذهني سطح لڳ ڀڳ ساڳي آهي: "پيڪن وئي آهي يا ٻئي پاسي؟" انهيءَ "ٻئي پاسي" ۾ بہ ساڳئي زوال پذير سماج جو عڪس ملي ٿو يعني شهري ۽ پڙهيل عورت ڪرپٽ، بيوفا ۽ گهر نہ ڪرڻ واري عورت آهي. ڪرل هن ڪهاڻيءَ ۾ اُسرندڙ مڊل ڪلاس ۽ مرندڙ جاگيرداراڻي سماج جي وچ ۾ ڪنهن نعري کان سواءِ تصادم/ ڪشمڪش ڏيکاري آهي.

جديد سنڌي ڪهاڻي، نادر بيگ مرزا کان ويندي نسيم کرل تائين سنڌ جي انهيءَ ڪلچر جي نمائنده ڪهاڻي آهي، جيڪو داستان کان وٺي بيانيہ انداز واري ڪهاڻيءَ کان ٿيندو هاڻ مس وڃي نين ڏِسائن کي ڇهڻ ۽ اٺويهين صديءَ جي ادبي تحريڪن کان ٿورو گهڻو اثر قبول ڪرڻ شروع ڪيو آهي، نہ تہ وچين دور ۾ ماڻڪ، علي بابا، مشتاق شوري ۽ شوڪت شوري جي هيڪڙ ٻيڪڙ ڪهاڻين کان سواءِ سموري سنڌي ڪهاڻي اهائي روايتي ڪهاڻي آهي، جيڪا مڏي خارج فيوڊل سماج جي ڏيڻ ۾ قاتل آهي.

ادب، سماج ۽ ادب جي سماج سان وابستگي، اهي سڀ پوءِ جي نقادن جون دريافتون آهن، جيڪي پڻ ادب ۾ اهڙين اوائلي فطري واڳبندين ڏسڻ کان پوءِ ئي چيون ويون نہ تہ صورتحال اها آهي جو اسان وٽ يورپ جي پيٽ ۾ نہ تہ ڪا ايجاد ٿي ۽ نہ ئي ڪو اهڙو ڪارنامو سرانجام ڏنو ويو جو چئجي تہ ٽين دنيا جي ملڪن ۾ ڪا فڪري اڳيرائي آئي، جنهن کي يورپ جي مقابلي ۾ ڏيکارڻ جوڳا ٻڌجون. ٽين دنيا جي ملڪن جي سوچ ئي مردار هئي، ڇاڪاڻ تہ صدين جي غلاميءَ ماڻهن منجهان اهڙيون صلاحيتون ئي ختم ڪري ڇڏيون هيون يا ڪين ان ڳالهہ جو اونو يا ادراڪ ئي نہ هو.

ادب جي سماج سان واڳبندي وارو مامرو بہ 19هين صديءَ ڌاري فرانس ۾ اُٿاريو ويو. جنهن ۾ Gautier، بودليئر، ملارمي ۽ رامبو وغيره گهڻو متحرڪ هئا.

رامبو تہ انهيءَ سطح تائين چيو "مان پنهنجي ذهني چڙواڳيءَ کي مقدس سمجهان ٿو." ورڊس ورٿ، انگلستان ۾ نعرو بلند ڪيو "شاعر، فرد آهي جيڪو بين فردن لاءِ لکي ٿو." انهيءَ نُڪتي جي وضاحت ۾، ورڊس ورٿ وڌيڪ چيو "شاعر اهو فرد آهي جيڪو جذبن جا خيال، جذبن جي ٻوليءَ ۾ پيش ڪري ٿو."

ورڊس ورٿ جا اهي جملا ڪنهن سماجي درجي بنديءَ جي عڪاسي نٿا ڪن، پر ان دور جي يورپ ۾، انسان جو تصور ئي پور پور ٿي چڪو هو ۽ اهو تصور، ٽي ايس ايليٽ تائين پهچندي انهيءَ نتيجي تي وڃي پهتو تہ "ذڪ سهڻ وارو شخص، تخليقي فرد کان مختلف آهي."

ورڊس ورٿ ۽ ايليٽ جو معاشرو تہ پيچ ڍاهہ جو شڪار هو پر اسان جو سماج، زوال پذير معاشرو آهي، پيچ ڍاهہ واري سماج جي ماهرن کي ، زوال پذير معاشري سان ڪيئن ڀيٽي ٿو سگهجي؟

نسيم کرل بہ انهيءَ زوال پذير ۽ جٺاٽي ٻولي ڳالهائيندڙ جٺن جي معاشري جو ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو طويل عرصي جي جسماني ۽ روحاني غلاميءَ کان پوءِ جاگيرداراڻي باقيات جي جڪڙ ۾ گرفتار آهي ۽ انهن جي اها ئي نفسيات آهي، جيڪا زوال پذير سماج جي فردن جي هوندي آهي، پر نسيم کرل جي ڪرافتمئشپ جو ڪمال اهو آهي جو هن دهقاني نفسيات کي Loud ٿيڻ نہ ڏنو آهي ۽ ڏاي سرل ۽ Smooth نوع ۾ "ڪچو رنگ" جو تاڃي پيٽو اُٽي ادبي ڪارج پورو ڪيو آهي، جيڪو سماج نئين حسيت ۽ قدرن جي لحاظ کان رجعت پسند، هيٺو منافق ۽ پرمار آهي.

"ڪچو رنگ" جو وڏيرو ڪمدار منشي ۽ ٻيا ڪردار جنهن تحليلي نفسي مان گذري، دوستو وسڪيءَ جي 'ڪرائيم' ۽ 'پنشمينٽ' جي ڪردار رسڪولينڪوف جيان رضا تي راضي رهڻ، شڪست يا ذلت قبول ڪرڻ تي راضي ٿي وڃن ٿا ۽ جيڪي پنهنجي نااهليءَ يا صورتحال کي منهن نہ ڏيئي سگهڻ تي نادم آهن، پر انهن ۾ انائيت ۽ سرڪشي آهي. وڏيرو شاهنواز پنهنجي ندامت جو اظهار هيئن ڪري ٿو: "خبر اٿئي ڪمدار تہ منهنجو سيڻ ڪير آهي؟" اهو جملو وڏيري جي سموري ڪوڙي اڏنبر کي اندران ئي ڍاهي ڇڏي ٿو جنهن جو وتس شدت سان احساس بہ آهي، پر نفسياتي طور تي Complexes جو شڪار هوندي، پنهنجي هيٺي حيثيت کي متاثهون ڪرڻ لاءِ بي خبر ڪمدار سان جهيٺي خودڪلامي يا نرم لهجي ۾ مخاطب ٿي ڪيس پنهنجي متاثهين حيثيت کان خبردار ڪري ٿو. نسيم کرل جي نگاهہ بہ دوستو وسڪيءَ جيان انساني نفسيات جي برقياتي نتيجن جو ادراڪ رکي ٿي. هن کي حالتن ۽ نفسياتي منطق جي ڄاڻ آهي. هو انساني نفسياتي منطقي نتيجن کان ڪن لاتار نٿو ڪري، ڪردارن جي اعمالن جو جيڪو نتيجو نڪري ٿو نسيم ان تي اڪتفا ڪري ٿو. هو پنهنجي ڪردار وڏيري شاهنواز خان کي غير معمولي ڪردار ٻڻائي، ڪليڪٽر آڏو

مزاحمت لاءِ نڪتو اُڀاري، بلڪ، هڪ نارمل ماڻهوءَ جيان، ٻرپُٽ ٿي ڪليڪٽر جي ڏيءَ "پارس" کي پنهنجي ننُهن طور قبول ڪري وٺي ٿو جنهن سان مرندڙ معاشري کي ٺيڪو ڏيڻ ۽ پاڻ کي ٺيڪيل رکڻ واري سائڪيءَ ڏانهن اشارو ملي ٿو.

نسيم جي ڪردارن جي نفسيات مان، سندس عميق مشاهدي سان گڏ هن جي وسيع مطالعي جي بہ خبر پوي ٿي. تحليل نفسي جي ڪري ڪنهن، "ڪيس هسٽري" يا ڪنهن ڪهاڻيءَ جي ڪردارن ۾ فرق ڪجهہ گهٽ ئي هوندو آهي. شعور جي وهڪري واري لاڙي جي پرورش ۾، فرائيڊ کان سواءِ جيمس جوائس، ورجينا وولف، هينري برگسان ۽ مارسل پروسٽ جي لکڻين جو بہ وڏو اثر آهي، پر فرائيڊ جي تجزئي يا سينٿيسس تحت، فڪر ۽ شعور جي اهميت کي نہ رڳو قبول ڪيو ويو پر ان کي ادب ۾ وڏي اهميت جوڳو سمجهيو وڃي ٿو. فرائيڊ تهذيب جي زوال جو جيڪو عالمانہ تجزيو پيش ڪيو آهي، اهو هنڌائڻ جوڳو آهي. "... انساني شعور، سندس فطري جبلتن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور آهي، اهو مڃيندي بہ اسين درست هونداسين تہ فرد جي انهيءَ ڪمزوريءَ ۾ هڪ خاص ڳالهہ تہ هن جي ضمير جو آواز جهيڻو آهي، جيڪو ٻڌڻ کان اڳ بند نہ ٿيندو آهي. فرد جي انڪاري هجڻ جي باوجود بہ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي."

"ڪچو رنگ" جو وڏيرو شاهنواز خان، جيڪو سڄي ڪهاڻيءَ ۾ ذوالفقار خان (پٽ) جي شهري ڇوڪريءَ سان شاديءَ جو انهيءَ ڪري مخالف آهي، جو پٺهنس جي ڳوٺ واري مڱ جي مائٽن وٽان کين ملڪيت ۽ پيو گهڻو ڪجهہ ملڻ وارو آهي ۽ ان سبب پُٽ کي شهر مان ڏاري ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ ۽ سندس ڇوڙڻ تي طلاق نہ ڏيڻ جي ڪري مڏي مان عاق ڪرڻ لاءِ بہ تيار آهي. پر جڏهن کيس خبر پوي ٿي تہ هن جو پٽ ڪنهن سي ايس پي ڪليڪٽر جي ڌيءَ سان پرڻيو آهي، (جيڪو ڪامورو ڪيس تر ۾ پاڻ سان ملڻ بہ نہ ڏيندو آهي.) تہ پوءِ هٿيار ڦٽا ڪري ٿو ڳوٺ ڏانهن موٽندي پنهنجي ڪمدار بيگ محمد کي چوي ٿو: "سندس بدليءَ جو حڪم نڪتو آهي، گهڻو ڪري ٻن ٽن مهينن ۾ پنهنجي ضلعي جي چارج وٺندو." ٿوري دير اڳ، ڪليڪٽر کي پنهنجي "سيڻ" هجڻ وارا اطلاع ڏيئي چڪو آهي.

وڏيري شاهنواز خان جو اهڙو رويو انهيءَ زوال پذير معاشري ڏانهن اشارو ڪري ٿو جيڪو اڃا تائين فڪري غلاميءَ مان آجو نہ ٿي سگهيو آهي ۽ هن جي ساڃاهہ، سندس فطري جبلتن آڏو اڃا خسيس ۽ ڪمزور آهي، پر ان جي هوندي بہ هن جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

'ڪچو رنگ' ۾ نسيم کرل جي فني ۽ فڪري ساڃاهہ، هنرمنديءَ ۽ ڪهاڻيءَ جي اُٽت بي مثال ۽ شاعريءَ کان آجي آهي، جيستائين فيوڊل معاشرو آهي ڪهاڻي، "ڪچو رنگ" سندس بين ڪهاڻين جيان ڪلاسڪس ۾ شمار ٿيندي.

قادر جوڻيجو جڏهن ائين چوي ٿو ”سنڌي ڊڪشن سان گڏوگڏ نسيم کرل وٽ بيو بہ گهڻو ڪجهہ آهي.“ تہ ”اهو گهڻو ڪجهہ“ هن جي ٻين ڪهاڻين ۾ بہ ملي ٿو. ”ڪچو رنگ“ ۾ سنڌي ڊڪشن سان گڏوگڏ اها تخليقي سگهہ پڻ موجود آهي، جنهن ڏانهن قادر اشارو ڪيو آهي. جيڪا نہ رڳو ڪيس ٻين ڪهاڻيڪارن کان، بلڪ سندس ٻين ڪهاڻين ۾ ٻين ڪهاڻين جي مختلف ڪردارن کان بہ ڌار ڪريو بيهاري ٿي. ڇاڪاڻ تہ سندس هر ڪهاڻيءَ جو منظرنامو بنهہ مختلف ۽ تخليقي آهي. هو ڪنهن بہ واقعي يا موضوع تي ساڳي معروضي توانائيءَ ۽ فڪر انگيزيءَ سان Communicative آهي.

اهو ئي سبب آهي جو قادر جوڻيجو کيس، ”حيرت انگيز ليکڪ“ ڪوٺي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن وٽ موضوعن جي گهٽتائي آهي. هن جي هر ڪهاڻيءَ جو پلاٽ، منظرنامو، ڪردارنگاري ۽ ڊڪشن بہ مختلف آهي.

”ڪچو رنگ“ جي ڪردارن جي نفسيات جو نسيم اٽلڪائتي نوع ۾ تجزيو ڪيو آهي، جو پڙهندڙ ڪهاڻيءَ جي Vision ۾ گم ٿي وڃي ٿو ۽ معاشرتي زوال تي چپن ئي چپن ۾ مرڪي ٿو نسيم کرل جيڪو شخصي زندگيءَ ۾ گوڙيلو آهي، پر پنهنجي فن جي تخليقيت ۾ گوڙهو اوپرو ۽ بيحد سنجيدو آهي.

مرندڙ پراڻي سنڌي سماج تي نسيم کرل جي تنقيد سان، اهي سمورا تضاد، مفاد ۽ سمجهوتا ائين چٽا ٿيو بيهن ٿا. جيئن اڻوهين صديءَ جي يورپ ۾ فڪري پيچ ڊاهہ واري دور نہ رڳو پراڻن قدرن کي نگهوسار ڪيو پر عقيدن کي بہ ڌڪ هنيو ڇاڪاڻ تہ صنعتي انقلاب جي ڪري ذهنن جي تبديلي، نفسياتي سطح تي ايڏو مانڌاڻ مچايو جو عقيدن ۽ نظرين کي سنڀالڻ ڏکيو بڻجي پيو هو.

انگريزي ادب جي تاريخ ۾ ”وڪٽورين ڪمپرومائيز“ ان عهد جو تنقيدي اشارو آهي. ٽينيسن هڪ طرف انجيل کي بہ تسليم ڪيو تہ ٻئي طرف، ڊارون جي نظرئي کي بہ رد نہ ڪيو ۽ ٽئين پاسي جان استورٽ مل ائين چيو ”متضاد نظرين ۾ سچائي هوندي آهي، ان ڪري اها اسان کي قبول ڪرڻ گهرجي ۽ اها اهڙي سيڪيولرزم آهي، جنهن ۾ نہ خلوص آهي نہ ئي سچائي.“

پر نسيم کرل وٽ ڪهاڻيءَ جي تناظر ۾ ڪا مصلحت، شدت ۽ تعصب ناهي. هو وڏيري شاهنواز جي تضادن تي ڪمپرومائيز نٿو ڪري، پر هن جي ڪردار کي فطري ۽ منطقي انجام تي رسائي ٿو ۽ ٻيا سمورا هڪ هڪ يا اڌ اڌ ستَ جا منظرنامي جي ڪو رليٽو ۾ رهندڙ سمورا ڪردار شاهنواز جي ڪمزور فطري جبلت جي لَٽَ ۾ گم ٿي وڃن ٿا. ”ڪچو رنگ“ مرندڙ جاگيرداراڻي سماج کي زبردست طنز ۽ گهري چوٽ رسائيندڙ ڪهاڻي آهي.

◈

# اعليٰ درجي جو چترڪار: فتاح هاليپوٽو

•

## لکمي کلاڻي

26 مارچ آرتوار ڏينهن حيدرآباد (سنڌ) ۾ سنڌيءَ جو برک نقاد اسحاق سميجو مون کي پنهنجي موٽر سائيڪل تي ويهاري، ڏس پڇائيندو آخر سنڌ جي اعليٰ درجي جي چترڪار فتاح هاليپوٽو جي فليٽ تي وٺي اچي ٿو. فتاح کيڪاري اسان جي آجيان ڪري ٿو. مون سان گڏ اسحاق کي به پنهنجي گهر آيل ڏسي ڪيس خوشي ٿئي ٿي. هو ڪيس ويهڻ جي آڇ ڪري ٿو پر جيئن ته هو اسلام آباد کان آيل پنهنجي دوست کي رستي تي بيهاري آيو آهي، تنهن ڪري هئي ڪنهن پيري اچڻ جو انجام ڪري هُو موڪلائي وڃي ٿو.

دستوري خيرعافيت بعد فتاح مون کي پنهنجي ڊرائينگ روم ۾ موجود هڪ ٻئي برک فنڪار سان واقف ڪرائي ٿو. جيڪو ڪاشيءَ جي ڪم جو ماهر خضر حيات قاضي هيو. جنهن کي نوابشاهه ۾ پنهنجي سڪندر آرٽ گئلري به آهي. هو مون کي ٻڌائي ٿو ته 'هن وٽ چيني مٽيءَ جي ٿانوَن مٿان اعليٰ درجي جي نقاشي ٿيندي آهي. سندن روغني گلدستا ۽ ٽائيلس ته سڄي جڳ ۾ مشهور آهن. توهان ڪالهه جيڪو سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ۾ وڏي هال جي پٽ تي ٽائيلس سان جوڙيل سنڌ جو نقشو ڏٺو اها به منهنجي تخليق آهي. سنڌالاجي سميت هتان جي ڪيترن سرڪاري غيرسرڪاري عمارتن کي مون پنهنجي ڪاشيءَ جي ڪم سان سينگاريو آهي،' مون کي اها ته اڳ ۾ ئي سُڌ هئي ته اسان جي سنڌ ڪاشيءَ جي ڪم ۾ بيحد مشهور آهي. شاهه جي پٽ هجي يا سچل سرمست جو روضو هجي اُنهن جي پٽين تي طرح طرح جي نقاشي وارين ٽائيلس اُنهن جي سونهن کي وڌائي ڇڏيو آهي.

فتاح هاليپوٽو ڳالهيون ٻولهيون ڪرڻ لاءِ اسان کي اڪيلو ڇڏي، پاڻ چانهه ناشتي جو بندوبست ڪرڻ لاءِ رڌڻي طرف وڃي ٿو. منهنجو هن جي ضربيل چنگهه طرف ڌيان ڇڪجي وڃي ٿو. پوليو سبب يا ڪنهن موٽر حادثي ۾ سندس هڪ ٽنگ کي چوٽ رسيل آهي. خضر کي چوان ٿو: 'آڏيپور ۾ اسين جلد سنڌالاجيءَ جي نئين عمارت جوڙائڻ وارا آهيون، پنهنجي ڪاشيءَ جي ڪم سان اُن کي سينگارڻ جي مان توهان کي نينڊ ٿو ڏيان.'

'مون کي قبول آهي. ٻاهرين سجاوٽ مان ڪندس ڪاشيءَ جي ٽائيلس سان، ۽ اندرين سجاوٽ فتاح ڪندو پنهنجي چترن سان.' ايتري ۾ فتاح هڪ ٻار

جي مدد سان اسان لاءِ چانهہ ناشتو ڪٽي تو اچي. خضر ڪيس چوي ٿو: 'لکميءَ اسان کي پنهنجي سنڌالاجيءَ جي بلڊنگ کي سجائڻ جي نيند ڏني آهي. مون تنهنجي طرفان ڪيس قبوليت ڏيئي ڇڏي آهي. گڏجي پارٽ هلنداسين.'

فتاح پنهنجي ڪاٺ جي گهوڙيءَ طرف نهاري مرڪي ٿو ڏئي. البت هن جي شاندار خوبصورت چهري ۾ موڪرين اکين مان غضب جو آتم وشواس ليئا پائيندو نظر تو اچي. فتاح گهٽ ڳالهائو سنجيده، انترمکي قسم جو ماڻهو آهي. چترڪاري هن لاءِ عبادت آهي. هو پنهنجا ڪيڏيل چتر مون کي ڏيکاري ٿو. ڊرائينگ روم ۾ پتين تي ٽنگيل چتر تہ مان اڳ ئي غور سان ڏسي چُڪو آهيان. پتين تي ٽنگيل چترن جو هڪ ئي موضوع، سندس پياري محبوبا سنڌ جي ڌرتي آهي. سنڌودرياهہ آهي. سنڌ جا ماڻهو آهن. مارئي، مومل، سهڻي، سسئي آهي، جن جي ليڙون ليڙون ٿيل وسترن مان سندن اندر جي خوبصورتي ليئا پائيندي نظر اچي ٿي. هنن جي اکين مان جهلڪندڙ معصوم مُرڪ ۾ سنڌي قوم جي مظلوميت ۽ غربت جو شدت سان اظهار آهي. فتاح جا هي چتر جاندار آهن، اُهي اسان سان ڳالهائين ٿا. فضا ۾ اُنهن جي موجوده صورتحال بدلڻ جي پرپور سگهہ آهي.

چانهہ پيئندي مان ڪيس ٻڌايان ٿو تہ سکر جي ويجهو ڳوٺ جهاني ۽ چَڪ ويو هوس. رات چَڪ ۾ رهڻ جو موقعو مليو. اُتي جي اسڪول جي ڊرائينگ ماسٽر هارون چنني سان بہ ملاقات ٿي، هن پنهنجي گهر وني هلي مون کي پنهنجا شاهہ ۽ شيخ اياز جي شعرن کي آڌار بڻائي ڪيڏيل چتر بہ ڏيکاريا. بمبئي کان آيل پاءَ ڪنعيا لعل ناگپال جو قربائتو خط بہ ڏيکاريو. هن صاحب سندس ڪيترا چتر جيرام روپاڻيءَ جي انگريزي مئگزين 'اسين سنڌي' ۾ بہ ڇپايا هئا. مان اهو انڪ بہ نظر مان ڪڍان ٿوءِ سنڌالاجيءَ لاءِ سندس ڪي چتر پسند ڪريان ٿو. پر هو چوي ٿو تہ توهان حيدرآباد تہ وڃي ئي رهيا آهيو، اُتي منهنجو اُستاد فتاح هاليپوٽو رهندو آهي. پهريائين هن جا ڪيڏيل چتر وڃي ڏسو. هن ئي مون کي توهان جو موبائيل نمبر ڏنو ۽ ائين اج مون کي هارون چنني جي بدولت توهان سان گڏجڻ جو شرف حاصل ٿيو آهي.

سچ، مان فتاح جي چترن کان بيحد متاثر ٿيو آهيان. زبان سان انهن جي واکاڻ ڪريان بہ ٿو پر هو رڳو مُرڪندو ٿو رهي. هن جي مٿان لڳي ٿو تہ هاڻي ساراهہ ۽ ڳِلا جو ڪو اثر ئي نٿو ٿئي. گهوڙيءَ کي پڪڙي هُو مون لاءِ پنهنجا بہ ڪتاب ڪڻي تو اچي. شرجيل جي ادبي ناليٰ سان هن نثر جي شاعري 'چوليون' ۽ 'پن ڇڻ کان پوءِ' عنوان سان ڪهاڻين جو مجموعو. هن جا تيار ڪيل ڪتابن جا تہ ڪيترائي ٽائٽيل ڊزائين مان سنڌ گهمندي اڳ ۾ ئي ڏسي چُڪو هوس. هو ڪتابن مٿان 'سائين لکمي ڪلاڻيءَ لاءِ سڪ مان' صحي پائي 2006_03_26 جي تاريخ وجهي مون کي پيش ڪري ٿو. چوليون جا پنا اُتلايان ٿو. لڳي ٿو هي ٻئي هن وٽ بچيل آخري ڪاپيون آهن. ڪهاڻين جو مجموعو تہ هو اڳ ئي ڪنهن پياري نصير کي پيش ڪري چُڪو هو هينيان هيئن لکي: 'وڇوڙا هر ڪنهن کي، ڪنهن

نہ ڪنهن صورت ۾ ملندا آهن. مون انهن تي ماتم ڪان سواءِ دل ئي دل ۾ وڏو مانُ ۽ محبت ڏني آهي.' اهو ڪتاب هن وٽ وري واپس موٽي آيو آهي.

'چوليون' ۾ شامل هڪ نثري نظم تي نظر پوي ٿي، جنهن ۾ هن پنهنجي چترڪار ڪردار کي هنن لفظن ۾ بخوبي اُتاريو آهي:

سيني ڪاغذن کي سُبي
ڪپڙا ٺاهي
هوند پنهنجو ننگو جسم
ڍڪي ڇڏيان.
جن تي
پنهنجو اندر
اوتيو هوندم
۽ چتر
جن کي پنهنجا سڀ رنگ ڏيئي
پاڻ کي بي رنگ ڪيو هوندم
سندس پتيون ۽ چت ٺاهي
هڪ ننڍڙو گهر اڏي ڇڏيان.

فتاح مون کان پارت جي سنڌي چترڪارن بابت پڇي ٿو. مان ڪيس ڀڳوان ڪپور، مهروان مامتاڻي ۽ نلني ملاڻي جي جاڻ ڏيان ٿو. ڀڳوان تہ وڃي نيويارڪ وسايو آهي. مهروان ڳچ عرصو جرمني ۾ هو. هينئر شايد دهلي واپس موٽي آيو آهي. نلني بمبئيءَ ۾ رهندي آهي ۽ سندس شمار پارت جي مهان چترڪارن ۾ ٿيندو آهي. ورهاڱي جو درد، هن پنهنجي ڏاڏيءَ جي ڪراچيءَ مان بمبئي لڏي اچڻ مهل اوڍيل چادر تي چٽي، پنهنجي پاڙُن کي زنده رکيو آهي. چادر جي هڪ پاسي سعادت حسن منٽو جو ٽوبہ ٽيڪ سنگهہ آهي تہ ٻئي پاسي ڏاڏيءَ، پنهنجي ڏيءَ ۽ سندس پنهنجو چتر چٽيل آهي.

فتاح کان موڪلائڻ مهل الائي ڇو منهنجي دل پرجي ٿي اچي. ڇا اسين فنڪار هڪ ئي مٽيءَ مان ٺهيل آهيون؟ بيحد حساس دل، اندر ۾ بيحد اڪيلا اڪيلا. ڪنهن خواب کي پڪڙڻ لاءِ ڏينهن رات اُن پٺيان ڊوڙندڙ. اهو ڇڳيءَ طرح ڄاڻندي بہ تہ اُهو ڪڏهن بہ اسان جي پڪڙ ۾ اچڻو ڪونهي. اسان جو ٽيڻو ڪونهي. پريان، ڪان ئي اسان کي اُن جو شعاع پسڻو آهي. اُن جي پُوڄا ڪرڻي آهي. واقعي هر ڪو فنڪار سونهن جو پُوڄاري آهي. هُو شڪاري ٿي نٿو سگهي.

فتاح هاليپوٽو (شرجيل) ۽ خضر حيات قاضي ياڪر پاڻي موڪلائڻ مهل چون ٿا تہ اسان کي سِڪ قرب مان ياد ڪنديِن تہ اسين ضرور تووٽ اچي پيڙا ٽيندا اسين.

◈

# رکيل مورائي: منهنجو دوست

•

## سڪندر ڪورائي



سڪندر ڪورائي (مرحوم)

موري شهر مان هڪ روڊ ٻانڊيءَ ڏانهن نڪري ٿو ان روڊ سان ڪجهه ميلن جي مفاصلي تي تمور جي ويجهو هڪ ڳوٺ آهي، جنهن جو نالو آهي حاجي مالڪڏنو سولنگي، جيڪو سرسبز آبادين جي وچ ۾ آهي. هيءُ ڳوٺ اڄ به سنڌ جي ٻهراڙين جي ان حيثيت کي برقرار رکيون وينو آهي جنهن جي ڪري سنڌ دنيا ۾ مهمان نوازي، دوستي، ڪچهري، قرب ۽ پنهنجائپ جو مثال بڻيل آهي. منهنجو دوست رکيل مورائي ان ڳوٺ ۾ ڄائو آهي.

رکيل مورائي جنهن دور ۾ پيدا ٿيو اهو سٺ جي ڏهاڪي وارو دور هئو جنهن ۾ چيو ويندو هو ته "علم ضروري آهي پر هُنر بادشاهه آهي." رکيل جو پيءُ جيڪو پنهنجي ڳوٺ ۾ نيڪ مرد جي حيثيت رکندو هُئو ان پنهنجي هن سيني ڪان ننڍي پٽ کي پڙهائڻ چاهيو، جنهن ڪري پر واري ڳوٺ غلام محمد سولنگيءَ ۾ ڪيس داخل ڪرايائين جتي هو پنج درجا پڙهيو. تڏهن شهرن جي زندگي ڳوٺن کي ويجهو اچڻ لاءِ سڏي رهي هئي، جنهن ڪري ڳوٺن مان نوجوان شهرن ڏانهن اچڻ شروع ٿيا. ان مقصد لاءِ ته جيئن هو شهرن ۾ ڪو هُنر سکي ڪجهه پئسا ڪمائي ڳوٺن ڏانهن ڪٽي موٽن. رکيل به موري ۾ آيو ته پڙهڻ لاءِ پر منجهند کان پوءِ سندس والد کيس درزڪو ڪم سکڻ لاءِ محمد ايوب ڀھڻ وٽ ڇڏيو. تڏهن درزڪي ڪم لاءِ چيو ويندو هُئو ته "تڏي ڇانو جو پورهيو آهي." رکيل جي گهٽي نه پڙهڻ پويان به اهوئي عمل ڪارفرما هو ته جيئن هو ڪمائي سگهي. رکيل جيئن ته پڙهندڙ چوڪرو هو ۽ والدين جو به مٿس شفقت ڀريو هٿ هُئو ان ڪري جتوئي مارڪيٽ جيڪا ان وقت فقط درزين جي ڪري مشهور هوندي هُئي، ان ۾ ڏاڍي عزت ۽ پيار سان ڏسجڻ لڳو. جڏهن هن ڪڻ شروع ڪيو هُئو تڏهن به سندس عُمر اڃا ڇڻ ته ٻاراٽي هُئي پر هي عام ٻارن يا نوجوانن کان مختلف به هو ته ذهين به، ان ۾ ڪو شڪ نه هو. ان ئي دور ۾ رکيل ڪتاب پڙهڻ به شروع ڪيا ته ڪتابن ڪپائڻ جو تجربو به ڪرڻ لڳو. جيڪو به ڪتاب سنڌيءَ ۾ ڇپبو هُئو ته

هيءَ ان جون پنج ڪاپيون گهرائيندو هو جن مان چار ڪپائيندو هو ۽ هڪ پاڻ وٽ رکندو هُئو ايئن هُن پنهنجي ننڍڙي ڳوٺ ۾ هڪ سُٺي لئبرري ٺاهي. اهڙو مثال ان وقت ڳوٺن ۾ ملڻ مشڪل هو. تڏهن اسان رڪيل جي ڳوٺ سندس سالگره جي بهاني سان موري جا اديب، شاعر ۽ درزي دوست ويندا هئاسين تہ ڳوٺ جا ماڻهو خوش ٿيندا هئا ۽ چوندا هئا تہ هن نوجوان جي ڪري موري جا علمي، ادبي ماڻهو هتي اچي اسان کي مان ٿا ڏين ۽ ڪجهہ نوجوانن جي منهن تي مرڪ تري ايندي هُئي جڏهن ريڊيو تي ٻڌندا هئا تہ "اڄ رڪيل موراڻيءَ جي سالگره ڳوٺ حاجي مالڪڏني سولنگيءَ ۾ ملهائي ويئي ۽ ان ۾ ڦلاڻن ڦلاڻن اديبن ۽ شاعرن شرڪت ڪئي."

تڏهن اسان درزين لاءِ مشهور هوندو هو تہ شام جو چانهہ واري ڪان لڪندا آهن پر رڪيل صبح جو پوسٽ مين کان لڪندو وتندو هو. جيڪو اوڌر تي ڪتاب ڏئي ويندو هوس. جيڪي رڪيل ڪپائي ٻئي ڏينهن ڪيس پئسا ڏيندو هو پر اڪثر ٽپاليءَ کي پئسا وقت تي نہ ملندا هئا. پوءِ بہ اهو رڪيل جو ڪمال هوندو هو تہ هو ڪتاب ان کان اوڌر تي وٺي ايندو هو. ڪتابن جا پئسا ملڻ هوندن ئي ڏکيا هوندا هئا پر رڪيل همت نہ هاري ۽ سدائين ڪتاب گهرائيندو هو ۽ پنهنجي مزدوريءَ جا پئسا ٽپاليءَ کي ڏئي ڇڏيندو هو ۽ پوءِ ڪتابن وارن کان پئسا وٺندو هو. انهن ڏينهن ۾ سندس پائر چوندا هئا تہ "ادا ڇپر ڪتابن سان پريا پيا آهن."

ڪتاب وٺڻ، انهن کي پڙهڻ، انهن تي سُٺا جلد چاڙهڻ ۽ انهن کي صفائيءَ سان رکڻ سندس عادتن ۾ شمار آهي. جيڪي اڄ تائين ساڻس گڏ هلنديون اچن.

انهن ڏينهن ۾ جيڪي دوست رڪيل وٽ اچي ويهندا هئا، اهي بہ ادب ۽ سياست سان لاڳاپيل هوندا هئا. خاص ڪري ادريس جتوئي، خادم ٻگهيو ۽ احمد سولنگي (اڳوڻو احمد پريمي) تہ ساڻس وينا ڪچهريون ڪندا هئا. بزرگن ۾ سائين راشد موراڻي، قاضي نذير، عظيم سنڌي ۽ ڊاڪٽر سليمان سولنگي بہ ڪيس ڏاڍو پيائيندا هئا. جن جي هيءَ بہ ڏاڍي عزت ڪندو هئو ۽ اڄ تائين ڪندو اچي. ان دور ۾ رڪيل کي خطن لکڻ جو بہ ڏاڍو شوق هوندو هو. جڏهن مان سعودي عرب ۾ ڪجهہ عرصو هوس تہ هو مون ڏانهن بہ خط لکندو هو جيڪي مون سان گڏ رهندڙ دوستن کي ڏاڍو وڻندا هئا.

اسان جي دوست خادم ٻگهئي کي (جيڪو هاڻ نہ رهيو آهي) ڊگها خط لکڻ جو شوق هوندو هو. هُو خط لکندو هو ۽ وري رڪيل کي ٻڌائيندو هو. رڪيل وري انهن تي جيڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪندو هو اها هڪ ذهين دوست جي هوندي هُئي.

انهن ئي ڏينهن ۾ رڪيل سکر ۾ شيخ اياز سان ملڻ لاءِ بہ ويو هو پنهنجي هڪ دوست سان گڏ. شيخ اياز صاحب ساڻن مليو تہ هُئو پر ڪين ڪا خاص اهميت ڪانہ ڏنائين جنهن جو رڪيل کي ڏاڍو ڏک هو جاڪاڻ تہ هو سندس مداح هوندو هو ۽ اڄ بہ آهي. پر پوءِ تہ ڪراچيءَ ۾ هُن شيخ صاحب سان گڏ ڏاڍا ڏينهن گذاريا جن تي هو اڄ تائين فخر ڪندو آهي ۽ پوءِ اسان گهڻن ئي دوستن کي اياز صاحب سان ڪچهريون بہ ڪرايائين.

جڏهن رمضان نول مرحوم جي پهرئين ڪتاب جي مهورت تي رڪيل شيخ اياز کي وٺي آيو تہ. رمضان ڏاڍو خوش ٿيو هو مونکي هُن جا لفظ اڄ بہ ياد

آهن: ”رکيل کي ان احسان جي بدلي سڀ ڏوهہ بخشي سگهجن ٿا جو رکيل سنڌ جي مهان شاعر کي آماده ڪري وٺي آيو.“ مان هيءُ سڀ ڪجهہ ان ڪري بہ لکان ٿو تہ جيئن رکيل جو ننديڙ کان اڄ تائين جو سفر سمجهہ ۾ اچي.“

مون کي هڪ ٻيو واقعو بہ ياد اچي رهيو آهي. هڪ دفعي رکيل چيو تہ هل تہ سن هلون. سائين جي ايم سيد جو نئون ڪتاب ”ديارِ دل داستان محبت“ ڇپيو آهي. اهو ڪتاب مون وٽ آهي پر سائين مونکي ضرور ڪاپي ڏيندو مان پنهنجي ڪاپي توکي ڏيندس پر شرط آهي تہ هڪ پاسي جو ڀاڙو تون ڀر. اسان سنَ آياسين. سائينءَ سان ڪچهري ڪئي سين صبح جو سائينءَ هڪ ماڻهوءَ کي چيو تہ نئين ڪتاب جي ڪاپي ڪٺي اچ! هو اندران ڪتاب جي ڪاپي کڻي آيو جيڪا سائينءَ رکيل کي ڏني. رکيل اها ڪاپي اعزاز سمجهي پاڻ وٽ رکي ۽ پنهنجي ڪاپي مونکي ڏنائين جيڪا اڄ بہ مون وٽ محفوظ آهي ۽ ائين هڪ ٻيو ڪتاب ”ميرا داغستان“ مون رکيل کان پڙهڻ لاءِ ورتو جيڪو اڄ تائين کيس واپس نہ ڪيو اٿم. هو جڏهن بہ اهو ڪتاب گهرندو آهي تہ چوندو آهيانس تہ ”ٻارن ان ڪتاب جي پنن ۾ گجرون رڌي کپائي ڇڏيون.“ پر سچ اهو آهي تہ اهو ناياب ڪتاب بہ اڄ تائين مون وٽ سانديل آهي. ڪتاب جو اهو روسي ڇاپو آهي. مان قبول ٿو ڪريان تہ مون وٽ جيڪي بہ ڪتاب آهن, انهن مان وڏو حصو يا تہ رکيل کان زوري ورتل آهن يا کيس ٻاران ڏنل ڪتاب آهن, هُن پاڻ ڪٿي لکيو آهي تہ ”مون سٺا ڪتاب سهايا پر سُٺا دوست ڪونہ وڃايا.“ تنهن هوندي بہ اڃا تائين رکيل سُٺا سٺا ڪتاب مونکي ڏيندو ئي رهندو آهي.

ٻيو هڪ واقعو آهي تہ رکيل جو والد هڪ ڀيري بيمار ٿي پيو مان ۽ هو چاچي کي اسپتال کڻي پيا وڃون تہ رستي ۾ رکيل جي سهري چيو تہ ”هن (رکيل) کي چئو تہ پوڙهي کي ڪنهن پرائيويٽ اسپتال ۾ ڊاڪٽر کي ڏيکاري, هيءُ چوندو تہ پوڙهي کي سرڪاري اسپتال ۾ ٿا وٺي هلون, اتي پوڙهو ويندو گذاري ۽ هيءُ پيو ڊائير لکندو تہ هيترا ڏينهن اسپتال ۾ رهياسين.“ رکيل جي لکڻ ۽ پڙهڻ جي شوق جو اندازو ان ڳالهہ يا واقعي مان بہ لڳائي سگهجي ٿو.

مون کي ياد ٿو اچي تہ هڪ ڀيري ادبي سنگت موري ۾ هڪ شعر رکيل پڙهيو هو جنهن ۾ سندس گهر جي آڳر ۾ پوکيل نازبوءَ جو ذڪر ڪيل هُئو. مون تنقيد ڪندي چيو هو تہ ”نازبوءَ تہ قبرستان ۾ پوکبا آهن. رکيل گهر ۾ ڪيئن پوکيا آهن!؟“ جنهن تي سيئي دوست ڏاڍو کليا هئاسين.

رکيل جو هندستان جو سفرنامو ”چنڊ قطب مينار تي“ جڏهن بہ ڇپبو تہ مونکي يقين آهي تہ سفرنامن ۾ اهم جاءِ والاريندو. مون جيڪي بہ سفرناما پڙهيا آهن, انهيءَ آڌار تي اها منهنجي ذاتي راءِ آهي, انهي سفرنامي ۾ لکيل آهي تہ ”سنڌيءَ جي ذهين ترين اديب ناول نويس لعل پشپ چيو تہ, رکيل! منهنجي پٽ فرانس مان ڏهہ سال اڳ هڪ وهسڪيءَ جي بوتل آندي هُئي ۽ اها رکي ڇڏي هئي تہ ڪو دل گهريو دوست ايندو تہ کوليندس ۽ سندس آجيان ۾ اها پيئنداسين. اڄ

# ايران جو سفرنامو

•

الطاف شيخ

**ايران ـ جتي...:**

جهاز جي اڏامڻ مهل منهنجي ڀر ۾ ويٺل تهران جي طباطبائي يونيورسٽي جي پروفيسر نقيب السادات ڪجهه پڙهيو. جهاز جي سنوت ۾ اچڻ بعد پروفيسر صاحب کان پڇيم تہ هن ڇا پڙهيو درود شريف يا سبحان الذي سخر .....؟

”آئون جهاز ٽوڙي ٽرين جي هلڻ مهل آيت ڪرسي پڙهندو آهيان“ هن ٻڌايو.

هن اندروني Domestic اڏام تي اسانکي هڪ بہ دفعو صلوات پڙهڻ لاءِ پڻ چيو ويو. پروفيسر صاحب ۽ ٻين جيڪا مختصر صلوات (درود شريف) پڙهيو ٿي اهو هن منهنجي چوڻ تي مونکي لکي ڏني. ”اللهم صل علي محمد و آل محمد.“

”توهان هينئر موڪل تي ڳوٺ مشهد پيا وڃو؟“ مون ڀر ۾ ويٺل پروفيسر کان پڇيو.

”نہ نہ. منهنجو ڳوٺ بہ تهران آهي،“ پروفيسر ٻڌايو ”مشهد آئون دراصل اتي جي هڪ يونيورسٽي ۾ ليڪچر ڏيڻ پيو وڃان. ٻن ڏينهن بعد تهران هليو ويندس.“

مشهد پهچڻ ۽ جهاز جي هيٺ ٿيڻ تي شهر جون بتيون جهڳمڳ ڪندي نظر اچڻ لڳيون ۽ انهن جي وچ ۾ ڪير جهڙي اچي روشني مان ظاهر ٿي رهيو هو تہ اهو امام علي رضا جو روضو مبارڪ آهي. پروفيسر صاحب دريءَ مان هيٺ روضي طرف نهاري ”اسلام عليڪ يا امام علي بن موسيٰ رضا“ ٿي چار دفعا پڙهيو.

تهران کان هن شهر مشهد ڏي ايندي منهنجي ٻئي پاسي کان ويٺل همراهہ — جنهن کي پڻ سنڌس ۽ سنڌس زال جي ڇهري مان مون ڀهرين ايراني سمجهيو. پاڪستاني ڊاڪٽر وسيم اختر هو. چويهہ ستاويهہ سالن جي هن نوجوان ٻڌايو تہ هو ڪراچي جي آغا خان اسپتال ۾ نوڪري ٿو ڪري. هنن جي شادي کي ڪجهہ سال ٿي ويا پر ڪين اولاد نہ پئي ٿيو ” پوءِ هتي مشهد اچي دعا گهريسين ۽ هيءَ امام رضا جي نشاني آهي“ هن پنهنجي زال کان ائن مهينن کن جو ٻار وٺي منهنجي حوالي ڪيو. مون هن کي ڪوڏائيندي ڊاڪٽر وسيم کان سنڌس پٽ جو نالو پڇيو.

”علي رضا.“ هن وراڻيو.

”ماشاءَ الله! الله گهريو ته امام علي رضا جيان نيڪ ۽ ديندار ٿيندو.“ مون دعا ڏيندي ڊاڪٽر وسيم کي چيو. ”آئون ڪراچي کان اچي رهيو هوس ته منهنجي هڪ دوست خاص تاڪيد ڪئي ته امام رضا جي روضي تي پهچي هن جي هڪ مراد پوري ٿيڻ لاءِ دعا گهران.

امام، ولي، اولياءَ ۽ پيغمبرن جو بلند مان ۽ رتبو پنهنجي جاءِ تي پر ڇا اهو ڪجهه عجيب نٿو لڳي ته اسانجو هنن نيڪ انسانن لاءِ پيار ۽ عزت جو جذبو ايترو وڌيو ٿو وڃي جو پنهنجون ضرورتون رب کان گهرڻ وسريو وڃن ۽ ڪٿي اسان شرڪ جهڙي گناهه ۾ پاڻ کي مبتلا ته نٿا ڪري ڇڏيون؟“

”بلڪل صحيح ٿا چئو“ ڊاڪٽر وسيم چيو ”دراصل ڪيترا ماڻهو اهو غلط ٿا سمجهن ته اسان ڪو ڪنهن امام يا ولي الله کان ڊئريڪٽ ٿا گهرون. اسان ته فقط هنن نيڪ انسانن کي وسيلو بنائي رب پاڪ کان دعا ٿا گهرون.“

ڊاڪٽر وسيم پنهنجي زال ، ٻار ۽ ماءُ پيءُ سان گڏ ٻن هفتن لاءِ ايران آيو آهي. هو اسان وانگر ڪنهن گروپ سان شامل ٿي اچڻ بدران پنهنجي منهن آيو آهي جو هو ۽ سندس والدين ٻهرين ڀيرا ايران اچي چڪا آهن ۽ هنن لاءِ ايران جي شهرن ۾ رهڻ يا گهمڻ ڦرڻ ڪو ڏکيو ڪم ناهي ۽ واقعي ايران انهن ملڪن مان آهي جتي شريف ۽ قانون جي پاسداري ڪندڙن لاءِ ڪنهن به قسم جو مسئلو ناهي. باقي ايران لچن لفنگن لاءِ نه آهي. ان معاملي ۾ ايران جا نه فقط قاعدا قانون سخت آهن پر انهن تي عمل به ٿئي ٿو. هتي جي حڪومت جي نظرن ۾ ڏوهاري ڏوهاري آهي پوءِ اهو چاهي ايراني هجي يا ڪنهن ٻي ملڪ جو. غريب هجي يا ڪنهن وزير يا سرڪاري عملدرا جو پٽ. ڏوهه جي هن کي سزا ملڻي آهي.

ايراني پروفيسر نقيب السادات کي چيم ته مونکي ايران ڏسڻ جو ڏاڍو شوق هو. منهنجي ساٿي جهاز هلائيندڙن جا جهاز ايران ايندا هئا ته مونکي ڏاڍو افسوس ٿيندو هو ته منهنجو جهاز مهيني مهيني جي پنڌ تي برمودا ۽ ڪيوبا يا ناروي سئيڊن ۽ ڪئناڊا کان ته وڃيو نڪري پر ٻن ٽن ڏينهن جي پنڌ تي ايران نٿو اچي. ايران جهڙي پراڻي ۽ تاريخي ملڪ کي ڏسڻ لاءِ نيٺ ڪيسي مان پاڙو پري آيو آهيان.

”واقعي اسانجو ملڪ ۽ تهذيب پراڻي آهي،“ پروفيسر نقيب چيو ”هيءَ سرزمين قديم زماني کان اعليٰ تهذيب ۽ تمدن، مايئه ناز معاشرت ۽ شاندار تاريخ جو ملڪ رهيو آهي. حضرت عيسيٰ عليه السلام جي جنم کان به صديون اڳ جڏهن دنيا جا ڪيترائي ملڪ عروج ۽ ترقيءَ جي نالي کان به واقف نه هئا. بلڪ گمنامي جي اونهائين ۾ غرق هئا ته هن ڌرتي تي ڪبير جهڙا بادشاهه حڪومت ڪندا هئا. نوشيران جهڙو عادل بادشاهه سڄي دنيا ۾ عزت جي نگاهه سان ڏٺو ويو ٿي. ان

وقت ايران ۾ سياست جا واضح قانون موجود هئا. هن ملڪ کي پنهنجي لکائي هئي. مذهبي ۽ سماجي لحاظ کان ڏرتي جو هي حصو دنيا جي سيني سلطنتن کان اتم اتاهون هو."

اسان ڪا دير ايران جي ماضيءَ جا ڳڻ ڳائيندا رهياسين.

هخامنشي دور ۾ ايران دنيا جو اڪيلو سپرپاور هو. هن جي ٽن کنڊن تي حڪومت هئي. ان دور ۾ اڄ واري پاڪستان جا ڪجهه حصا به ايراني سلطنت ۾ شامل هئا. ان زماني جا اثرات اڄ تائين انهن علائقن ۾ نمايان آهن. اسلام کان اڳ ايران ۾ ساساني خاندان جي بادشاهت هئي. ان وقت سڄو ملڪ زرتستي (پارسي) مذهب جو پوڄاري هو. جنهن کي پوڄڻ وارا آتش پرست (باهه جا پوڄاري) يا مجوسي سڏجن ٿا. جن اسلام کي نه فقط دل وجان سان قبول ڪيو پر پنهنجي عمل سان ان جو حق ادا ڪري ڏيکاريو. ٿوري ئي عرصي کان پوءِ ايراني قوم اسلام جي خدمت ۾ اڳيان اڳيان نظر اچڻ لڳي. پنهنجي پراڻي لکٽي کي ڇڏي ان جي جاءِ تي عربي رسم الخط کي پنهنجو ڪيو. اهڙي طرح زندگي جي هر شعبي ۾ اسلام جي مهر نظر اچڻ لڳي.

"توهان کي شعر و ادب سان دلچسپي آهي." ايراني پروفيسر مشهد ايئرپورٽ تي لهڻ کان اڳ مونکي چيو "ايران فردوسي ۽ عمر خيام جهڙن شاعرن جو به ملڪ آهي."

"جي ها." مون وراڻيو مانس. "ايران جيڪو فردوسي (1020_925). عمر خيام (1131_1048). جامي (1492_1414). فريد دين عطار (1220_1130). جلال الدين رُومي (1273_1207). شمس تبريزي. حافظ. سعدي (1291_1184) ۽ منصور الحلاج جو ملڪ آهي."

آئون دراصل ان ئي ايران کي ڏسڻ لاءِ هتي پهتو آهيان نه ته بيا به ڪيترائي ملڪ آهن جيڏانهن منهنجو جهاز وڃي نه سگهيو يا جن ملڪن کي سمنڊ ئي ناهي – ته ڇا آئون پاڙا پري اوڏانهن وڃان؟ هرگز نه. ايران جي ڳالهه ئي ٻي آهي. ايران جيڪو ابوالفضل بيهقي (تاريخ نويس). حضرت عبدالقادر جيلاني. امام غزالي. سنائي غزنوي (شاعر). احمد شاهه ابدالي ۽ فرخي سيستاني جو ملڪ آهي.

ايران جنهن سان اٺين امام علي ابن موسيٰ رضا ۽ هن جي ڀيڻ فاطمه معصومه جو واسطو رهيو. جنهن سان خواجا اباصلت. خواجا مراد. امام زادي محمد محرق. امام زادي ابراهيم. امام زادي سيد جمال الدين. امام زادي موسيٰ مبرقع ۽ بيبي شهر بانو جهڙن نيڪ ۽ عالم دين انسانن جو تعلق رهيو.

ايران جيڪو سائرس. دائرس. ارڊشير. شاهپور هرمزد ۽ بهرام جهڙن پرشن بادشاهن جو ملڪ آهي. جيڪو پروين دارابي (ايران جي پهرين اليڪٽرانڪس ۾ Ph.D ڪندڙ عوت). فاروخراءِ پاروسا (وزير تعليم). شيرين عبادي (نوبل انعام يا فته). لادان ۽ ليلاح (ڳنڍيل جسم واريون ڇوڪريون). بيهناز موزاڪا (لنڊن ۾ 2005

۾ بمر قاتڻ تي مري ويل ايراني عورت)، شرمين شاهريوار (سال 2005 جي مس يورپ)، زهره رانا ورد (انقلاب بعد ايران جي يونيورسٽي جي پهرين وائيس چانسلر) جو ملڪ آهي.

ايران جيڪو زرتشت(Zarathustra)، نادر شاهه، تيمورلنگ، گوهر شاد (تيمورلنگ جي پٽ شاهه رخ جي ايراني زال جنهن مڙس جي مرڻ بعد 1447 کان 1457 تائين دجله کان چين تائين حڪومت ڪئي)، ممتاز محل (عبدالحسن آصف خان ايراني جي ڌيءُ ۽ مغل شهنشاهه شاهه جهان جي زال)، نورجهان(ايران جي شهر يزد جي رهاڪو مرزا غياث بيگ جي ڌيءُ ۽ مغل بادشاهه جهانگير جي ويهون نمبر ۽ بيحد دلپسند زال) جو ملڪ آهي.

ايران جنهن ۾ اڄ فرشد موسوي (دنيا جي آرڪيٽيڪچرل انجنيئرنگ جي اڳواڻ عورت)، آزادي تبازاد (ناسا جي سائنٽسٽ)، مريم مرزا خاني (Mathematician)، منا اسادي (اعليٰ شاعره ۽ ليکڪ)، معصومه ابتڪار(ايران جي نائب صدر) ۽ منهنجي جهازي ساٿين جو ملڪ آهي جن سان گڏ مون مئرين انجنيئرنگ ۾، سئيڊن مان پوسٽ گريجوئيشن ڪئي: حسين علي قلي زادو (هاڻ ايران جي قومي جهاز ران ڪمپني جو جنرل ڊئريڪٽر)، بشير ڪامڪار (ٽيڪنيڪل مئنيجر IRISL تهران)، ڪئپٽن غلام رضا ايماد ۽ ڪئپٽن شهريار مظهاري (ٻئي پروفيسر بلوچستان يونيورسٽي جي مئرين اڪيڊمي ۾، جيڪا چابهار ۾ آهي ۽ جتي هنن مونکي مشهد ۽ قم گهمڻ بعد ليڪچر ڏيڻ لاءِ دعوت ڏني آهي )، بهزاد محمد سيف الاهي (مئنيجنگ ڊئريڪٽر، بنياد شپنگ ڪمپني تهران)، غلام رضا ساساني (ڊئريڪٽر جنرل، تهران) هي ٻئي سئيڊن جي شهر مالمو ۾ منهنجا پاڙيسري هئا ۽ جن بابت مون ڪيترين ئي دلچسپ ڳالهيون پنهنجي Scandinavian وارن ڪتابن ۾ ڪراچي کان ڪوپن هيگن، يورپ جا ڏينهن وغيره وغيره ۾ لکيون آهن)، سيد علي ايستري (ڊپٽي جي بندرعباس پورٽ اٿارٽي)، وغيره وغيره ... هي اهي ايراني آهن جن سان مون زندگي جا ٻه سال يورپ جي مختلف شهرن ۽ ورلڊ مئريٽائيم يونيورسٽي ۾ گذاريا. جتي اسان سان گڏ دنيا جي هڪ سئو کان ٻه مٿي ملڪن جا ٻيا ٻه نمائنده هئا. هو مونکي پنهنجي ملڪ جون دلچسپ ڳالهيون ٻڌائيندا هئا ۽ ايران اچڻ جي تڏهن ۽ ان بعد ٻه دعوت ڏيندا رهيا. ايراني سچائي، نهنائي ۽ پاڪ صاف زندگي گذارڻ جي علامت هئا. ولايت ۾ اسلام جو صحيح Image فقط ۽ فقط ايرائي ئي پيش ڪندا هئا. جتي ٻين مسلمان ملڪن جا نمائنده يورپ جي رنگينين ۾ مدهوش ٿي ويندا هئا اتي ايراني ڪڏهن ٻه خطا نه ٿيا. جيتوڻيڪ هو سيني ۾ خوبصورت، جوان ۽ سمارٽ هئا. سندس اصول ۽ ايمانداريءَ جي ڳالهين يورپين کي ٻه Impress ڪيو ٿي.

اڄ آئون هنن جي ملڪ ايران ۾ اچي ويو آهيان جنهن جو مون اڄان تائين

ڪنهن به پنهنجي ايراني دوست ساٿي کي اطلاع نه ڪيو آهي. پهرين پنهنجي گروپ جي ماڻهن سان هنن جي مقرر ڪيل پروگرام موجب مشهد، نيشاپور ۽ قم مان ٿي پوءِ پراڻيون يادون ورجائڻ ۽ پڙهائي جا ڏينهن ياد ڪرڻ لاءِ انهن دوستن وٽ تهران، تبريز اصفهان ۽ چابهار وڃڻ جو ارادو رکان ٿو.

مشهد جو هوائي اڏو شهر کان ڪو گھڻو پري ناهي. ايئرپورٽ مان نڪرڻ بعد ٽئڪسين ۾ ويناسين ته جلدئي شهر جي روشنين ۾ پهچي وياسين. اسانجي هن ٽوئر جو بندوبست ڪرڻ وارن-الحرمين ٽريول ايجنسي جنهن هوٽل رضوان ۾ اسان جي رهائش جو بندوبست ڪيو آهي اها بلڪل وچ شهر ۾ امام علي رضا جي روضي مبارڪ کان ٻن منٽن جي پنڌ تي آهي. ان بعد قم ۾ به جن هوٽلن، هوٽل نگين قم ۽ هوٽل اپاراٽا (بيبي معصوما جي) روضي مبارڪ جي بلڪل سامهون هيون جتان هرشيءِ- شاپنگ سينٽر، بس اسٽاپ، بازاريون پنڌ پهچڻ واري فاصلي تي هيون.

## ايران جي مختصر تاريخ:

تهذيب و تمدن، ٻولي ادب، حڪومتي نظام، شهرن ۽ ڳوٺن جي جوڙجڪ ۽ سڌاري ۾ يا بادشاهت ۾ ايران جي مقابلي ۾ ملائيشيا، ٿائيليند، چين جپان جهڙا ملڪ به مقابلو نه ڪري سگهندا. 1971 ۾ شهنشاهه ايران محمد رضا پهلويءَ ايران جي بادشاهت جي 2500 هين سالگره وڏي ڌام ڌوم سان ملهائي هئي- سائين چا ڳالهه ڪجي!دنيا جي ملڪن جا صدر ۽ وزير اعظم اچي گڏ ٿيا هئا ۽ انهن لاءِ ڇا ته بندوبست ٿيا هئا، ڇا ته خرچ ٿيا هئا. روز اخبارن ۽ ريڊيو تان اسين ان جشن جو خبرون ٻڌي، هڪ ٻئي سان ٽيڪا ٽپڻي ڪندا هئاسين ۽ اهو به تعجب لڳندو هو ته ايران ۾ 2500 سالن کان هڪ ٻئي پويان بادشاهي نظام هلندو اچي يعني حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان به 500 سال کن اڳ کان وٺي! اها ٻي ڳالهه آهي ته 2500 سالن کان هلندڙ هيءَ بادشاهت، هن اعليٰ نموني جي جشن بعد، ڏهن سالن اندر پچي پري پسم ٿي وئي. هڪ پوڙهي ماڻهوءَ امام خميني بنا ڪنهن تلوار جي فقط تقريرن ۽ تحريرن ذريعي انقلاب آڻي ڇڏيو. اڄ ايران جو نالو "اسلامي جمهوريه ايران" آهي جتي صحيح طرح جو اسلامي نظام ۽ عوامي حڪومت هجڻ جي دعويٰ ڪئي وڃي ٿي.

هتي، ايران جي سفر نامي جي هن اسٽيج تي ايران جي ڊگهي، جهوني ۽ طاقتور تاريخ کي مختصر لفظن ۾ لکڻ ضروري سمجهان ٿو جيئن پڙهندڙ منهنجي ايران بابت لکيل هنن مضمونن کي پڙهڻ بعد ايران کي بهتر نموني سان سمجهي سگهن.

سڀ کان پهرين ڳالهه ته ايران جي هيءَ سرزمين، بادشاهه ۽ انهن جون بادشاهتون، جيڪي اسان اڍائي هزار سالن کان به مٿي پراڻيون سڏيون ٿا. ان ڌرتيءَ

۾ دفن ٿيل اچ کان سئو سال اڳ جو ماڻهو جيڪڏهن اچ جيئرو ٿي پوي ۽ توهان هن کان سندس ملڪ ايران جو پڇندائو تہ هو حيران ٿي ويندو تہ اهو ڪهڙو ملڪ آهي! دراصل هن ڌرتي جو صدين کان نالو پرشيا /فارس ضرور هو پر ايران نہ هو. هتي جي تهذيب، ادب، شعرو شاعري کي انهن ئي نالن سان منسوب ڪيو ويجي ٿو. فارسي زبان، فارسي شاعري، پرشن ٻلي، پرشن غاليچو.... وغيره وغيره.

هن ملڪ جي آخري سلطنت- پهلوي گهراڻي جي آخري بادشاهہ محمد رضا شاهہ جي پيءُ رضا شاهہ پهلويءَ 1935 ۾ هن ملڪ جو نالو ايران رکيو. بهرحال هتي پرشيا- جنهن کي هاڻ ايران سڏيون ٿا، ان تي حڪومت ڪندڙ بادشاهن ۽ شاهي گهراڻن بابت ڪجهہ احوال ڪيون ٿا.

حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ولادت کان ٻہ هزار سال اڳ روس ۽ وچ ايشيا جي علائقن کان آرين جا ٽولا هن ڌرتي تي اچي رهڻ لڳا جنهن کي اسين اڄ ايران سڏيون ٿا. ايران نالو ٻہ قديمي فارسي لفظ آريانام مان نڪتل آهي جنهن جي معنيٰ آهي "ريا ماڻهن جي زمين". هي آريا بدو قبيلا جيڪي اتر کان لڏي هتي آيا، اهي آدمشماري ۾ وڌڻ کان علاوه پنهنجو پاڻ ۾ آرگنائز بہ ٿيندا ويا ۽ اڳتي هلي اهي ٻن وڏن گروپن ۾ ورهائجي ويا. هڪ اهي جيڪي اڄ واري ايران جي اتر ۽ اولهہ وارن علائقن ۾ رهي پيا جيڪي ميدس سڏجڻ لڳا ۽ ٻيا پرشن جيڪي پارس يا فارس صوبي ۽ ٻين ڏاکڻ علائقن ۾ Settled ٿي ويا. ايران ۾ اچي رهندڙ هنن آرين جو احوال انجيل مقدس ۽ پارسين جي مقدس ڪتاب اوستا ۾ بہ آهي.

ميدس (Medes) باقي قبيلن کان وڌيڪ تهذيب يافتہ هئو. هنن پنهنجي حڪومت جو بنياد اڪتبانا (همدان) ۾ 700 ق.م رکيو. يعني هيءَ ڳالهہ حضرت عيسيٰ جي ڄمڻ کان ٻہ ست سئو سال اڳ جي ٿي.

ميدس قبيلي جي مقابلي ۾ پرشن گهراڻو (فارس ۾ رهڻ وارا) هئا. 546 ق.م ڌاري پرشن قبيلي جي ماڻهن سائرس (Cyrus the Great) جي سرداريءَ ۾ ميدس وارن تي حملو ڪري سوڀ ماڻي ۽ سڄي ملڪ جو سائرس حاڪم ٿي ويو. اهڙي طرح هن پنهنجي هخامنشي (جنهن کي اهڪي ميند Achaemenid بہ سڏجي ٿو) گهراڻي جو بنياد وڌو. سائرس جنهن کي فارسي ۾ "ڪوروش ڪبير" ۽ "ڪوروش بزرگ" بہ سڏجي ٿو 590 ق.م ۾ ڄائو ۽ 530 ق.م وفات ڪيائين. پاڻ ايران تي 29 سال حڪومت ڪيائين، 559 ق.م کان مرڻ تائين.

• سائرس (ڪوروس ڪبير يعني " سائرس دي گريٽ") تاريخ جو هڪ اهم بادشاهہ ٿي گذريو آهي.هن جو ذڪر بائيبل ۾ بہ آهي. ڪيترن اهم مسلمان عالمن جو اهو خيال آهي تہ قرآن ۾ ذوالقرنين نالي جنهن شخصيت جي ڳالهہ آهي اهو هي سائرس دي گريٽ آهي. اها ٿيوري اسان جي ننڍي کنڊ جي عالم ۽ مفڪر ابوالڪلام آزاد جي ڏنل آهي جنهن کي ٻين بہ ڪيترن شيعا ۽ سني عالمن

Support ڪيو آهي. جيئن تہ شيعن جي عالم علاما طباطبائي پنهنجي لکيل تفسير " الميزان" ۾ ۽ مقرم شيرازي ۽ ابو اعليٰ مودودي پڻ endose ڪيو آهي.

- آسٽريليا جي شهر سڊني ۾ هن بادشاهہ سائرس جي مورتي(statue) لڳل آهي جيڪو 1994 تي سائرس (ڪوروش) جو 2600 جنم ڏينهن ملهائڻ تي لڳايو ويو هو. اڄ ڪلهہ اهو ٽيئن ميٽرن جو Statue (يعني انسان جي قد کان ٻيڻو) سڊني اولمپڪ پارڪ ۾ رکيل آهي.
- 1992 ۾ جيڪو مائيڪل هارٽ هڪ سئو اهم ماڻهن جو ڪتاب Influential List of People لکيو ان ۾ سائرس جو نالو 87 هين نمبر تي آهي.
- سائرس هڪ عدل و انصاف وارو ۽ رعيت جو خيال رکندڙ بادشاهہ ٿي گذريو آهي. هن جي دل ۾ خدا جو خوف رهيو ٿي. ڇوِن تہ پاڻ هڪ خدا کي مڃڻ وارو هو پر هن پنهنجي رعيت کي جن مختلف ديوتائن جي عبادت ڪئي ٿي، تنگ نہ ڪيو. هو وڏو فاتح ٿي گذريو آهي جنهن پهرين پنهنجين ٻن قومن ميدس ۽ پرشن کي ملائي پنهنجو پاڻ کي اهڙو تہ طاقتور بنايو جو ان وقت جي دنيا ۾ هن جو مقابلو ڪرڻ وارو ڪوبہ رهيو هو. هن اوڀر طرف ڪاهون ڪري پنهنجي سلطنت کي ترڪستان تائين ملايو ۽ اولهہ طرف آئونيا (Ionia) کان وڃي نڪتو. اتر طرف ڪاڪئسيا تائين ڏرتي سندس حڪومت هيٺ اچي وئي.
- سال 2003 جو نوبل انعام جڏهن ايران جي خاتون شيرين عبادي کي مليو تہ ان کي قبول ڪرڻ واري تقرير ۾ هن سائرس جي ياد تازي ڪندي چيو: "I am an Iranian, a descendent of Cyrus the Great. This emperor proclaimed at the pinnacle of power 2500 years ago that he 'would not rein over the people if they did not wish it? He promised not to force any person to change his religion and faith and guaranteed freedom for all. The charter in the history of human rights...."

سائرس دي گريٽ بادشاهہ مان نہ فقط مشرق جا پر اڄ جي مغرب جا ماڻهو بہ بيحد متاثر آهن. سائرس جي طرز حڪومت بابت آئسلنڊ جهڙي ڏورانهين ملڪ جي يونيورسٽي ۾ بہ پڙهايو وڃي ٿو. اڄ جي آمريڪا (USA) جي سياستدانن جي ڪيترن ابن ڏاڏن سائرس جي زندگي بابت Cyropaedia جهڙن ڪتابن مان اتساهہ حاصل ڪيو. اها ڳالهہ مشهور آهي تہ آمريڪا جو صدر ٿامس جيفرسن وٽ هن ڪتاب جون هميشہ بہ ڪاپيون رهنديون هيون ۽ آمريڪا جي هر اعليٰ حڪومتي عملدار ۽ Statesment لاءِ اهو ضروري هو تہ هو بہ ڪتاب ضرور پڙهي. هڪ هي سائرس وارو Cyropaedia ۽ ٻيو مئڪياولي جو لکيل ڪتاب " دي پرنس". بهرحال بنا ڪنهن شڪ شبهي جي سائرس تاريخ جو هڪ وڏو بادشاهہ ٿي گذريو آهي. سندس مقبرو ايران جي هڪ قديم ۽ ڊٺل شهر پاسار گاد (Pasargadae) ۾ آهي.

[امر تا: 132]

سائرس جي وفات کان پوءِ سئو کن سال پوءِ 330 ق.م ڌاري جڏهن يونان جي سڪندر اعظم ايران تي حملو ڪري ان وقت جي گادي واري شهر پرسيپولس (Persepolis) کي تباهہ ڪيو ان وقت هو سائرس جي قبر تي حاضري ڀرڻ لاءِ هن قديمي شهر پاسارگاد ۾ بہ آيو هو. پراڻا تاريخ نويس ٻڌائين ٿا تہ سائرس جي مقبري تي لڳل ڪتبي تي، جيڪو هينئر غائب آهي، هي لکيل هوندو هو:

”اي واٽهڙو! آئون اهو ايشيا جو عظيم بادشاهہ آهيان جنهن پرشن سلطنت جوڙي. ان ڪري منهنجي هن معمولي مقبري تي حسد نہ ڪر جنهن جي مٽيءَ هيٺ منهنجو لاش دبيل آهي.“

• سائرس جي پيءُ جو نالو ڪئمبيس (Cambyses) هو جيڪو هن پنهنجين ٻن پٽن مان وڏي جو رکيو ۽ اهو ”ڪئمبسس دوم“ سڏبو هو. سائرس جي وفات بعد سندس ٻئي پٽ، هڪ اٺن سالن لاءِ ۽ ٻيو هڪ سال لاءِ تخت تي ويٺو پر ڪا اهڙي ناموس نہ ڪڍيائون. پرشيا جو تخت ان بعد ڦري گري داريس(Darius) جي حوالي ٿيو جيڪو پڻ سائرس دي گريٽ وانگر داريس دي گريٽ سڏجي ٿو. شايد هنن ايرني بادشاهن مان متاثر ٿي يونان جي بادشاهن سڪندر اعظم بہ پاڻ کي اليگزئنڊر دي گريٽ (سڪندر اعظم) سڏرايو.

داريس دي گريٽ (Darus I) جنهن کي اڄ ڪلهہ جي ماڊرن فارسي زبان ۾ داريوش ۽ هندي زبان ۾ دارايو سڏين ٿا، 549 ق.م ۾ ڄائو ۽ 65 سالن جي ڄمار ۾ سن 485 ق.م تي وفات ڪيائين. پاڻ ايران تي — يعني ان وقت جي پرشيا تي جيڪو هڪ پاسي ترڪي تائين هو تہ ٻئي پاسي روس افغانستان ۽ چين تائين هو 37 سال حڪومت ڪيائين.

◈





سنڌي ٻوليءَ جي
نامياري ڪهاڻيڪار ۽ ناول نگار
**غلام نبي مغل**
جو نئون ناول
**وطن واويلا**
پڙهو ۽ ويو.

# چريا ڪريا آهيون پر سمجهون سڀ ٿا

•

**بادل**

خيال آيو تہ چرين تي لکجي يا پنهنجي پاڻ تي- بعد ۾ طئي ٿيو تہ اڄ چرين تي لکبو پنهنجي پاڻ تي وري ڪڏهن. تي سگهي تو اُن جي ضرورت نہ بہ رهي.

چرين ۽ دانشورن ('۽' لڳائڻ جي ضورت آهي الائي نہ) جي لاءِ چيو ويندو آهي، تہ اُهي ماحول ۾ مِس فٽ هوندا آهن. حالانڪ اسان تہ گهڻا مسز فٽ ڏٺا آهن. ڪافي چرين کي شادي کان اڳ چريو هُجڻ جي خبر هجي ٿي، جڏهن تہ گهڻن کي اِها خبر شادي ڪرڻ کان پوءِ پوي ٿي تہ اسين چريا ڪو نہ آهيون، بلڪ وڏيڪ چريا آهيون.

هڪ چريي زوري سيني کي لطيفو ٻڌڻ تي مجبور ڪيو لطيفو ختم ٿيو ڪو بہ نہ کِليو. حد اِها تہ جو چريو بہ نہ کِليو. هڪڙي همراه چيو: "جي چَريا چُريا تہ؟" ٻئي چيو تہ ڪجهہ ڪو نہ ٿيندو بس چريا وڌندا.

چريا نفسيات جي باري ۾ ماهرِ نفسيات کان وڌيڪ ڄاڻندا آهن، بس اُن تي ڳالهائيندا ڪو نہ آهن.

چرين جي جڏهن 'ٻار شماري' ڪئي وئي، تہ اُهي وڌيڪ ترقي يافتہ ثابت ٿيا جن کي ٻار وڌيڪ هئا. چو تہ ڪين بقا جو فڪر ڪجهہ وڌيڪ ئي هو. هڪ پروفيسر جڏهن چرين جي موضوع تي ڳالهائڻ لاءِ اُٿيو تہ حاضرين فورن ئي ڏاڍي واهہ واهہ ڪئي ۽ چيائون: "بس سائين! اسين سمجهي وياسون."

هڪ چريي کان جڏهن پڇيو ويو تہ تون ڇا ٿيڻ چاهين ٿو تہ هُن جواب ڏنو: "اُٺ." اِهو ثابت ٿيل آهي تہ اُٺ، چريي کان وڌيڪ خطرناڪ آهي. جيڪڏهن ڪو اِهو نٿو مڃي تہ ثابت ٿيڻ ۾ گهڻي دير ڪو نہ لڳندي هوندن ڪنهن جي ذهن ۾ اِهو بہ خيال آيو هوندو تہ چريي، گڏهہ بجاءِ اُٺ ٿيڻ جي خواهش ظاهر ڪري گڏهہ سان زيادتي ڪئي آهي پر ائين ڪونهي.

سنڌيءَ ۾ چريي کي مست بہ چيو ويندو آهي، پر مُنهن تي رڳو چريو بہ ڪو نہ چئبو آهي.

آمريڪا خريد ڪرڻ ڪو معمولي مسئلو ڪونهي، پر چرين لاءِ اِهو آسان آهي. جيئن هڪ چريي چيو: "سوچيان پيو آمريڪا خريد ڪري وٺان". تہ ٻئي چيو تہ آءٌ بہ سوچيان پيو تہ وڪڻي ڇڏيان. وري موڊ ٿيو تہ وٺي ڇڏيندس.

[امر تا: 134]

’چريا‘ سان گڏ ’ڪريا‘ لڳائڻ جي ضرورت ڪونهي. اُهو ائين تي پوندو جيئن ايم بي بي ايس ڪان پوءِ آر ايم پي.

هڪ چريي چيو: ’آءٌ تمام گهڻو قابل آهيان، پر مون وٽ ڪو سرٽيفڪيٽ ڪونهي.‘ ڪيس سرٽيفڪيٽ جي ضرورت بہ ڪونهي. ان جي ضرورت تہ انهن کي آهي جيڪي کيس قابل نٿا سمجهن.

چريي جي باري ۾ جڏهن سندس زال کان راءِ پُڇي وئي، تہ هُوءَ خاموش رهي. هُن ’مُنٽي بہ ماٺ، مِنٽي بہ ماٺ‘ بہ ڪونہ چيو.

ماڻهو چريو ڇو ٿو ٿئي؟ اِن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪجهہ پروفيسر ويٺا. ڪجهہ ڏينهن ڪان پوءِ مذڪوره پروفيسرن تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ڪجهہ ٻيا پروفيسر ويٺا. ڇڱو ٿيو يا خراب، جو فنڊ ڪٽي پيا ۽ سلسلو منقطع ٿي پيو.

هڪ پروفيسر ۽ هڪ چريي ۾ هڪ ئي وقت چريائپ ۽ ڏاهپ تي بحث پئي ٿيو. ٻئي متفقہ نتيجي تي پهچڻ وارا هئا، تہ اسين اُٺي آياسون.

هڪ چريي کي هيءَ تحرير پڙهائي وئي ۽ هڪ کي نہ. ٻنهي جو تبصرو اهو هو: ’چريا ڪريا آهيون پر سمجهون سڀ ٿا.‘

---





علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي چيئر ڄامشورو پاران

**ڊاڪٽر قاضي خادم**

جو ترتيب ڏنل مجموعو

**علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي ۽**

**سندس همعصر عالم ۽ صحافي**

پڌرو ٿي ويو

صفحا: 348 قيمت: 300 روپيا

---

ناليواري ناول نگار ڪهاڻيڪار ۽ افسانہ نگار

**ڊاڪٽر قاضي خادم**

جي ساروڻين جو 500 صفحن تي مشتمل مجموعو

**دل جي دفتر مان**

تمام جلد پڌرو ٿيڻ وارو

# ڪماچ

[ڪمپوزيشن]

•

## اڪبر سومرو

[ انديا جي هِڪ اسٽيٽ گجرات جي هڪ علائقي جو نالو ڪُماچ، شاهه عبداللطيف رح جي هڪ سُر جو نالو ڪنيات (ڪماچ) هڪ راڳڻيءَ جو نالو جيڪا رات جي پهرئين پهر ۾ ڳائي ويندي آهي. ـ ليکڪ]

### مڇلي جل ڪي راني هي:

(4)

”جيڪڏهن مردن جي عمر سان ڪو فرق پوي ها ته پوءِ پهرين انڊين اداڪارن تي فرق پوي ها، سلمان خان، عامرخان ۽ شاهه رخ خان ٽن نسلن جي اداڪارائن جا هيروز نه بڻجن ها! مرد جو حُسن لازوال آهي ۽ ٻڪر ۽ هرڻ جي گوشت ۾ جيڪا ٽيسٽ آهي سا ٻڪريءَ ۽ هَرڻيءَ جي گوشت ۾ ڪٿي؟“ عماد چيو. هئي ٺهڪ ڏيئي کلڻ لڳا.

”مرد جي لازوال حُسن جو مطلب؟ ميل شاونزم ڏانهن جُهڪاءُ ظاهر نٿو ڪري؟“ ربيعا پڇيو.

دنيا هاڻ ميل شاونزم ۽ فيميل شاونزم جي Terms مان آزاد ٿي ويئي آهي هاڻ اها سائبر فيمنزم تي ڳالهائي رهي آهي. هاڻ ان مرد ۽ عورت ڪي هڪ هئي روپ ۾ قبول ڪري ورتو آهي. سمورن مذهبن جي Psycy به اها آهي بلڪ سمورن نظرين جي به demond اهائي آهي. چوڻ ۽ لکڻ جون ڳالهيون پيون آهن پر Practically عورت کي ڪنهن به نظام ۾ Superior قرار نٿو ڏنو ويچي. سمورن مذهبن جو خدا Male چو آهي؟ Female چو ناهي؟ سمورا مذهب خدا کي Male ٿي قرار ڏين ٿا، حالانڪ خدا جو ڪو به سيڪس ڪونهي؟ جيئن هو ٻڌي ٿو پر ان کي ڪَن ناهن، اُهو ڏسي ٿو پر ان کي اکيون ناهن... وغيره وغيره ـ سمورا مذهب خدا کي Male ٿا قرار ڏين، ان هوندي به عورتن جي گهڻائي مذهبي چو آهي؟ ... معاف ڪجو عورت فطري طرح مرد جي دَٻاءَ واري شخصيت کي پسند ڪندڙ ٿئي ٿي.“ عماد چيو.

”توهان ڏاڍا چالاڪ Performer آهيو. مون ڪان عمر پڇي، هاڻ پاڻ نٿا ٻڌايو!“ ربيعا پهرين پنهنجن وارن جي ڳل تائين لڙڪندڙ چڳ ناهي ۽ پوءِ پنهنجو ڪلهن تان هيٺ لڙڪي آيل رئو مٿي ڪيو ۽ نهي ويني.

گاڏي تيزيءَ سان هلي رهي هئي.

”توهان Insist ٿا ڪريو تہ پوءِ ٻڌايانوَ ٿو... Thirty six“ عماد ڪوڙ ڳالهايو.

”Thirty six..... Very young!“ ربيعا ڳالهايو.

”منهنجو فيئاسني ڊُبائي (Dubai) ۾ بينڪ الامارات ۾ جاب ٿو ڪري اسين ٻئي ٽن سالن کان شاديءَ جي انتظار ۾ آهيون.“ ربيعا ٻڌايو.

عماد ٿڌو ساهہ ڀريو ڪجهہ چوندي چوندي رهجي ويو ۽ ڪجهہ دير تائين دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳو. گاڏي تيزيءَ سان اڳتي وڌي رهي هُئي. هن پنهنجي آڱرين سان دريءَ جي شيشي کي وڄائڻ شروع ڪيو. ڪجهہ دير بعد هن ربيعا ڏانهن ڏسڻ بنان پڇيو:

”Are Its Love Marriage?“ هو مسلسل دريءَ جي شيشي کي وڄائي رهيو هئو.

”No! Its arranged!“ ربيعا وضاحت ڪئي. پر هن جي چهري تي ناگواريءَ جو احساس واضح هئو. ان جي باوجود هنن ٻنهي هڪٻئي جي اکين ۾ نهاريو ۽ گڏجي هڪڙو شاهي ٺهڪ ڏنو. جيڪو هڪدم هڪڙي شاهي پوپٽ ۾ بدلجي ويو ۽ سڄي بوگيءَ ۾ اُڏامڻ لڳو ۽ نيٺ وڃي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويٺو.

”توهان کي منهنجو جملو شايد نہ وڻيو......؟“ عماد پڇيو.

”مان بينڪرن کان نفرت ٿي ڪريان.....!I dont Like these poor guys خوبصورت ٿُو پِيس ۽ ٽاءِ پاتل Neat and clean صاف سُٿرا.... تمام گهڻا مصروف پر گهٽ آمدنيءَ وارا مرد. جن جي صبح ۽ شام ليجرز بيلينس شيٽس، چيڪ بوڪس ۽ پرايا ڪروڙين- رُوپيا ڳڻيندي ڳڻيندي گذري ٿي... اور زندگي يونهي تمام هوتي هي! مان چاهيان ٿي، منهنجو هسبينڊ ڪو پروفيسر هجي... جن وٽ بہ جي پئسو ناهي تہ گهٽ ۾ گهٽ وقت تہ آهي؟! اڄڪلهہ ٽاءِ، ٿُو پِيس ۽ مهراڻ گاڏيءَ ۾ ماڻهو امير نٿو لڳي! ربيعا پنهنجو خيال ظاهر ڪيو. ٽاءِ، ٿُو پِيس ۽ مهراڻ گاڏي تہ هڪڙو پروفيسر بہ Afford ڪري سگهي ٿو. ربيعا پنهنجو خيال ظاهر ڪيو.

Off course..... What about business man or Land Lords!? عماد هن کان پڇيو.

”زميندار ڏاڍا ڪنزرويٽوَ ٿا ٿين. پنهنجين زالن کي بہ زمين جو ٽڪرو ٿا سمجهن... زمين...، جنهن تي ٻئي پير رکي هلي سگهجي... ۽ بزنيس مين سان تہ منهنجي هڪڙيءَ دوست وُردا جي بہ سال پهرين شادي ٿي آهي. پر اها بہ مطمئن ڪانهي هن جو مڙس بہ ڪافي بزي ٿو رهي... بزنيس ۾ ۽ باقي وقت شوبز جي ماڻهن سان بلڪ شو- بز جي اڪثر فيمليز سان ڪمپنين ۾... هر سال شاديءَ جي سالگره تي ڊائمنڊس جو نئون سيٽ وٺي زال کي ڏيڻ سان سموريون محبتون تہ شيئر نٿيون ڪري سگهجن نا؟“ ربيعا عماد ڏانهن نهاريندي چيو ۽ پوءِ دريءَ ڏانهن ڏٺو شايد ڪا اسٽيشن اچي رهي هئي.

”وردا کي ڪمپني وٺڻ لاءِ ٻيا دوست ڪرڻا پيا آهن... ربيعا پنهنجي ڳالهہ جاري رکي. هوءَ اڪثر پنهنجين شامن ۽ راتين کي مصروف گذارڻ لاءِ ايئرپور

تي هلي ويندي آهي. جتي اڪثر ڊوميسٽڪ فلائيٽس مان لهي ايندڙ مُسافرن مان ڪنهن کي پسند ڪري پاڻ سان گڏ ڪلفٽن ۾ ورتل ۽ فرنشڊ ڪيل سندس اپارٽمينٽ تي وٺي ويندي آهي. جيڪي هن سان وهسڪي پيئڻ جي حامي ڀرين! هن جي طبقي جا ماڻهو هن کي ايئرپورٽ، فائيو اسٽار هوٽلس جي ڪاريڊارس ۾ ۽ سوئمنگ پولس تي جلد مِلي ويندا آهن..... تہ بہ هوءَ پنهنجيون اڪيلايون جڻ مڪمل طرح شيئر نہ ڪري سگهندي آهي ۽ ڪافي پريشان رهندي آهي سموڪنگ، چرس، وهسڪي... ۽ ڪڏهن ڪڏهن ماري جوانا! Shit!، ماڻهوءَ جي اندر ۾ الائجي ڪيڏا وڏا غار آهن... الائجي ڪيترين گفائون آهن جيڪي پرجڻيون ناهن...! ماڻهوءَ جو نفسياتي Perspective ڪائنات جيڏو وڏو آهي. "Un_ belieaveable, un bearable of un beatable! ربيعا جي چهري تي ان وقت جڻ ڪائنات جيڏو وڏو درد ڦهلجي ويو. دريءَ جي ٻاهران بولان لڪ جو پهاڙي سلسلو شروع ٿي ويو هئو.

"دراصل... زندگي اهڙيءَ ڪنهن بہ Situation جو نالو ڪونهي جنهن ۾ ماڻهو مطمئن هجي! اطمينان گهٽ ۾ گهٽ زندگيءَ جو نالو تہ ڪونهي! ماڻهو دنيا ۾ نہ چڱيءَ طرح جِي ٿو سگهي ۽ نہ مرِي ٿو سگهي. پنهنجيءَ ڪنهن بہ حالت ۾ خوش ڪونهي.... ماڻهوءَ جي اندر جي ڪائنات ۾ موجود 'بليڪ هولس' جي ڊيگهہ ويڪر جي بہ ڪنهن کي ڪا خبر ڪانهي. هر ماڻهوءَ جا پنهنجا ڏک ۽ پنهنجيون خوشيون هونديون آهن. سندس معيار ۽ سمجهہ موجب... ائين ئي جيئڻ هر ڪنهن جو نصيب الڳ ۽ عمر بہ الڳ الڳ ٿئي ٿي... هرطبقي جا پنهنجا الميا ۽ خواهشون آهن... مون ڪروڙ پتي ماڻهن کي بہ روئيندي رڙندي ڏٺو آهي. ڪوبہ ماڻهو سُک ۾ ڪونهي، هر دل ۾ ڪونہ ڪو ڪندو چُڀيل آهي... مارڪس سڄي زندگي رڳو اقتصادي تصورن ۾ مُنجهيل رهيو... پر هُو جي اقتصاديات سان گڏ Psychology جو اسٽوڊنٽ بہ هجي ها تہ شايد ولي ٻڌجي وڃي ها!" عماد ڳالهايو.

"شايدائين ئي آهي... سڄيءَ دنيا جي هر ڪُنڊ ۾ ماڻهو روئي رڙي ۽ رنڀي رهيو آهي... ماڻهن جون ٻوليون ۽ ڪلچر تہ مختلف آهن، پر دل جي دانهن ۽ ڏُک ساڳيا آهن..." ربيعا چيو: "اهي خوش نصيب couples دنيا ۾ ٿورا هوندا، جن کي پنهنجي باڊي-ڪيمسٽريءَ سان ميل ڪائيندڙ ٻيو شخص مِلندو آهي، پر اُهي ڪيترا هوندا؟ شايد ڪروڙن ۾ ڪو هِڪ! ٻين سڀني کي Compromise ڪرڻو پوندو آهي ۽ ڪمپرومائيز دنيا ۾ نهايت ئي ڪمفرٽيبل Attitude ۽ سِچوئيشن آهي...! "You know Some times It is very prosperious Situation عماد دريءَ کان ٻاهر نهاريو.

ٽرين هاڻ بولان لڪ جي _ پهاڙي سلسلي مان جڻ ڇُري رهي هُئي.

"ڪمپرومائيز هڪ لحاظ کان ڏاڍي خوبصورت Situation آهي. اسين پنهنجي مائٽن، ماءُ پيءُ سان- پنهنجي نالي سان، پنهنجي Complextion سان، قد- بُت سان، ايستائين جو پنهنجين جسماني بيمارين سان بہ ڪنهن حد تائين Compromise ڪريون ٿا. اسان پنهنجن سمورن عُضون سان Compromise ڪريون ٿا! اوهان ڪڏهن پنهنجي ماءُ پيءُ کي Dis_own ڪيو آهي؟ اوهان پنهنجن ٻارن کي ڪڏهن Dis_own ڪيو آهي؟ بلڪ انهن سمورين شين کي ساڳيءَ حالت ۾ قبول ڪيون ٿا تہ پوءِ زندگيءَ جي Phenomenon سان ڇو ماڻهو Compromise نہ ڪري؟" عماد ڏاڍي خود- اعتماديءَ سان ڳالهائي رهيو هئو.

"ڏاڍي خوبصورت طريقي سان سمجهاڻي ڏني اٿوَ... اوهان کي ڪنهن يونيورسٽيءَ ۾ پروفيسر هجڻ کپي ها... ۽ پروفيسر بہ فلاسافيءَ جو." ربيعا ٺهڪ ڏئي کلڻ لڳي تہ عماد بہ کليو هنن جي ٽهڪن مان هڪڙو بيو شاهي پوپٽ ٺهيو پِھرين هنن مٿان لامارا ڏنائين ۽ بعد ۾ بوگيءَ اندر اُڏامندو وڃي ڪنهن ڪُنڊ ۾ ويٺو.

"لنچ آندي اٿوَ؟" عماد پڇيو.

"نہ مون کان وسري ويو!" ربيعا چيو.

"وِسريو ڪونہ هوندو... غير شادي شده ڇوڪريون پنهنجي هنسِليءَ جي هِڏي ظاهر ڪرڻ جي چڪر ۾ اهڙا بهانا ڳوليندڙيون رهنديون آهن." عماد ڳالهايو ۽ مُسڪرايو.

".....Oh! My goodness....." توهان تہ ڪافي Interesting ماڻهو آهيو... ربيعا رڙ ڪئي. هن جون اکيون ڦهلجي ويون هيون.

عماد کلندي ڪاٽن جي بيگ مان مانيءَ جو پيڪ ڪڍي رکيو ان بعد منرل واٽر ۽ پيپر گلاس رکيا. هنن ٻنهي هڪ ئي پليٽ ۾ چڪن ڪڙهائي ۽ بون ليس رکيا ۽ کائڻ لڳا...

هنن جي ايتري قدر ويجهڙائپ مان پريان ويٺل ٻين پئسينجرز کي محسوس ٿيو جڻ هُو ٻئي گڏ آيا هئا ۽ گاڏيءَ ۾ بہ گڏ چڙهيا هئا. ماني کائيندي ڪجهہ دير تائين هو ٻئي چُپ رهيا.

هلندڙ ٽرين مان هاڻ پري پري تائين جبل ۽ ماٿريون... ٿي ڏسڻ ۾ آيون. ڪجهہ ڪچا گهر ۾ ڪٿي ڪو اڪيلو وڻ ۽ انهن سمورن مٿان نيرو ۽ اڇو آسمان ڦهليل هئو.

ماني ختم ڪرڻ کان پوءِ هنن اسٽرابيريز کاڌيون... ان بعد چيونگم چٻاڙڻ لڳا. "ڪي ماڻهو اسٽرابيريز جهڙا ٿيندا آهن ۽ ڪي انب جهڙا، ڪي صوف جهڙا ۽ ڪي وري کجور جهڙا... ڪي ماکيءَ جهڙا ۽ ڪي وري مکڻ جهڙا ڪي ڪٿي لسيءَ جهڙا ماڻهو بہ ٿين، ڪي ماڻهو چاڪليٽ جهڙا ٿين ۽ ڪي وري کير جهڙا. پرڪي ماڻهو ٿُوهہ جهڙا بہ ٿيندا آهن زهر... زهر ڳالهائين ۽ زهر اوڳاڇين...." ۽ ٻين جي زندگي بہ زهر ڪريو ڇڏين!" ربيعا چيو.

”بلڪل، دُنيا ۾ اهڙا ماڻهو بہ آهن جيڪي ٻين جي زندگي زهر ڪري ڇڏين!“ عماد ڪنڌ ڌوڻيو. ”منهنجو خيال آهي تہ اسان ڪافي ڳالهايو آهي، هاڻ ٿورو آرام ڪرڻ گهرجي،“ عماد چيو

”بلڪل، هاڻ ٿورو آرام ڪرڻ کپي.“ ربيعا چيو.

”مان مٿي وڃي ٿو ليٽان...“ عماد چيو هن پنهنجو ڪوٽ لاهي هينگر ۾ وجهي هُڪ ۾ ٽنگيو پنهنجيءَ بيگ مان هڪڙو ننڍو وهاڻو ۽ اجرڪ ڪڍي مٿئين برٿ تي سمهڻ لاءِ هليو ويو.

ربيعا پنهنجيون ٽنگون سڌيون ڪري انهن مٿان چادر وڌي ۽ دَريءَ کي ٽيڪ ڏيئي اکيون بند ڪري ڇڏيائين. ننڊاکڙ ڪان پهرين عماد سوچيو: ”ربيعا جو ذائقو ڪير ۽ چاڪليٽ جهڙو آهي.“

***

پليٽ فارم تي گهورڙين ۽ ماڻهن جي گوڙ تي عماد جي اک کلي تہ هن واچ ۾ ڏٺو رات جا اَٺ ٿيا هئا. هو برٿ تان لٿو تہ ربيعا ساڳيءَ طرح ٽنگن تي چادر وِڇهي دريءَ کي ٽيڪ ڏيئي ڪو ڊائيجسٽ پڙهي رهي هئي. هنن ٻنهي هڪ ٻئي ڏانهن نهاري مُسڪرايو. عماد پهرين تہ ٽوال کڻي وڃي منهن ڌوتو ۽ پوءِ بوگيءَ مان هيٺ لٿو. اها سِبيءَ جي ريلوي اسٽيشن هئي. چانهہ جا بہ پيپر گلاس ۽ ڪجهہ بسڪيٽ وٺي هو مٿي چڙهي آيو تہ ربيعا ٽنگن تان گرم چادر لاهي سڌي ٿي ويٺي، عماد کي ڏسندي ئي هن جي ٻرندڙ چپن تي مُرڪ اچي ويٺي. ٽرين وسِل هڻي ۽ چُرڻ لڳي تہ پليٽ فارم جو گوڙ بہ گهٽجڻ لڳو.

هو ٻيئي آهستي آهستي گرم چانهہ سِپ... سِپ ڪري پيئڻ لڳا.

”اوهان چانهہ ۾ بسڪيٽ ٻوڙي کائيندا آهيو؟“ عماد، ربيعا کان پڇيو تہ هوءَ کلڻ لڳي..... هن جا ٽهڪ رابيل جي گلن جي خوشبوءِ سان ڀريل هُئا.

”يار! چا تہ مزو آهي چانهہ ۾ بسڪيٽ ٻوڙي کائڻ جو!“ عماد چيو ۽ بسڪيٽ چانهہ ۾ ٻوڙيائين تہ ربيعا وري کلڻ لڳي.

”اِن ڳالهہ تي هڪڙي پيري مون پنهنجي وائيف جا دڙڪا کاڌا هئا..... ها! ها! ها!....“ عماد کليو.

”هان!..... ڪِيئن؟“ ربيعا پڇيو.

”مان پنهنجي پُٽ کي چانهہ ۾ بسڪيٽ ٻوڙي کائڻ سيکاري رهيو هُئس!“ هن مسڪرايو.

”لڳي ٿو اوهان جي وائيف ڪافي سخت عورت آهي.“ ربيعا ڳالهايو.

”رٽائرڊ چيف انجينيئر جي ڌِيءَ کي اهڙوئي هجڻ کپي... The bold & beautiful“

”توهان مولٽي فوم جو سپريم اسپرنگ گدو ڏٺو آهي....؟“

”هائو!“

”تہ بس هوءَ بلڪل ان جهڙي ڪمفرٽيبل آهي، پر ٻارن جي تربيت ۾ بلڪ ٿورو ٿورو مڙس جي تربيت ۾ بہ سخت!“ عماد وراڻيو تہ ٻئي کلڻ لڳا.

چانهہ پيئڻ کان پوءِ هنن ڪافي ملڪي مسئلن تي تبصرا ڪيا ملڪ جي اقتصادي حالت بابت ڳالهايو جيڪا ابتر هئي ملڪ عرصي کان قرضن جي بار هيٺ پيسجي رهيو هئو بلڪ ملڪي عوام قرض ۾ ڪارو هئو. ماڻهن جي Per_ Capita تمام گهٽ هُئي، ملڪ ۾ دهشت گرديءَ جو راڪاس ٿهڪ ڏيئي ڪالي ماتا جيان ٻوڙي ۽ چنگهاڙي رهيو هئو. ملڪ ۾ انصاف ۽ عدالتن جي حالت تمام خراب هئي. قانون ۽ آئين جي تشريح جيڪا ڪورٽن ۾ ججن تي ڪئي سا ملڪ جي گهوٽالي جو سبب بڻي هئي. نظريہءِ ضرورت جهڙين ضرورتن مارشل لائن جو رستو کوليو هئو. سمورين ڪارگذارين جو نقصان صرف ۽ صرف عوام ۽ ملڪ کي پُهتو هئو.

”۽ عوام ۽ ملڪ کي پهتل نقصان جو ڪاٿو ئي ڪونهي!“ عماد چيو.

”توهان بلڪل صحيح ٿا چئو. ملڪ کيPrivileged class ۽ Privileged جي اعليٰ ماڻهن جيڪو نقصان پهچايو آهي، تنهن جو ازالو ڪرڻ بہ Parliament مُشڪل آهي. جيڪڏهن ادارا ۽ عدالتون پنهنجا پنهنجا ڪم سرانجام ڏين ها تہ اڄ اسان جو حال اهو نہ هجي ها! اسين ناڪام قومون هجڻ بجاءِ هڪ بهتر جمهوري ۽ نسبتاً سُکئي ملڪ ۽ ماحول ۾ گذاريندا هجون ها. اسان جا ماڻهو گهٽ ۾ گهٽ اڄ جيترا تہ غريب نہ هجن ها ۽ اسان جي Per_ Capita وڌيل هجي ها!“ ربيعا چيو.

”!Off Course.... اسان جي مُلڪ ۾ ظلم جي بازار گرم آهي عام ماڻهوءَ جي حيثيت ڪُتي ٻُلي کان مٿي ڪانهي... عدالتن جي ڪُنهڙن، پارليامينٽ لاجز ۾ ڪانسٽيٽيوشن ايونيو تي، ڊي چوڪ ۾ ۽ سيڪريٽريٽ جي مخصوص سڙاند وارن A.C ڪمرن ۾ وڃڻ سان ماڻهوءَ کي پنهنجي حيثيت جو احساس ٿيو وڃي..! هڪ پاسي ملڪ جي شهرن ۾ پوش علائقا آهن جتي گلن جي سُڳنڌ آهي، سک آهي، پسئو آهي، عياشي آهي ۽ ٻئي طرف هن ملڪ ۾ لکين ’غريب آبادون‘ ۽ ’مدينہ ڪالونيون‘ آهن جتي غريبن جا ڪڏين جهڙا گهر آهن، ڏنگيون ڦڏيون گهٽيون آهن جن ۾ مين هولس جا ڍڪ کليل آهن. نالين ۾ بدبوءِ ڏپ ۽ ٻوڙيا ڪنڌڙ پاڻي آهي. ماڻهن کي ٻن وقتن جي ماني ميسر ڪانهي. سردي گرمي گذارڻ لاءِ ڪپڙا ناهن... منهنجو هڪڙو دوست آهي جيڪو اسان جي ملڪ جي ماڻهن ۽ غربت جو حال اجهو هيئن بيان ڪندو آهي:

”اي گند جي ڍيرن پرسان غريب آباڊن ۾ رهندڙ ماڻهوئو ، جانورؤ!

’اي گٽرن جي موڙن پرسان ڀُنگيون اڏي رهندڙ عوامئو!

’اي مهيني جي هر پهرئين تاريخ تي پگهار وٺڻ لاءِ بينڪن ٻاهران قطارون ٺاهيندڙ ۽ مئنيجرن جا دڙڪا کائيندڙ ڪلارڪؤ!

’اي واڻ جي کٽن تي پنهنجين زالن سان سمهندڙ گناهہ گارو!

'اي هارن کي پلاسٽڪ جا سستا رانديڪا وڻي وندرائيندڙ شهريو! هو هيئي ٽهڪ ڏيڻ لڳا.

"مون وري ان ۾ ڪجهہ واڌارو ڪيو آهي." عماد چيو

"ڀڏايو!" ربيعا مسڪرائيندي چيو.

"اي سوزوڪي ايف. ايڪس ۾ مهراڻ ۾ گهمندڙ ماڻهوئو!

'اي نان پاور ڪار جا شيشا هٿ سان مٿي گهمائيندڙ ماڻهوئو!

'اي لُنڊا بازار مان ڪپڙا وٺي آلٽر ڪرائي پائيندڙ ماڻهوئو! ۽ پُڇڻ وارن کي (منهنجي فرسٽ ڪزن ڪئناڊا مان ٽُو- پيس جو ڪپڙو موڪليو هئو.) چوڻ وارا ماڻهوئو!

'اي مُرغيءَ ۽ گوشت ۾ پٽاٽا ۽ پاڻي ملائي رسَ وارو ٻوڙ کائيندڙ ماڻهوئو!

'اي دال ۾ پاڻي ملائي پتڙي ڪري کائيندڙ ماڻهوئو!...."

ربيعا ۽ عماد ٽهڪ ڏيڻ لڳا. "محترما! اسين هڪڙي ئي پاڪستان ۾ ٻہ پاڪستان ڏسي سگهون ٿا. هڪڙو پاڪستان روشن آهي ۽ ٻيو پاڪستان لوڊ- شيڊنگ آهي. هڪڙو پاڪستان اسلام آباد ۾ اِي- سيوَن آهي: هڪڙو پاڪستان لاهور ۽ ڪراچيءَ جو ڊفينس آهي، ٻيو پاڪستان سموري ملڪ ۾ ڦهليل اهي گند جا ڍير آهن، جن ۾ ماڻهو نہ پر گند پريل آهي! هڪڙو پاڪستان شائيننگ آهي ۽ ٻيو پاڪستان اوندهہ ۾ ٻُڏل آهي. هڪڙو پاڪستان ڪنهن NGO جو ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو آهي ۽ ٻيو پاڪستان غريب جي اونداهي جُهڳي آهي! جنهن لاءِ اُها NGO ڪم ڪري ٿي. ڏاڍي چيڙائيندڙ صورتحال آهي. ڏاڍي دڪدائڪ پڻ... You know, this is the situation شايد اسين ان صورتحال تي لڙڪ وهائي سگهون." عماد سنجيده ٿي ويو.

"مون کي توهان جهڙا مرد وڻندا آهن... جيڪي هرشيءِ ٻنان رک رکاءَ جي چٽي ڏين ۽ ائين ٽريٽ ڪن!" ربيعا مُسڪرائيندي چيو تہ هن جي ڳل ۾ چُگهہ پئجي ويو. هن پنهنجو چشمو لاٿو ۽ اگهڻ لڳي تہ وڌيڪ خوبصورت ٿي ويئي. عماد ڏٺو ان وقت هن جي اکين مان ماکي لار ڪري وهي رهي هئي.

"تي سگهي ٿو مان ايترو سنو ماڻهو هجان، جيترو اوهان سمجهو ٿا... پر ايترو بہ سنو ناهيان!

.... Something like that, but not so simple and humble!... any how;

"مان ڇوڪرين کي رفلي ٽريٽ ڪندو آهيان." عماد ڪلندي چيو.

"Very dangerous! ربيعا جا پرون تاڻجي ويا ۽ اکيون وڏيون ٿي ويون.

"I treat girls roughly but not terribly!" عماد چيو ۽ وري کِليو. تہ ربيعا بہ مسڪرائڻ لڳي.

ڪجهه دير جي لاءِ هو ٻيهر چُپ ٿي ويا. ٻاهر گُگهه اوندهه هئي. ٽرين ڪنهن اجگر جيان رڙيون واڪا ڪري ڊوڙي رهي هئي. عماد کي اوٻاسي آئي..... هن بوتل مان پاڻي ڪڍي پيتو ۽ واش روم ڏانهن هيلو ويو.

واپس اچي عماد سيٽ تي ويٺو ۽ هن چيو: "توهان کي Jokes وڻندا آهن؟" اوچتو عماد کي الائجي ڪيئن خيال آيو جو هن ربيعا کان پڇيو.

"ها ها! مون کي Jokes ڪافي وڻندا آهن." ربيعا وراڻيو ۽ پنهنجي اڇي رنگ جي ويڪري شلوار ۾ بند ٿيل پنهنجيون ٻيئي ٽنگون ملائي ڊگهيون ڪري آرس ڀڳو ۽ سِڌي ٿي ويٺي.

"پوءِ ٿي وڃي Joke؟" عماد ڳالهايو.

"بلڪل!" ربيعا ٺهي ويٺي.

"اميريڪا ۾ هڪڙو پاڪستاني هڪ اميريڪن ڇوڪريءَ سان عشق ڪرڻ لڳو... (عماد ۽ ربيعا مسڪرايو.) ڇهن سٽن مهينن کان پوءِ هڪ Date ۾ ٻنهي ڄڻن شادي ڪري زندگي گذارڻ جو فيصلو ڪيو ۽ ٽن ڏينهن بعد پنهنجي شاديءَ جي تاريخ به طئه ڪري ڇڏي". ٻنهي ٻيهر مسڪرايو.

"پروگرام موجب مقرر ڪيل ڏينهن تي پاڪستانيءَ پنهنجا ڪجهه دوست گهرايا وهنجي سهنجي تيار ٿيو هار پاتائين سمورا ڄڻا گاڏين تي چڙهي ڇوڪريءَ جي اپارٽمينٽ تي ويا ۽ ڪال بيل وڄايائون... پر ڪافي دير ته دروازو نه کليو.... نيٺ دروازو کليو ته ڇوڪري اندر بيهي اکيون مهٽي رهي هئي. هيترن سارن ماڻهن کي ڏسندي حيران ٿي ۽ پڇيائين "?....Whats` wrong with you"

"پروگرام موجب اڄ اسان کي شادي ڪرڻي آهي... گهوٽ مسڪرائيندي ٻڌايس، "ڇا اوهان اڃان تيار نه ٿيا آهيو؟"

"Sorry! I have changed my mind Last night!" ڇوڪريءَ چيو ۽ در بند ڪري هلي وئي.

"ها ها ها!...... هُئه هُئه هُئه!..... هُو هُو هُوا هو ٻئي ڪافي دير تائين ٽهڪ ڏيندا رهيا هنن جي ٽهڪن جا پڙاڏا اُڏامندا رهيا.

ٽرين مسلسل هلي رهي هئي ۽ هاڻ روهڙيءَ کي ويجهو هئي. ان وقت رات جا ساڍا ٻارنهن ٿيا هئا.

"اڃا ٻيو لطيفو؟" عماد ربيعا کان پڇيو.

"پلي..... پلي اچي....." ربيعا جي اکين ۾ ڪلڻ جي ڪري پاڻي پرجي آيو هو.

"ڊرائيونگ سکڻ جي 'Institution' ۾ هڪڙي ڇوڪري ڪافي دير کان ڪار وٽ بيٺي ڪنهن 'Instructor' جو انتظار ڪري رهي هئي. ڪافي دير تائين جڏهن ڪو به Instructor نه آيو ته هوءَ اندر ويئي ۽ وڃي انڪوائري واري کان پڇيائين:

"اڄ موڪل ته ڪانهي؟"

"نہ ميڊم اج موڪل تہ ڪانهي باقي چار Instructors اڏ ڪلاڪ ڪان پاڻ ۾ پيا وڙهن تہ اوهان کي اج ڊرائيونگ ڪير سيکاريندو!" عماد ٺهڪ ڏيڻ لڳو تہ ربيعا بہ کل ۾ ٻٽجي ويئي... "ها ها ها!....." "ها ها ها!" "ها ها!" هو ٻئي گڏجي کلي رهيا هئا. ربيعا جي اکين مان هاڻ پاڻي وهي رهيو هو. هن پنهنجي پرس مان ٽشو پيپر ڪڍيا ۽ اکيون اُگهڻ لڳي.

"يار! هاڻي بس ڪريو. مان وڌيڪ نٿي کلي سگهان.... مون کي جاڙين ۾ سُور پئجي ويو آهي. ربيعا چيو.

***

ٽرين منزل تي رائيٽ ٽائيم پُهتي هئي. هو ٻئي اسٽيشن تي لٿا تہ ماحول ۾ سرديءَ ۽ گهم جي ڪري ڊنڊ پريل هئو. عماد ٽيڪسيءَ ۾ پنهنجي سامان سان گڏ قُليءَ ڪان ربيعا جو بيگ بہ رکرايو ۽ ربيعا کي سندس گهر جي دروازي تي ڇڏيندو پنهنجي گهر ڏانهن وڃڻ لڳو. رستي ۾ هنن ٻنهي هڪ ٻئي جا سيل فونز ۽ E-Mails ايڪسچيج ڪيا.

"آپ ڪي ساٿ سفر ڪرڪي بهت اچا لگا. اوهان جي ڪمپني ڪڏهن بہ نہ وسرندي.

Really! I will not forget your fine and delight ful company..... Such you have given me......meet you; take care. ربيعا چيو ۽ هن هٿ کي لوڏيو.

ان مهل هن کي محسوس ٿيو تہ ربيعا جا مسڪرائيندڙ چَپَ ٻري نہ رهيا هئا، بلڪ ٽانڊن جيان ڏکي رهيا هئا.

***

ٽب مان پير ٻاهر ڪڍي هن واش روم جي فرش تي وڇايل ٽاول تي رکيا ۽ پوءِ اتي ئي بيهي ٻئي ٽوال سان وار ۽ ٻُت سڪائڻ ۽ اُگهڻ لڳو.

واش روم مان ٻاهر نڪرڻ مهل هن جي ڪنن ۾ ربيعا جا لفظ گونجي رهيا هئا: 'آپ ڪي ساٿ سفر ڪرڪي بهت اچا لگا. اوهان جي ڪمپني ڪڏهن بہ نہ وسرندي...

Really! I will not forget your fine and delight Ful Company such you have given me.... Meet you; take care.

ڊرسينگ روم ۾ هن جي وائيف هن جا ڪپڙا ٽنگي ويئي هئي. جينس جي پينٽ، اڇي رنگ جي هاف سليُوز قميص ۽ نائيڪي جي Spiny چپل. هن جي گهر ۾ پسنديده ڊريس هئي.

بيڊ روم مان ٻاهر نڪرڻ تي هن کي ڪچن مان ڪجهہ پچڻ جي خوشبوءِ اچي رهي هئي. هو ڪچن ۾ ويو تہ هن ڏٺو رُميسا چڪن سينڊوِچ گرم ڪري رهي هئي. هن وائيف کي ٻاڪر پاتوءِ ڪسِ ڪئي.

"ٻار ڪيڏيءَ مهل اٿندا؟"

"اج سنڊي آهي... اجان بہ تي ڪلاڪ سمهندا... ٻارهين وڳين تائين اٿندا"

هُن کي پنهنجي زندگي وڪامبي نظر آئي. هُن آخري وار پڇيو: ’اڃان اڳتي هلئون، يا پوئتي موٽئون؟‘

هُن چيو: ’اڳيان هَلُ- پوئتي موٽڻ مون سِکيو ئي ناهي.‘

هُن ٻڌايس: ’اڳيان پاٽي گهٽو گهرو آهي. پنهنجو صحيح سالم موٽڻ ڏاڍو ڏکيو آهي.‘

هُن بي پرواهيءَ وچان چيو: ’اڳتي هليو هل! چولين ۽ ڦينگ جي پرواهه ۽ لوڏن جي لوڏ کان مان ڪڏهن بہ ناهيان ڊڄندي.‘

هُن چيس: ’هوش ڪر بيگي، پاڻ سنيال تہ پوئتي هلئون. پاٽيءَ ۾ ڪُنَ، ڪڙڪاٽ، اُوچاءِ اُبتا سُبتا لوڏا آهن. پاٽي تمام گهرو آهي. اڳيان اڃان بہ گهرو.‘

هُن مستيءَ مان چيو: ’ڏُوبار هليو هَلُ!‘

هوڏانهن وفادار ڄيما، اِن آسري ۾ هئي تہ هُو سُتت ئي اچي سندس سينڌ سنواريندو. هُو هميشہ سندس سِرَ جو سائين ٿي ويهندو. پر طوفانن جو مُنهن ڪير موڙي سگهيو آهي.

ڄيما جي وفاداري بي پرواهہ بيگي شارپ اڳيان ڪٿان ٿي هِلي سگهي، اڳيان ڪُن، ڪڙڪاٽ هئا، آنڌ مانڌ هئي، سرمستي هئي، چلولائي هئي. رستو گهنگهور گهٽا وانگر اونداهو هئو. اڳيان باهہ جو درياهہ هئو تہ پويان پاٽي.

’اُيا ايئن چون، متان پاند پُسائين!‘

پاند پُسڻ مقرر هئو ۽ ڄيما جي وفا جي مڪڙي اوندهہ انڌڪار جي اڳيان سَٿَ ئي سَهي ڪانہ سگهي.

ڄيما جي زندگيءَ جو سڀ ڪجھ بدلجي ويو. آسُون لُڙجي ويون. اُميد جي ٻيڙي ٻُڏي غرق ٿي وئي.

پاٽي لٿو، ماٺ ٿي تہ سڀ ڪجهہ ٻُڏي چڪو هو.
ڏينگهو ڏيري ٿي چڪو هئو.
مرد کي نہ اڳيان وڏڻ جي سمڪ هئي، نہ پنيان موٽڻ جو ساهَس.
زندگي سڀ ڪجهہ ٻوڙي ڇڏيو هو.

◈

---





نئين ٽهيءَ جي نوجوان شاعر
**وشال امير**
جي شاعريءَ جو مجموعو
**ريشم جهڙا خواب**
مارڪيٽ ۾ وڪري لاءِ موجود
صفحا: 160 قيمت: 100 روپيا

# جڏهن بيت تنهنجا رُنا ها پيٽائي

•

قمر شهباز



ان رات ڳوٺ ۾ جرڳو ٿيو.

جرڳي جو تہ فقط نالو هو. ڀلا جتي ناظم، نائب ناظم، ڪائونسلر، ڀاٽاريدار، چور چڪار ۽ زورآور سڀ جا سڀ هڪ طرف هجن ۽ ٻئي طرف هجي مسڪين هاري منو ۽ سندس گهرياتي، اتي ڪهڙو فيصلو ڪهڙو انصاف، ڪهڙو داد، ڪهڙو فرياد؟

ناظم جي اوطاق جي اڱڻ ۾ ڳوٺ جا چڱا مڙس گڏ ٿيا. ٻاهر تماشبينن جو انبوهہ. ڳوٺ ساري ۾ چوٻڇوئہ تہ هاڻي الائي ڇا ٿيندو؟

ڪچيءَ منجهند ڌاري ڪمدار شيروءَ، ٻنيءَ ۾، مني هاريءَ جي ڏهن سالن جي پٽ، ڏني کي ناظم جي ٽيهن سالن جي ڌيءَ رضيا سان ڳالهائيندي ڏٺو هو. هڪل ڪري ڏني جي پٺيان ڪهاڙي کڻي ڀڳو هو پر ڇوڪر گوهي ڏئي ڀڄي ويو. ڳالهہ پهتي ناظم تائين. ٽيپي باهہ ٿي ويو. ٻہ ٽي چنبا ڇوريءَ کي لڳا تہ ٻار جي مٿان حَقون ناحقون ٻيهي وئي. حويليءَ ۾ ڪهرام مچي ويو. ڪن پل ۾ ڏني کي اڌ مئو ڪري آٽي ڦٽو ڪيائون ٽاٽي تي. چيائون، ”ڪارو آهي.“

حڪم ٿيو مني کي تہ رات جرڳو ٿيندو. وڏيرن جي پڳ ۾ هٿ پيا آهن. ڇوري سان تہ جيڪا ڪاروائي ٿي آهي، ان ڪان ٻيٺي تہ ٽاٽي تہ ساڻس سپاهي ۽ سندن ساٿاري اڃا بہ ڪندا، پر اصل فيصلو تہ ڳوٺ جا چڱا مڙس ئي ڪندا.

مني کي ڪنبڻي وٺي وئي. هڪ غريب، ٻيو ٻي يارو مدد گار، نہ ڏٺي نہ سائين. نہ واهر نہ وسيلو. ابوجهہ ماڻهو. هيڏانهن آٽي، هوڏانهن ڪاٽي. مرڳو مٿانئس قرض جو ڪوٽ، پنهنجي راهہ رستي وارو نہ ڏئي، نہ ڏڪوئي، هيءُ گهر ويٺي ڪهڙي ڦهر ۾ ڦاسي ويو؟ ڀڳو ڊوڙيو منت ميڙ، آزي نيازي، واسطا وسيلا. سڀ ڪجهہ ڪيائين. پر وريو ڪجهہ بہ ڪو نہ. سپاهي ٽاٽي جي ويجهو اچڻ ئي نہ ڏينس. هيڏانهن هوڏانهن

ڪري، چار پئسا منشيءَ کي چٽائي رڳو پٽ جي شڪل ڏٺائين ته دهلجي ويو. ٻار سان جُٽ ٻه جُٽنِ جهڙي ڪئي هئائون. ڪپڙا لٽا رتورت. منهن سجيل، هٿ پير ساٽا، نه ڪُڇي نه پُڇي، بس، هاڻ مُئو ڪِي مُئو.

مني جا ته ڇهه ئي ڇڄي پيا. ايترو سو چيائين ته، "هيءُ ڪهڙو ڦهر ڪري ڇڏيئي ڏنا؟" چوڪر ۾ وِت هجي ته جواب ڏئي. سموري طاقت لڳائي اکيون کوليائين ته ڳوڙها ڳڙي پيس. وات ۾ ناسن مان رت ريلا ڪري وهي هليس. چيائين، اهو ته سمجهه ۾ نه آيو پر نڙيءَ مان گهرڙاٽ اهڙو نڪتس جڻ ڪنهن تکيءَ ڇريءَ سان گلي ته سِيرَ وهائي ڇڏي هجيس.

منو ويچارو واٽڙن جيان ڪڏهن پُٽَ کي ڏسي، ڪڏهن منشيءَ کي.

ٻيو ته ڪجهه نه سُجهيس، پٽڪو لاهي ڪٽي پيرن ۾ اڇلايائينس.

چيائين، "بيلي، اها عزت ذرڙي بچائي رکي هئم، هاڻي تنهنجي پيرن ۾ پئي اٿئي. وٺئي ته مانُ ڏينس، وٺئي ته ٺڏي ڇڏينس."

منشي ٻه قدم پٺتي هٽي ويو. چيائين، "بابا، اسان کي پنهنجا ٻچا پيارا آهن. ڏنو واٺنو ڪاريهر سان وير ڪير وجهندو؟ جن ٻَڏايو آهي، هيءُ پڳ ٻه وڃي انهن جي پيرن ۾ وجهه."

منو روئيندو پٽيندو گهر موٽيو. هڪ مڙهي زال ۽ ٻه جوان ڌيئرون قرآن مٿي تي کنيو اڳ ئي ڪچائين گهر جي در تي ويٺيون پيون ٻاڪارن. ڪراڙي کي هٿين خالي ايندو ڏٺائون ته ڳچ ڳڙي پيون. ٻنهه ٻي حال تي ويون. ماءُ جي حالت اها جو ڪرڙيءَ جيان پئي ڦٿڪي. هٿ پير آڪڙجي ويس. اکيون ڦاٽل، وات مان گِگَ پئي وهيس. ڇڙهيءَ جو نڪاءُ پيو پوي. ويچاريون نياڻيون پاڻ کي سنڀالِن يا ماءُ کي آٿت ڏين؟ زور آڏو زاري آهي. ناظم ته وڏي ڳالهه، هي ويچارا ته ڪمدار جي ٽاپڙوءَ آڏو ٻه ڪنڌ ڪٽڻ جهڙا ڪونه هئا. اوچتو ڏمر ڏسي پاٽيءَ جي ڦوٽي جيان ڦاٽي پيا.

مني چيو، "هڪ ڏٽيءَ جو در ٻيو وڏيري جو. توهان ٻاڏايو خدا کي، مان وڃان تو ناظم ڏانهن. ٻنهي مان ڪو ته حق حساب ڪندو."

زائفائون ڪراڙي کي چنبڙي پيون. چي، "اهڙو ڦهر نه ڪجو بابا. جلادن جي جُوءِ ۾ ويندين ته هٽي ڏنگي رکندئي. چورِي، سندن ڪتي ٻئي هنڌ ڪريل هئي، بهانو اسان جي معصوم ياءُ جو بنائي، مهٽو ٽا لاهڻ چاهِن. ڏيءَ ڪاري ڪئي اٿن ته پوءِ ڪهاڙين مان ڇو نٽا ڪيڊنس؟ لڪائي ڇو ويهاري اٿن؟"

مني ڪٽي ڌيئرن جي وات تي هٿ رکيا.

چيائين، "امڙ، اسان جيتامڙا ماٺهو اهي وڏيون ڳالهيون اسان کي نٽيون سُونهن. پٽ مارائڻ کان ته چڱو آهي ته پاڻ وڃي وٽن پيش پوان. مَنَ ڪو روح ۾ رحم پوين."

رحم نالي شيءِ ته نه وڏيري ۾ هئي، نه سندس خوشامدين ۾.

منو پڇندو ويو ۽ ڏسجندو ويو. ڏوڙيا تي ويا. اکر اُکلڻ ڪونہ ڏنائونس. ٻُري تي ٻچ تي وئي. اڳي ئي هيٺو مڙس، مٿان پٽ جي جهوري، ويتر وڏيري جا ڏهہ ٻارنهن ڳوريٽ جهڙا جناور. تن هٽي ڪنڌا ڪٽي ڇڏيس. سندس ئي پٽڪي ساڻ ٻڌي ڪٽي ڦِٽو ڪيائونس مال جي واڙي ۾. مٿان الزام اهو تہ هَلان ڪري آيو هو ناظم صاحب جي اوطاق تي. پوليس ڪونہ ٿا گهرايون، باقي اهو فيصلو بہ رکون ٿا جرگي تي.

جرگو مڙيو.
اهي ئي لُچ لوفر، خوشامدي، چور ڏاڙيل، وڏا پڳڙ ٻڌي، چڱا مڙس تي اچي راڄ ۾ ويٺا. فريادي بہ پاڻ تہ امين بہ پاڻ تہ اکين ڏٺا شاهد بہ پاڻ.
فيصلو اهو ئي ٿيو جيڪو هن ڪان اڳ هنن جهڙا درنده صفت فرعون ڪندا رهيا آهن. هڪ راءِ تي چيائون تہ خون جو بدلو خون ۽ عزت جو بدلو عزت. مني جي پٽ ڪُڌو ڪم ڪيو آهي، ان ڪري عيوضي ۾ سندس ننڍي ڌيءُ کي ناظم جا ماڻهو ڪلئي عام بي آبرو ڪندا تہ جيئن آئنده ڪنهن جي مجال نہ ٿئي جو وڏيرن سان سينو ساهي.

ڪمدار شيروءَ جي سرواڻيءَ ۾ جيپ بدمعاشن جي سَٽي نڪتا، نعرا هڻندا، هُوڪرا ڪندا، بندوقون لهرائيندا، ڏُڏڙ اُڏائيندا، ڌاڙکو ڪن سورما اچي مني جي غريباڻي گهر تي ڪڙڪيا. ڪنهن در ڀڳو ڪو پِٽ ٽپيو ڪنهن لُوهہ ڪري وڃي نياڻيءَ جي ٻانهن ۾ هٿ وڌو. ڇوڪري حراسجي وئي. پيڻ بچائڻ لاءِ اڳتي وڌي تہ ان کي بہ ڪنيي ڪنيائون پاڻ سان. ماءُ ويچاري تہ اڳ ئي بي حال پئي هئي. ماڻهن جي لتڙ مورڳو هٽي پورو ڪري رکيس.
ٻنهي ڀينرن کي گهَليندا، گيندا ڙيندا، ڇڪي آيا ٻاهر. لَتا تہ وٺ پڪڙ ۾ هونءَ ئي ليڙون ٿي چڪا هئن. جيڪي رهجي ويا هئا سي بہ سَٽَ ڏئي ڇيهون ڇيهون ڪري اُڇلايائون سڙڪ تي. شيروءَ جي رنبي پيئي پوي تہ: هٿو پري ٿيو ڪاري جي ڀينرن تي چڱن مڙسن جو ڏنڊ آهي. شريڪ ٿيندؤ تہ وهہ واهہ، نہ تہ پري بيهي لقاءُ ڏسو.

ان ڪان پوءِ اها ئي وحشياڻي راند رچائي وئي، جيڪا هن بدنصيب ملڪ جي خونخوار شڪارين پنهنجي ڪوڙي انا، داٻي ۽ دڙڪي لاءِ تفريح طور کيڏڻ شروع ڪئي آهي ۽ جنهن جي آگ ۾ لِهسجي ڪيترين ئي نياڻين پنهنجي عزت، آبرو ۽ کن حالتن ۾ زندگي پڻ وڃائي ڇڪيون آهن.
ڪمزور، نبل ۽ بي وس نياڻين جون ڪُوڪُون ڪوهن تائين گونجنديون رهيون ۽ هُو ڪُنل پکيءَ جيان تڙپنديون رهيون. سڪرات جي سرڪڻ ڦاهيءَ تي لٽڪنديون رهيون. بي غيرت، حَوَسِي ۽ ويڪائو جانور سندن ماس پٽيندا رهيا، خون چوسيندا رهيا، وڍ وڍ ۾ وِڙهُ پريندا رهيا. انسانيت پل پل پُلصراط جي تلوار کان تکي ۽ وار کان سنهي گذرگاهہ تي وڍجندي، اڌو اڌ ٿيندي رهي ۽ حيوانيت ڏمر

جي ڏاٽ ڏڪائيندي، شيطاني ناچ نچندي ۽ ڪروڌ جي باهه برسائيندي، رحم ڪرم ۽ ڌرم جون ڌڄيون اُڏائيندي رهي. عورتن جون آهون سرد ٿينديون ويون ۽ حيوانن جي هُوڪرن جي گرمي وڌندي رهي.

جُوان اُمنگن جا خواب اُجڙندا رهيا ۽ آئندا جا عذابَ ڪَرَ موڙي، اکيون مهٽي آرس ڀڃي، جاڳندا ويا.

اهو سمورو عرصو جڏهن آسمان ڏنڌلائجي ويو هو ۽ زمين ڪربلا بڻجي چڪي هئي ۽ هوا ۾ لٽجندڙ عصمتن جي بُو ڦهلجي چڪي هئي، تڏهن اشرف المخلوقات پنهنجن پنهنجن محفوظ گهرن ۾ در، دريون ۽ روشندان ۽ ڪَنَ ۽ اکيون ۽ ذهن بند ڪري، چُپڙ لاءِ ڪُنڊون ۽ پاسا ڳوليندا رهيا.

۽ اهو سمورو عرصو شيرو ڪمدار پنهنجي پوٽارن جي جوڙيل ڪُوڙي قانون ۽ انصاف ۽ انا جي پاسداريءَ ۾ قاتلن ۽ جابرن ۽ غاصبن جي ٻڌايل هٽ ٺوڪي فتويٰ جي پوئواريءَ جي ونگار وهندو رهيو تان جو معصوم نياڻين جون اکيون پٿرائجي ويون ۽ زبانون خاموش ٿي ويون ۽ جسم بي جان ٿي ويا ۽ سندن وجود خون جي درياءَ جي وهڪري ۾ وهي هليا.

۽ پوءِ اهو ئي سنڌي سورمن جو قافلو ڪليل جيپ ٿُي ويهي فتح ۽ ڪامرانيءَ جا نعرا هڻندو هُوڪرا ڪندو هوائي فائر ڇوڙيندو جهمريون پائيندو پنهنجي آقائن کي سوڀ جي خوشخبري ٻڌائڻ لاءِ روانو ٿي ويو.

ان ئي رات جي پوئين پهر جڏهن مني جي ڪٽنب جا چار لاشا ٽاٽي جي ڪمپائونڊ اندر ڪچي زمين تي ڦهڪيا پيا هئا، تڏهن لطيف جا بيت سُڏڪي پيا ۽ سُومرن جون سامون وار ڇوڙي، ورلاپ ڪنديون، حويلين جي پناهن کان ٻاهر نڪري آيون ۽ مومل جي ماڙيءَ جا اوچا ڪنگرا هڪ هڪ ٿي ڪري پيا ۽ مارئيءَ جو ملير ٽانڊن تي ٽچڪڻ لڳو.

ان ٽاٽي شيرو ڪمدار، بندوق ڪلهي سان لڙڪائي، جڏهن چوسُول لتاڙي، پنهنجي گهر جي گهٽيءَ ڏانهن لڙيو تڏهن پنهنجي در سامهون ماڻهن جو انبوهه ڏسي دهلجي ويو. دانهن ڪري پڇيائين:

"ڇا ٿيو؟"

ميڙ مُڙي ڏانهنس ڏٺو.

ڪو جواب نہ آيو.

ماڻهن جي هجوم کي چيريندو در ٽپي هُو وڃي پنهنجي گهر جي آڳر ۾ بيٺو.

ٽڙيل پکڙيل سامان، هراسيل ڇهرا ۽ ماتم ڪندڙ عورتون ڏسي کن پل جي لاءِ هُو گهوماٽجي ويو. تن بدن مان سَتُ ڇڏائجي ويس. پِٽ جي سهاري بيهي رهيو. گهگهي آواز ۾ سرباٽ ڪندي پڇيائين، "ڇا ٿيو؟"

# موت جو جشن

•

نامديو تاراچنداڻي

هن ڊائريءَ ۾ هڪ نقطو نوٽ ڪيو:

Every body wants to go heaven, but no body wants to die. (Jee Louis)

هن گيتا جو سلوڪ دُهرايو. ۽ پوءِ ڊائري رکي سُمهي پيو. ننڊ اچڻ کان اڳ، هن کي وچتر ويچار ايندا رهيا.

ننڊ به ته موت جي ريهرسل آهي.

اِها ريهرسل روز ڪرڻي آهي. چو جو موت روز اچي سگهي ٿو اهو مهمان آهي.

پوءِ به اُن جي اچڻ تي ڏڪوءِ شوڪ ٿئي ٿو. جيڪو اچڻو ئي آهي.

روز فقط مهمل ٿئي ٿو. ان تي عجب ڇا جو!

اهو وري اوچتو ڪٿئن ٿيو؟ ان جو اطلاع ته روز ٿو ملي. هر ننڊ وڏي ڪي!

هن پاسو ورايو.

اڄ هن کي ننڊ جي انجيڪشن نه هٽندا. هن پاڻ ئي نه ڪئي، ڊاڪٽر مڃيو. هو جاڳڻ ۽ سوچڻ چاهي ٿو. پر هن کي اڄ ننڊ اچي رهي آهي. شايد جلد ئي هن کي ننڊ اچي ويندي.

هو ڪجهه گهيرت محسوس ڪري ٿو. هو مڪمل شانتيءَ طرف ڊِرڪي رهيو آهي. هڪ ڀيانڪ اوندهه جي لنبي غفا ۾ ڏڪجي سُري رهيو آهي. ڪيترا وڏا ڪارا آڪار هن کي ويڙهي ويا آهن. اُهي هن کي ننڊ ڪرائڻ آيا آهن. هن کي اکين تي بار محسوس ٿي رهيو آهي. هاڻ وڏا ڪارا آڪار آهستي-آهستي هن کي غفا ۾ اڪيلو ڇڏي پنيان سُرڻ لڳا آهن.

هُو اڪيلو آهي. هن کي ڪابه سُڌ نه ٿي پوي. هُو سمهيل آهي. هو آهي. هو نه آهي. خبر نه آهي ڪيس ته هو آهي يا نه آهي. هن کي ڪجهه به محسوس نه ٿي رهيو آهي. هو ننڊ ۾ آهي- يا مري چڪو آهي. هن کي خبر نه ٿي پوي. هن کي جڻ ان جي پرواهه به نه آهي. اِها ننڊ آهي. ته به ٺيڪ آهي. جي اهو موت آهي ته به ٺيڪ آهي. هن کي فرق ڪونه ٿو پوي. هو في _ الحال ته آهي ئي ڪونه. جڻ هو ٿي ويو آهي.

نه اسپتال. نه ڊاڪٽر. نه سستر. نه روشني. نه اوندهه. نه پنکو. نه اي-سي. نه ڪمرو نه دروازو.

ڪجهه به نه.

ڪجهه به نه.

ڪجھ بہ نہ.

ڪجھ وقت اڳ ٿيل آپريشن وقت هن کي مورچت ڪرڻ وقت ٿيل احساس، وري ٿيندڙ آپريشن جي خيال سان، ذهن ۾ دهرائجي رهيو هوس.

هن کي هاڻ ننڊ هئي.

ڊاڪٽر هن کي ڏسڻ خاص وزٽ تي آيو هو. پيشنٽ لاءِ ننڊ ضروري سمجهي هن کيس نہ جاڳايو. ڪيس- پيپر تي ڪجھ لکي هن اهو اتي ئي وهاڻي پرسان رهڻ ڏنو. پرسان پيل هڪ ننڍي ڊائري ڏسي، ڊاڪٽر اها هٿ ۾ ڪنئي. پر پوءِ ڪنهن جي ڊائري پڙهڻ نيڪ نہ سمجهي، وري اتي ئي رکي ڇڏي. هن کي ننڊ هئي. ڊاڪٽر اتي هڪ ننڍو ڪتاب بہ ڏٺو. ڊاڪٽر جي نظر وري ان ڊائريءَ تي پيئي. ان مٿان لکيل هو.

Every thing is for every body.

ڊاڪٽر کي هاڻ ڊائريءَ ۾ دلچسپي پيدا ٿي. هن ڊائري کولي ڏٺي ان ۾ صاف- سُٿرن اکرن ۾ ننڍا- وڏا نوٽس لکيل هئا.

Death speaks to us with a deep voice but has nothing to say (Paul Valery).

How dieth the wise man? As the fool. (The Bible)

ڊاڪٽر هلڪو مسڪرائي چپن ۾ چيو- Good

هو اچان بہ پنا اُٿلائڻ لڳو. هن پڙهيو:

By medicine life may be prolonged, yet death will seize the doctor too. (Shakespeare)

ڊاڪٽر ڪان هلڪو چرڪ نڪري ويو. هو شيڪسپيئر تي ٿورو ناراض ٿيو. ڊائري رکي ڊاڪٽر آهستي ٻاهر نڪري ويو. روم جي ٻاهران ويٺل وارڊ بواءِ کي هن هدايت ڪئي- پيشنٽ کي ننڊ ڪرڻ ڏيڻي آهي. ٻاهر نڪري هن کي ٿورو افسوس بہ ٿيو. هن آجايو ڪنهن جي ڊائري پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي.

چاهي اها ڪا پرسنل ڊائري تہ نہ هئي.

چڱي دير ڪمري ٻاهران اِسٽول تي وارڊ- بواءِ ويٺو رهيو. هن ڪابہ هلچل ڪرڻ نيڪ نہ سمجهي. دير رات جو هن جو پاءُ ۽ ڀاڀي ٻاهران آيا. وارڊ بواءِ ڊاڪٽر جي هدايت کين ٻڌائي. هو نظرداري ڪري چپ چاپ ير واري ڪمري ۾ هليا ويا.

رات جو دير سان هن کي جاڳ ٿي.

هن پاسو ورائي ڏٺو. ڪمري ۾ ڪو بہ ڪونہ هو. هو آهستي اُٿي باٿ روم مان ٿي آيو. هن ٿورو پاڻي پيتو. ٿرماس مان ٿوري چانھ ڪوپ ۾ پري پنهنجي بيڊ تي ويٺو. هن کي ڪوچ تي ويهڻ نيڪ نہ لڳو. چانھ جو ڍُڪ پري هن ڪوپ ريوالونگ ٽيبل تي رکيو. هن پرسان رکيل پنهنجو من پسند ويفر بسڪوٽ ڪٽي هڪ چڪ ڀريو. باقي بسڪوٽ واپس ٽري تي رکي هن وري چانھ ڪنئي.

هن کي ياد آيو:
هن ڊاڪٽر کان بسڪوٽ کائڻ لاءِ پڇيو هو.
ڊاڪٽر کلي ڪري چيو هوس- 'ها، ڇو نه!'
هن وري ڊاڪٽر کي کلندي چيو هو- ڊاڪٽر، توهان ڊاڪٽرس جي هڪ جوڪ ته ٻڌي هوندي.
ڊاڪٽر- 'ڪهڙي- تون ٻڌاءِ.'
هن ڊاڪٽر کي چرچو ٻڌايو: 'ڊاڪٽر چاهيندو آهي. مريض ڪڏهن مري به نه ۽....'
ڊاڪٽر- 'ٻيو ڇا؟'
هن چرچو پورو ڪيو: '...... ۽ ڪڏهن پورو چاڪ به نه ٿئي.'
ڊاڪٽر کان سچ ۾ وڏو ٽهڪ نڪري ويو. 'واقعي مون ته اهو چرچو ڪونه ٻڌو آهي. اِٽ اِز اي سيريس جوڪ! پر مون وٽ ان جو جواب آهي.'
هن التجا ڏيکاري. 'يس؟'
'اسان ڊاڪٽر ايتري وڏي في اُن ڪري وٺندا آهيون، جئن مريض جو بلڪل نيڪ ٿيڻ اَفورڊ ڪري سگهُون.'
هن کان 'واهه!' چئجي ويو. 'نات بيڊ. ته پوءِ وڏي في قبول ڪرڻ گهرجي،' هن چيو.
ڊاڪٽر هن جي مٿي تي هلڪڙو هٿ ڦيرائي مشڪندي ٻاهر ويو هو.
هن کي وري ٿورو بسڪوٽ کائڻ جي اِڇا ٿي. هن بسڪوٽ جو باقي اڌ به کنيو- ۽ کائي ڪري چانهه جو ڍُڪ پيريو. ڪوپ رکي هو ليٽي پيو.
ليٽڻ سان هن کي وري ننڊ اَچڻ لڳي. هن کي هلڪو سُور پوڻ لڳو. اهو سور هن کي ڇاتيءَ جي وچ تي ٿي رهيو هو. اڳ ڪڏهن هن کي اهڙو سُور ٿيڻ جو ياد ڪونهي. هن پاڻ کي پاڻ دلاسو ڏنو. شرير جون اُهي تڪليفون شرير جو ڌرم-ڪرم آهن. شرير جي قائمي مالڪي ته ڪنهن جي ڪانهي. ڪال بيل وڄائڻ بجاءِ هو ننڊ ڪرڻ لڳو.
شايد ڪو سپنو هو.
سپني جي پڪ ڪئن ڪري سگهجي؟
هن کي ڪجهه ٻڌڻ ۾ اَچي رهيو هو. ڪيترا آواز. ڪي سڃاتل لڳندڙ. ڪي نوان. هڪ آواز بلڪل نئون لڳو ڪيس.
'ڪڏهن ڪڏهن اُن حالت ۾ مريض 'ڪوما' ۾ هليو ويندو آهي.....'
هُن کي پڪ ڪانه ٿي. ڪير ڪنهن جي لاءِ ڇئي رهيو آهي. ڇا ڇئي رهيو آهي. هو ڪجهه به نيڪ سمجهي نه رهيو هو. هن ٻڌو هو.

’ڪوما ۾ هليو ويندو آهي.‘ هن پنهنجو ساڃو. ڪابو هٿ هلائي ڏٺو. هو تہ ڪوما ۾ نہ آهي. هو تہ سجاڳ آهي. هو سوچي سگهي ٿو. مريض ڪوما ۾ هليو ويندو آهي. ’هليو ويو آهي.‘ نہ چيل آهي. ’فل- اسٽاپ‘ اچان پوءِ جي ڳالهہ آهي. هن پنهنجو پاڻ کي جاچڻ لاءِ وڌيڪ چر-پر ڪرڻ چاهي. پر خاص ڪري نہ سگهيو.

ڇڻ هن جا پير بَدّلَ هئا. هٿ ڪجهہ ڀاري هئا. هن وري ڪجهہ ياد ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. جئن پڪ ٿئي تہ هو سُجاڳ آهي. يا ڪو سپنو آهي. يا ساپيا آهي. يا ٻيو ڪجهہ. هن ياد ڪيو. ڪلهہ هن ڊائريءَ ۾ هڪ نوٽ لکيو هو.

To die well is to die willingly.

هن کي برابر ياد آيو: پر اهو نقطو ڪنهن جو چيل آهي، اهو هُو ياد ڪري نہ سگهيو. هن ان بابت وڌيڪ سوچڻ شروع ڪيو. اهو هڪ لفظ .willingly ڪيترو نہ اَهم آهي. ڇا اها هڪ Death_wish آهي- يا ٻيو ڪجهہ. اهو آتم- هتيا جو ڪو بهتر روپ ٿو لڳي. هن کي اڳ بہ گهڻا دفعا ويچار آيو هو: موت ڪيترو نہ وڏو ’فل- اسٽاپ‘ آهي. ان کان پوءِ ڪجهہ بہ نہ آهي. ڪجهہ بہ نہ. هڪ اِنسان جي موت سان، هن لاءِ، پوري دنيا جو موت آهي. ۽ موت ڪڏهن عارضي نہ هوندو آهي. گيتا؟ ها- گيتا ۾ تہ اُن جي شوڪ- نوارڻ جو هڪ دلاسو آهي. جئن دک کي سَهڻ سوَلو ٿئي.

موت. سيني منجهائيندڙ مسئلن کان نجات. هميشہ لاءِ. هن کي ڪيترا دفعا ائين بہ لڳو هو. زندگي ۽ موت ۾، موت جو وڪلپ، هرويرو- هميشہ غلط نہ آهي. بس اهو اول ۽ پوءِ، انسان کي ۽ هن جي ويجهن کي، پريشان نہ ڪري. پر ان لاءِ ڇا ٿو ڪري سگهجي؟ ٻيا پريشان نہ ٿين. اهو تہ وري بہ ڪنهن طرح ممڪن ٿي سگهي، خود موت، پريشانيءَ کان سواءِ، هميشہ ڪئن ممڪن ٿي سگهي.

To die well is to die willingly.

اهو شايد ان جو بهتر علاج آهي. موت جو علاج. موت آڻڻ جو- علاج. - die_well موت جي من سان قبوليت. ڇا موت جو ڪو شاستريہ اُپاءُ نہ آهي.....

هن کي لڳو هو برابر سجاڳ آهي. هو سڀ ياد ڪري سگهي ٿو. سڀ سوچي سگهي ٿو. هن کي ياد آيو: ونوبا ڀاوي نالي هڪ سنت مهاتما کائڻ- پيئڻ ۽ علاج جو تياڳ ڪري موت قبوليو هو. شايد اهو ئي آهي Die_willingly. ڪيترائي سقراط، پنهنجي پسند ڪيل فليور جو زهر پي چڪا آهن: موت کي گلي لڳايو آهي. اوشو رجنيش موت کي شوڪ جو نہ، اُتسوَ جو ڏينهن ڪري مڃيو. هن جي موت تي هن جا پنهنجا ويجها نچي ۽ ڳائي رهيا هئا. ’شوڪ- مُڪت‘ پل نہ هئا. پر هنن جي اهڙي ڪوشش رهي. شوڪ پرمپرا موت کي وڌيڪ ڀيانڪ ڪري ٿي. موت کي سهڻ لائق بڻائڻ لاءِ هن اهو مرتيو. اُتسوُ جو ويچار ڏنو هوندو. .مرتيو. اُتِسَوُ!

هن کي وري بہ ٿورو- ٿورو شڪ پوڻ لڳو.

هن کي هاڻ وري ڪجهہ بدڻ ۾ چو نہ اَچي رهيو آهي؟

چا رات گهٽي ٿي چڪي آهي؟
چا سڀ ڪيڏانهن خاص ڪم سان هليا ويا آهن؟
هن لاءِ وري سوال پيدا ٿيو. هن کي ڪنهن به طرح جو سُور چو نه ٿي رهيو آهي؟ ڪو به آواز ڪيس چو نه ٻڌجي رهيو آهي؟ هو چو ڪجهه ڏسڻ جي ڪوشش ڪونه ٿو ڪري سگهي؟ هن کي ڪا ڏپ به محسوس ڪانه ٿي ٿئي!
چا هُو مري چڪو آهي؟
چا مري ڪري به سوچ جاري رهندي آهي؟
ته پوءِ هن کي تازيون ياد گيريون ڪٿان اچي رهيون آهن. پر هو پاڻ کي ايترو هلڪڙو چو ٿو محسوس ڪري! چا سچ پچ اهو وقت اچي ويو آهي. هن جو سوچڻ جاري آهي. چا منهنجي آتما جا وستر بدلجي رهيا آهن. مان هاڻ ڪنهن ٻئي شرير ۾ ويندس. يعني ڪو ٻيو ماڻهو ڪو ننڍڙو ٻار. دنيا ۾ ڪٿي به. پر مان اهو 'مان' ڪٿان هوندس. اهو ته ڪو ٻيو هوندو.
ته پوءِ منهنجي مان جو چا ٿيندو؟
اُها 'مان' ٿي ته مان آهيان. ٻيو ڪو ته ٻيو آهي. ٻيو مان ڪٿان ٿي سگهندس. پر هيءَ سڀ ٿيو ڪٿان؟ ۽ چا ٿيو؟ ۽ ٿيو يا نه؟
ڪجهه خبر چو نه ٿي پوي؟
هيءَ سپنو آهي. يا ساپيا يا ٻيو ڪجهه.
چا هيءَ 'ڪوما' ته نه آهي؟
يا فل-اِستاپ؟
مان سوچي سگهان ٿو. معنيٰ مان آهيان. مان آهيان يعني مان اَجان آهيان. يا هيءَ ڪا 'نه- هئڻ' جي ڏيمي ڪريا آهي؟ مان آهيان ته پوءِ 'چا' آهيان؟
مان 'مورچت' ته نه آهيان؟
مان چلايان چو نه ٿو. مان شانت چو آهيان. گهري شانتي چو آهي. سڀ ڪجهه بلڪل شانت ٿي رهيو آهي. سڀ ڪجهه. واتاورڻ، ڪائنات، قدرت بيهجي ويئي آهي.
ڪٿي ڪجهه به نه ٿي رهيو آهي. سوچ به شانت آهي.
ڪٿي ڪجهه به نه.
ڪجهه به نه.
نه.
چپ.
هڪ لنبي چپ.
لنبي.
چپ.

هو ڳالهائي ڪونہ ٿي سگهيو. هو وري بہ نراس ٿيڻ لڳو. مرڻ جي سڄي مانسڪ تياري اَجائي ويئي.

هن کي وري وچتر ويچار اَچڻ لڳا. هاڻ وري هو ڪجهہ وقت جيئندو- پر هاڻ وري جڏهن هو مرندو- willingly مرندو. هاڻ هن کي اهڙو موقعو ملي سگهندو. هو ٿورو خوش ٿيو. هن جي ڊائريءَ ۾ هن هڪ نقطو اَهڙو بہ لکيو هو.

قدرتي موت اِنسان جي قدرت اڳيان هار آهي. (هريش واسواڻي)

هاڻ هو شايد پنهنجي چاهہ سان مري سگهندو.

To die well is to die willingly.

هن کي سڀ ڪجهہ ياد اَچي رهيو هو. هن ياد ڪيو. هن جي ڊائريءَ ۾ هن ائين بہ لکيو هو.

Death observes ceremony (John Wise)

پوءِ بہ هو ڪجهہ ڪري سگهندو. پنهنجي موت کي 'شوڪ جو ڏينهن' نہ پر 'موت جو جشن' بڻائيندو. هو چاهي رات جو مرندو. چاهي ڏينهن جو. چاهي اندر چاهي ٻاهر. پر هو ڪنهن کي بہ دُکي ڪرڻ نہ چاهيندو. هو من ۾ جڻ گُنگُنائڻ لڳو.

آئسي ڪرن ڪر چلو

آپ ہي هسي- جگ ہي هسي.

هن جڻ ٿي اکيون کوليون. هن کي مسڪرائيندو ڏسي، سڀ مسڪرائي رهيا هئا.

◈

ملندي آهي. سڄي شهر کي ان ڳالهه جي خبر آهي. ان ڪري ڪوبہ ڪيس ڏڪاري پڇائيندو نہ آهي، سڀ ڪيس پيار سان روتي ڪارائيندا آهن.

هن جو گهر ڪٿي آهي؟ ڪنهن کي بہ ان ڳالهه جي خبر ڪونهي. هونءَ تہ سڄو شهر هن جو گهر آهي، پر شهر جي بس اسٽينڊ تي هُو اڪثر بيٺل نظر ايندو آهي. ڪا بہ ضرورت پوندي اٿس، تہ ڪنهن کي بہ سڏ ڪري ونندو آهي. 'او ديوان، هيڏانهن تہ اچجانءِ' سندس آواز ٻڌندي ئي !ڳلو سمجهي ويندو آهي، تہ هن کي پئسن جي گهرج آهي 'بہ روپيہ تہ ڏيئي وڃ چانهہ پيئڻي اٿم.' هو ضرورت کان وڌيڪ پئسا ڪونہ گُهرندو آهي. جيڪڏهن ڪو پئسا نہ ڏيندو اٿس تہ رنج ڪونہ ٿيندو آهي: 'چڱو ديوان وري ٻئي پيري' هُو وار وجهي پوءِ ڪيس ڇڏيندو آهي. هو ڪو بہ ڪم ڪونہ ڪندو آهي، شايد ان ڪري جو سيني شهر واسين کي پنهنجو سمجهندو آهي، ان ڪري ساڻن حُجت ڪري پئسا گهرندو آهي. هُو پنهنجي مستيءَ ۾ مست هوندو آهي. ڪڏهن ڪڏهن تہ اهڙي موج ۾ اچي ويندو آهي، جو ڳائڻ لڳندو آهي: 'آءُ ڪانگا ڪر ڳالهہ. مون کي تن ماروئڙن جي.' سندس آواز ڪنور جهڙو ڪونهي، پر هو ائين موج ۾ هوندو آهي، ڄڻ ڪو شهنشاهہ آهي، ڪڏهن تہ لاڏ ۾ اچي واٽهڙن کان پڇندو آهي: 'اڙي واٽئا! ٻڌئي، آيو نہ مزو.' پوءِ جواب جو انتظار ڪرڻ بنا مشڪندو پنهنجي موج ۾ هلندو ويندو آهي. ڪيڏانهن؟ شايد ان ڳالهہ جي ڪيس بہ خبر ڪونہ هوندي آهي.

هڪ ڏينهن منهنجو دوست ٿارو پولاڻي، جئپور مان آيو هو ڪيس پنهنجي ڏيءَ جي مائٽيءَ جو ڪم ڪرڻو هو اسان ٻئي سَهي سنيري نڪتاسين. اسان بس اسٽينڊ تي پهتاسين، تہ اڏ مغزي گڏجي ويو. مون کي ڏسي سڏ ڪيائين: 'ديوان صاحب، هڪ روپيو تہ ڏيئي وڃ، سگريٽ ڇڪڻو اٿم. مون جهٽ کيسي ۾ هٿ وڌو. ٿاروءَ مون کي روڪيو ۽ پنج روپيہ ڪڍي سندس هٿ ۾ ڏنائين. اڏ مغزيءَ پنجين جو نوٽ پٽ تي اُڇليندي چيو: 'ديوان مون کي هڪ روپيو کپي.'

ٿاروءَ چيو: 'سيٺ صاحب باقي پئسن جو چانهہ ناشتو وجي ڪر.'

'نہ مون کي چانهہ ناشتو ڪونهي ڪرڻو.' اڏ مغزيءَ چيو

مون پنجين جو نوٽ کڻي، ٿاروءَ کي ڏنو ۽ هڪ رُپئي جو نوٽ ڪڍي، اڏ مغزيءَ کي ڏئي، هلڻ لڳس ٿارو بہ منهنجي پنيان هلڻ لڳو. مون ڏٺو تہ ٿاروءَ جي دماغ ۾ ڪا اُلجهن شروع ٿي وئي هئي.

اسان بس ۾ چڙهي ويناسين. مون ٿاروءَ کان پڇيو: 'ڇا تون هن اڏ مغزيءَ کي سڃاڻين؟'

'ها!' ٿاروءَ ٺهہ پهہ جواب ڏنو:

'ڇا سڃاڻين؟' مون عجب مان چيو: 'هن جو نالو ڇا آهي؟ اسان تہ ڪيس 'اڏ مغزي' چوندا آهيون.'

'هن جو نالو اٿئي، سيٺ ٻبلو مل.'

’ببلو مل! ڪٿي جو آهي؟‘
’مورويءَ جو.‘
’مورويءَ جو! پوءِ هتي ڪيئن پهتو؟‘
’اها ته خبر ڪانهي، پر هن سان وڏو ڦهر ٿيو آهي.‘
’ڦهر! ڪهڙو ڦهر؟‘ مون کي ٺاروءَ جي ڳالهين مان عجب لڳي رهيو هو.
’دوست، اها هڪ وڏي ڪهاڻي آهي، توکي ته خبر آهي منهنجو سالو رامچند مورويءَ ۾ رهندو هو. رامچند جي پاڙي ۾ سيٺ ببلي مل جو به بنگلو هو .اسان جڏهن موروي ويندا هئاسين ته سيٺ ببلو مل اسان جي ماني ضرور موڪلائيندو هو. منهنجي ڏرم پٽني پاريءَ کي ڏرم جي ڏيءَ ڪيو هئائين. ان ڪري چوندو هو: ’پاري توکي هڪ ويلو ماني ضرور کائڻي پوندي‘ اهو شايد ان ڪري به هو جو کيس ڏيءَ جو اولاد ڪونه هو. هڪ پٽ هوس، نالو هوس ڀالو. اهو به دماغ جو ڪمزور هو سيٺ وٽ ڏنُ خوب هو. واڇن ٺاهڻ جا ٽي ڪارخانا هئس، بيو ڪو پاءُ پرائي به ڪو نه هئس. سڀ سنڌ ۾، ڪراچيءَ ۾ وڳوڙن جو بک بڻيا هئا ۽ هيءُ پنهنجي جان بچائي ڀڄي نڪتو هو.
هڪ ڏينهن مورويءَ ۾ اوچتو بند ٽٽڻ سبب ٻوڏ اچي وئي، سيٺ ببلي مل جو پٽ ۽ زال اجل جو شڪار بڻيا. ان ڏينهن منهنجو سالو رامچند پنهنجي پوري ڪٽنب سميت جئپور ۾ هو منهنجي ننڍي ياءُ گوبند جي شاديءَ تي آيل هو. ٻوڏ جي خبر ٻڌي اسان سڀ مورويءَ وياسين. اسان ڏٺو ته اتي ببلو مل ڪونه هو. سڀني سمجهيو ته شايد اهو به اجل جو شڪار ٿيو هوندو. اڄ کيس هتي ڏسي عجب ۾ آهيان. مان کيس جئپور وٺي ويندس ۽ اُتي سندس علاج ڪرائيندس. هينئر ٽائيم ڏنل نه هجي ها، ته جيڪر هينئر ئي کيس گهر وٺي هلان ها.‘
مون چيو: ’پرواهه نه ڪر، سيٺ ڪيڏانهن ڪو نه ويندو اتي ئي بس اسٽينڊ تي وينو هوندو.‘
اسان ڪم لاهي شام ڌاري موٽي آياسين، اسان سيٺ ببلي مل کي ڳولهيو. هن جو ڪٿي به پتو ڪو نه پيو. سڄو شهر رُلياسين، اسٽيشن، بس اسٽينڊ، پر ڪٿي به هن جو نشان ڪو نه مليو. هُو ڪيڏانهن ويو ان جي ڪنهن کي به خبر ڪونهي...

◈

# ساحر ۽ جادُو

•

**گلزار/**
**آسي زميني**

اها ڳالهه ساحر جي جنازي کڃڻ کان اڳ جي آهي.

آءُ قصو جادوءَ جو پيو ٻڌايان ۽ بيان ساحر لڌيانويءَ جو آهي.

جادو ۽ ساحر جو رشتو به عجيب هوا جادو، جاويد اختر جو نِڪ نَيم آهي. پيار ۽ لاڏ ڪوڏ وارو نالو. مزاج شاعرانه به آ، ته باغيانه به! پوري Pedigaree (ٻُڻ ـ بڻياد) ئي اهڙي آهي. پيءُ جان نثار اختر، مامون مجاز ۽ هاڻ سهرو ڪيفي اعظمي!

پيءُ جي عزت ته ڪڏهن به ڪانه ڪيائين.... ڪائي ڪاوڙ هئس، ناراضگي هئي، جيڪا جادوءَ جي رڳ رڳ ۾ رچيل هئي پنهنجي پيءُ جي خلاف! ماءُ جي جيئري ته برداشت ڪري به وٺندو هو پر ان جي گذارڻ بعد ڳالهه ڳالهه تي گهران نڪري ويندو هو ۽ سڌو وڃي ساحر وٽ پهچندو. سندس صورت ڏسندي ئي ساحر به سمجهي ويندو هو ته وري پيءُ سان وڙهي آيو آهي. پر هُو بلڪل به ان ڳالهه کي نه ڇيڙيندو هو. ڪيس خبر هئي ته ان ڪري پهرئين ته جادو پڙڪي پوندو ۽ پوءِ روئي پوندو. پنهي حالتن ۾ کيس سنڀالڻ مشڪل ڪم هو.

ٿوري وقفي کان پوءِ چوندو: "جادو! هل نيرن ڪريون"

۽ نيرن ڪرڻ وقت جادو پاڻ ئي وات ڦاڙي اندر جي باهه اوڳاڇيندو هو. ۽ روئڻهارڪي مُنهن سان، اهو ڏينهن وٽن ئي گذاري ڇڏيندو هو پر ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو هو جو ساحر کيس اڳواٽ آگاهه ڪري ڇڏيندو هو.

"اختر اڃي پيو مانجهاندي تي!"

جادو مٿي مُنهن ڪري ڏسندو هو ته بيلي هتي به سک ۽ چين ۾ ناهي! سندس وس هلي ها ته ساحر جي سامهون ئي چئي وجهي ها:

"اها نياڳو بابو هر جاءِ تي، هر وقت چو...!؟"

جادو پٽ جان نثار اختر جو هو پر مزاج مامي مجاز وارو هئس. تمام جذباتي ۽ ڪاوڙ پريو. ساحر پٽ وانگر پاليس ۽ دوست جان سنڀاليائينس.

ساحر چوندو هو: "جادو! 'ايروز' ۾ ڏاڍي پلي فلم لڳي آهي يار.... اهو... ڇا نالو تس..... وڃي ڏسي آءُ!"

اهڙيءَ طرح پيءُ پٽن کي آمهون سامهون ٿيڻ کان بچائي به وٺندو هو. ڏاڍو انوکو رشتو هو ساحر ۽ جادوءَ جي درميان.

هڪ ڀيري هُو ساحر جي گهران بہ نڪري ويو.

"توهان ئي متي تي چاڙهي ڇڏيو آهي بابي کي."

ساحر اهو ٻڌي کِلِي پيو ۽ جادوءَ چيو: "بابو بہ ايئن ئي کلندو آهي مون تي! نہ ڪيي ڪوبہ! نہ هُو، نہ تون.....!" وڙهي، نڪري ويو.

ڪجهہ ڏينهن گم رهيو. خودداري جو گهٽي هئس. نَڪَ چڙهيو هو ۽ مزاج ان کان بہ اونچو. پتو ناهي ڪٿي سُتو ۽ ڪٿي کاڌائين؟

ڪمال صاحب (ڪمال امروهي) جي پراڊڪشن مينيجر سان سنگت هئس. ان سان ئي شام گذاري ڇڏيندو هو ۽ رات جو بہ اتي اسٽوڊيو ۾ پراڊڪشن اسٽور ۾ ئي وڃي سُمهي پوندو هو. ان اسٽور ۾، جنهن ۾ هر قسم جي پروڊڪشن جو سامان پريل هوندو هو. مينا ڪماري جي ٻن "فلم فيئر ايوارڊ" جون ٽرافيون پڻ اتي پيل هيون. هُو هڪ قد آدم آئيني آڏو بيهي، پاڻ کي ٽرافي پيش ڪندو پوءِ آڊئينس Audience حاضرين پاران تاڙيون وڄائيندو ۽ وري جُهڪي، ماڻهن جون مهربانيون پڻ مڃيندو. اهو واقعو جاويد هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو هو تہ تقريباً روزانو سمهڻ کان اڳ اهڙي ريهرسل ڪندو هو. هن ڪيترائي ڏينهن اسٽوڊيو ۾ گذاريا.

پوءِ وري جڏهن ساحر جي گهر نظر آيو تہ مُنهن لٿل هئس. شڪل شڪي پئي هئس. ساحر ڪيس لاڏ ڪوڏ مان سڏيو پر جادوءَ جي ڪاوڙ اڃا ڍري نہ ٿي هئي.

"رڳو وهنجڻ لاءِ اوهان جي وهنجڻ جاءِ ۽ صابڻ استعمال ڪرڻ چاهيان ٿو.... جيڪڏهن اوهان کي بار محسوس نہ ٿئي تہ....!"

"ضرور..." ساحر اجازت ڏني پر اشاري سان ۽ جڏهن وڃڻ لڳو تہ ساحر چيو:

"ڪجهہ کائڻ تي وڃي!"

"کائي وٺندس، ڪٿي بہ....! اوهان وٽ ناهي کائڻو مون کي...."

جڏهن وهنجي نڪتو، تڏهن ساحر ڊريسنگ ٽيبل تي هڪ سؤ جو نوٽ سامهون رکيو لاڳيتو وار ٺاهيندو رهيو ۽ اهڙا لفظ ڳوليندو رهيو جيئن جاويد کي چوي تہ سؤ روپيہ رکي ڇڏي. چو تہ جاويد جي خودداريءَ کان ڊڄندو بہ هو تہ سندس عزت بہ ڪندو هو، سو ڊڄندي ڊڄندي چيائين:

"جاويد! اهي سؤ روپيہ رکي ڇڏ. جيڪي پوءِ ڪڏهن توکان وٺندس."

سؤ روپيہ ان دؤر ۾ وڏي رقم هوندا هئا. سؤ جو نوٽ کُليو ڪرائڻ لاءِ بہ ماڻهن کي بئنڪ يا پيٽرول پمپ وڃڻو پوندو هو.

جاويد اهڙيءَ طرح کنيا، ڄڻ تہ مٿس ٿورو ڪندو هجي.

رکي ٿو ڇڏيان. واپس ڪري ڇڏيندس، جڏهن پگهار ملي."

جاويد شنڪر مڪرجي سان گڏ اسسٽنٽ طور ڪم تي لڳي ويو هو. جتي سندس ملاقات سليم خان سان ٿي هئي. ڏاڍو ڪمايائين ان کان پوءِ.... شراب ماس وانگر پيئندو هو ۽ پيئڻ کان پوءِ پيءَ تي باهيون ڇنڊيندو هو ساحل واري

استائل ۾- پر اهي سؤ روپيہ هُن ڪڏهن بہ واپس نہ ڪيا. هزارين ڪمايس، پوءِ لکين روپيہ بہ آيس، پر ساحر کي سدائين اهو چوندو رهيو:

"اوهان جو سؤ جو نوٽ تہ آءُ ڪائي ويس!"

۽ ساحر پڻ سدائين ائين ئي چوندو رهيو تہ "اهي تہ پٽ آءُ توکان اوڳاڙي وٺندس!"

اهڙي نوڪ ٽوڪ ساحر ۽ جاويد درميان آخري ڏينهن تائين هلندي رهي ۽ دوستي بہ بدستور سلامت رهي. ساحر جا ڪي گهڻا دوست تہ هئا ڪونہ، پر دوست پرور انسان هو ۽ شام واري شراب نوشيءَ کان پوءِ گهڻن ماڻهن سان جيڪا حالت ٿيندي هئي! جن ڏينهين ڪرشن چندر واري گهر ۾ رهندو هيو، سندس هڪ پراڻي دوست اوم پرڪاش اشڪ، سالن تائين ساڻس گڏ رهيو. هڪ ڀيري منهنجي سامهون اشڪ صاحب پنجابيءَ ۾ کيس چيو: "ساحر! شراب پيئڻ کان پوءِ تون گار گند تي چو ٿو لهي پوين؟"

ساحر پنجابيءَ ۾ ئي وراڻيو: "شراب سان گڏ ڪجهہ "چهر ذرو" بہ تہ لازم آ نہ يار!"

ساحر جي دوستن ۾ هڪ ڊاڪٽر ڪپور بہ هو. جيڪو پاڻ دل جو مريض هو ۽ ساحر جو طبيب!

ساحر چوندو هو: "ڪپور! آءُ توکي ڏسڻ اچان يا پاڻ کي ڏيکارڻ اچان!؟"

اُن شام.... اُن آخري شام ڀيري بہ ائين ئي ٿيو.

ايتري عرصي ۾ ساحر پنهنجو گهر جوڙائي چڪو هو- "پرڇائيان"، ڊاڪٽر ڪپور رسوا جي هڪ بنگلي ڏانهن منتقل ٿي چڪو هو. جادو هڪ تمام ڪامياب رائيٽر ٿي چڪو هو. ان شام ساحر، ڊاڪٽر ڪپور کي ڏسڻ ويو هو. خبر پئي هئي تہ سندس طبيعت ٺيڪ ناهي. هارٽ اسپيشلسٽ (Specialist) ڊاڪٽر سيٺ کيس چڪاسڻ آيو پئي. شايد راماننددساگر بہ اُتي هو يا پوءِ آيو هو. ساحر، ڪپور صاحب کي وندرائڻ خاطر تاش گهرائي ۽ سندس ئي بستر تي ويهي کيڏڻ لڳو. پتا ورهائيندي ورهائيندي اچانڪ ڊاڪٽر ڪپور ڏٺو تہ ساحر جو چهرو سخت ٿيندو پيو وڃي. شايد سور کي دٻائڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو.

ڪپور رڙ ڪئي: "ساحر......!"

۽ ان سان گڏ ئي ساحر ان کٽ تي ڍرڪي پيو. ڊاڪٽر سيٺ داخل ٿيو. ڪافي ڪوشش ڪيائين دل کي بحال (Review) ڪرڻ جي، پر ساحر وڃي چڪو هو. ڊاڪٽر ڪپور جي گهبراهٽ کي ڏسندي راماننددساگر کيس هڪدم اُتان پري پنهنجي گهر وٺي ويو.

ساحر جو ڊرائيور اندر ڊوڙندو آيو ان اچي لاش سنڀاليو. يش چوپڙا کيس ڪافي قريب هو. اوڏانهن خبر موڪلي ويئي تہ پتو پيو اهو سرينگر ويل هو. ان کان پوءِ جاويد ڏانهن خبر موڪلي ويئي. ڊرائيور نہ هو هُو ٽيڪسي ڪري پهچي ويو ۽

ساڳي ٽيڪسيءَ ۾ جادو ساحر کي سندس گهر ڪٺائي آيو. ”پرڇائيان“ ۾..... انور ۽ ٽيڪسيءَ واري جي مدد سان ڪيس مٿي ڪٺي ويا، فرسٽ فلور تي، جتي هُو رهندو هو.

جادو جڻ تہ ڪنهن ويراني ۾ هو! ليڪن گهر پهچندي ئي هُو جهڙيءَ طرح رُنو ڪيس سيني لائي، زندگيءَ ۾ ڪڏهن اهڙيءَ طرح نہ رُنو هو. ان وقت رات جو هڪ وڳو هوندو. ڪيڏانهن وڃي؟ ڪنهن کي سڏي؟ ڪجهہ نہ ڪيو جادوءَ. اڪيلو ئي پرسان ويٺو رهيو. اوڙي پاڙي جا ماڻهو پهچي ويا هئا. هڪ پاڙيسريءَ چيو ٿوري دير لاش ٺري اڪڙجي ويندو ٻئي هٿ سندس سيني تي رکي ٻڌي ڇڏيو نہ تہ پوءِ ڏکيائي ٿيندي.

جادو روئندو رهيو ۽ اهو سڀ ڪجهہ ڪندو رهيو جو ڪجهہ ماڻهو ٻڌائيندا ويا. پوءِ صبح ٿيندي ئي ماڻهن کي فون ڪرڻ جو ڪم شروع ٿيو. جيئن جيئن خبر پکڙندي وئي، ماڻهو اچڻ شروع ٿي ويا. ويهڻ لاءِ چادرون ڪڍو. هتان ڪرسيون هٽايو! پريون دروازو کولي ڇڏيو.... ٻارن وانگر جادوءَ جا ڳوڙها ڳڙندا پئي رهيا پر پاڻ سڀ ڪجهہ ڪندو پئي رهيو. ان دوران ميت جي انتظام لاءِ هيٺ لٿو تہ ڏٺائين ٽيڪسيءَ وارو اجان اتي ئي ويٺو آهي.

”اُف! ٻڌايئي ڇو نہ؟ گهڻا پيسا ٿيا تنهنجا؟“

ڏاڍو مهذب ماڻهو هو. هڪدم هٿ ڪٺي ٻڌائين.

”نہ صاحب! آءٌ پيسن لاءِ ناهيان ويٺو. هن ڪان پوءِ ايتري رات گذرڻ بعد ڪيڏانهن وڃان ها؟“

جادوءَ کيسي مان ٻٽونءَ ڪڍيو.

ٽيڪسي واري وري ڳالهايو: ”نہ صاحب! ڇڏيو ڪٺي!“

جادو ذري گهٽ رڙ ڪندي چيو: ”هي وٺ! رکي ڇڏ سؤ روپيہ... مرندي مرندي بہ سؤ روپيہ اوڳاڙي ورتئي!“ ۽ رڙيون ڪري روئڻ لڳو.

”اها ساحر جي ميت کڻڻ کان اڳ جي ڳالهہ آهي.“

---





**تنوير عباسي ڪارنر**
شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور
پاران **تنوير عباسيءَ**
جي چونڊ شاعريءَ جو
**اياز گل** پاران ترتيب ڏنل مجموعو
**روشن آ سانجهي**
پڌرو ٿي ويو.
صفحا: 80 قيمت: 75روپيا

# دَهريو

•

## سهيل ابڙو

زخمي ٿيل وجود، هاٿي ڪاٺ جيان سخت ٿي رهيو هو ۽ هن جي درياءَ وجود مان ريلا ريلا ٿي وهندڙ گرم رتُ، ٽڏو ٿي زمين تي ڄمي ويو هو. هُن جي مٿان گڏ ٿيل ماڻهن جي هجوم ۾، ڪجهه تہ اهي هئا، جن هُن کي ڊوڙائي، ڊوڙائي- پٿرن، سروٽن، پادر ۽ لٺين سان زخمي ڪري زمين تي ڪيرائي ڇڏيو هو ۽ تيسيتائين لتن ۽ لٺين جو وسڪارو ڪندا رهيا، جيستائين سندس ڪنڌ الهندي طرف ڍرڪي نہ پيو.

اڪبر ڏهاڙيءَ تي ڪم ڪندڙ انهن مزدورن مان هو، جيڪي روز صبح جو حلال روزي حاصل ڪرڻ لاءِ، مزدورن واري پڙي ۾ اچي ويهندا آهن ۽ پوءِ ڪو نہ ڪو آستو/ ڪاريگر، سندن هٿ پڪڙي کين مزدوريءَ لاءِ وٺي ويندو آهي، مگر! جيئن جيئن مهانگائي جي ٻليءَ، غريبن جي خوشين جا چوزا جهٽڻ شروع ڪيا، تئين ئي مزدورن جي لاءِ سندن جيئڻ جي جنگ بہ زور وٺندي وئي. هڪ طرف تہ مهانگائيءَ جي ڪري عام ماڻهن پنهنجن گهرن جي تعمير توڙي زيبائش گهٽائي ڇڏي هئي. جنهن سان مزدورن جا وسيلا محدود ٿي ويا تہ ٻئي پاسي وري اُستن، مزدورن جون مجبوريون خريد ڪري سندن مزدوريءَ مان بہ ڪجهه حصو رشوت طور گهرڻ شروع ڪري ڏنو هو. ان صورتحال ۾ گهڻا مزدور، جيڪي مجبوريءَ جي ڪاري ڏيڻ ۾ قائل هئا ۽ جن کي پنهنجي پيٽ جي باهہ ٺارڻ کان وڌيڪ پنهنجن ٻارن لاءِ پاءُ ڪير خريدڻ جي اون هئي، تِن تہ اُستن جي ناجائز ڳالهہ قبوليندي، پنهنجي حلال روزيءَ جو ڪجهه حصو حرام بنائڻ جي حامي ڀري ڇڏي هئي، پر اڪبر! اهڙي انياءَ کي قبولڻ کان انڪاري ٿيندي روزانہ اشراق کان چاشت نماز وقت، مارڪيٽ جي پڙيءَ ۾ اچي، ان حلال روزي جي تلاش ۾ گذاريندو هو جيڪا الله کي تمام گهڻي محبوب آهي- پر ان جي برعڪس اُستن کي وري اهي ئي مزدور محبوب هئا، جن جي منهن ۾ سندن مطلب جو ڏيئو ٻرندو هو.

اڪبر! ڪجهه ڏينهن تہ نصيب جي جوئا کيڏيو پر مقدر جي نُوڙ ۾ هن وٽ فقط ٻُت جا ئي پتا ايندا رهيا ۽ تان جو هڪ ڏينهن، تہ- پيري يا بگ جي پتن اچڻ تان سندس ويساهہ کچي ويو ۽ هُن پڙيءَ ۾ اچڻ ئي ڇڏي ڏنو هُنَ، اشراق کان چاشت وارو وقت خدا جي گهر ۾ سجدي جي حالت ۾ گذارڻ شروع ڪيو. مسجد جي مؤذن ٻڌايو هو تہ اڪبر سانده تي ڪلاڪ سجدي ۾ ڪِري نہ چاڻ تہ مالڪ

ڪان ڇا گهرندو هو- پر! مسجد مان نڪري، جڏهن هُو پنهنجي گهر ڏانهن ويندو هو تہ رستي ۾ لڳل اَڪَ جي ٻوٽي ۾ اميد ڀريل نگاهہ وجهڻ ڪانپوءِ مٿي آسمان ڏانهن هڪ سواليہ نظر اڇلائي ڇڏيندو هو.

اڪبر! گهر ۾ اڪيلو رهندو هو ۽ خبر ناهي تہ ڪيترن ڏينهن ڪان سندس پيٽ جي دوزخ کي ڪو گهنگار نصيب نہ ٿيو هو پر ان ڏينهن جڏهن ٿي ان ........ اَڪَ ڦلڙيون جهليون تہ هُن آسمان ڏانهن نهاري چيو: تو! منهنجا سيئي سجدا ناقبوليت جي ڊسٽ بن ۾ اڇلائي ۽ هِن اڪَ ۾ ڪٽڪ جي داڻن بدران ڦلڙيون پيدا ڪري ڇڏيئي- اڪبر! اَڪَ ۾ ڦلڙيون ڏسي، نااميديءَ ۾ پنهنجا حواس وڃائي ويٺو ۽ خدا کي بد شد ڳالهائڻ شروع ٿي ويو. جنهن تي شهر جي معتبر ۽ ست حج ڪيل سيٺ تيش ۾ اچي پنهنجن ڪمر وارن کي سندس بڪواس بند ڪرائڻ جو چيو پر جيئن جيئن، اهي اڪبر جي ويجهو ٿي آيا، تيئن تيئن هُن ڏاڍيان ڳالهائڻ شروع ٿي ڪيو ۽ ائين عام شهري، جن جي دل ۾ خدا جو خوف ۽ خدا جي محبت گهٽي هئي، پٿرين خالي هٿن، پوءِ پٿرن، سروٽن ۽ لٺين سان اڪبر جي نااميد روح ۽ بڪايل جسم تي حملا آور ٿيندا رهيا ۽ تيسيتائين لٺن ۽ لٺين جو وسڪارو ڪندا رهيا. جيسيتائين ڪنڌ الهندي پاسي ڍرڪي نہ پيس.

◈

---





سنڌي ٻوليءَ جي ناميا ري شاعر
# امين اُڏيرائي
جي شاعريءَ جو نئون مجموعو
# خوابن جي جاگير
پڌرو ٿي ويو.

# سامِي سِڄ وڙاءُ

•

**ماهتاب محبوب**




قدرت ڪي جيڪو ڪم جنهن ڪان جڏهن بہ وٺڻو هوندو آهي، تہ اُهو ڪم هُو ان ئي مقرر وقت ۾ اُن ڪان وٺندي آهي ۽ اِها حقيقت قدرتي ڪمپيوٽر جي ’سافٽ ويئر‘ ۾ اڳواٽ ئي فيڊ ٿيل هوندي آهي. جنهن تي ڪيترو ئي جلدي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪجي تڏهن بہ مقرر وقت ڪان سواءِ هن جو پڌرو ٿيڻ ممڪن ئي ناهي....

شيخ اياز صاحب بہ شاهہ لطيف تي ناول لکڻ جو سوچيو هو پر اها سوچ، صرف سوچ تائين محدود رهي. ڇو تہ عملي صورت اختيار ڪرڻ جو حق، يقيناً مراد علي مرزا صاحب وٽ ئي قدرتي طور محفوظ ٿي چڪو هو. هُن اِن تي نہ رڳو سوچيو پر ڪيترائي ورهيہ گذري وڃڻ جي باوجود عمل بہ ڪري ڏيکاريو.

دنيا ۾ جيڪي بہ منفرد ۽ شاهڪار نوعيت جا ناول لکيا ويا آهن، اُهي گهڻو ڪري سوانحي يا حقيقي انداز ۾ ئي لکيا ويا جن ۾ ليکڪ ان دؤر جي سماجي ۽ سياسي صورتحال مطابق پنهنجا احساس ۽ جذبا شامل ڪري ان کي هڪ ادبي رنگ ۾ رنگي پڙهندڙن آڏو نمايان حيثيت ۾ آڻيو آهي. مراد علي مرزا صاحب جو ناول ’سامي سِڄ وڙاءُ‘ بہ سنڌ جي تاريخي ۽ سوانحي ناولن ۾ هڪ نهايت ئي اهم ناول آهي، جنهن ۾ ايڏي تہ ڪشش ۽ رواني آهي جو مون اِهو هڪ ئي سِٽنگ ۾ پڙهي پورو ڪيو. ٻولي بهترين، چِٽي ۽ روان، جيڪا سنڌ جي روايتي ۽ خانداني گهراڻن ۾ اڄ بہ ڳالهائي وڃي ٿي، منظرڪشي شاندار ۽ ناول ۾ ڏيکاريل دؤر سان ٺهڪندڙ ڊائلاگز جاندار، سمورو ماحول جيئن جو تيئن اکين اڳيان ڦرڻ ٿو لڳي.

صُفا، اگهڻ، ڪونيون، جهنگ.....

اُهوئي وقت... اُهوئي دؤر.... اُها ئي تاريخ ....

ناول ۾ خاناپوريءَ لاءِ سڄو سارو ’شاهہ جو رسالو‘ پلٽائڻ بدران... پورا سارا چونڊ بيت، موقعي مهل سارو ائين ڏنل آهن جو ناول جي سونهن سان گڏ پڙهڻ جي رواني بہ متاثر نہ ٿئي. اهڙين ننڍين ننڍين ڳالهين جو نهايت فنڪاراڻي انداز ۾ خيال رکڻ واري توقع مرزا صاحب جهڙي آرٽسٽڪ ۽ نفيس خيالن واري ليکڪ کان ئي ڪري سگهجي ٿي. اِها حقيقت ڪنهن کان بہ لِڪل ناهي تہ سنڌي ادب

ڪي بهترين تخليقون اريندڙ مرزا صاحب، اُنَ ڪتابن جا پڙهيا آهن... ڪيئي لئبرريون اندر ۾ اوتيون آهن، تڏهن ئي هن جو مشاهدو معمولي نہ بلڪ غيرمعمولي آهي. ’سامي سچ وڙاءَ‘ اِن ڏس ۾ پنهنجو مثال پاڻ آهي.

سنڌي ادب جي هن پانڊيئڙي ادب ڪي پاڻ آريي ڇڏڻ جي باوجود ’ادبي اسٽيج‘ والارڻ واري ’لائيف تائيم ميمبرشپ‘ ڪي ڪڏهن ڪَٽ ۾ نہ آندو آهي ۽ قسمت سان اهڙا ناياب ماڻهو اسان جي ادب ۾ مڙئي گهٽ آهن. جيڪي پنهنجي حصي جو ماڻُ قنايت پسنديءَ سان ماڻي، ڪنهن ’انڪريمينٽ‘ ملڻ جي اوني ۾ رهڻ بدران، ساڳي ئي چاهہ ۽ جستجو سان پنهنجي ادبي ڪرت ۾ مگن رهن ٿا. مرزا صاحب بہ هڪ اهڙو ئي انسان آهي.... سندس سوچ جي سفر جو هي ادبي پورهيو شال ٿاب پوي.

اهڙو خوبصورت ۽ تاريخي حيثيت جو هي تحفو سنڌ ڪي ارپڻ تي مراد علي مرزا کي مبارڪون! ۽ حد آفرين!

◈

---




ڀڳت کيمچند آسناڻيءَ

سماجڪ ۽ ڊرامڪ لکڻين جو مجموعو

# قُدرتي جيون

پڌرو ٿي ويو.

ڀڳت کيمچند آسناڻي، هن ڪتاب ۾ کُليل دل ۽ دماغ سان سائنسي سوچ سان سلهاڙيل دلِيلن ۽ گِيتا جِي تعليم جِي روشنِيءَ ۾ متي ڄاڻايل سمورن نقطن تي تفصيل سان لکيو آهي. جيڪڏهن اسين دل سان پڙهنداسين ۽ هنئين سان هنڊائينداسين تہ اسان جي جيون ۾ تبديلي اچي سگهي ٿي، ائين جيئن شري ڪرشن گِيتا ۾ ارجڻ کي گيان ڏيندي سمجهايو آهي. ”جنهن وقت ڏسڻ وارو تنهي گڻن کان تمام پري مون پر ماتما کي گيان ۽ پريم سان ڄاڻي وٺي ٿو ان وقت هو منهنجي سوَ روپ کي پراپت ٿئي ٿو.“

(پارو امراڻي)

# سمندر سمايا بُوند ۾

[ريتا شهاڻيءَ جي ڪتاب ’اڪٿ ڪهاڻي - ڪبير تي تبصرو]

•

## الطاف ملڪاڻي




وقت جي وشال ساگر ۾ رات ماٺي سمنڊ تي، ڊيري ڊيري ترندڙ نئيا جيئن، پنهنجا پيرڙا کڻي پنهنجي آخري سفر تي اُسهي رهي آهي. ۽ مان پنهنجي گهر جي آڳر تي، آڪاش جي نيري چادر هيٺان، چندرما جي هلڪي روشنيءَ ۾ پسار ڪري رهيو آهيان. منهنجو مَن خماريل آهي، دل هڪ عجيب سُرور هيٺ رقص ۾ آهي ۽ نيڻن کان ننڊ ائين رُٺل آهي جيئن ڪو رولاڪ عاشق اهڙين بانهُن جي تلاش ۾ هوندو آهي، جيڪي ڪيس پنهنجي ياڪر ۾ ڀري وٺن ۽ ڪا آٿت، ڪو دلاسو ڏئي ڪيس وقتي طور رولاڪين کان روڪين.

منهنجي انهيءَ سموري سُرور، بيچيني، خمار، درد ۽ خوشيءَ جي ڪيفيتن جو سبب هڪ ڪتاب آهي.

مان اهو نٿو ڄاڻان تہ هيءَ ڪتاب ٻين پڙهندڙن تي ڪهڙو اثر ڇڏيندو پر هيءَ ڪتاب پڙهندي مان جن ڪيفيتن مان گذريو آهيان، انهن کي بيان ڪرڻ لاءِ مون کي خبر ناهي تہ ڇو لفظ نٿا لڀن. بس وري بہ ڪبير جو سهارو وٺان ٿو تہ:

*هيرت هيرت هے سکهي، رهيا ڪبيرا هيراءِ،*
*سمندر سمانا بُوند ميں، سوکت هيرا جاءِ.*

ها، جي سچ چئجي تہ مانواري ڀيڻ ريتا شهاڻي ”اڪٿ ڪهاڻي - ڪبير“ لکي سمنڊ کي بوند ۾ سمائي ڇڏيو آهي. هيءَ ڪتاب پڙهندي مون کي ائين لڳو ڄڻ منهنجي سامهون پنن تي لفظ نہ هجن پر روميءَ جا اُهي مست الست صوفي شاگرد هجن جيڪي ”مي رقصم، مي رقصم“ جا نعرا بلند ڪندي نہ صرف پاڻ ڪائنات جي هيڪڙائيءَ ۾ گم تي رهيا هجن پر آس پاس جي شين کي بہ وحدت واري وهڪري ۾ ٻوڙي پاڻ سان گڏ رقص ڪرڻ تي مجبور ڪندا هجن.

”اڪٿ ڪهاڻي - ڪبير“ شايد ”سوم رس“ جو اهو جام آهي جنهن کي پڙهندي سُرور جي اهڙي لهر اندر ۾ اڀري ٿي جنهن سان ذهن، دل ۽ من مان نہ صرف

مَيرُ ڏوہجي وچي ٿو پر ويڳاڻپ، مايوسي، ويچارگي، لاحاصلات ۽ دنياوي اهنجن ۽ ڏکن سُورن جا سمورا پٽر لُڙهي وڃن ٿا، ۽ دل مان بس هڪ ئي آواز اچي ٿو:

"مي رقصم، مي رقصم"
(مان نچي رهيو آهيان، مان نچي رهيو آهيان)

فارسيءَ جي هڪڙي شاعر چيو آهي تہ:

شاخِ گل هرجا کہ روید هم گل است،
خم مل هرجا کہ شُد هر مُل است.

يعني گلن جي ٽاري جتي بہ پيدا ٿيندي، اُن ۾ گل ڦٽندا. شراب جي مٽ کي جتي بہ کڻي باهہ ڏيو اُهو شراب رهندو.

سو شاعري ڪبير جي هُجي ۽ اندازِ بيان ريٽا جو تہ ڄڻ سچل جون هي سٽون سچ ثابت ٿي اڳيان اچي ٿيون بيهن تہ:

جنهن دل پيتا عشق دا جام،
سا دل مستئون مست مدام.

يعني ريٽا جي دل، ڪبير جي ڪويتا ساگر مان جيڪو سوم رس جو پيالو پيتو آهي، انهيءَ نہ رڳو کيس "مست الست" بنائي ڇڏيو پر انهيءَ سوم رس کي ونديءَ ورڇي هن خبر ناهي تہ ٻيا بہ ڪيترا صوفي فقير بنائي ڇڏيا هوندا.

حقيقت جي نگاهہ سان ڏسجي تہ اڄ جي دؤر جو انسان خمارن ۾ آهي، نشي ۾ آهي، ننڊاکٽو آهي، پر هو دنياوي، حوس، حرص، طمع ۽ لالچ جي رنگين خوابن جي دنيا ۾ گم آهي. هن جهانِ فنا ۾ ڪنهن کي دولت جو نشو آهي تہ ڪنهن کي عزت جو ڪنهن کي شهرت جو تہ ڪنهن کي علم جو تہ ڪنهن کي ڏاهپ جو نشو آهي، جنهن لاءِ هڪ فارسي شاعر چيو آهي تہ:

"هيءَ شراب ڇا آهي، اهو تہ بس انگورن جو رس آهي، جيڪو توکي حقيقت کان غافل ڪري ٿو اصل شراب تہ خوديءَ جو شراب آهي، جنهن سان تون حق جو مشاهدو ماڻي ابدي زندگيءَ کي ماڻي سگهين ٿو."

ساڳيو ئي پيغام ريٽا، ڪبير جي هن دوهي ذريعي 'اکٿ ڪهاڻي - ڪبير' ۾ سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

میں کہتا سُر جھاوَ نہارے، تو رہیو اُرجھاۓ رے،
میں کہتا جاگت رہیو، تو رہتا سوۓ رے۔

يعني مان چوان ٿو تون سجاڳ رهہ، هوشيار ٿي، هن جهان جي مايا جار ۾ نہ ڦٽو پر تون سجاڳيءَ جي بجاءِ سچائيءَ ڏي اچڻ بدران وڃين ٿو خوابن جي جهان ڏانهن، آڻ - سجاڳيءَ جي جهان ڏانهن.

لطيف سائينءَ شراب ناهيندڙن کان سبق سکڻ بابت هدايت ڪندي چيو ٿو تہ:

ڪلالنئون، ڪا مت سڪئين مون هينيان،
رُئندي راتِ وهاءِ، چُڪائيندي بنيون.

يعني "اي منهنجي دل ڪاش ڪلالن (شراب) ٺاهيندڙن ڪان تون ڪا مت (عقل) سکي وٺين، جيڪي شراب ٺاهيندي (جاڳندي) روئندي رات گذارين ٿا.

اهڙيءَ طرح اردوءَ جي هڪ شاعر چيو آهي تہ:

پيگ پہ پيگ پينے سے کيا فائدہ،
رات بيتی تو سب ہی اُتر جائيگی۔
اری سنتوں کے پيالے سے پی لے،
تو تيری زندگی سُدھر جائيگی۔

سو 'اڪت ڪهاڻي - ڪبير' ڪنهن سنت جو اهڙو ئي پيالو آهي، جنهن مان هڪ پيگ پيئڻ کان پوءِ اهڙا تہ خمار چڙهن ٿا جو هڪ رات تہ ڇا پر هڪ جنم بہ ٿورو ياسجندو.

'اڪت ڪهاڻي ڪبير' اکين سان نہ پر دل سان پڙهڻ جهڙو ڪتاب آهي. هيءَ ڪتاب خودشناسي، خدا شناسي، انسان دوستيءَ ۽ ڪائنات جي حسين رنگن جو امتزاج آهي.

ڪبير جو ڪلام حُسن، حقيقت، ڳولا، درد، فراق ۽ سچ جي جستجوءَ جي تجربن تي ٻڌل آهي، ۽ انهيءَ ڪلام ۾ ڪويتا جي روپ ۾ 'ريتا' جي من جي جستجو ڳولا ۽ حقيقت کي پرکڻ ۽ پُرجهڻ جي تلاش جڻ تہ هڪ نواڻ ۽ تازگي پري ڇڏي آهي.

'اڪت ڪهاڻي - ڪبير' هڪ نئين تخليقي تجربي جو ڪرشمو آهي. هي ڪتاب انوکي تجربي، تخيل ۽ وجدان جو سنگم آهي. باوجود انهيءَ جي جو اهو تجربو انفرادي آهي پر انهيءَ ۾ اجتماعي ڪشش ۽ رنگ آهي.

ريتا شهاڻيءَ جي هن لکڻيءَ ۾ پُراسرار ڪيفيتون، لطيف جذبا ۽ ڪبير جي ڪلام تي لفظي توڙي وجداني گرفت کي ظاهر ڪن ٿا. هي ڪتاب جڏهن پڙهجي ٿو تہ هن ۾ شاعراڻي جماليات بہ آهي تہ وجداني لهر ۽ لطف بہ. پڙهندي پڙهندي اندر ۾ هڪ عجيب سُرور ۽ لُطف جي لهر پيدا ٿئي ٿي. اهو ڪبير جي شاعريءَ جو ڪرشمو آهي يا انهيءَ کي بيان ڪرڻ جي انداز جو ڪبير تہ مون اڳ بہ ڪافي ڀيرا پڙهيو آهي پر جنهن انداز ۾ مون هاڻ ناول جي صورت ۾ پڙهيو آهي، انهيءَ کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ مشڪل آهي.

ها بس، هتي ريتا شهاڻيءَ جي تخليقي تجربي جي انتها ۽ جمالياتي احساسن جي هڪ جهلڪ پيش ڪندس، جيڪو 'اڪت ڪهاڻي - ڪبير' جي پڄاڻي وقت هن ڪجهہ سٽن ۾ سمايو آهي:

گگن گرجے برسے اَمے، بادل گھر گنبھیر،
جھٹے وِس دمکتۂ دامنی، بھیجئے داس کبیر۔

اهو منهنجو دلپسند دوهو آهي، جنهن کي مون ور ور ورجايو آهي، مگر دهراءَ ضروري آهي، جيئن ماڻهن جي دلين ۾ پيهي وڃي.

جڏهن نمرتا پيدا ٿئي ٿي، جڏهن اسين پاڻ کي داس سمجهڻ لڳون ٿا، جڏهن شونتا (پاڻ کي صفر يعني ٻڙي سمجهڻ) جي شروعات ٿئي ٿي تہ سماڌيءَ جو آرنڀ ٿئي ٿو تڏهن ڏسائڻ ۾ پرڪاش جو ساگر ڦهلجڻ لڳي ٿو. گهنگهور بادل امرت ڪٽي گهاتا ٿيندا وڃن ٿا. وڄ چمڪڻ لڳندي آهي. آڪاش مان امرت جي ورڪا ٿيندي آهي ۽ ان امرت ۾ داس ڪبير سنان ڪرڻ لڳندو آهي. هُو سمورو آلو ٿي ويندو آهي، آنند ۾ پرجي نچڻ لڳندو آهي.

صرف اهنڪار ڇڏڻ جي دير آهي. نماڻي ٿيڻ جي دير آهي. آسمان وسڻ لاءِ تيار آهي، بجلي چمڪڻ لاءِ تيار آهي، امرت تيار آهي. داتا تيار آهي پر اسين بندا وٺڻ لاءِ تيار ناهيون. هاڻ ڏسو داس ڪبير تيار ٿي ويو آهي.

ڪبير پنهنجون اکيون بوتي ڇڏيون. اچانڪ بادل گِرجڻ لڳا. بجلي چمڪڻ لڳي ۽ زور زور سان جل وسڻ لڳو.

"هيءَ جل جي ورشا آهي يا امرت جي؟"

ڪبير سماڌيءَ ۾ هليو ويو.

مان ڏيري ڏيري هن وٽ وڃڻ لڳيس ۽ هن وٽ پهچي اچانڪ الوپ ٿي ويس.

جتان آئي هيس، اُتي ئي واپس هلي ويس.

ڪبير اُن امرت ورڪا ۾ پُسي رهيو هو."

متي ڏنل حوالي کان پوءِ بس ڪبير جون هي سٽون ئي هن ڪتاب جي ساراهہ لاءِ ڪافي آهن تہ:

من مست ہُئا تب کیوں بولے،
سُرت کلارے بھئے متوارِی، مَتوا پیکر بِن تولے۔

(من مست ٿي ويو آهي تہ چو ڳالهائي؟ سُرت جو ميخانو (ڪلاري) متوالو ٿي ويو آهي، بنا تورڻ جي پي وڃ)

◈

---

"سڀ کان وڏي غلطي، پنهنجين غلطين کان لاعلمي آهي"
(چارلس ڪارلائل)

# سنڌي ادب جي تاريخ انگريزي زبان ۾

•

**پيرزاده سلمان/**
**عرفان علي انصاري**

شيخ عزيز سان ويجهڙائپ رکڻ ڪنهن ذهني تازگيءَ کان گهٽ ناهي. پاڻ فنونِ لطيفہ (Art) جي معاملن ۾ صائب الراءِ مُبصر کان سواءِ علم ۽ ادب جو پارکو ۽ موسيقي شناس جي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. پاڻ سنڌ جي تاريخ بابت ايترا تہ پڙ آهن جو ڪين سنڌ جي تاريخ سندن هٿ جي ٻڻي تي لکيل نظر اچي ٿي.

پاڻ اڄڪلهہ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشوري جي وائيس چيئرمين طور ڪم ڪري رهيا آهن جڏهن تہ سندن زندگي جو گهڻو حصو صحافت جي ميدان ۾ گذريو آهي. پاڻ 18 ڪتابن جا لکاري آهن. تاريخ، ثقافت ۽ آرٽ بابت تفصيلي لکيو اٿن. انهيءَ لاءِ جڏهن بہ پاڻ راءِ ڏيندا آهن تہ پوءِ سندن مستند هُجڻ واري احساس جي توثيق ڪرڻي پوندي آهي. گذريل سال ڪراچي يونيورسٽي پاران سندن ڪتاب The origin and evolution of Sindhi Music جنهن کي برصغير جي پهرين علاقائي موسيقي بابت مطالعي طور حيثيت ڏني پئي وڃي. شيخ صاحب جي نئين ڪتاب History of Sindhi literature سنڌي ادب جي تاريخ انتهائي اهم ڪتاب آهي جنهن ۾ سنڌ جي انهن شاعرن، نثر نگارن، ڊراما نگارن ۽ افسانہ نگارن جو تفصيلي احوال ڏنل آهي. جن سنڌي ادب ۾ سؤ سالن ۾ لکيو آهي. هي ڪتاب خاص طور تي انهن پڙهندڙن لاءِ آهي جن نہ سنڌي ادب پڙهيو آهي نہ سنڌي شاعرن بابت ڄاڻن ٿا فقط هو سندن نالن کان آگاهہ يا باخبر آهن پر اُهي سندن ادبي قد بابت ڪا راءِ قائم نٿا ڪري سگهن

هن ڪتاب جي جيڪا اهم ڳالهہ آهي اُها اِها آهي تہ اختصار سان سنڌي ادب ۾ جن بہ اديبن ڪاوشون ڪيون آهن تن بابت معلومات فراهم ڪئي وئي آهي.

ڪتاب سنڌي ادب جي تاريخ ۾ بہ اهم نڪتا موجود آهن هڪ سنڌي اديبن ۾ سياسي ۽ سماجي شعور ٻيو سندن ادب ۾ مختلف صنفن ۽ مواد تي طبع آزمائي.

شيخ صاحب سنڌي زبان ۽ ادب بابت انتهائي مضبوط ۽ ڳُوڙها حوالا ڏنا آهن جيڪي سنڌي زبان ۽ ادب جي پڙهندڙن کي اِهو يقين ڏيا رين ٿا تہ سنڌي ٻولي برصغير جي قديم ترين ٻولي آهي. انهي حوالي سان هُن پهرين اٺين صديءَ ۾ سنڌ

جي سياسي ۽ سماجي حالتن جو تفصيل ڏنو آهي جيڪو هُن مصنف ۽ تاريخدان علي قوفيءَ جي ڪتاب 'چچناما' مان اَخذ ڪيو آهي.

هن ڪتاب ۾ سنڌ جي حاڪم راجا ڏاهر جا حُجاج بن يوسف ڏانهن لکيل خط بہ ڏنل آهن. تاريخدانَ ۽ محقق انهن خطن کي سنڌي زبان جي اوائلي لکڻين ۾ شمار ڪن ٿا. ان کان پوءِ شيخ صاحب پنهنجي محبوب صنف شاعري ڏانهن وڌي ٿو ۽ سنڌي شاعري بابت ٻڌائي ٿو تہ سنڌي شاعري ڪڏهن ۽ ڪيئن هن خطي ۾ پنهنجون پاڙون ڄمايون. پاڻ شاعري واري صنف کان سواءِ اهو بہ بحث ڪيو اٿن تہ ڪهڙي ريت سنڌي ادب تجربا ڪندي اسلوب، ٻولي جي گهاڙيٽي ۽ مختلف صنفن ۾ پختگي حاصل ڪئي.

شاهہ عنايت رضوي جيڪو شاهہ لطيف جو بزرگ همعصر هئو تنهن جي زماني (1613_1701) دوران سنڌجي لوڪ داستانن ۽ هيروز کي شاعري ۾ پيش ڪيو پئي ويو. انهيءَ شيءِ هن کي شاهہ سائين ڏانهن راغب ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ هن اُن عظيم صوفي شاعر جي شاعري بابت لکيو ۽ پرکيو آهي.

پاڻ دليل ڏيندي چوندو آهي "شاهہ سائين کي ملڪ جي سياسي ۽ سماجي حالتن انتهائي حساس آرٽسٽ بڻائي ڇڏيو. پاڻ (شاهہ) ٻن دورن جو مشاهدو ڪيو. مغل سلطنت جو زوال ۽ ڪلهوڙن جو عروج. ٻنهي دورن ۾ هُن اِهو پرکيو تہ سرمائي دار ماڻهو دنيا جي هر خوشي ۽ سهوليت سان زندگي جا مزا ماڻي رهيا آهن جڏهن تہ عام ماڻهو ٻُک ۽ بدحالي جو شڪار آهن جنهن کي هن دقيانوسي سماج جو ڍانچو ڪوٺيو آهي.

تنهن کان سواءِ شيخ صاحب پڙهندڙن کي فارسي شاعري ۽ جديد شاعري، مرثيي ۽ سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر مجموعي طرح ۽ شاعريءَ تي خصوصي طرح ڄاڻ ڏني اٿس.

شيخ صاحب سنڌي اديبن جي ان سياسي جاڳرتا واري رويي بابت هڪ باب مڪمل طور ڏنو آهي، جنهن ۾ هن پاڪستان ۾ ون يونٽ واري تحريڪ دوران جڙندڙ ماحول جو سنڌي نثر ۽ افسانوي ۾ عڪس ڏيکاريو آهي، جيڪو ڪنهن بہ طرح غير اهم ناهي. تنهن کان سواءِ سنڌي ناول ۽ ڪهاڻيءَ جي تاريخ تحقيقي حوالن سان ڏني وئي آهي.

هن ڪتاب ۾ شيخ صاحب نہ فقط انتهائي اهم معلومات ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، پر هُن سماجي، ثقافتي ۽ سياسي تبديلين ۽ تحريڪن جو سنڌي افسانوي ادب ۽ نثر تي اثر جو بہ جائزو ورتو آهي.

◈

Monthly "AMERTA" Hyderabad
April - 2009

Regd. No. 1175
Price: Rs. 50-00

